سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام پنھنجي وجود جي پھرين ڏينھن کان جيڪي ڪوششون شروع ڪيون ھيون انھن جو مقصد ڪمپيوٽر ۽ خاص ڪري انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ جو ھيو. سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پھچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو سسلو شروع ڪيو آھي ۽ ان سلسلي جو ھي **ستون** ڪتاب **حيدر دريا زئور** جو ناول **”لفظن جي خواھش“** پيش آھي. اسين ٿورائتا آھيون پياري دوست آفتاب حسين کوھاري صاحب جا جنھن ھن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي آھي. خاص ٿورا سائين حيدر دريا جا جنھن ھي ناول سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. ھي ڪتاب **ڪنگ ٽيڪ ڪمپيوٽرس ڪوٽڙي** پاران ڇپايو ويو آھي.

اوھان سيني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاه وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# لفظن جي خواهش

(ناول)

**حيدردريا زئور**



www.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **لفظن جي خواهش**
(ناول)

ليکڪ
**حيدردريا زئور**
ڪمپوزنگ
**آفتاب حسين کوهارو**
اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي
**هرجي**
ٽائيٽل اينڊ لي آئوٽ ڊزائنگ
**عباس علي قريشي**
ڇاپو
**پهريون** سال_ 2009ع
ڇپائيندڙ
**ڪنگ ٽيڪ ڪمپيوٽرس ڪوٽڙي.**
**قيمت:** [200 روپيا]

---

**Lafzun Je Khuwahish**
**[Novel]**

*By*: ***Hyder Drya Zour***

Composed: **Aftab Hussain Khuharo**

Sketch & Calligrophy: **Harji**

Tittle & Layout Design: **Abbas Ali Qureshi**

Edition: **First**
Year: **2009**
Published by: **King Tech Computers Kotri**.

[Price Rs: 200]



www.sindhsalamat.com

# ارپنا

ارپيان ٿو- سنڌونديءَ ماءُ جي نانءُ جنهن جا وهڪرا، جيجل ماءُ جي ٿڃ جيئان، آبِ حيات جي برابر آهن.
جنهن جي هنج ۾، زندگي جو جيئاپو ۽ قومي وجود جا وڻ سدا ساوا ۽ آباد آهن.
جنهن جي حيات سان اربين حياتين جا بند ٻڌل آهن.

**حيدردريا زئور**
سال 1993 ع


www.sindhsalamat.com

# پنهنجي طرفان

زندگيءَ ۾ پهرين پيار، پهريون سوال ۽ پهريون تجربو ماڻهو جي احساس ۽ ويچار ۾ هڪ نرالي ڪيفيت جو درجو رکي ٿي. جنهن جي سمجهه ٿورو ڪجهه وقت ڪائي پوءِ پنهنجي اصليت کان واقف ڪندي آهي. شايد اهڙن احساسن کي لفظن جي اصل شڪل ڏيڻ ئي ڏاهپ، سمجهه ۽ ڏات آهي.

منهنجو هي ناول به منهنجي لاءِ پهريون سوال ۽ پهريون تجربو آهي. جنهن بابت مان پنهنجي طرفان ايئن چوندس ته، منهنجي سمجهه بس ايتري شايد آهي. يا مان پنهنجي سمجهه اجان سمجهي ايتري سگهيو آهيان. جنهن مونکي پنهنجن مختلف لکڻين ذريعي ايترو سمجهايو سيکاريو آهي ته، ليڪ پنهنجي ارمانن جي هڪ اهڙي ٻني هوندو آهي. جيڪا هو پنهنجي اکين جي آب سان آبادڪندو آيو آهي. پوءِ انهن مان هڪڙا پڪل سور ڪڻي ٿو. ته وري ٻيا ساوا ٿي سنگ جهليندا آهن. ائين ليڪ ذاتي توڙي قومي ارمانن جي باغ جو باغبان رهيو آهي.

اهڙن ارمانن مان هڪ اهڙو ارمان- جيڪو مان هن ناول جي سبب وساري نٿو سگهان. اُهو آهي- "سيد ظفر حسن" جو وڇوڙو-

مرحوم سيد ظفر حسن صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ تڏهن جاگرافي ڊپارٽمينٽ جا چيئرمين هئا. جنهن سان منهنجي دعا سلام واري تعلق کان روحاني ۽ دل تائين وارو تعلق محترم نواز خان زئور جي



www.sindhsalamat.com

معرفت سان جڙيو هو.

سائين ظفر حسن! جنهن 1997ع ۾ منهنجو هي ناول مڪمل طرح ايڊٽ ڪيو هو. ۽ اها ئي ڪاپي پاڻ وٽ رکيائين ۽ پاڻ ئي ان کي ڪتابي شڪل ۾ ڇاپڻ جو عهد ڪيو هئائين. پر جڏهن ناول جي ڇپائي جو پروگرام طئي ڪيوسين ته ان کي رڳو پنج ست ڏينهن گذريا هئا ته اچانڪ دل جي دؤري پوڻ سبب ساڻ سلامت رهي نه سگهيو. ۽ پاڻ پنهنجي سچي خدا جي سڏ کي لبيڪ چئي. پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليا. ۽ اسان سندس نوان، پراڻا سڀئي دوست. سسئي جي سورن جيئان رهجي وياسين.

جنهن کان پوءِ سندس ياد تازي رکڻ خاطر منهنجي اها ڪوشش رهي. ته اها Edit ٿيل ڪاپي ڪنهن طرح هٿ ڪري ايڊيٽرجا فرائض سندس نالي سان جاڙائي ناول ڇپرائجي. پر بدقسمتي سان. ڪافي دوستن احبابن. جنهن ۾ غلام نبي زئور، منير ميمڻ، سيد مهر علي لڪياري. ۽ وحيدحيدر انهن سڀني جي وڏي ڪوشش ڪانپوءِ به اها Edit ٿيل ڪاپي حاصل ٿي نه سگهي. ۽ ايڏي وڏي انتظار ڪان پوءِ به اها آرزو ارمان بڻجي رهجي وئي.

بس! زندگي جا اهي اهڙا ارمان جن جي آبادي ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي. پر انهن ۾ ڪوئي قحط، ڪوئي ڏُڪار ۽ نه ئي ڪا خشڪ سالي ٿي اچي!

پنهنجي هن ناول ۾ توڙي شاعري يا پنهنجي هر لکڻي ۾ مان پنهنجي ذهن تي جبر ڪڏهن به ناهي ڪيو. ۽ ڪيان به ڇو. ذهن جي غلامي به ته هڪ عظيم ذلت آهي. ڪوئي ڪٽي ائين ڪندو هجي.



www.sindhsalamat.com

ليڪن منهنجو ذهن منهنجي اندر جي ارادن کي بنا ڪنهن جنجهٽ ۽ جهڳڙي جي اوڏانهن ئي وٺي وڃڻ پيو چاهي. جيڏانهن منهنجو ضمير، دل ۽ ايمان چاهي پيو. منهنجو ضمير چاهي پيو ته، عشق مجاز کي پنهنجي خدا جي خوشيءَ سان گڏ، پنهنجي ديس، ڌرتي ۽ انسانيت جي امرتا لاءِ استعمال ۽ قربان ڪجي- ۽ ان کي اهڙي حقيقت جي طرف روان رکجي.

هونئن به انسان ۾ عشق مجاز جو وڻ لائق ٿي، پنهنجي جان جي عرق مان ٻور وجهي- گُل جهلي، جڏهن پنهنجو ميوو پچائي لعل ڪندو آهي. تڏهن هر ڪوئي ان جو چاهيندڙ ٿيو پوي- ته اها اهڙي چاهت ئي حقيقي عشق جي پل آهي. جنهن کي پار ڪرڻ هر ذات ذٽي لاءِ ضروري آهي.

مان به مجاز مان حقيقت جي اهڙي وڻ پوکڻ لاءِ- هن ناول ذريعي اجان رڳو سندس ٻج واري حاصلات لاءِ اهڙي ڪوشش ورتي آهي- ۽ اهڙي جستجو لاءِ پنهنجي ذهن کي جان جي نظراني تائين به ترسائي وينو آهيان. توڙي جو صليب، ڦاهيون ۽ ڦنڊڪا وغيره- سچ جي اڳيان امام حسين جي قرباني کانپوءِ- پنهنجي ڪُل اهميت ۽ اهليت فنا ڪري چڪا آهن. پر پوءِ به ٿورو سچ ڪٽي چئجي ته منافقي، دولاب ۽ دورُخي سبب حقيقت تي ڄڻ ڪوڙ فريب ۽ پاپن جا پردا چاڙهيا ويا آهن. ائين چئون ته ڪاتبن ۽ خطيبن، مولوين ۽ مُديرن يا عاشقن ۽ حسينن- عشق مجاز کي پنهنجي مطلبي پيار جو يورپي مطلب ۽ مفهوم ڏئي زماني جي نقلي هُل ۾ ائين گم ڪري ڇڏيو آهي. جو هڪ دفعو وري شاهه لطيف رح جي راڳيل ڪوڙي جو ليڙو لاهڻ لاءِ سچل


www.sindhsalamat.com

سرمست جو اهو سچ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت آهي تہ:

هڪ جُوءَ ٻي جوءِ، ڇڏن ڪين جوان،
اُهي ئي انسان، جيڪي ننگن تان نثار ٿيا. (سچل)

پوءِ اهو ضروري ناهي تہ اهڙي خودداري جاڳائڻ لاءِ اهڙو عقل، فڪر ۽ فهم رڳو حيدر دريا جوئي هجي- نہ هر گز نہ-

حاجتون همٿ جي هٿيار سان ٿيون حاصل ٿين- هتي هيءُ تہ ميدان ڪربل آهي- هتي يذيد آهي تہ حسين ع بہ آهي. پوءِ جنهن کي مايا ۽ مشروب جي اڄ آهي. سو يذيد جي رياست ۾ رهي ٿو- ۽ جنهن کي هن پياسي رڻ ۾ سچائي جي پياس آهي- تنهن کي ڪربل جي مسافر جيئان پنهنجي جگر جو خون وهائي اڄ اُجهائڻي پوي ٿي.

ائين عشق جو انسان تي اهو هڪڙو ئي احسان تمام وڏو آهي.جو سندس فيصلو مڪمل طئي ٿيل آهي تہ- ڪُوڙيا سچ-

۽ معاملي ۾ منجهڻ جي تہ گنجائش ئي ناهي- ۽ وک بہ ڪنهن هڪڙي پاسي وڌڻي بہ ضرور آهي- پوءِ نَو نيئر، ڏهہ ڏاوٽيون ۽ پندرانهن پيند ڇو نہ پيل هجن-

سو مان بہ ان پيند مان پير ڇنائي- جيئن سڄي دنيا مجاز جي درياءَ مان پاڻي پيئي ٿي- مان بہ اهڙي اڄ ۾ عشق مجاز جي دريائي تڙ تي اچي نڪتو آهيان. پر مونکي ائين لڳندو آهي تہ مان ڄڻ مجاز جي ان دريا ۾ مڇي جيئان رهيو آهيان.

شاهہ لطيف کي مجاز تہ پيچاري جيئان پي پڇيو- ۽ مان تہ ڄڻ ساٿين جي سُوئن ۾ سڄي ويو آهيان.

پر جيئاپي جي اهڙي پهلوءَ کي، مان برو هرگز نٿو چوان، ها


www.sindhsalamat.com

البت: ان ۾ ڪيفيتن جي هڪ اهڙي ڪربناڪ ولوڙ ضرور آهي. پر سا بہ جيءَ جي جر ۾ لوڙهي، تڙڳائي. موتين جي ماڳ تي رسائي ٿي. نہ ڪِي تانگهي ۾ تاٽي فنا ٿي ڪري.

بس! ويچار جي اهڙي واٽ ۾ مان بہ ڪنهن رمز رڙهي آخر اچي عام اڳيان حاضر ٿيو آهيان. پوءِ ڪٿي جيڪڏهن، محمد بن قاسم جو سپاهي بڻيو آهيان. يا ابوجهل جهڙي عداوت اُٽي ويو آهيان. يا سُهڻيءَ جيئان پيلو ڪٽي پُليو هجان، تہ منهنجون ڀُل، ڀُلايون ۽ ڪميون ڪچايون. اوهان پڙهندڙ ئي پروڙي مونکي پنهنجي پروڙ مان ڪجهہ بخشش طور ڏيندا تہ عنايت ٿيندي.

آخر ۾ وحيد حيدر ۽ سندس پيارن دوستن ـ جن ۾ آفتاب حسين ڪوهاري، وفا مولا بخش قمبراڻي، سائين هرجي مل ۽ زرياب حيدر انهن نوجوانن دوستن جو ٿورائتو آهيان جن جي ڪوشش سان هي ناول اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

۽ مان ٿورائتو آهيان سائين مگهن لال شرما ۽ سائين مراد علي مرزا صاحب جن جو جن پنهنجا ويچار ڏئي منهنجي همت ۽ حوصلا افزائي ڪئي آهي.

مهرباني

ساٿ سلامت

حيدر دريا زئور

ميرپور بٺورو - ضلعو ٺٽو

01_09_2009

**0302-2315714- 0334-3306372**

# آچيندي لج مَران

هر انسان جي اندر ۾، هڪ ٻيو انسان سَمايل هوندو آهي، جيڪو انسان جي ظاهري روپ کان، عمل سوچ ۽ فهم کان بنهه مختلف ۽ ڪو ٻيو ڳُجهو وجود رکي ٿو. جنهن وٽ اُڏاما آهن، جذبا آهن، آسون اميدون آهن ۽ هو مرڻ نہ پر جيئڻ گهري ٿو.

هيءَ حياتي ڪيڏي نہ ڏکي، مُسلسل ڏکن ڏولائن سان سلهاڙيل آهي ۽ اڻٿڪ ڪوشش جو نالو آهي.... سموريون ڀوڳنائون ڀوڳيندي بہ ڪيڏي نہ پياري آهي هيءَ حياتي! هڪ پل بہ ڪيس وڃائڻ تي دل نہ ٿي چوي!

اُها انسان جي ازل کان اُنِس رهندي پئي آئي آهي- جيئڻ جي آس تہ پَساهہ جي پوئين ويل بہ قائم رهي ٿي. تڏهن تہ اجل جو ڪاچ ٿيڻ وارو بي حس، بي سَتو ٿي ڪيڏي نہ نماڻائيءَ مان نهار ڪري ٿو. هر هڪ کي پنهنجي چوڏاري موجود ڏسي؛ هر شيءَ جيڪا سندس رت ست سان، پگهر سان ريج ڏئي وڏائي ويجهائي هوندي آهي.... آبياري ڪئي هوندي آهي.

تخليقڪار کي پنهنجي تخليق سان پنهنجي وجود جيان پيار رهي ٿو. هر لکندڙ جي چاهت هوندي آهي تہ کيس پڙهيو وڃي، ساراهيو وڃي، هُو سماج کان مان ۽ مرتبو گهُرندو آهي، کيس اُها موٽ ملڻ گهرجي.

"حيدر دريا" جا بہ ٻہ روپ آهن- هڪ سندس ظاهري روپ نظر اچي ٿو. سادو سودو، ڪنهن اونهي ويچار ۾.... پيڙا ۾ ورتل، مانيٽو


www.sindhsalamat.com

مانيٽو پنهنجيءَ ڌُن ۾ هلندڙ ڦرندڙ آهي پر ٻيو حيدر جيڪو سندس اندر ۾ سمايل آهي، ڏيک ڏيندڙ سندس وجود کان بنهه مختلف آهي ۽ هُو ليڪڪ آهي هڪ ڪتاب "لفظن جي خواهش" ناول جو.

سندس هيءَ پهريون ڪتاب آهي جيڪو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. ناول مختصر ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، ۽ مُک ڪردار "آسا ۽ فتاح" جي پيار تي مشتمل آهي. سندس پيار ۾ "اقرار" اتڪاءُ ٿو ڪري.

چوٿون ڪردار آسا جو ملازم چاچا صالح آهي.

ناول جي مُک عورت ڪردار "آسا" ايتري آزاد ماحول ۾ رهندڙ ڏيکاريل آهي جيڪا پنهنجي زميني ملڪيت کي سنڀالي ٿي- سندس گهر ۾ صرف هڪ ملازم چاچو صالح موجود آهي جيڪو سندس هر عمل تي ڪجهه به نه ٿو چوي! ساڳئي وقت اوڙي پاڙي وارا، مٽ مائٽ به سندس ڪنهن به عمل تي اعتراض نه ٿا ڪن. فتاح ۽ اقرار ساڻس راتين جو ائين ٿا ملن ڄڻ پنهنجي گهر ۾ ويٺا هُجن!

آسا جي پيار تي ڪي به پهرا نه آهن.

ها! ليڪڪ جو اِهو خيال آهي ته سنڌي سماج اڳتي هلي اهڙو جُڙي جنهن ۾ غيرت جي نانءُ تي ٻن دلين جا ڳِيا ڳِيا نه ڪيا وڃن... رڍن ٻڪرين وانگر سندن چاهت جا سودا نه ڪيا وڃن... پيار ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پلاند نه پاريا وڃن... سڳ چٽيءَ ۾ سنڌي نياڻي تين وال نه ڪٽي وڃي... پر سماج ۾ برابري جو درجو ڏنو وڃي... اسان جو سنڌي سماج ايترو اڳتي هُجي جو جيئي ۽ جيئڻ ڏي جي اصول تي عمل پيرا هُجي ائين جيئن فتاح، آسا ۽ اقرار جي شاديءَ جي بنڌڻ ۾ ٻڌجڻ تي


www.sindhsalamat.com

پنهنجيءَ چاهت جي بي وسيءَ تي ماتم ته ڪري ٿو پر ائين نه ٿو ڪري ته "آسا جي مُنهنجي نه ٿي ٿئي، ته وري ٻئي ڪنهن جي ڇو ٿئي؟

مٿس نه ڪهاڙيءَ جا وار ڪري ٿو- نه بندوق تاڻي ٿو. نه سندس لاءِ ڌرتي تنگ ٿو ڪري نه تيزاب هاري سندس نازڪ ۽ نفيس حسين بدن جي سونهن ٿو ڦٽائي.... آسا جا مينديءَ رتا هٿڙا رت هاڻا نه ٿو ڪري...!

شال، سنڌي سماج حيدر دريا جي خيال وانگر منزلون ماڻي ۽ سندس ارادن جي حُسناڪي چنڊ جي چانڊاڻ جِيان سنڌ ڌرتيءَ تي وِکري پوي.

حيدردريا جي ناول "لفظن جي خواهش" تي به اکر لکندي بنهه محتاط رهڻو پيو آهي. هڪ ڳوڻاٽو پنهنجي قلم جي پورهئي سان ناول به لکي ۽ هڙان وڙان ڇپائي به! هُجي به سندس ڀرپور ڪوشش!

خير! آءٌ ڪيس مايوس ڪرڻ نه ٿو گهران... پر سندس انهيءَ نيڪ جذبي ۽ عمل ڪي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿو سگهان! سندس ڀرپور ذات به معيار رکي ٿي. لفظن جو جَڙاءُ ڏاڍو سٺو آهي ۽ فلسفاتي خيالن کي لفظن جو بند تمام پختو ٻڌل آهي. ڪيس لڳاتار لکڻ گهرجي.

مگهن شرما

ميرپور بٺورو

21 سيپٽمبر 2009ع



www.sindhsalamat.com

# اسين ڇا لکندا سين

پنهنجي پاڻ تي ڳالهائڻ کي منافقت ڇيو ويو آهي، انهي لاءِ پاڻ تي ڳالهائڻ کان دستبردار ٿي ويا آهيون. ٻين تي دل کولي ڳالهائيندا آهيون، ٻين تي ڳالهائڻ لاءِ به دل تڏهن چوندي آهي جڏهن روح ۾ ڪو روڳ لڳل هجي ۽ انهي روڳ کي مٽائڻ لاءِ اٽڪت جستجو ڪيون.

مونکي سيني روڳن کي مٽائڻ کي ٻيو ڪجهه ڪو نه مليو ملي ته اهڙي سوکڙي ملي، جنهن ورهين جا روڳ ڌوئي ڇڏيا.

سائين حيدر دريا پنهنجي فرزند ۽ منهنجي جگري سنگتي سان جڏهن پنهنجو ناول "لفظن جي خواهش" ڏياري موڪليو ته دل بي ساخته ڪال ڪوٺڙي کان آزاد ٿي وئي.

ناول به انهن ڏينهن ۾ مليو جن ڏينهن ۾ پيرن کان وٺي مٿي تائين ڇڪناچور ٿيل هئس، هيو ته روڳ هيو ٻيو ڪجهه نه هو پر سيئي ڌوپجي ويا.

فرمائش سائين سان پاڻ ڪئي هئم ته اوهان جي ناول تي مان ڪجهه نه ڪجهه لکندس، اهو وقت اچي ويو.

ڪنهن جاءِ تي پڙهيو هئم ته "هر ادب ۾ اهڙا ڪتاب هوندا آهن، جن جو تعلق ان جي ارتقا جي موڙجي زماني سان ٿيندو آهي."

اسان جي ادب ۾ به اهڙا ڪتاب موجود آهن، پر موجوده ڪتابن مان هاڻي وجود ۾ ايندڙ حيدر دريا جو ناول به انهن مان هڪ آهي، خبر ناهي ته حيدر سائين اهو ناول انهي ٽائيم پيرڊ ۾ ڇو نه آندو جڏهن اسان جي ادب کي ناولن جي سخت ضرورت هئي، ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي ته جن شين جي ضرورت اسان کي اڳ ۾ هوندي آهي اهي شيون جڏهن پوءِ ملنديون آهن ته انهن جي ضرورت شدت اختيار ڇو ڪري ويندي آهي. شايد انهيءَ لاءِ جو اسين پاڻ به



www.sindhsalamat.com

شدت پسند هوندا آهيون پنهنجي پنهنجي ذات ۾.

مئڪسم گورڪي جو "ماءُ" ناول پورو ڪري وينو هئس، جو مٿان سائين حيدر جو ناول مليو. هوڏانهن "ماءُ" هيڏانهن "محبوبا" ٻئي رشتا اهڙا جن تان قربان ٿجي.

پر اسين ته قربان به ڪو نه ٿي سگهيا آهيون.

"ايستائين محبت ڪندي رهجانءِ، جيستائين منهنجو هي ناول ڪمپليٽ ٿئي." خبر ناهي ناول ڪڏهن پورو ٿيندو پر محبت ختم ٿي وئي، جتاءُ نه ڪري سگهي.

انهي فريز ڪانپوءِ خبر ناهي ڇو اڳيان ڪو نه پڙهي وڌي سگهيس، لفظن جا ماريل آهيون، انهي جملي هٽي وچي هنڌ ڪيو، ڪيترائي پيرا فون تي روبرو سائين کي برزباني اهو جملو چوندو رهيو آهيان.

سائين سدائين مسڪرائي ڳالهه کي ٽاري ڇڏيندو هو. اڄ جڏهن به اکر انهي ناول تي لکڻ وينو آهيان ته اهو جملو اڳيان وڌڻ نه پيو ڏيئي، جيڪڏهن انهي جملي جو ڪٿي ڪو وجود هجي ها ته پاڪرن ۾ پري کيس روئان ها.

ورثي ۾ سائين حيدر کي ويراڳ مليل ورونهن مليل آهي. هو به ديوانو آهي، ديوانن جون نگاهون هميشه ڀٽڪنديون رهنديون آهن. وفائن جي تلاش ۾:

جتي اوهان ڇڏيو اجا اتي ئي آهن،

اکيون عبداللطيف چئي، ماڳ نه مٽائين،

جي ٻي در و اجهائين، ڪيڏي ڪانگن کي ڏيان.

ايترو سو ڀڪ سان چوان ٿو اهي اکيون ماڳ نه مٽائينديون، توڙي جو اتي پورجيون وڃن، سائين سان جڏهن به مليو آهيان، انهي ناول تي وڏ ڪان وڏ ضرور



www.sindhsalamat.com

ڳالهايو اٿم.

ڪهاڻيون جتي ڪٿي ساڳيون آهن، قصا ساڳيا آهن، قلم ڪٽڻ وارا هٿ بس مٽجي ويندا آهن. جنهن ڪهاڻي تي، جنهن قصي تي سائين حيدر قلم ڪنيو آهي، انهي قصي تي مان شايد قلم نہ کڻي سگهان ها. مون ۾ ايتري وسعت ئي ناهي جو انهي قصي تي ائين قلم کڻي سگهان ها. اهو حيدر دريا هو جنهن پاڻ نڀايو، جنهن پاڻ ملهايو.

منجهي پيو آهيان تہ ناول جي ڪردارن تي ڳالهايان، ڊائيلاگن تي ڳالهايان، منظرن تي ڳالهايان، ڇا تي ڳالهايان.

اڳ ئي منجهيل ماڻهو سو ويتر منجهي پيو آهيان، ناول تہ مستنصر حسين تارڙ جو "پيار ڪا پهلا شهر" بہ پڙهيم، راجا انور جو "جهوٽي روپ ڪي درشن" بہ پڙهيم، "رهجي ويل منظر" ۽ "خالي بينچ" بہ پڙهيم، پر "لفظن جي خواهش" خواهشن جي رڻ ۾ روليو آهي.

اسين جڳن کان ڌڪاريل ماڻهو وساريل ۽ گمنام ماڻهو دل چوندي آهي تہ عشق جي پيغمبرن تي ڳالهائيندا وڃون، ازل کان ابد تائين جو سفر ائين ئي پورو ٿي وڃي.

ڪاغذن جي ڪچ تي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ سائين حيدر لاءِ ڇا لکان، مان سائين حيدر ڪانپور ۽ تمام پوءِ جو ليڪڪ آهيان، سائين حيدر ڪي هي ناول لکندي نہ ڏٺو اٿم، پر دل چوي پئي وقت ڪجهہ پٺيان وڃي، مان جيئن جو تيئن هجان، سائين حيدر ڪي رائيٽنگ ٽيبل جي آڏو هي ناول لکندي، سگريٽ جا


www.sindhsalamat.com

وڏا وڏا ڪش هڻندي ڏسان، سائين جي پرسان ويهي، سائين ڪي سرباتن ۾ ايترو چوان "سائين جيڪڏهن اهو ناول اوهان لکيو ته پوءِ اسين ڇا لکنداسين، ازل کان ابد تائين، بقا کان فنا تائين جا ڊائيلاگ اوهان لکندا ته پوءِ "اسين ڇا لکنداسين"، "اسين ڇا لکنداسين."

حيدر زرياب
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
13_09_2009


www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

حيدر دريا جي هن تحرير **'لفظن جي خواهش'** کي مون اول کان آخر تائين پڙهيو آهي. سچ اهو آهي تہ مصنف ان تي ناول جو لفظ لکي مون کي جهڙ تہ هر ڪائي چڙيو تہ آئون اها تحرير پڙهي وجان. مون کي معلوم ٿيو تہ ناول جون روايتي ضرورتون ۽ گهرجون تحرير جي لاڳيتي روانيءَ جي پس منظر ۾ پوشيده ٿي ويل آهن. ان سبب جي ڪري واقعن جي اهميت کي نظر انداز ڪندي، ڪردارن خاص ڪري **'آسا، فتاح ۽ اقرار'** جي داخلي ڇڪتاڻ کي پيش منظر ۾ آڻي، هنن جي سماجي پيچ ڊاهہ کي روشن ڪيو ويو آهي.

حيدر دريا جي هيءَ تحرير اسان جي زماني، اسان جي دؤر جي بي حد ڏکائتي صورت حال جو پڻ عڪس آهي، جنهن ۾ هر طرف، هر پاسي شڪ ۽ گمان جا اولڙا هڪ ٻئي سان ٻڪئين پئجي ويل آهن، ان ڇڪتاڻ جي، جيڪا هڪ نئين سوچ ۽ نئين فڪر جي اثر هيٺ اُڀري ظاهر ٿي آهي، بيشڪ اثرائيتن لفظن ۾ تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي.

سنڌي نثر جي خالقن ۾ هن ڪتاب جي مصنف حيدر دريا جو نالو پڪ اڻم تہ آئيندي هڪ روشن ۽ واضع واڌارو ٿيندو. تبديل جي اصول مطابق هر فڪر، هر سوچ تبديل ٿيندي رهي ٿي. هيءَ تحرير سنڌي نثر جي تبديل جو هڪ اهم اهڃاڻ ثابت ٿيندي.

مُراد علي مرزا

10_ آڪٽوبر 2009ع



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

ڪيئن چوان، تہ ڪڏهن ڪان۔ دلين اهڙو فيصلو ڪري محبت جا مضبوط پيچ پاتا؟

پيار تہ مهل موقعي جو پابند نہ هوندو آهي.

ان ڏينهن ڪان شايد،

جڏهن محبت جي فلسفي تي۔ ڳالهائيندي، ڳالهائيندي "محبت زندهہ آباد" جا لفظ اُچاريا هئاسين.

ها!

ان عيد واري ڏينهن ڪان ئي۔پنهنجن دلين بہ اهڙي عيد ملهائي۔ جو زندگي جي هر لمحي لاءِ۔ اسان محبت ۾ هڪٻئي جا ٿي ويا هئاسين.

توکي بہ تہ ياد هوندو،

جڏهن تو هڪ عجيب انداز ۾، مونکي چيو هو "توکي محبت جي ايڏي هوس چو آهي؟ ڇا توکي پنهنجو موت ياد نہ ايندو آهي؟ تڏهن مون تنهنجي اهڙي سوال تي۔ بغير ڪنهن سوچ۔ ويچار جي چيو هو "مان موت کي ايتري اهميت ناهيان ڏيندو. موت کان نٿو ڊڄان۔ مونکي محبت سان جيئڻ جي خواهش آهي۔ موت صرف مذهب سيکاري سگهي ٿو۔ محبت نہ۔ بس ايسيتائين مون سان محبت ڪندي رهجان۔ جيسيتائين تنهنجي محبت جي نالي سان۔ مان پنهنجو ناول لکي ان جو آخري Page مڪمل ڪري سگهان؟"

پر تون بار بار موت جي ياد ڏياري، مونکي مايوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئينءَ.

تنهنجو اهو اڪثر ورد هوندو هو۔ موت بابت تہ انسان تي موت مري ٿو،

هڪڙو۔ جڏهن جواني وڃائڻ موڪلائي ٿي!

ٻيو۔جڏهن سندس اميدن تي پاڻي ڦري ٿو وڃي ۽ سندس هر خواهش۔ ڪيس



www.sindhsalamat.com

لاءِ- ڏانئڻ ٻڻجي، سندس ذهني- وسعت جو رت پيئڻ لڳي ٿي.
۽ ٿيو- جنهن کي دنيا موت ته چوي ٿي- پر سندس فلسفو سمجهي نه سگهي آهي- صرف ڪائنس زندگي جي انت واري خوف کان ڊڄي ٿي- يعني خوف!"
۽ ان کي سامهون جواب ۾- مون هميشه ايئن پي چيو ته "مان جڏهن به ڪنهن ماڻهو مان سندس ساهه نڪرندي ويجهي کان ڏٺو آهي، ته مونکي پورو يقين نه آيو آهي ته ان شخص يا شيءِ پنهنجي طبعي موت ڪا وفات ڪئي آهي"
منهجني اهڙي جواب کي- تو هر دفعو منهنجو ٻاراڻو خيال پي سڏيو.
ها! البت مان اهڙي غم کان خوف واقعي ڪائيندو رهيس جنهن ۾ هڪ زنده انسان جي دل کي موت ايندي هجي پر منهنجي اهڙي ڪمزوري جي توکي ڪائي ڪل نه هئي ۽ نه ئي توکي اهڙو انت به ڪڏهن ڏنم.
تو جڏهن به مونکي موت پي ياد ڏياريو- ته مون دل ۾ هميشه انسانن جون دليون آباد ۽ زنده رهڻ لاءِ دعائون گهريون.
دل جي موت کان مان نفرت ۽ ڪراهت ڪندو رهيس- اهڙي خيال جي وقت منهنجي ڪيفيت- رئان يا کلان- کلان يا رئان واري فيصلي جي ڪشمڪش ۾ عجيب ٻڻجي پوندي هئي.
اهڙي حالت دوران،
دم جو گهٽجي وڃڻ،
وڏو ساهه کڻي، ٿڌا شوڪارا پرڻ،
ڪنهن کي توجهه سان نه ٻڌڻ
ذهن جو منتشر ٿيڻ،
ڪنهن جو ڪجهه چوڻ ۽ منهنجو ڪجهه نه سمجهڻ،
خود کان پري هليو وڃڻ،


www.sindhsalamat.com

۽ هر ماڻهو جي صرف منهن ۾ غور سان ڏسڻ،
خبر ناهي منهنجو سو عمل فطري هو يا غير فطري بڻجي پي پيو؟
مونکي اهڙي ڪيفيت ۾ ڏسي، تون ٿتي وارن قبرستانن مان اڪثر مڪلي تي گهڻو ڳالهائيندي هيئن. پوءِ خبر ناهي اسان ان ضلعي جا رهندڙ هئاسين ان ڪري يا توکي منهنجي اهڙي اڌ مئل ڪيفيت واري وضح مان وڏيڪ لطف ايندو هو.
پنهنجي اهڙي حالت وقت توکي چوندو هئس ته ”تنهنجي محبت هڪ اهڙو مڪمل ناول آهي، جنهن ۾ منهنجي زهر آلود زندگي جون ڪوتائون ۽ ڪم عقليون مڪمل طرح سمايل آهن“.
شايد منهنجو ايترو ئي حق هو محبت ۾. جو پنهنجون صرف ڪم عقليون ۽ نوڙتون پي بيان ڪري سگهيس.
ان ڪري جو ڪنهن ملول ۽ ناڪام حسرت زده ماڻهو جيئان مان محبت جو بکيو هئس.
راتين جون راتيون توسان گهاريندي به. محبت جي صرف ڳالهين مان به مان پورو ڍئو ڪڏهن به نه ڪيو جو به پل توڪان ڌار گهاريم. ته ائين لڳندو هو. جهڙو من جون ڳالهيون من ۾ رهيون. جيڪي چوڻيون هئم سي ته چيم ئي ڪو نه. من وياڪل، وياڪل.!
جيئن ملا خدا کان وڏيڪ مسجد سينگاري ان جو وڏيڪ احترام ڪندا آهن. تئين منهنجو ذهن هر وقت تنهنجي لفظي سينگار ۽ احترام ۾ رهيو سوچيندو هئس. دنيا ۾ اهڙو ڍئو شايد ڪنهن ڪي به ڏٺو ناهي. جنهن جو مان آرزو مند هئس شايد منهنجي اهڙي لاچاري ڪي ئي. تون محبت جي هوَس چوندي هئين.
ڪيڏي نه اياڻي چئيئن.
چوندو هئس نه! ته اي عشق ڪان غافلو. محبت ۾ موت خود. پنهنجي موت


www.sindhsalamat.com

جي تلاش ۾ رهندو آهي! ۽ اي دل جي سمنڊ جا ڦذاقو۔ اوهان روح جي ٻيڙي ۾ ويٺل موت جي مسافري۔ محبت ڪانسواءِ ڏسي نٽا سگهو".
پر منهنجي ان چوٽي۔ تنهنجي دريا دلي تي ڪو طوفان ته ڇا؟ پر ڪو واچوئڙو به نه آندو۔ ويتر خود ڪي۔ ملڪ الموت بنائي۔ ابت ڪنڊڙيءَ جيئان مونکي ڇهتي پوندي هئين ۽ مون ڪي اهو اوسيئڙو تي پوندو هو ته ڪڏهن ٿو اهڙو ناول مڪمل ڪري سگهان۔ جنهن ڪانپوءِ تون مونکي موت جا دڙڪا ڏيڻ ڇڏي ڏئين.
اهڙي خبر ڪجهه ڪجهه مونکي به هئي۔ حقيقت ڪان ڪنهن حد تائين واقف به هئس، ته محبت ڪرڻ ۽ لکڻ۔ دنيا ۾ ٻئي، سي ڪم پاڳلپڻو ۽ ڇريائپ وارو عمل سڏيو ويندو آهي!
پر دنيا بي پرواهن کي صرف ڇريو ئي ته سڏي سگهي ٿي!
ماڻهو ڪي خدا ڪان وڏيڪ خوف۔ پنهنجي محبوب جو رهندو آهي، مان به خائف واقعي ٿي پوندو هئس۔ جڏهن تون۔ مڪليءَ وارن جي موت تي ڳالهائيندي هئينءِ.
پر موت ڪان نه پنهنجن اهڙين رچنائن ڪان۔ جيڪي اجان دل جي ڳالهين جيئان۔ اڻپوريون ۽ اڌوريون رهيل هيون۔، تن جي اهڙي خوف ڪان مايوس ٿي پوندو هئس۔ ته ڪٿي، سي اڌوريون ۽ اڻپوريون نه رهجي وڃن۔، پوءِ اهڙي خوف ۾ خود ڪي مئل پيو۔ تصور ڪندو هئس ۽ تون موت سان گڏ وڏيڪ ياد اچڻ لڳندي هئين. پوءِ مُنجهي پوندو هئس ته ناول جي ابتدا ۽ اسٽوري جو اختتام ڪهڙو ڪٿي ۽ ڪيئن آهي!؟
گهڙين جو بيوقوف هيس۔،
جيڪي لکندو هيس، ڦاڙي ڦٽو ڪندو هئس!
جڏهن پنهنجي شروعات، سمجهي نه سگهندو هيس۔ ته فراق جي جوش ۾ پنهنجا هٿ مهٽڻ لڳندو هيس.


www.sindhsalamat.com

هٿ مهٽيندي، هٿن جي تمام باريڪ ريکائن ۾ لفظ موت سان گڏ لکيل، لفظ وهمرءِ تنهنجو نانءُ بہ پڙهي ورتو هئم.
شايد لڪير جو فقير بڻجي پيو هئس!.
يا بقول شاهہ لطيف جي تہ: "جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون" (شاهہ)
لکڻ جي وقت جڏهن ڪو شاهہ لطيف جو اهڙو بيت ذهن ۾ ايندو هئم۔ تہ دل جي نسن ۾ رت نہ۔ جهڙو لوڻ ڊوڙي رهيو هجي!
لکي، لکي جڏهن ٿڪندو هئس۔ لوڪ لقاءُ بہ سمهي پوندو هو۔، تڏهن پنهنجا هٿ مهٽي، انهن باريڪ لڪيرن کي مِٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس۔ جن مان مونکي موت جي شڪل لکيل نظر ايندي هئي.
پر هٿن مان صرف پگهريل ميري مٽي حاصل ٿيندي هئي.
۽ لفظ موت کان وڌيڪ تنهنجو نانءُ واضع لکيل نظر ايندو هو.
ان کي پڙهي، بس پوءِ لکندو ئي رهيس ۽ هٿ مهٽيندو رهيس۔ ۽ مون ۾ ماٺيو وڌندو رهيو ۽ منهنجا ويچار مونکي همٿائيندا رهيا۔.
مون ۾ هڪ قوت پيدا ٿي پئي۔.
پوءِ هٿ جي لڪيرن ۾ لکيل، لفظ موت۔هميشہ ڪاڻ مٽائڻ لاءِ۔ هٿ جي کل جا اهي ٽڪرا پٽي۔ چرين جيئان چباڙي۔، مون موت کي ڳڙڪائي ڇڏيو۔ ۽ مونکي ڪا بہ ڪراهت ڪان آئي هاڻ سو۔ منهنجي ذهن ۾ نہ۔ پيٽ ۾ آهي!.
مان ڪانئس ذرو بہ نٿو ڊڄان۔.
هاڻ جسم جو گوشت۔ ڪوئي مرض کائي پيو تہ صرف اهو خوف پيو کائي۔ تہ تون موت کي گهڻو ياد ڪندي آهين ۽ مان توکي۔!
بس توکي خدا جيئان۔ مونکان گهڻو وڌيڪ جيئڻ گهرجي.
توکان وڌيڪ عمر جيئرو رهڻ۔ واري پڇتاءُ کان ڊڄندو آهيان!


www.sindhsalamat.com

ڪير جيئي- ڪير اڳ مري!؟

اهڙي ڳڻتي جو ڳارو- ڳاريندو پيو وڃيم.

يقين ٿـي پيـو اٿـم- تـہ مـوت ڪـانپوءِ ۾ مـوت واري حالـت ۾ بـہ- ڏاڍو سـڪون آهي.!

پر پنهنجي اهڙي ڪنهن سڪون جو بہ- الائي ڇـو دشـمن ٿـي ويـنـو آهيـان- شايد پنهنجي حقيقي موت کان وڌيڪ- تنهنجي فراق واري موت ۾ سڪون نظر اچي ويو اٿم.

شايد ان ڪري بہ جو- تنهنجو مونکي بار، بار موت ياد ڏيارڻ، سان- مـون تـو منجهان- پنهنجي موت مرڻ واري ذائقي جي ڪيفيت حاصل ڪري ورتي.

جڏهن کان اهڙي ڪيفيت حاصل ڪئي اٿـم- تـڏهن نـہ چاهيـنـدي بـہ گهڻـو پيئڻ لڳو آهيان- ۽،

ماڻهو مونکي چاهڻ لڳا آهن!

مان شهرت جي شورش ۽ هنگامي کان خفي ٿي- ناول جي اسٽوري جو ٽائٽـل ڳڻبو وڃان.

پراڻن دوستن سان، وڌيڪ گهرو ٿيندو وڃان!-

مون کي سندن زندگيون منيون ٿيڻ لڳيون آهن!-،

ها! منيون ٿيڻ لڳيون آهن!-

منهنجي انهن دوستن کي، تو جيئان موت جا دورا پيا پون-،

انهن مان سمجهہ واري قوت موڪلائيندي پئي وڃي-،

مونکي بدحواس معلوم ٿيڻ لڳا آهن-!

انهن مان ڪڏهن، ڪنهن مهل ائين بہ معلوم ٿيڻ لڳندو آهي تہ ڪير جيئـي پيو؟ ڪير مري پيو؟

ڪجهہ تہ توکي بہ خبر هئڻ گهرجي- تـہ سـچائي شـايد پنهنجي نـالي اجـان ڪجهہ جيئي پئي.



www.sindhsalamat.com

پـر منهنجـا دوسـت۔ منهـنجن اهـڙين ڳـالهين تـي۔ چـرس پيـاڪ مـوالين جيئان۔ چوهہ پيا چِنبن۔،

مونکي چريو چوڻ لڳن ٿا.

مونکي بي همٿ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش پيا ڪن.

مان سندن اهڙي چريائي تي ششدر ٿيندو آهيان.

اهي فنا پيا ٿين.

مون تي غير فاني هئڻ جون. مسڪريون ڪري.

مون تي چرچا پيا ڪن

مونکي دوستي ۾ دڙڪا پيا ڏيئن.

زندگيءَ جي تڪڙي موت جا اشارا. دليل. مثال ۽ وڏا حوالا پيا ڏيئن.

انهن مان ڏپ پيو ٿئي

ڪٿي اهي وقت کان اڳ۔ مونکي ماري۔ مونکي مئل تصور نہ ڪن؟

جڏهن تہ مان اجان پنهجي آدرش ۽ مقصد واري منزل جي مُنڍ. مُهڙ تـي بيٺـل آهيان.

اجان تہ ڪئين ڪشالا ڪڍڻا آهن.

ڪيئين ويلا وچ پوڻا آهن.

ويندي واٽ ڪيترا ساٿ بہ ملڻا آهن.

پر هُو۔ منهنجا دوست!

جيڪي زندگي جي۔ بي مقصد ۽ مقصد جي وچ واري فلسفي جي مٿاڇري تي سوچي۔ زندگيءَ جي ڏرتيءَ کي سوڙي ۽ اٽپوري چوڻ جي حق ۾ آهن۔،

۽ زندگي جي حسين وفـائن کـي۔ صـرف بـي وفـا جـواني جـو رنـگ ڏيـئڻ لڳـا آهن۔،

۽ باقي زندگي۔ شايد سندن سمجهہ کان ٻاهر آهي.

مان پنهـنجن دوسـتن۔ انهـن کـان۔ پـاڻ بچـائڻ جـا۔ وڏا جـتن ۽ احتيـاط پيـو



www.sindhsalamat.com

ڪيان،

سوان ڪري-،

جو موت سندن مٿي ۾ آڪيرا ڪري چڪو آهي!!



www.sindhsalamat.com

❀❀❀

ڇا خدا مونکان وڌيڪ خوش ٿيو هوندو؟
جڏهن تنهنجي حسن ۾ رنگ پيا پريائين.
نه۔۔۔جي ائين هجي ها، ته تنهنجي زبان کان به موت ڪؤڪندو هجي ها!
افسوس توکي ڪا خبر نه رهي!
جڏهن خود به موت جي تلاش ۾ هئس ۽ موت بي جان پاڇي جيئان، منهنجي ڪنهن پڪڙ ۾ اچي نه پئي سگهيو۔ تڏهن تون منهنجي موت سان گڏ۔ منهنجي زندگيءَ سان تمام ويجهي ٿي هيئينءَ۔ ۽ مون توکي۔ جيئن ماڪوڙي مناڻ کي چهٽي۔ تيئن پنهنجا ٻئي ياڪر وڌا هئا۔
ان ڏينهن کان وڌيڪ۔ توکي ايترو وري شايد نه ڇُميم ياد ته ڪري ڏس؟
تنهنجي خوشنصيب چهري ۾۔ دل جي نظر سان ڏسندي تنهنجو خوش رنگ نراڙ چمڻ پي چاهيم۔ ۽ پنهنجو نصيب سو چمڻ نه پي ڏنئي!
جڏهن ته۔ تنهنجي نراڙ چمڻ جي وڏي ڪا حسرت هئم۔ تمام گهڻي منٿ ڪئي هئم۔
مونکي ڇريو ڇئي۔ مون تان کلڻ لڳي هئينءَ۔
بنهه غريباڻي التجا کان پوءِ۔ تو چيو هو "ان جي بدلي ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ تي به چميون ڏئي ڇڏ."
پوءِ مون وجهه ڏسي۔ پنهجني نڳ نيت سان۔ نڳي ڪري هڪڙي چمي ڪاڏيءَ تي ڏني هئي۔ ۽ ٻي چميءَ جي بدلي ياڪر پائي توکي سوگهو ڪري ڪاٻي ڪن جي سامهون هيٺ ڪنڌ ۾ هڪ هلڪو چڪ پاتو هئم۔ ۽ پوءِ وري به نرڙ چمڻ لاءِ تمام نماڻائيءَ سان التجا ڪئي هئم۔
۽ توٻئي اکيون پوري۔ کلندي، کلندي پنهنجو سو نصيب چمڻ ڏنو هو۔۔۔۔۔!
ان چمي ڏيڻ کانپوءِ تنهنجي منهن ۾ مون تمام گهڻو پي ڏٺو۔ دل جي چوڻ تي


www.sindhsalamat.com

سوچڻ لڳو هئس تہ تنهنجو نراڙ چمي۔ شايد پنهنجو نصيب اجاري رهيو آهيان۔ تو ان وقت مون کي اهڙي ڪيفيت ۾ ڏسي۔ منهنجن دوستن واري ڳالهہ جتائيندي چيو هو ڏاڍو ڪو چريو آهين!“.

موڳو ٿيندي هڪدم پڇيو هئم ”ڇو؟“

تو بيپرواهي سان چيو هو ”تون محبت جو ديوانو آهين!“

ڏاڍو خوش ٿيو هئس۔ لفظ ديوانو۔ تنهنجي واتان ٻڌڻ سان

ماڻهو جنهن جي لاءِ پاڻ رئاريندو هجي۔ اهي جيڪڏهن سندس روئڻ جو سبب۔ صرف هڪ دفعو بہ جي سمجهي وٺندا هجن۔ تہ سندس لاءِ ان کان وڏيڪ ٻي کهڙي خوشنصيبي چئبي۔ پر جي سندس سڄي عمر جي روڳ مان۔ سندس هڪڙي لڙڪ کي بہ ڪا سڃاڻپ نہ هجي۔ ۽ ڪوئي ڪجهہ سمجهي نہ سگهيو هجي۔ تہ اهو بہ ديوانو۔ پر خبرناهي سو کهڙي صف جو ديوانو چئجي تنهنجي تہ سوچ اهڙي صف جو سمجهي ٻيهاريو هو.

تو جڏهن مونکي ديوانن ۾ شمار ڪيو۔تڏهن۔ شايد هرويرو جوئي ديوانو ٿي پيس۔ ۽ تنهائي ۾ طبيعت شاعري واري ڪيفيت اختيار ڪندي رهي۔ حالانڪ اهڙي ڪنهن ڪرب، سوز يا پيڙا جي پوڳنا ۾ بہ ڪو نہ هئس۔ پر هي شاعري بہ ڪا عجيب شيءِ آهي، نہ طبيعتون، نہ ڪيفيتون نہ مهل نہ موقعو۔ بي مهل بہ ننڍڙي ٻار جيئان چڱن وڏن ذهنن کي بہ کپت ۾ وجهيو رئاريو وجهي۔اهڙي وقت شاعر تہ هرويرو جوئي ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ چاهيندو آهي، پر ٻڌڻ وارا اهڙي وقت مرضي جا مالڪ ٿي پوندا آهن۔ پوءِ اهو ايترو ڄاڻندي بہ۔ توتي مان پنهنجي مرضي مڙهيندي۔ شاعر جي حيثيت سان۔ توکي پنهنجو نظم ٻڌائڻ تي آماده ڪيو هئم۔اهڙي شاعري کي مان شاعر جي فڪري ڪوٺ چوندو هئس!

تو چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ چيو ”ٻڌائم پلا.“

دل کي جهڙو برقي شاڪ لڳي ويو هو۔ دل رقڻ لڳي هئي۔ ان رقڻ سان۔ نثري نظم ٻڌائڻ شروع ڪري ڏنو هئم۔ عنوان هو۔



www.sindhsalamat.com

"من جو نراس گهر"

نظم –

چنڊ کي جڏهن ڪان،

ڪلنڌي ڏٺو اٿم،

تہ الائي ڇو؟

اهڙي بي ايماني تي پوندي اٿم،

تہ شايد،

هن وصف،

تنهنجا چورايا آهن؟

پوءِ،

اهڙي بي ايمان ڪيفيت ۾،

جڏهن،

ڪنهن ملاح جي ٻيڙي تي چڙهي،

سنڌوندي؀ جي ڇولين سان،

تنهنجي هجر سان گڏ گهمندو آهيان،

تہ......من جي نراس گهر ۾

تنهنجي سندرتا، جا،

جلوا پسندو آهيان،

پوءِ،

چنڊ کي ڏسي،

ائين محسوس ڪندو آهيان،

جهڙو،

چنڊ مونکي،

پاڻ ڏانهن سڏي رهيو هجي!!"



www.sindhsalamat.com

مان نظم ٻڌائي دم ڪنيو نہ ڪنيو جھڙو ھئس تہ تو ھڪدم چيو ھو “شاعر رڳو ڪوڙ ڳالھائيندا آھن!”

تنھنجي گھرواري لان ۾، جنھن پٽر واري بئنچ تي ويٺا ھئاسين- ان بينچ تي تنھنجي ساڄي ھٿ ڪي زور سان دٻائيندي، مون چيو ھو “محبت جي

معاملي ۾ تون تہ مونکان بہ وڌيڪ بي ايمان آھين” مون کلندي چيو ھو.

سو مون تڏھن چيو- جڏھن منھنجو نظم محبت جو اقراري ھو.

پر توان ڪي پنھنجي محبت جي ڪوڙي ھَوَس ۾- محبت جي ھاڪاري پھلو کي ڪوڙو قرار ڏئي ان حقيقت نگاريءَ کان انڪار ڪيو ھو.

تو دنيا جي شاعرن کي تہ ڪوڙو نہ پي چيو- جن جي ڪوڙ مان بہ سچ سمجھي وٺبو آھي.

تو تہ صرف مونکي چئي- مون مان پنھنجي محبت جي سچائي جو انت وٺڻ پي چاھيو- پر شاعر محبت جي معاملي ۾ ائين واضع رھندا آھن، جيئن ماٺھو حمام ۾ اگھاڙو ھوندو آھي.

تو منھنجي عيوض شاعرن کي ڪوڙو چئي، خود کي بہ ڪوڙو ثابت ڪيو ھو- شايد پاڻ ٻئي ڪوڙا ھئاسين. پر ڪنھن دل جي سچائي ضرور ھئي. جيڪا ناول اسٽوريءَ جا باب بڻجي پئي، پرجي ڪمي بہ ڪائي ھئي- تہ شايد دنيا جي اھڙي ناڪام پريمي جھڙي- جيڪو پنھنجي محبوب جي انتظار ۾ محبت جي لھندڙ سج کي پنھنجي چاتيءَ ڏئي بيھاري نہ سگھيو- يا ويندڙرات جي اونداھيءَ کي پنھنجن اکين ۾ قائم رکي نہ سگھندو ھجي! مان بہ شايد اھڙي قسم جي ڪوشش ۾ داخل ٿيڻ لڳو ھئس.ان ڪري ئي تومونکي محبت جو ديوانو مريض پي سمجھيو- ۽ مون توکي!

ان وقت مونکي اھڙي حالت دوران- محبت جي اھڙي تہ ڏاھي فيلسوف جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي ھئي. جيڪو اسان ٻنھين جي محبت جو- انتھائي درجي وارو پيمانو ماپي صرف ايترو اسان کي ٻڌائي سگھي ھا- تہ ڪنھن کي محبت سرس



www.sindhsalamat.com

آهي ۽ ڪنهن کي بي ايماني وڏيڪ!؟
جڏهن اهڙي ڪنهن فلسفي بابت- پنهنجو خيال توکي ٻڌايو هئم- تہ تو رنل دل سان چيو هو ”پنهنجي محبت جو ذڪر- ماڻهن ۾ فاش ڪرڻ جو- توکي وڏو شوق آهي نہ!“
جڏهن تو پنهنجي اهڙي رنجيده خيال جو اظهار ڪيو- تڏهن مون پنهنجو منهن- چپري جهڙو ٻڻائي وڏو هو- تو منهنجي منهن ۾ ڏسندي ڪاوڙ چڙهي- من موهيندڙ مسڪراهٽ سان چيو هو- ”فتاح! تون پنهنجي اهڙي شڪل وري ٺاهہ تہ تنهنجو ڦوٽو ڪڍي وٺان- مونکي تنهنجو اهڙو Pose ڏاڍو وڻندو آهي.“
تو شايد ڪيمرا جو فليش بہ آن ڪري ڇڏيو هو- اهو ڪيمرا ڪراچيءَ مان نئون، نئون آندو هيئي ۽ ان جو پهريون فوٽو- صرف پاڻ ٻن ماڻهن جي گروپ ۾ ڪڍڻ پيي چاهيئي جڏهن نہ- تو چيو هو ”فتاح تون اهڙي شڪل وري ٺاهہ تہ تنهنجو فوٽو ڪڍي وٺان.“
تڏهن مون چيو هو ”نئين، نئين ڪيمرا جو پهريون فوٽو- ڪنهن چپري جو تہ، نہ ڪڍ.“
۽ تنهنجي اهڙي پسنديده مذاق واري ذوق کي مان چٽر سمجهي چڙي پيو هئس ۽ پنهنجي هڪڙي ٻانهن وارو پاڪر- تنهنجي ڪلهي تان واپس ڪڻندي مون چيو ”آسا! تون شايد منهنجون ڪومل ڪوتائون مونکي ناول جي زينت بنائڻ نہ ڏينديئين. ان وقت منهنجي دل الائي ڇو تيز ڌڙڪي رهي هئي- سوچي رهيو هئس- ڪٿان آڻيان اهڙو ڏوبي- جيڪو من جي گهاٽ تي ويهي دل جي درد جا داغ ڌوئي، اهڙن خيالن ذريعي- حقيقت جي گهرائيءَ ۾، خود کي ٻڏندي محسوس ڪرڻ لڳس- منهنجي رنل ڪيفيت مونکي هوش ۽ مدهوش جي وچ ۾ مرندي محسوس ٿي.
مونکي ائين پيي لڳو تہ مان هڪ منٽ اڳ مري چڪو آهيان-!
پوءِ پنهنجي اڻپوري اڌوري ناول تي- منهنجو من ماتم ڪرڻ لڳو ۽ مونکي منهنجي


www.sindhsalamat.com

دوستن جون چيل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون ۽ مان پنهنجي دل جي چپن سان اهي دهرائڻ لڳس ـ تہ منهنجا دوست درست آهن شايد.

مون خود سان نڀي ڪئي آهي!؟

مون زندگيءَ کي فريب ڏنو آهي!؟

شايد مان واقعي مري چڪو آهيان!

منهنجو مقصد رُلي ـ رهجي ويو؟

منهنجون ڳنڀير تائون ـ

منهنجون رٿائون،

منهنجا ارادا

هڙئي ڪي بهانا هئا؟ انهن جو مون سان هڪ فريبي سنبنڌ هو”

تو مونکي خاموشيءَ جي لوڙهہ ۾ ڏسندي چيو هو “هي تون ائين ـ ايترو منهنجي منهن ۾ ڏسي ڇا پيو سوچين ـ مون مان پنهنجو خدا ملندئي ڇا؟”

ڪيئن نہ چوان ها تہ “خدا جي مليو تہ ڇا ٿيو ـ دل جي ٿلهي تي تہ ـ خدا کان وڌيڪ محبوب جي بينڪ سونهي ٿي”

جيئن ملان جي هٿن مان قرآن فرش تي ڪري پوندو هجي، ائين تو هڪدم “لاحول والله” پڙهڻ شروع ڪري ڏنو ـ ۽ مان هڪ دفعو وري بہ پنهنجي مغز ۾ ٻڏي ويس ـ پنهنجي وجود جا عضوا ـ ٽٽندي محسوس ڪرڻ لڳس، منهنجو من ـ مونکي ڪنهن سڙيل اليڪٽرڪ بلب جيئان پي لڳو پنهنجن با اميد خيالن کي ـ بلنديءَ تان ڪرندي مليا ميٽ ـ ٿيندي تصور ڪرڻ لڳس.

توکي ڪوئي پورو جواب نہ ڏنو هئم ـ

۽ تو وري چيو هو “ڪهڙيءَ غرقيءَ جي طوفان ۾ آهين؟”

تڏهن ايتريءَ ۾ الائي ڪيئن ماٺهو تي پيس، ۽ پنهنجي بي گناهہ وجوديت جي هستيءَ کي بخشائڻ لڳس.

مونکي وهم ٿي پيو ـ مان جهڙو شرڪجي پيو هئس.



www.sindhsalamat.com

مون سوچيو- محبت ۾ تنهنجي خدائي جي آڏو- مون ڪفر جا ڪلما پي پڙهيا- شايد مون تي شيطاني آيتون حاوي ٿي ويون يا شايد خود کي ڪا گهڙي- محبت کان غافل رکي شايد مون ڪفر ڪيو آهي-؟ -پوءِ تنهنجي خدائي کان خوف کائيندي ان جي ڪفاري لاءِ- ڪافي سوچيندي، سوچيندي به تنهنجي اڳيان تائب ٿي توکي دل جو سجدو ڪندي- پوءِ پنهنجي ساڳي ٻانهه کي- تنهنجي ڪياڙي جي وارن هيٺيان لنگهائيندي- تنهنجي ڪنڌ ۾ ياڪر وجهي ڪنهن گهنگهار عابد جيئان- مون توکان پڇيو هو "ماڻهو آخري ساهه ڪيئن ٿو کڻي؟"

پنهنجون اکيون شوخ ڪندي- غور سان مون ۾ ڏسندي تو چيو هو. "تون هي..... مئلن جيئان مون ۾ ڇو پيو ڏسين؟"

شايد اهو پهريون پيرو- تو مونکي صحيح سچا تو هو- پر مونکي چڱي طرح سمجهي نه سگهي هئينءَ

محبت ۾ مرڻ جي واٽ- مون ڪيئن سکي؟ ان جي مڪمل ڄاڻ توکي بلڪل نه هئي.

پنهنجي سوچ، ويچار جي بغير تو اهڙو سوال به تڏهن، ڪيو هو- مون چاهيو پي- توکي ٻڌائي ڇڏيان، ته مان توکي مئل ڇو پيو محسوس ٿيان- اهڙي ارادي هوندي به توکي اهو الائي ته ڪيئن چئي- پڇي ويٺس ته.

"مئل ماڻهو ڪهڙا هوندا آهن؟"

منهنجي اصلاح ڪندي تو چيو هو "پنهنجن جوين کي ياڪر وجهي- غفلت جي گهريءَ ننڊ ۾ ستل ماڻهو- تو ڪڏهن ڏٺا آهن.؟"

جواب ته ڪنهن حقيقت تي مبني هو- وڏيو به ڏاڍو هئم- توکان به وڌيڪ!

پر مُنجهاري ۾ هئس- پنهنجو اهو خيال سڏاري ناهي رهيو هئس- جنهن ۾ توکي ٻڌائڻ پي چاهيم- ته تو مونکي مئل نظر ڪيئن محسوس ڪيو- تنهنجن اکين ۾ موت جا دروازا اڏيل ته ناهن؟

شايد ائين ئي هو- جنهن به تنهنجي اکين جي دروازن تي- پنهنجي هڪ نظر جو به


www.sindhsalamat.com

قدم ۾ پي رکيو تہ ڄڻ ڪجھہ گھڙيون اڳيئي مئل هو- !

جيئن وات ۾ پاڻيءَ جو دريا نٿو ييهاري سگھجي- تئين تنهنجن اکين جي مستيءَ ۾

نفيس بدن جو سونهن مان پنهنجن خيالن ۾ مرندي بہ لڪائي نہ سگھيس!.



www.sindhsalamat.com

❀❀❀

تنهنجي نرم گوشت زندگيءَ سان ويجهو رهڻ ۾ - تنهنجي شايد ڪا ٻيءَ مراد هئي - پر مان تنهنجن چپن چٽڻ ۾ گرم ڳٽن مان ذهني حرارت حاصل ڪرڻ جي نيت ۾ نه هئس تو ته روڪيو به ڪنهن حرڪت - ارادي ڪان نه هو.

اهائي محبت ۾ تنهنجي قرباني ۾ خلوص هو.

منهنجي به هر قرباني تنهنجي لاءِ صرف تنهنجي لاءِ هئي - جنهن جي فلسفي ڪي - پوري طرح تو سمجهيو به نه.

تنهنجي جيئڻ مرڻ جون ڳنڀير تائون - ۾ ڳٽيون - سڀ مون پنهنجي مرضي سان توکان چورائي پنهنجن خيالن ۾ ٽُنبي ڇڏيون.

ان ڪري جو تنهنجي زندگيءَ ۾ - غير ارادي طور مونکي پنهنجي Balance Sheet جي به هَوَس هئي. جيڪا منهنجي شايد وڏي ۾ وڏي ڪمزوري هئي.

تنهنجي ته پسند ئي اها هوندي هئي - ته توکي موت جهڙي چپري Pose ۾ وٽندو هئس.

۽ تون مونکي زندگي جي روپ ۾ وٽندي هئين ۽

جڏهن تنهنجون ٻاراٽيون ۽ عجيب خصلتون منهنجي ذهن جي قبرستان ۾ دفن ٿي. منهنجي ذهن کي نواڻ - بخشينديون هيون - تڏهن اهڙي سوچ مون تي Control ڪنٽرول ڪري ويندي هئي - ته تنهنجي محبت جي مذهب ۾ رهي - حسن جو ٺاگر ٻڻجي - جيڪا تصوراتي شاعري ڪئي اٿم - سا سڀ جي سڀ ساڙي يا ڦاڙي ڇڏيان! آخر سوچي، سوچي جنوني سوچ ۾ اچي هڪ دفعو ائين به ڪري ويٺس - جو هاسيڪار پاڙو خرچ ڪري - بس تي چڙهي سنڌونديءَ جي ٺٽي واري پل تي وڃي لٿس - ۽ پُل تي بيهي پنهنجي شاعري جو مواد سنڌو دريا ۾ لوڙهي ڇڏيم ۽ ڪجهه گهڙين لاءِ سڪون محسوس ڪيم - جڏهن ان حقيقت جو ذڪر توسان اچي ڪيم ته ان صدمي کان ڪيترا ڏينهن تو مون سان ملڻ به ڇڏي ڏنو هو. توڙي جو شاعري لاءِ



www.sindhsalamat.com

تون مٿاچري تي سوچيندي هئين. تنهنجي نہ ملڻ سان ـ مان ڪنهن نامعلوم پڇتاءُ ۾ رهندو هئس.

پنهنجي شاعري جو مواد مون سنڌونديءَ ۾ چو لوڙهيو؟

اهڙي سوال تہ وقت سر منهنجي دماغ کي بہ ڪچو ڪري وڌو ـ پنهنجي اهڙي عمل کي مڪمل طرح سمجهي نہ سگهيس ـ پر ايترو محسوس ضرور ڪيم ـ تہ محبت آميز تنهنجي محبوبي منهنجي ذهن کي ـ خيالن جي ترقي ڏئي ـ هڪ اهڙي نواڻ شايد بخشي رهي هئي ـ جنهن ۾ مان پنهنجي من اندر وينل شاعر واري شاعري ـ هڪ کوکلائپ ۽ پاڳلپڻو تصور ڪري وينس ـ

۽ وري جڏهن توکي راضي ڪرڻ لاءِ ـ توکي ريجهائيندي مون چيو هو "آسا! مون شاعري لوڙهي ـ غلطي واقعي ڪئي آهي ـ پر مون شاعري ڪرڻ ڇڏي تہ ناهي ڏني" تڏهن توکي الائي تہ ڇا ٿي پيو هو ـ مان توکي پوري طرح سمجهي نہ سگهيو هئس. تو سنڌ جي اديب ۽ شاعر تي سخت لهجي ۾ تنقيد ڪندي چيو هو "جڏهن حق ۽ باطل نيڪ ۽ بد، چڱائي ۽ بڇڙائي جي ڳالهہ ٿيندي آهي ـ تڏهن اهڙي وقت اسان جو شاعر ۽ اديب پنهنجن ذاتي نفرتن، عداوتن، نجي معاملن، مسئلن، جنسي خواهشن ۽ اوڻائين ۾ ايترا تہ ٻڌل هوندا آهن. جو هو پنهنجي ذات کان ٻاهر ڪانءُ جيئان ڪجهہ نہ ڏسي سگهندا آهن!"

"اها تنهنجي غلط فهمي هوندي آسا ـ تو شايد خود کي بهتر مطالعي کان محروم رکيو آهي؟" پنهنجي خلوص نيت سان توکي ـ تنهنجي اصلاح ڪندي چيو هئم.

تو منهنجي اهڙي خيال کي ڪائي اهميت نہ ڏيندي ـ وڌيڪ جوش ۾ اچي چيو هو "ادبي تخليق ۾ اسان سواءِ انفرادي مفاد ۽ ذاتي ملوڪيت جي ـ باقي ديس، قوم، ٻولي ۽ انسانيت لاءِ توڪ، ٿئول کان وڌيڪ پيا کهڙا صاف، سهڻا خيال يا امن ۽ سک جا وڻ پوکيا آهن؟"

تنهنجن اهڙين بخيل ڳالهين مان ـ مان بہ بخيل ٿيڻ لڳو هئس منهنجي صبر ۽ سهپ کان مٿي ـ تون ادب تي چوهہ چنبڙ لڳي هئينءَ ـ تنهنجي اهڙي غير شعور ۽ ڪم



www.sindhsalamat.com

عقل راءِ کان بدظن ٿيڻ لڳو هئس.

دنيا جي ڪهڙي بہ هستي سنڌي ادب تي اهڙي بيجا، بعيد از عقل تنقيد ڪندي. منهنجي اڳيان اهڙي ناداني ڳالهاءِ ها، تہ مان پنهنجي قلم جي تيز ڌار نوڪ سان سندس بئي اکيون ڪڍي کيس چوان ها تہ هاڻ تون منهنجي پنيان اچ. ڏس تہ ادب انڌي جي ڪيئن، ڪهڙيءَ ڪيستائين رهنمائي ٿو ڪري. پر توکي تہ ڪجھ نہ پيي چئي سگهيس. ان ڪري جو تون خود منهنجو ادب هئين، جنهن جي لافاني خوبين ۽ شاهڪار حسن سان گڏوگڏ سندس اهڙي انسانيت سان بہ محبت ڪري وينس. جن کي مون پوري طرح سمجهيو بہ نہ هو. بس تنهنجي صرف طبيعت کان ظاهري طرح. ايترو واقف هئس. تہ جذبات ۾ اچي. ڪڏهن، ڪڏهن تون چِتپڻ جهڙا بيمار جذا فيصلا ۽ ابهر ايون بہ ڪندي هئينءَ.

هڪ لڳا تنهنجي ذهن تي مجنوني محبت وارو جنڙو خيال بہ سوار ٿيو هو. تو پنهنجي وڏي اُتساهہ مان. منهنجي بي خيالي ۾. منهنجي ڪلهي ۾ چڪ پاتو هو. ۽ مون کان وڏي. دانهن نڪري وئي هئي.

منهنجي ان اهڙي دانهين حالت تي. ساڳي ان جڳهہ تي ئي وري هڪ زوراڻتي مُڪ وهائي ڪيڏي هُيئي. ۽ مذاح واري انداز ۾ دڙڪو ڏيندي چيو هيئي "خاموش" بيمان. علامہ آءِ آءِ قاضي جي سوانح عمري پڙهي هوندئي. ان جهڙي حالت بنائي ڇڏيندي سانءُ"

تنهنجي ان مذاحيہ دڙڪي. سچ پچ تہ. منهنجي ذهني ڪيفيت وڏيڪ پُرڪشش بڻائي وڏي هئي. ذهن جي مقام ۾ دفن ٿيل خيالن جا لاشا جاڳي پيا هئا. هر هڪ خيال ڪڏهن منڪر تہ ڪڏهن نڪير پي محسوس ٿيو.

مرده خيالن جون پيانڪ صورتون. دل کي آزاري. ذهن کي پٽڻ ڪاٽڻ لڳيون هيون. ۽ سوچن کي جهڙو Typhus بخار چڙهي پيو هو.

تو نہ رڳو اهو دڙڪو ڏنو هو. پر تنهنجي محبت اهڙو ئي تہ ذري گهٽ بڻائي رکيو هئم. پر منهنجي اهڙي حالت جو بازاري حسينن جيئان تو وٽ نہ احساس هو نہ قدر. بي



www.sindhsalamat.com

قدريءَ جي جهان ۾ – زندگي کي جيئارڻ – ڪيڏي نه بي قدري آهي!

هر سهڻي ۽ بهتر شيءِ جو قدر ڪرڻ هر بي قدري ماڻهو تي قرض هوندو آهي – هر بي قدر ان جو مقروض هوندو آهي – مان ته صرف پنهنجي جسم تائين تنهنجو قرضي هئس – خيال آيم توکان پڇي وٺان ته – ماڻهو هڪ جان رهي به هڪٻئي کان اڻڄاڻ ڇو ۽ ڪيئن رهندا آهن؟

پر هڪدم اهڙي گهٻراهٽ جي تجسس ۾ اُلجهي پيس ته ڪٿي به جسم وارو پهلو – جنهن کي تون اوليت ڏيندي هئين – سو پهلو بحث هيٺ نه اچي – ۽ مان پنهنجي هار کائي سڀ ڪجهه نه وڃائي ويهان – ڇو ته مان به جسم واري مسئلي ۾ تمام منجهيل ۽ ناقابل هئس ۽ مون نه پئي چاهيو ته محبت جي ڪنهن تاريخي مقدس ڪتاب ۾ – منهنجي ۽ تنهنجي هڪ جسم کي – ٻن جسمن جو درجو ڏئي لکيو وڃي – يا ان کي وقتي لذتن ۽ جنسي خواهشن سان نه ڳنڍيو وڃي.

پنهنجو اهڙو خيال ذهن ۾ لڪائڻ چاهيم. ته وري اهڙي اذيت کان گهٻرائجي ويس. ته ڪٿي ذهن ۾ رهجي ويل اهڙو خيال من جي صحرا ۾ ڪانديري جو وڻ نه بڻجي پوي جنهن جا زهريلا ڪنڊا دل جي ڳيي ۾ چُڀن پيدا ڪري – دردن ۾ هڪ پيو وڌيڪ نئون واڌارو نه پيدا ڪن. جڏهن ته من جي پياسي رڻ ۾ اکين جي برسات ذريعي ٿوهه جي ولين ۽ ٿوهر جهڙا خيال اڳئي آباد هئا.

اهڙي دورانديشيءَ ۾ – دل تان اهڙي بيمار فڪر جو بار هلڪو ڪرڻ جي خيال سان – توکان پڇيو هئم ”ماڻهو هڪ جان – به جسم – اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا آهن؟“

تون ان وقت پنهنجي ڪنهن نرالي ڪيفيت سبب پنهنجي ناخدائي جي خوشفهمي ۾ مبتلا هئين.

تو مذاج بدلائيندي – الائي ڪهڙي اڻڄاڻ خوشيءَ جي اميد ۾ خود کي منهنجي مٿان پُنيوري جيئان اڏائيندي – مونکي بيپرواهي سان پاڪر وجهي – پنهنجي اُرهه کي منهنجي ڪلهي تي زور سان دٻائيندي چيو هو ”هن عمر ۾ تو ۽ مون جهڙا پيا ڪهڙا ماڻهو چئي سگهجن ٿا – جن پنهنجي هڪ جان هوندي به – پنهنجا جسم ورهائي رکيا



www.sindhsalamat.com

هجن؟“

تنهنجي اندازِ بياني مان ائين پئي لڳو- تہ تنهنجي نيت خراب ٿيڻ لڳي هئي ۽ ان جي ضد ۾- منهنجي ايمان ۾ مضبوطي ۽ نيت فيض ياب ٿيڻ لڳي هئي.

تنهنجي اُرهہ وارو گوشت منهنجي ڪلهي کي ڏنيي رهيو هو مونکي اهڙي جرئت نہ پئي ٿي- جو تنهنجي دٻايل گوشت جي ان ڳيي کي- پنهنجي هٿ سان- اتان هٽائي خود کان الڳ ڪري سگهان-

شايد ان وقت تون- جسم کي- جسم ۾ وجهي ڇڏڻ جي نادان تصور ۾ پاڻ ڦاٿل هيئن. اهڙي تصور ۾ ئي- تو جڏهن مون کي زور ڀري چمي ڏني تہ مان گهبرائڻ لڳس- ۽ پنهنجي نيت ۾ عشق مجازي جي آرس چڙهندي محسوس ڪيم- ۽ تنهنجي چپن ۾ اکين مان تنهنجي جوان رت جو جوش نظر اچڻ لڳم- ائين پئي معلوم ٿيو- ڄڻ تو منهنجو خون پي- پيئڻ چاهيو.

پنهنجي ڳل کي منهنجي ڳل تي رکي- پنهنجي لڪل نيت کي اگهاڙو ڪندي- تو وري چيو هو“خبر ناهي تہ هڪ جسم ٿيڻ وارو عقل ۽ خيال- توکي ڪڏهن اچي فتاح-؟ تيسيتائين پنهنجي ڪچڙي جسم کي تنهنجي پٿر جسم سان گسائيندي گسائيندي- يا پُري پور تي ويندس يا ان ڪاڙهي ۾ ڪڙهي جوان وهيءَ کي پاڻي جيئان وهائي ويهان.“

”ڳالهائون تہ آهن منهنجي جسم تي آسا- روز الاءِ ڪيترا ڏنب سهندو آهيان.“

مڙئي منهن جي ڏاڍائي ڪندي چيو هئم- اصل ۾ خوشي ٿيندي هئم- جو تون سختي کي هڪدم نرمائي ۾ بدلائي ڇڏيندي هيئن- اهڙي خوشيءَ ۾ چئي وڌو هئم تہ“پل تنهنجي شاهڪار بدن جا چٽ- منهنجي پٿر جسم تي چٽبا رهن- چٽ پٿر جو سونهن هوندا آهن آسا! پلي تہ انمول جسم جا چٽ- منهنجي اڻ گهڙيئي جسم تي چڙهندا رهن- تيسيتائين جيسيتائين مان هڪ بي جان مورتيءَ بڻجي پوان- هڪ اهڙي مورتي- جنهن کي جيڪو بہ مصور غور سان ڏسي تہ- آسا کين تنهنجوئي جسم معلوم ٿئي-



www.sindhsalamat.com

ائين مان فاني ۽ غير فاني واري ڏيڻ مان پاڻ ڇڏائي تنهنجي محبت کي ـ تنهنجي شڪل ۽ صورت ۾ غير فاني بڻائي ڇڏيان. کهڙي نه عجيب ڪشش ۽ ڪشمڪش آهي ـ فاني ۽ غير فاني واري فلسفي ۾! ـ ائين جيئن انسان ماءُ ۽ پيءُ جي وچ ۾ هڪ اِڪائي وارو فسلفو جيڪو (+) ۽ (ـ)، (ـ)(+) واري برابري جواب لاءِ اڻپورو رهيو آهي منهنجو فاني ۽ غير فاني وارو خيال ٻڌي ـ اٻڙو ڪري ڇڏيو هيئي ۽ اهڙي خيال بابت اڪثر ائين ئي ڪندي هيئن ـ شايد توکي پنهنجي غير فاني هئڻ جو اجان پورو يقين نه هو جنهن ڪري هڪ جسم ٿيڻ وارو تصور تنهنجي وجود ۾ هڏ ٻنجي چڪو هو ـ ۽ تنهنجو بدن تندور جيئان تپي اُلا اڇلي رهيو هو.

توکي پنهنجي آتشزده جواني جي جبر تنگ ڪري رکيو هو ـ ۽ مونکي پنهنجي ذهني ڪنگال پڻي واري خاموش صبر ماري مُچ ڪري وڌو هو.

ان رات ٻه پٿر مان ميڻ بڻائي ـ منهنجي انسانيت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي هيئي ـ پر تنهنجي جسم سان ايتري محبت نه هئم ـ جيتري تنهنجي عزت، انا ۽ آبرو سان هئم ـ

شايد پنهنجو پاڻ سان ناانصافي ڪرڻ لڳو هئس ـ جنهن ۾ روئڻ وقت،

سڀ جو سڀ روئي ويٺس ـ ۽

بچائڻ لاءِ ـ بچائي ڪجهه نه سگهيس،

نه اندر جي پيڙاءُ

نه لڙڪن جو ارمان،

نه من جي شڪايت،

نه دل جو ماتم،

نه عقل ۽ وقت جي علامت، ـ ۽

نه روح جو قضيو!

بس اهڙي مُراد ۾ جيئڻ پيو چاهيم ـ ته،

پنهنجي روح جي جنازي کي ـ تنهنجي اکين ۾ دفنائي ڇڏيان.



www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

❀❀❀

جنهن رات مفت ملي هئم ـ گهٽي پي ويو هئس ـ ۽ خود کي گهڻو سچ ڳالهاءِ ويو هئس ـ ان رات توکي چيو هئم "آسا مونکي پريت امرت پيئڻ واري خواهش کائي کپائڻ لڳي آهي ـ مان لاٿاني ٿيڻ چاهيان ٿو ـ مونکي شاندار موت جي خواهش ـ ڪڏهن بہ نہ ستايو آهي.

مان اهڙي نادان جذبي ۽ جاهل ارادي کان نفرت ڪندو آهيان ـ تہ مئي پڇاڻا ماڻهو منهنجي موت تي واهہ واهہ ڪن يا منهنجي موت کي سرمائي رنگ جي شام ملهائي منهنجي روح کي اهڙي رمز رنجائيندا رهن."

وڏيڪ توکي اهو بہ ٻڌائڻ ڪپندو هو ـ پر ضروري نہ سمجهي توکي اهو نہ ٻڌائي سگهيس تہ ـ دنيا جي عظيم انسانن ڪڏهن بہ پنهنجي شاندار موت لاءِ دعائون گهري ـ اهڙي اميد ۾ پنهنجو ذهن ذرو بہ ضايع نہ ڪيو.

پنهنجي تجهيز ۽ تڪفين لاءِ ـ انهن ڪڏهن بہ ڪاٺ يا پتل جون صندوقون ۽ ريشمي ڪفن جي خواهش نہ سانڍي ـ ۽ نہ انهن ڪڏهن اهڙي خواهش ڏيکاري ۽ نہ ڪوشش ڪئي تہ ـ زهر پياري شهيد ڪيو وڃي؟ صليب چاڙهيو وڃي.

گهاڻي اندر پيڙهيو وڃي؟ پاڻي بنا پياسو ڪُٺو وڃي؟

يا ڪنهن عزت ۽ نامور موت مرڻ جا وسيلا ۽ وجهہ ڏسيا وڃن ـ عظيم انسان کي تہ ـ پنهنجي آدرش خاطر ـ موت جيئڻ ۽ جهڙي بہ وقت ۽ حالت ۾ سڏيو ـ تہ انهن بنا روئڻ، پٽڻ ۽ ڳڻتي، ويچار جي ـ پنهنجو سر اڳلي اڏ ڪيو ـ پنهنجي پسند يا باخوشي موت مرڻ تہ خودڪشي آهي ـ جيئڻ غمناڪ ۽ مايوس حالت ۾ مرڻ بزدلي آهي ۽ ذلت بہ ائين جاهل ماڻهو هميشہ ذلت جي موت مرندا آهن.

شايد بهتر ائين ٿيندو تہ ـ ڪنهن کي خبر نہ رهي ۽ مري وڃجي ـ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيئان ـ دل چوي ٿي اجرڪ مٿان پاءِ سُمهجي ۽ پوءِ رڳو دفن ٿجي.



www.sindhsalamat.com

خودڪشي ڪري موت کي رسوا ڪرڻ
انسانيت کي موت جي شهرت ۾ متائڻ
شاهڪار موت جي شوق ۾، زندگي کي گاسليٽ جيئان ٻارڻ منهنجي سوچ ۾ وڏي بي قدري - ۽ ڪم ظرفي آهي.
موت جي وادي ۾ - زندگي - زنده دلي مرڻ وارو موت آهي.
نہ پيو چاهيان تہ - ڪوئي بي مثال موت مران ۽ منهنجا دوست منهنجي لازوال موت جي خوشيءَ ۾ - زندگيءَ جا قدر وساري ويهن.
مان تہ صرف تنهنجي هڪ امن پسند چمي ۾ مرڻ پيو چاهيان - پر اهڙيءَ چميءَ کان تون بہ صاف، صاف انڪار ڪري ڇڏيندي هيئن - جنهن ۾ مان پنهنجا آخري پساهہ ڏسڻ پي چاهيا.
ماڻهو جڏهن ڪتي جيئان ڏکهي موت مرڻ لڳندو آهي تڏهن عقيدي موجب - ڪنهن جانور کي هٿرادو موت ڏئي - سندس موت جي آساني لاءِ خير ڪيو ويندو آهي.
ڪيڏو ظالم ماڻهو هوندو آهي اهو - جيڪو مرڻ وقت - ٻين کي بہ موت ڏئي ويندو آهي.
پر مون تہ توکي هٿ ٻڌي اهو ئي عرض ڪيو هو تہ، ”آسا! مان ڪنهن ڏکهي موت مران، تہ منهنجي تڪڙي موت لاءِ مون تي صرف چُمين جو خير ڪيجان“ مون وٽ بہ محبت جي اداري ۾ محبت جو خيراتي فنڊ ڪافي ڪجهہ هو - جنهن مان چُمين واري مايا تہ مون توکي ادا ڪري ڇڏي - سچائي بہ تنهنجي نظر پيش ڪيم - باقي بہ تنهنجي محبت جي نانءُ سان مون سڀ ڪجهہ انسانيت کي ادا ڪري ڇڏيو ۽ باقي زنده گوشت جسم سان ماڻهو هئس - جيڪو بہ تنهنجي نانءُ ٿيل هئس.
ڏک صرف اهو هڪڙو پيو کائي - تہ جيئن ۽ جهڙي طرح تو هڪ جسم ٿيڻ پي چاهيو - تئين منهنجي مفلسي - پنهنجي نادار حالت سبب هڪدم ائين ڪري


www.sindhsalamat.com

چڏڻ جي- اجازت ئي نہ پئي ڏيئي سگهي- جو ڪنهن طرح سان توسان Honey moon جهڙي خوشي ملهائي سگهان ها.

دل تي يادن جو دريا تہ سڪي ئي نٿو- سُڪڻ تہ ڇا- پر دل جون ڪنڌيون، ڪنارا بہ ٻوڙي ڇڏيا اٿس- صرف من جي جهوپڙي آهي سڪي تي- تنهن کي بہ يادن جي اُٿل اڄ- سياڻ ٻوڙي ڇڏي تہ شڪ ناهي-

ڪهڙيون يادون وساريان ۽ ڪهڙيون ياد رکان- شايد ڪو ويسر جو مريض بہ ان معاملي ۾ منهنجي مدد نہ ڪري سگهي!

جنهن ڏينهن تون پنهنجي جيپ ڪٽي- مون وٽ گهر آئي هئين ۽ اچڻ شرط تو چيو هو "فتاح! اڄ دل چوي ٿي ٻنوري هلون ۽ هلي ساحر پريميءَ جي قبرستان تان ٿي اچون."

اهو شايد شام ڇهہ لڳي جو وقت هو- تڏهن مون توکي چيو هو- "آسا! منهنجي موت جي آجيان تون ڪجانءِ"

"تون ڪهڙي موت مري سُرخرو ٿيڻ ٿو چاهين؟"

پنهنجو منهن ڦٽائي چيو هيئي- خبر ناهي موت کان نفرت ڪندي چيو هيئي يا منهنجي چيل ان سواليہ جملي کان ڪاوڙ ڪائيندي؟

جيپ تي چڙهڻ وقت مان پنهنجي دلي خواهش ڏيکاريندي توکي چيو هو "مان تنهنجي ياڪر ۾- تنهنجي صرف هڪڙي هلڪي چميءُ سان پنهنجي حقيقي موت مرڻ ٿو چاهيان. ۽ پوءِ ڊرائيونگ ڪندي- ڏاڍو ڏکيو سوال پڇيو هيئي تہ- "مايا ڪوفسڪي، همنگوي، علامہ آءِ آءِ قاضي، ماٺڪ ۽ پريميءَ انهن جو موت توکي ڪيئن ٿو لڳي!؟"

تو مون کان اهڙو سوال پڇي- مونکي هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو- تنهنجي ان انديشناڪ سوال کي جواب کان ئي خالي پنهنجي جڳهہ تي رهڻ پي ڏنم- پر تو پنهنجي سوال جي جواب لاءِ وڏيڪ زور ڀريو هو- توکي بس راضي ڪرڻ خاطر ۽ پنهنجي مڙئي جان ڇڏائڻ لاءِ چيو هئم تہ "ڪوئي اگر ڪنهن



www.sindhsalamat.com

خطرناڪ ايڪسيڊنٽ ۾ مري تو پوي. ته اهڙي موت جي ڪهڙي مقصد سان آجيان ڪئي ويندي. بي مقصد موت ڪي. قوم يا انسانيت جي تاريخ ۾ ڪهڙو درجو داخل هوندو؟"
"پوءِ ڪهڙو مقصد آهي تنهنجو؟" تو موت بابت چيو هو. اهو مونکان ٻيو گهمرو. تو مونکان منهنجي راءِ وري وٺندي پڇيو هو.
تنهنجن شربتي نيڻ ڪي دل جي اکين سان ڏسي مون چيو هو "منصوري خيال ڪي لڳل امرتا جي مهر تي لٽ چڙهي وئي آهي. ان ڪي اجارڻ گهرجي."
تو ڊرائيونگ سبب منهنجي جواب ڏانهن. ڪوئي ڌيان نه ڏنو هو. يا شايد پنهنجي معمول مطابق تو ڄاڻي، ٻڌي به. خود ڪن لاتار ڪئي هئي. اهڙي عادت جيئري ماڻهو ڪي چيڙائي ته وجهي ٿي. پر مونکي ياد ناهي. ته مان تنهنجي اهڙي معصوم ۽ عادتي رويي تي. ڪڏهن پنهنجو منهن به ڪو ڦٽايو. ان ڪري جو. مان پنهنجي دل ڌرتي سمجهندو هئس ۽ تنهنجي محبت هندي وڏو سمنڊ.
شايد منهنجي دل جي هر زخم ۾ چڪيل ڦٽ ڪي. تنهنجي محبت وارو سمندر پنهنجي ڦيڻ سان ڌوئي سڪائي ڇڏيندو هو. تنهنجي نظر ۾ ته —منهنجي محبت ڪڏهن، ڪڏهن نري جي ٿيلهي جيتري سَستي حيثيت به شايد نه رکندي هئي تڏهن ته تون منهنجي محبت ڪي. نري جي ٿيلهي به چوندي هيئن. شايد ان ڪري جو. دنيا وارن جي آڏو. تنهنجو معاشي قد. منهنجي قد کان مٿانهين درجي جو هو.
تو ان ڪري ئي شايد. پنهنجي چلولي انداز ۾ ڪيترا ڀيرا چيو هو ته "فتاح! تنهنجي دل مون پنهنجي دل سان. ايلفي هڻي ڳنڍي ڇڏي آهي."
شايد منهنجي دل ڪي تو خيرات خور سمجهيو هو. جيڪا صرف محبت جو زهر پيئڻ جي هيراڪڻ هئي. ان وقت پنهنجو پاڻ ۾ ڏسي. تنهنجي شخصيت تي سوچي. پنهنجي شخصي حيثيت اهڙين تصور ڪندو هئس. ته مونکي تو شايد ان ڪاغذ ٽڪري جهڙو سمجهيو هو. جنهن تي ماڻهو پنهنجي روزمره واري


www.sindhsalamat.com

خرچ جو حساب ڪتاب ڪري ڦاڙي. اڇلي ڇڏيندا آهن. پر وري جڏهن. تون پنهنجون سخي ٻانهون ورائي وڏا، وڏا ڀاڪر پائي مونکي Kiss ڪندي هيئن. تڏهن خود کي پنهنجي اداس روح جي تڙپ سان مطمئن ڪري، خود کي خوشنصيب انسان تصور ڪرڻ لڳندو هئس. ۽ مونکي يقين ٿي پوندو هو ته مان پنهنجي پريم جي پريت ۾. غيرفاني امرت ضرور ماڻيندس.

اهڙي اميد بحال ٿيڻ جو وڏيڪ يقين تڏهن ٿيڻ لڳندو هئم جڏهن تنهنجي آغوش ۾ منهنجي ايمان کي تازگي. ملي ويندي هئي.

ان ڪري، به نه. جو مان عورتائي جسم ذريعي پنهنجي ايمان جي نيت ۾ مضبوطي پيدا ڪري. خود کي شيطان يا اوليائن جي درجي ۾ داخل ڪريان. پر مان انسانيت جو پوڄاري هئس ۽ تو خود به، ته پنهنجي دل جي ساک سان ڪيترائي ڀيرا اهڙي خطاب سان نوازيو هو.

انسان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ته منهنجو مذهب رهيو پر پوءِ به تون ڪنهن ڪنواريءَ کي مون سان ملندي ڏسندي هئين ته توکي Jealousy جي بي پاڙي بيماري جو مرض جاڳي. پوندو هو ۽ تون هڪدم بدلجي پوندي هيئن.

اهڙي حالت وقت تنهنجي منهن مان رت ڦوهار ڪري نڪرڻ جو. مونکي خدشو ٿي پوندو هو.

تو پنهنجي اهڙي ذهني مرض جي شدت دوران. مس. صاحبان جنهن کي اسان گڏيل طور مڪلي ۽ ڪينجهر واري Picnic لاءِ گهرايو هو. ۽ مون وٽ مهمان جي حيثيت ۾ ترسيل هئي. ڪيترا ڀيرا اڳ به. تو مون سان ڪيس چڱي طرح ملندي ڏٺو هئس. پر ان ڏينهن توکي الائي ڪهڙي وهم وڪوڙي وڌو هو. شايد تنهنجي ان حاسد پڻي مرض ۾ واڌارو اچي ويو هو. تو آپي مان ويندي. ان کي بدچلن ۽ بدصورت جا لفظ ڳالهاءِ. ڪچيون گاريون ڏئي منهنجي اڳيان. منهنجو به خيال نه ڪندي. ويچاري کي ٿڦڙ وهائي ڪڍيو هو. ۽ هن توکي هٿ به آڏو نه ڏنو هو. ان وقت تنهنجي ان ديوانگي ۽ چريائپ کي ڏسي مونکي ائين پي


www.sindhsalamat.com

لڳو- تہ تون خود ڪي- جهڙو ڪنهن فوجي جنرل جي وڏور ڏيءُ تصور ڪرڻ لڳي هئين.
انهيءَ ڏينهن تو منهنجي بي نيازي- منهنجي عزت ۽ منهنجي غيرت واري عملي سگهہ مونکان کسي- مونکي محڪومي ۽ پنهنجي غلاميءَ جو تصور ڏياري- مونکي صبر آزما واري پوڳنا ۾ وجهي ڇڏيو هو. مون ائين تصور بہ ڪيو- تہ تون منهنجي عزت ۽ غيرت جا عضوا پيچي رهي هئين ۽ مون ڪنهن قسم جو احتجاج بہ نہ پي ڪيو.
ڪنهن جي غيرت ڪي ڪاڙهي- ان مان سندس جوش ڪيڏي ڇڏڻ تہ انسان دوست روبو ٿئو چئي سگهجي- ۽ نہ ئي اهڙو عمل ڪنهن دانا دشمن جي خلاف بہ لائق چئجي.
تنهنجون اهڙيون ڪريل ۽ ناقابل حرڪتون ڏسي- مونکي ائين معلوم ٿيندو هو- تہ توکي تنهنجي ان هڪ جسم ٿيڻ واري خواهش توکي چرپڻ تي اچي بيهاريو هو- ۽ ڪا خواهش ماڻهو کي چريائپ ۾ داخل ڪندي هجي- تہ ان کي خواهش نہ پر جنون چئبو آهي.
پر مونکي تنهنجي محبت ۾ غير فاني هئڻ جو يقين ٿي چڪو هو تنهن ڪري مون پاڻ کي لذت پرستي ۽ جنسي لطف وٺڻ وارين عارضي ڪيفيتن کان الڳ پري رکيو هو. مون خود کي اهڙي ڪڏي روڳ ۾ وجڻ نہ پي ڏنو.
مون نہ پي چاهيو- تہ اهڙيون حيواني حرڪتون ڪري- خود کي زندگي ۽ ڪائنات جي حقيقي سونهن کان غير واقف ۽ محروم رکي اهڙي گستاخ بيپرواهي کي زندگي سان ترغيب ڏيان- ۽ توکي جڏهن بہ اهڙي ڪيفيت ۾ ڏسندو هئس- تہ تو مان تنهنجي بيپرواهي ۽ بي فڪري جون گستاخيون معلوم ٿينديون هئم.
تون پنهنجو پاڻ کي- ناسمجهہ ماڻهو جيئان- ڪنهن نہ ڪنهن جنهجهٽ ۾ وجهي- پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن اختلاف جو بنياد رکي- اجايا جهيڙا نبيرا ڪندي


www.sindhsalamat.com

هئين.

پـر مـون تنهنجـي آمريـت جـي آڏو۔ پنهنجـا عقلـي هٿيـار ڦٽـا ڪـري پنهنجـي شڪست نہ قبولي هئي۔

پر جي اهـڙي شڪـست قبـولي بـہ وجهـان هـا ۔ تـہ شـايد محبت ۾ اسـان ٻنهـين جـو ڪوئي نقصان ضرور هو۔ وڌيڪ نہ تـڌهن بـہ آقـا ۽ غـلام جـي درميان واري نفـرت ضرور جنم وٺي ها.

مان تنهنجي اڳيان تنهنجي محبت ۾ بيوس ضـرور هـئس۔ پـر خـود کـي بـي ضـمير بنائي۔ پنهنجي همٿ نہ هاري هئم.

مان زندگي جي اعليٰ امنگن جو پرچاري هئس. ۔

مون وقت جي هر آمر جي اهڙي خواهش۔ ٺوڪاري ۾ وجهڻ پـي چـاهي۔ جيـئن هـر Dictator حڪمران چاهيندو آهي تہ قومون ۽ انسان۔ زندگي جي اعليٰ نظـرين سان پنهنجو ڪو بہ تعلق يا لاڳاپو نہ ڏيکارين طوائف جو پگهر چٽيـندڙ هـر بيوقـوف جنرل۔ ۽ انساني گوشت Export ڪـنـدڙ بـي رحـم سـرمائدار جـي شـيطان نيـتن کي۔ مون غريبن ۽ نادارن جي جوتن هيٺيان لتاڙائڻ پي چاهيو۔ پر سياسـي سـتارن جو چنبـ ٻڻجي پـاڻ چمڪـائڻ وارن شـطرنجي چـالن. خيـالن کـان مـان آزاد هـئس۔ جنهن کي تون منهنجي سياسي نابالغي چوندي هئين۔

تو ساڻ گڏ تہ ادب منهنجو دين ۽ ايمان هو۔

جڏهن ادب جي اصلي قـوت واري اهميـت تـوکي معلـوم۔ يـا رڳـو محسـوس ٿيـندي هئي۔ تہ منهنجي زندگي جي سرگرم پهلوءَ کي۔ تون پنهنجي زنـدگي جـو اختصـار بيان ڪندي هيئن جيئن چوندي هيئن۔" مان نہ هجان هـا. تـہ تـون شـاعر نـہ هجـين ها؟"

الائي ڪهڙو يقين ٿي پوندو هُيئي۔ جو اهڙو اقـرار ڪـري چونـدي هـئين تـہ "فتـاح! تو پنهنجي نصيب جون خوشيون سڀ منهنجي نانءُ چوڪري. ڇڏيون آهن؟"

تڏهن مون توکي ائين پي چيو هو تہ "آسا! اهـو تنهنجـو حـق هـو۔ سـو مـون تنهنجـي



www.sindhsalamat.com

ئي حوالي ڪيو.“

تنهنجو سو پڇڻ ۽ چوڻ بلڪل درست هو- منهنجي سڀ خوشي تنهنجي قدمن هيٺ قربان ٿيل هئي- ڇو ته مون توکي صرف عقل، فهم ۽ ذهني سمجهه جي ڏيکاءُ سان نه ڏٺو هو.

تنهنجي هر رنجش- منهنجي شعور کي- منهنجي ذهن ۽ جسم کان- الڳ ڪري ڇڏيندي هئي.

مان صرف ٻڌي ۽ ڏسي سگهندو هئس-

منهنجي دل ٻيهي ويندي هئي- ۽ جگر ۾ وڏا ودِ پوندا هئا- پر مان ڪنهن درد ۽ سور جي بجاءِ ڪنهن پُر سڪون ڪيفيت واري سوزش ۾- ٻڏتر جا غوطا کائڻ لڳندو هئس- منهنجو ذهن ٻي ڪائي ڳالهه قبول نه ڪندو هو سواءِ تنهنجي هڪ من لڀائيندڙ پياري مسڪراهٽ جي- بس جڏهن تون کلي پوندي هئين- تڏهن مونکي پنهنجي جيئري هجڻ جو احساس معلوم ٿيندو هو- ۽ تو ۾ پنهنجي زنده رهڻ جا وسيلا ڳوليندو هئس- جتان منهنجي ڏاهپ جا دروازا کلندا هئا ۽ مان نوان نوان خيال ۽ تجربا حاصل ڪرڻ لڳندو هئس- پوءِ محبت جي هر نئين مسئلي کي ذهن ۾ رکي- هر مسئلي جي دليل ۽ ڇتائي بابت- تيسيتائين غور ڪندو هئس- جيسيتائين ڪا حقيقت واضع نه ٿيندي هئي-

جڏهن ڪو مسئلو حل ٿي نه سگهندو هئم- تڏهن خود کي تنهنجي آغوش ۾ اڇلي ڇڏيندو هئس- ۽ تنهنجي ڪنواري دوزخ بدن ۾- جڏهن مون کي سڪون جي هلڪي ننڊ اچي ويندي هئي- ته منهنجو اهو منجهيل مسئلو برمحل ڪنهن سپني جي صورت ۾ حل ٿي پوندو هو.

اهڙي طرح سان خود کي سمجهائڻ ۽ توکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس- پوءِ جو ڪجهه به حاصل ٿيندو ويندو هو- ته هڪ رومانسر جي حيثيت سان تنهنجي هر ادا منظر- هر گفتي کي مڪالمو ۽ هر نظر کي تمثيلي علامت ۽ تشبيهون، اشتعارا سمجهي ناول لکندو ويندو هئس. ۽ ناول ۾ نوان لفظ منهنجون



www.sindhsalamat.com

ذهني رڳون وڄائي ـ مونکي اهو ڳائي ٻڌائيندا هئا ـ تہ اهي ئي لفظ فاني ۽ غير فاني جو فيصلو نبيريندا ـ جتي زندگي جي اڳيان فل اسٽاپ آهي، يا ڪنهن فڪر جي خوني دريا ۾ لوڙهي، ساموندي موتين سان گڏيندا، جتي امرت جو دريا وهي ڌنگ ٿو ڪري.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

جڏهن تون پنهنجن پراڻن مائٽن جي ڪنهن دعوت تي ڪراچي وئي هئين- تڏهن واپس اچڻ لاءِ تون مونکي چئي ويئي هئين "بس ڏينهن ٻن ۾ موٽي ايندس." پر توکي ڪجهه وڌيڪ ڏينهن لڳي ويا هئا- ۽ توکان الڳ، ته پوءِ منهنجي حالت کي تون چڱي طرح ڄاڻندي هئين. رڳو مڇي ۽ پاڻي وارو مثال ڪڏهن ڪو نه ڏنو سين باقي تڙپ ان کان وڌيڪ هوندي هئي-

هونئن به توسان محبت ڪرڻ کانپوءِ- مان هر حسين ماڻهو ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هئس- پر انهيءَ خيال سان نه- ته ڪنهن حسين سان محبت جو رشتو ڳنڍي خود کي- Enjoy ڪيان- پر الاءِ ته ڪيئن، هر سهڻي ماڻهو جي تصوير منهنجي ذهن تي چٽجڻ لڳي هئي- هڪ دفعو ڏٺم، ته نظرون ڪيس وساري نه پي سگهيون- اکين کي يادگيري به ڪا بنهه مضبوط هوندي آهي.

تنهنجو ڪراچي وڃڻ ۽ دير لائڻ جي ڪري مونکي تنهنجي محبت جي خشڪي ايترو ته اداس ڪيو- جو دل به خشڪ ٿيڻ لڳي هئي- ۽ پوءِ پنهنجي پياسي دل جي اڃ اجهائڻ لاءِ مِن وندرائڻ لاءِ- لوڪان پاڻ لڪائي- اها اُڃ ڪٽي- حيدرآباد جي حسينن واري بازار ۾ دل کي ٿاٻا کارائڻ ويو هئس- جتي هڪ خوبصورت عورت سان رومانس ڪندي خيالن جي ڏي وٺ ڪيم- اها عورت ميڪ اپ جي خوبصورت مصنوعي رنگن ۾ رنڱيل هئي- حالانڪ اهڙا مصنوعي رنگ ماڻهو مٿان چٽيل مونکي نه وڻندا هئا- پوءِ به ڪجهه وقت لاءِ ان سان Company ڪرڻ جو مونکي خيال ٿيو- پر سندس ڪمزور ۽ اوباورو جسم- جيڪو پنهنجو خوبصورت جوبن به وڃائي چڪو هو- سو مونکي منهنجي مٿل جسم کان وڌيڪ ڳريل ۽ سڙيل پي معلوم ٿيو- مان ان وقت اهڙي حقيقت قطعي سمجهي نه سگهيس، ته مرد چڪلائي چو ٿيندا آهن!؟

سندس بازاري نالو حاجران هو- ساڻس ڪجهه وڌيڪ ڳالهائڻ کانپوءِ سندس



www.sindhsalamat.com

چڇريل خيالن جا لفظ ٻڌي- مون پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي- تہ مونکي چوڻ لڳي "تمام سستي آهيان سنگت ڪري ڏسو؟" مون ڪيس تمام بي رُخيءَ سان جواب ڏئي انڪار ڪيو- تہ هن وري چيو "ضرور تمند آهيون- توهان جي پسند مطابق پيش ايندا سين!"

پنهنجي ئي شرم ۾ ٻڏي ويو هئس ان وقت!

پنهنجي ٿوري ڪئي تي بہ پڇتاءُ اچي ويو هئم،

مان سنڌ جي ڪنهن بہ ڇڪلي ۾ اڳ ويل نہ هئس،

پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳس،

ڪنهن طرح سان- مونکي اهو يقين ٿيڻ لڳو هو- تہ ماڻهن انسانيت ڪي جانور جي موت ماري، ناچو بازارين ۾ تنگي ڇڏيو آهي ۽ مان شايد ان جو تماشو ڏسڻ آيو آهيان-!

شايد خود کي اهڙن ماڻهن ۾ شمار ڪرڻ لڳو آهيان- جن انسانيت جي عظمت کي ٽڏا هٽي سندس وجود ۾ چُنا وجهي ڇڏيا آهن!

پنهنجي ضمير ڪان مطمئن نہ هئس،

انسانيت جي اگهاڙي جناري تي!

تمائش بيني ڪندڙ- تماشائن ۾ خود کي شريڪ سمجهڻ لڳس شايد پنهنجي انسانيت وڃائي چڪو هئس!

۽ هاڻ خيالن جا تڪڙا قدم ڊوڙائي، پنهنجي انسانيت ڳولڻ لڳس، تہ ان ڏينهن وارا خيال مونکي بندوق جي نڪاءُ جيئان لڳي- ياد آيا- ۽ منهنجو مغز ٺهڪڻ لڳو

ان ڏينهن وارا خيال،- جڏهن تنهنجي مرضي ۽ پسند مطابق صرف خاص دوستن جي گروپ ۾ مڪلي ڪان ڪينجهر تائين پڪنڪ ملهائڻ نڪتا هئاسين ۽ مڪلي تي تو ۽ مان- سيني دوستن ڪان الڳ نويڪلائي ۾ ويهي "مدرتريسا" جي شخصيت تي ڳالهايو هو- تڏهن بہ تو پنهنجي معمولي



www.sindhsalamat.com

دستور ۾ عادتي بيمار عمل موجب، منهنجن خيالن کي ڪائي اهميت ڪونه ڏني هئي!

تو ان وقت ننڍڙين ٻچڙين جي مدد سان- مڪليءَ جي خونريز ڌرتيءَ تي پنهنجو نالو پي لکيو ۽ پنهنجي نالي آسا جي ٻن آوازن مان اڃا صرف ”آ“ جو آواز مڪمل ڪيو هو- تو مون ڏانهن ڪا به توجهه ڪونه پي ڏني- تنهن هوندي به مون جڏهن مدر ٽريسا جي شخصيت کي ساراهيندي سندس ڪيل انسانيت تي احسانن ۽ انسانيت سان سندس محبت جو ذڪر ڇيڙيو- تڏهن ان وقت هڪ عام عورت جيئان، احسان فراموشيءَ سان تو ٻي ڍنگي ڳالهه ڪندي چيو ”هر احسان روپئي جي حيثيت ذريعي لاهي سگهجي ٿو“ تنهنجي اهڙي خيال ئي منهنجو ذهن ٻڙڪائي وڌو هو!

تو اها ڳالهه پنهنجي عقل، هستي ۽ حيثيت تي ناز ڪندي ڪئي هئي.

هونئن به ڪنهن عورت جي بهتر عمل ۽ سندس انسان دوست ڪارنامن تي جڏهن به مون چند لفظن جو خراج پي ڏنو- تڏهن تو ان جي بدلي پنهنجي ڪنهن هاڪاري راءِ يا حقيقت مڃڻ جي بجاءِ پنهنجي متضاد رويي سان- پنهنجي روپئي جي طاقت پي ڏيکاري.

اهڙي طرح پنهنجي بيوقوفي تي پاڻ مذاق به ڪندي هئين- ايتري تائين جو- اهڙي ڪا عظيم عورت- پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ جي هنج ۾ آرامي ڇو نه هجي- پر تو کي پوءِ به پنهنجي زناني دل ۾ حاسد پڻو جاڳي پوندو هو.

ان ڏينهن به، تو محبت کي روپئي جو ملهه ڏئي- پنهنجي انسانيت جو آپگهات ڪري- تو انسانيت تي هڪ بدنما داغ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي-

تنهنجن اهڙن مريض خيالن کي- مان پنهنجي ادبي ڪاوش ذريعي هڪ ڏوهي مزور جي حيثيت سان ڏوئيندو رهيس.

تنهنجي انسانيت!- جنهن جي عظمت تي ڪڏهن- ڪڏهن- ڪلر جهڙي حسد جي لٽ چڙهندي هئي ته مان Polish Man جيئان ڪيس چڱي طرح



www.sindhsalamat.com

چنبڊي ڦوڪي چمڪائيندو رهيس. توٽي جو منهنجي پنهنجي انسانيت اهڙي عمل سان ڪنهن لتاڙ جو شڪار بہ ٿيندي رهي. ۽ تو ڪڏهن محسوس بہ نہ ڪيو.

پنهنجي بي بها روپئي جي گهمنڊ ۽ غرور ۾. انسانيت کي تو شايد روپئي جهڙي ڪمين گاهہ تصور ڪيو هو.

محبت! جيڪا دل جي جهان ۾ سڀ ڪجهہ سيکاريندڙ ۽ زندگي جو هڪ نامڪمل سفر آهي. جنهن ڪيترائي. راهہ گذر مسافر منزل کان اڳ، رلائي بہ ڇڏيا تہ وڃائي بہ ڇڏيا. ۽ وصال ياد جي آس ۾ مِٽائي بہ ڇڏيا! تہ ملائي بہ ڇڏيا.

مان ان محبت جي راز ۽ حق تي مضبوطيءَ سان اصراري رهيس ۽ تون پنهنجي بدگماني سان. ان تي اعتراض ڪندي هيئن.

مان انسانيت کي معصوميت جا درجا ڏيندو هئس!

۽ تو حقارت جا مٿل لفظ ڳالهائيندي رهئين!

مون محبت ۾ اونداهين کي هميشہ پاراتا ڏنا،

۽ تون اونداهين ۾. مونکي پنهنجي جسم سان ويڙهي ونڻ جا وجهہ پيي ڳوليا.

مون عشق جي باب ۾، انسانيت جو درجو اول رکيو

عشق! جيڪو عقل جون اکيون انڌيون ڪري، وات سبي ٿو ڇڏي.

مغز ڳرو ۽ ڪن ڪڍي ٿو ڇڏي تو اهڙي عشق کي. صرف انساني خوبصورت جسم جو سودائي سمجهيو.

تون تہ انسانيت تصور ئي ان کي ڪندي هئين. جنهن جي شڪل ۽ شبيهہ تنهنجي نڪور نوٽن تي ڇپيل. توکي صاف نظر ايندي هئي.

تنهنجو بہ کهڙو ڏوهہ. روپيو طاقت بہ اهڙي رهيو آهي. جنهن جي ڇڪلي کان وٺي مڪي شريف تائين رسائي آهي. گناهہ کان وٺي توبهہ تائين. ۽ ڪفر کان وٺي ڪعبہ تاءِ سندس پهچ آهي. تہ پوءِ تنهنجو عقل ڪيئن نہ ابتال ٿيندو.

توکي تہ لفظ انسانيت کان ئي چڙ وٺندي هئي. سا بہ اهڙي وقت صرف. جڏهن



www.sindhsalamat.com

ٻين لاءِ اهڙا لفظ تون منهنجي زباني ٻڌندي هئين.
تڏهن توکي وڏيڪ چيڙائڻ خاطر. مان لفظ انسانيت کي وڏيڪ لفظن جي بلندي ڏيئڻ لاءِ. ٻيڙي سڙهه جيئان. پنهنجا خيال تنهنجي مغز تي رکي. پنهنجي زبان سان سڀي ساڃاڪندو هئس.
تون پنهنجي اڻڃاڻائي ۽ ناداني سبب. انسانيت جي ترندڙ. ٻيڙيءَ کي ٽُن ڪري. وري هاڪاريو به هميشه اَوَتڙ ڏانهن جتي ڪئين غوراب غرق ٿين.
۽ مان هڪ خلاصيءَ جي حيثيت سان انسانيت جي ٻيڙي تاريندڙ غافل ۽ گهري ننڊ ستل ناکئي کي ونجهه مٿي ۾ هڻي پي بيدار ڪيو. ۽ ڪيس سکاڻ جي سنڀال ۽ سڙهه ساڃو ڪرڻ واريون نيڪ صلاحون ڏنيون.
۽ تون منهنجي اهڙي انسان دوست نظريي تي. هروقت ٺٺولي ڪندي هئين. تو ڪنهن رات ائين به چيو هو "فتاح! تون ڀنگ پياڪ موالي قوم ۽ آفيم خور اڌڙ انسان جي عظمت ۽ آزادي جي ڳالهه ڪيئن ٿو ڪرين؟ . جنهن کي طرز زندگي جي ڪا ساڃاهه نه آهي. انهن جي انسانيت ته. مٿيءَ جو ٿهيل ڍڳو آهي. تون ان کي گهڙي ناهي، رنگ روپ ڏئي، ان مان اوٽايون ڪڍي Clear ڪري. جڏهن اهڙي کين ساڃاهه ڏيندين. ته وري هو. ان جو ڪنهن مهل ڪنڌ ته ڪنهن مهل ٽنگ ٻانهه پڇيو وڃنا هوندا!. آخر تون ڪيترو انهن جي اهڙي انسانيت جي جوڙ توڙ ڪندين. نيٺ ته تون پنهنجي انسانيت به انهن جي نشي آور لٽن ۾ ڌوڙ ڪندين. جن کي ٺري(Kind of Country Wine) ۽ ٺڪر جي ڪونڊن ۾ پنهنجو ماٺيپو نظر آيو هجي. انهن کي انسان ۽ انسانيت جو نظر اچڻ تمام مشڪل آهي."
تو تاريخي حوالو ڏيندي وڏيڪ چيو هو "اسان انگريزن کان اڳ به سکن، سنتوشن جي غلاميءَ ۾ سندن پير پي ڌوتا. انگريزن کان پوءِ. اسان پيري، مريدي، واريون رت پياڪ جوئرون پنهنجو پاڻ کي چهٽائي ڇڏيون. ۽ هاڻ به اڃان تائين سرڪاري، رئيسن، ۽ ملن، مشيرن جون اوطاقون اوتارا پيا


www.sindhsalamat.com

ٻوهاريون- آزادگذهہ جو سوار بڻجي- پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي نشن جي دونهن ۾ اڏائيندڙن کي- تون کهڙي انسانيت جا سنج ڏئي هسوار ڪندين؟- ۽ تاريخ کي ڪوڙ جي بوتل ۾ وجهي- شو ڪيس ۾ رکڻ تہ ڪو اسان جي امير امراءُ کان ئي سکي!."

تنهنجو اهو چوڻ تہ حقيقتہ حق بجانب هو- پر عمل جي لحاظ کان تون بہ انهن ماڻهن مان هئين- جيڪي صرف سٺيون صلاحون ڏيندڙ ۽ ملوڪ مشورن جا ماهر هوندا آهن- باقي عمل سندن ذهن ۾ خارش ۽ سوچن ۾ سُستي ٿو پيدا ڪري- ايتري تائين جو عمل سندن منهن اچي لڳندو آهي- تہ هو گدڙ جيئان پٺ ڏئي ڀڄڻ جون راهون ٿا ڳولين- پوءِ جڏهن ڀڄڻ جي ڪائي واٽ کين نظر نٿي اچي تڏهن نيون، نيون صلاحون ڏيڻ شروع ڪندا آهن- پر اهڙي صلاح هرگز نہ ڏيندا آهن- تہ صلاح بزدلي ۽ عمل بهادري آهي- بلڪل اهڙي طرح سان- تنهنجن انهن نيڪ صلاحن جي ڊوڙ بہ صرف مون تائين محدود رهي.

تنهنجي انهيءَ نقادڪشيءَ کي مان تنهنجي Lip service کان وڌيڪ ڀيو ڪجهہ چئي نہ پئي سگهيس- ۽ اهڙي قسم جون صلاحون ڏيندڙ ليڪڪ- لفظن جا پيڪاري ۽ خيالن جا سٺا پينو ثابت ٿي سگهن ٿا- پر عمل کين خدا ڪارڻ بہ ڏنو وڃي- تہ سندن ساهہ ڦقڙن مان نڪري- في الحال ڊگهي ننڊ سمهي پوندو. تو تہ مونکي اهو ايترو سڀ ڪجهہ ائين چئي ڏيندين هئين- ۽ اهڙي طرح سان چوندي هئين جهڙو ڪر مان سنڌ جو ڀيو "جي ايم سيد" هئس.

توکي سچ ڳالهائڻ لاءِ جڏهن بہ وقت ۽ وجهہ مليو تہ انسانيت جي ارڏائي- جوارين جون پيدا ڪيل گند غلاظتون مونکي گوبر سمجهي، سڀ مونتي اڇلي ڦٽو ڪندي هئين- ۽ مان تنهنجي هر اهڙي گار، گفتي ٻڌڻ کانپوءِ- توکي پنهنجو ڪو نہ ڪو شعر ٻڌائي چڙيندو هئس. جيڪو رويو توکي وڻندو نہ هو- پنهنجي اڻپوري سمجهہ ۽ اروڳ معصوم نظر سان وقت ۽ حالات تي پنهنجو خيال ڊوڙائي- ادب کي هڪ بي معنيٰ شيءَ ۽ زوال پذيريءَ جا درجا ۽ رايا بہ


www.sindhsalamat.com

ڏيندي هئين. محض ان ڪري جو. توکي چوندو هئس ته ”ادب منهنجو قرآن آهي.“
تنهنجو مون سان رهڻ ايتري حد تائين هو. جو هڪ ڀيرو مون چيو هو ”قرآن ۾ 14 سجدا آهن.“
تڏهن به تون مخالفت ۾ چوندي هئين ته ”سجدو ته هڪ ئي ڪافي آهي.“
توڙي جو دل جي سجدي ۾، عشق واري نماز ڪي تو سمجهيو نه هو. تو ته ڪڏهن به وقت ڪيڊي. ادبي جي مزاجي حيثيت جو مطالعو ئي نه ڪيو هو.
تنهنجي محبت جي ديوانگي ۾. منهنجي بيوس زبان مان جيڪي شاعراڻا لفظ نڪرندا هئا. تون بس انهن کي ئي ادب جي سماجي ڪارج مان موڪلاڻيءَ جا دليل، ثبوت ۽ مثال ڏيندين هئين.
تو پنهنجي شخصي حيثيت جي آڏو. جيئن مونکي هڪ زنده لاش تصور ڪندي هئين. تئين ادب جي حيثيت به توکي اهڙي شايد معلوم ٿيندي هئي.
تنهنجي ڪنهن به اهڙي حقيقت پسند فيصلي جو انڪاري ته نه هئس. انڪاري هئس ته تنهنجي ذاتي عقل جو. تنهنجي سمجهه جو. تنهنجي شعور ۽ فهم جو.
بنيادي طرح ته. تنهنجو ادب سان نه اتفاق هو. نه انحراف ۽ نه ڪوئي اختلاف به هو. جو ڪجهه به هو. سو توکي منهنجي ذات. جسماني طرح هميشه لاءِ واپرائڻ جو اُلڪو هو.
افسوس! هڪ خصيص خواهش. توکي پنهنجي ذهن ۾ ئي وڃائي ۽ وچڙائي وڌو هو.
اهڙي پڪ ان وقت وڌيڪ ٿي پوندي هئم. جڏهن منهنجي ڪنهن Girl Friend کي مون ساڻ ملندي ۽ کلي ڳالهائيندي تو ڏٺو. ته انهن لاءِ تون هڪدم. اهڙو سرٽيفڪيٽ ڪيڍي فتوا ڏيندي هئين ته ”اهي ڪامريڊياڻيون هونديون؟“


www.sindhsalamat.com

تنهنجي هر اهڙي تعصب پرست لهجي جو زهر هضم ڪندو رهيس. هڪ مشرقي سنڌي عورت جي حيثيت سان مونکي تون جنهن به پيڙاءُ، ٽڪ ۽ نراسائي ۾ وجهڻ چاهيو- ته ان کي پنهنجو اڻ ڏٺو مقدر سمجهي- مان قبول ڪندو رهيس- جنهن جي شاهدي ڪائنات جون ماڪيل اُماس راتيون ۽ ڪڙندڙ ستارا ساکي آهن ۽ رهندا.

منهنجي من منڊلي- آڪاش جي پولار ۾ ۽ دل جي ڌرتي سندي سامونڊي پاتار ۾- پساهه کڻندڙ پوري ڪائنات شاهد رهندي ته- تون تيسيتائين منهنجي دل جي سفر سان همسفر آهين- جيسيتائين فضا ۾ ڊوڙندڙ اڇا ڪڪر ۽ ستارن ۾ چمڪ قائم آهي.

تو جڏهن کان منهنجي زندگيءَ کي ويجهو قدم رکيو تڏهن کان منهنجي من جي نراسائي،

چيٽي مُند واري چنڊ جي چانڊاڻ جيئان جرڪي پئي- ۽ من مندر جا گهنڊ، گهڙيال خود بخود وڄي پيا.

منهنجي زندگيءَ جي هر زنده پهلوءَ ۾ ۽ هر حاشيه تي- تون ۽ تنهنجو Actor ڪردار رهيو- جنهن هر معاملي، مسئلي تي پنهنجي مرضي مطابق هميشه Diplomatic زبان ڳالهائي- جنهن جي تيز فهم رويي مونکي ستائي رکيو هو- اهو مون جاڳندي ڪوئي خواب به ته، نه پي ڏٺو- پر ڪا اهڙي حقيقت هئي- جنهن منهنجي جاڳندي ذهن کي خواب ڏيکاريا- پر تو وٽ اهڙي ڪنهن حقيقت جي ڪا اهميت نه هئي- ته ان جو سبب اهو ئي هو- جو تون پنهنجو پاڻ کان به شايد غير واقف هئين. تو منهنجي پياسي روح کي- سانوڻي رُت ۾- هڪ ڪڪر کان ٻئي ڪڪر تائين- رُلي ڊوڙندي نه ڏٺو هو- جنهن تنهنجو نالو ستارن ۾ لکي ڇڏيو هو پر تو هڪ ستاري کان- ٻئي ستاري تائين- ۽ ٻئي ستاري کان ٽئين ستاري تائين ويندڙ- منهنجي روحاني علم جو- پاڇو به نه ڏٺو هو.



www.sindhsalamat.com

خبر ناهي تہ ڇو؟ ۽ الائي ڪهڙي نيت سان تو خود کي ڪنهن وهمي ۽ غير معتبر وشواس جي وِسوِسي ۾ وانجهيل رکيو هو- جنهن سان سمجهوتو نہ هئڻ سبب- تو خود کي اهڙي آڳ ۾ بہ جلائي رکيو هو- جنهن ۾ صرف انساني ذهن جلندا رهن ٿا- پر مرن هرگز نٿا.

محبت ۾ عشق جي اها باهہ- جيڪا انساني رت کي جوش ڏئي- ماڻهو جو مغز سڪائي ٿو ڇڏي- تو اهڙي باهہ ۾ وري مونکي اڪيلو ڇڏيو ڪيو هو- خير دنيا تہ خالي نہ هئي- پر هر ڪو پنهنجي حد حصي ۾ پيو لوڙهي.

پنهنجي سنجيده رويي کي بہ- تو اهڙي ڪنهن رُلائيندڙ ورم( ♠[1]) تي چاڙهي ڇڏيو هو- جنهن چولي کي هاڻ تنهنجو پنهنجو هٿ بہ نہ پيو پهتو! تنهنجي محبت کي- پنهنجي مٿي جو شهنشاهي تاج بڻائي- زندگي اهڙي شاهڪاري ۾ نہ پيو رکڻ گهريم.

ڪوڙ نڳي، مختصر ۽ هٺرادو اتڪلن سان جڙيل هن جهان جون شهنشاهتون فنا ۽ بقا جون جنگيون تہ وڙهي ناهن سگهيو محبت جي جنگ ۾ اسان مان سچو ڪير هو؟

اهڙي سوال جو جواب اجان وقت بہ مڪمل ڪري نہ سگهيو آهي. باقي سچائي؟ سا تہ ڪربلا ۾ ڪني وئي.

۽ پنهنجي پيٽ سان سچائي رکڻ تہ هر جاندار جي مجبوري آهي پنهنجي پيٽ سان وفا ڪائي وڏي ڳالهہ بہ ناهي تہ ننڍي بہ ناهي.

پر صرف رڳو پنهنجي پيٽ سان سچو رهندڙ ماڻهو- پنهنجي عمر ۾ عقل جو سڄڻ نہ هوندو آهي.

ليڪن تو جيئان محبت ۾ نفرت پري دشمني- سچائي جي کوٽ سبب ٿيندي آهي-

---

[1] ♠سوزش- ساموندي وڏي اوچائي واري چولي



www.sindhsalamat.com

۽ مون تنهنجي محبت جي سهاري ـ صرف ايتري سچائي سکي ورتي ـ جو پاڻ مرڻ ۽ جيئڻ جا سبق پڙهي پي ورتم ـ جنهن سبب ئي تنهنجي نظرن جي صليب تي ٽنگيل هئس ۽ تون منهنجي بي جان سرير کي لفظن جا پٿر هڻندي هئين.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

هر مند کان محروم رکي. آپگهات ڪري، پارٽ مارٽ جا ته ڪيترائي Idealism ڏسيا هيئي.

تنهنجي اهڙي ڪنهن مشوري وقت. مان صرف پنهنجي حصي واري ڪل ڪلندو هئس. ۽ تون پنهنجي ڪنهن مسڪراهٽ واري. ياڳي پائيواري به نه ڏيکاريندو هيئين. شايد مونکي اهڙو ڪو بي ايمان سمجهندي هئين ته ڪٿي مان تنهنجي محبت تي واقعي قبضو نه ڪري ويهان.

پر محبت کي به تو شايد. ڪراچي جهڙي شهر ۾. اهڙو ڪو ويران ۽ خالي پيل پلاٽ سمجهيو هو. جنهن تي رُلي ايندڙ قومن جا فرد پنهنجا قبضا ڄمائيندا آهن.

پر ائين هرگز نه هو. ائين هو ته.

مان تنهنجي محبت جو وارث ته ڇا. پر صرف رڳو تنهجني نالي پٺيان. پنهنجو نالو لکڻ به منهنجي حق ۾ شايد نه هو. ها! البت تنهنجي محبت جن راهن، رستن تي مونکي ديوانن جيئان ڊوڙائي رهي هئي. ان لاءِ مان ان جو هميشه احسان مند رهيس. ۽ اهڙي لطافت ۾. پاٽي جي اهڙي چشمي جهڙو ٻڄي پيو هئس. جيڪو جبلن جي مٿاهين تان نڪرندي. پنهنجي مڌر سرن جون روح رلائيندڙ راڳڻيون ڇيڙيندو آهي. تنهنجو نانءُ به. منهنجي من ۾ هڪ سمپورڻ راڳڻي ٻڄي پيو. اهو وقت نه هو جنهن ۾ تنهجي نانءُ جي راڳڻي نه آلاپيم.!

ننڊ جي هر وقت به. تنهنجي اسم جو ورد منهنجي لاءِ جهڙو. فرض ٿيل هو! سياري جون سرد ڏکيون راتيون به، تنهنجي اکين جي گهيري ۾ گذاريندو هئس.

هڪ ڀيري ڊسمبر مهيني جي پڳهار. جيڪا ڪنهن غيرواجبي سبب بالا



www.sindhsalamat.com

آفيسر وٽ امانت طور روڪي رکيل هئي. سا آفيس مان ڪڍڻ پي ويس تہ رستي ۾ تو مونکي پنهنجي جيپ ۾ ڪنيو هو جيپ ۾ ويهي توکي Enjoy ڪندي پنهنجو گرم جاڪيٽ بدن تان لاهڻ لڳو هئس. تہ تو پڇيو هو. ”اڄ تہ سيءُ آهي ڏاڍو... نہ؟“

”هوندو!“ سيءَ تہ هو. پر مڙئي توکي ورچائڻ خاطر اهو انداز اپنايو هئم. تڏهن عجب ڪائيندي پڇيو هيئي.

”ڇو توکي سيءُ ڪو نہ ٿو لڳي ڇا؟“

۽ مون چيو هو ”تنهنجن جوشيلن نيڻن ۾ ڏسڻ ڪانپوءِ سيءُ تہ ڇا. پر منهنجي جسم ۽ جان ۾ جهڙو ڪر Heatr ڀري پيو آهي.“

منهنجو جواب ٻڌندي توکان ڪل نڪري وئي. تو کلي ڏنو هو ۽ منهنجو ارادو بہ توکي کلائڻ جو هو. ۽ اهڙو ارادو. مون تنهنجي موجودگي ۾ هميشہ رکيو. ان لاءِ تہ جڏهن تون کلندي هئين. تڏهن سيءُ واءَ تہ ڇا. پر ماڻهو مهل ۽ وقت موسمون بہ وسري ويندیون هئم.

تنهنجي ان سدا کلندڙ چندرڪا ڇهري ۾ تنهنجا ڪٽورا نيڻ مون سان عجيب حرڪتون ڪري. اشارن, اشارن ۾ نراليون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا هئا. سي بہ شايد توکان چوري!

جيئن اشارن جون ڳالهيون. اکين ڪان ٻڌندڙ دانا بہ ديوانا بڻجن سي اشارن جون ڳالهيون. صرف دلير ۽ صحتمند ذهن عاشق. سمجهندا آهن. باقي سڏڙيا تہ چٽ خاني جو چرچو بڻجو پون جيئن اکيون اکين سان ڳالهائن. تہ محبت جو قلعو مضبوط ٿيو پوي تئين منهنجي دل اشارن جي ٻولي ٻڌڻ لڳندي هئي. تہ منهنجا ارادا مضبوط ٿي پوندا هئا. ۽ هَوَس ٿي پوندي هئم تہ محبت ۾ وقت وڃائڻ جي بجاءِ. اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري وٺان. جيڪو خانہ ڪعبہ ۾ روئندي بہ حاصل نہ ٿيندو آهي!

محبت جي هڪ گهڙيءَ ۾. جو ڪجهہ سکي وٺبو آهي. سو نادانن کي سڄي



www.sindhsalamat.com

عمر ۾ حاصل نہ ٿيندو آهي۔

منهنجي ذاتي نظر ۾۔ محبت ادب ۽ ادب محبت رهيو۔ بي ادب ۽ بغير محبت جي۔ ڪوئي اگر پنهنجو عمل اختيار ڪري ٿو۔ تنهن ڪي سندن خدا تہ ڇا۔ پر پنهنجي ماءُ بہ هدايت نٿي ڪري۔ ڪهڙو فائدو اهڙي عمل مان۔ جنهن جي بهتر نتيجي لاءِ دعائون گهريون وينديون هجن! بلڪل ائين جيئن منزل جو اڪڙيل مسافر۔ پنهنجي ئي هم شڪل پاڇي هيٺ ڪجهہ گهڙيون ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي!

مونکي ادب جي سيپاري مان تنهنجي محبت جون آيتون سمجهي ۾ اچي چڪيون هيون. زندگي جو وقت وڏيڪ ضايع ڪرڻ جي بجاءِ اهڙي محبت جي الهام تي مون عمل ڪرڻ پي چاهيو۔

مون چاهيو پي۔ محبت جي دين ۾ اهڙو ڪو گناهہ ڪريان جنهن مان ثواب جنم وٺي؟

۽ اهڙو ثواب ڪٿي وٺان۔ جو منهنجي مٽي پڇاڻا۔ شيطان منهنجي ميت ڪي سجدو ڪري۔ پنهنجي رنل خدا ڪي پرڇائي وجهي ۽ اهڙو عمل مون صرف شيطان جي خوشي خاطر نہ پي ڪرڻ چاهيو۔ پر تنهنجي هر بي عمل اختيار مان۔ ڪڏهن ڪڏهن، ائين بہ محسوس پيو ٿيندو هو تہ۔ تو منهنجي محبت جي نيڪ۔ جذبي ڪي بيخود بنائي۔ ڪانئس اهڙو گناهہ ڪرائڻ پي چاهيو۔ جهڙو گناهہ پنهنجي نيڪ اولاد جي پئدائش خاطر۔ ماڻهو پنهنجي عياشي جي ڪري۔ ڪندا آهن!

منهنجي محبت ڪي تو بہ شايد اهڙو ذائقو ڏئي، سندس روح قبض ڪرڻ پي چاهيو۔ جيڪا تنهنجي من جي پاتال ۾ پيهي ويل هئي. تو مونکي تہ، سوچن جي خوني ٽياس تي ٽنگي ڇڏيو هو. پر پنهنجي خلوص ۽ محبت ڪي ابہ اهڙو ئي ذائقو ڏيئڻ پي چاهيئي۔ جيڪو نہ تنهنجي، منهنجي ۽ نہ محبت جي خالق جي وس ٿي پي سگهيو.



www.sindhsalamat.com

منهنجي تہ وس بہ ڇا هو؟ جو تنهنجي ئي ڪنهن راضپي موجب توسان محبت ڪرڻ ڇڏي ڏيان ها!

محبت جهڙي انعام کي مون تہ هٿان وڃڻ نہ پي ڏنو. مون خود کي ڦٽائڻ نہ پي چاهيو ڇو تہ ماڻهو هڪ دفعو صرف ڦٽائي تہ پوءِ ڦٽي هميشہ لاءِ ڪيس پاڻهي ڳولهي پئي لهندي!

اهڙو ايمان. جيڪو ماڻهو کي پنهنجي سچائي تي مضبوط رکندو آهي. ان کي مون پنهنجي دل ۽ دماغ ٻنهي سان ڇڳي طرح پڪڙي جهليو هو.

مان تہ تنهنجي خود ڇوڙ سان بہ توکي شايد ڇڏي نہ سگهان ها! ڇو تہ مونکي اهڙو عقيدو ٿي چڪو هو تہ. محبت قضا ڪري مان اهڙي گناهہ جو ڪفارو ادا نٿو ڪري سگهان ۽ نہ ڪري سگهندس.

مان اهو سمجهان پيو تہ اهڙي غلطي جو ڪفارو رڳو روج راڙو ۽ حشر، پٽڪو آهي. جنهن سان زندگيءَ جو هڪ پورو جنم بہ نہ نيائي سگهي ٿو ۽ نہ بخشش وٺي سگهي ٿو.

مونکي اها خبر نہ هئي، تہ تنهنجي محبت جي اجهي ۾ انصاف هيٺ. انسانيت جي عظمت لاءِ. اجان الائي ڪيترو وقت جيئڻو هو. جنهن جيئاپي ۾ ڪنهن بہ تڪڙ ۽ جنوني فيصلي جي گنجائش ناهي هوندي.

مان ڄاڻا پيو تہ. ڦٽائڻ، ڊاهڻ وارا هزارين هوندا آهن. پر ناهڻ، نيائڻ جهڙو تہ ڪعبي جي طواف ڪندڙن مان بہ مشڪل ملندو زندگي ۾ مون سان جنهن بہ نڀايو. تہ پنهنجو هوندي بہ سو نياهہ مونکي اجنبي پي محسوس ٿيو آهي. بلڪل ڪنهن مرندڙ شيءَ جي موت جيئان. سالن تائين بہ جي سندس نيائڻ جو عمل هيو. تہ نيائي وڃڻ کانپوءِ. مون سندس ساٿ صرف هڪ پل، گهڙي جو محسوس ڪيو. ائين لڳندو هو تہ اها بہ ڪائي الهام هئي. جيڪا مونکي پنهنجي واٽ ڏسي. وري ڪنهن ٻئي مون جهڙي راهہ رُلندي ڏانهن هلي پي وئي!.



www.sindhsalamat.com

اهو سڀ ڪجهه توکي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ منهنجي وس ۾ نه هو. پوءِ به جيڪو ڪجهه ته توکي محبت ڪڏهن سمجهه ۾ ته آئي به ڪانه. تو تڏهن پڇيو ته، "فتاح! محبت کي ڇو نٿو سمجهي سگهجي؟".

ڪهڙو جواب ڏيان ها توکي، جڏهن تون خود منهنجي محبت هيئن صرف پنهنجي تسلي بخش لفظن جو ڪارڊ استعمال ڪندي. مون چيو هو "آسا!. اسان محبت جي زندان ۾ ڪڙهي فولاد ٿي ويا آهيون. پر شايد مقدر جي اڻ ڏٺي عبارت اڳيان اجان اڻپڙهيا آهيون. پوءِ به مونکي انهن مان ئي سمجهه. جن جا جذبا سدائين جوان هوندا آهن، جيڪي محبت جي جيل ۾. هر سزا کي. پنهنجي محروميءَ کان بچڻ جو. ڳجهو راز تصور ڪندا آهن."

۽ وري خود ساراهڻ لاءِ بيوقوفي ڪندي مون وڏيڪ چيو هو. مان انهن ماڻهن مان ناهيان آسا ۽ نه انهن ماڻهن مان ڪڏهن سمجهڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. جن جا ذهن هڪ هنڌ بيهجي ويندا آهن ۽ هو خود کي گهٽو اڳتي وٺي وڃي نه سگهندا آهن ۽ سندن خيال منجمند ٿي ويندا آهن."

محبوبائن کي بيوقوف بنائي سندن جواني مان لطف وٺڻ لاءِ ته. هر عاشق اهڙا ئي خليفا لفظ ڳالهائيندو آهي. جيئن مان پنهنجي طرف کان. توکي پنهنجي تسلي ڏياريندو رهيس ۽ اهو. سڀ ڪجهه بس مون تائين رهجي ويو.

هونئن به تون منهنجي لاءِ. هر وقت، منهنجو هڪ نئون خيال هوندي هيئينءِ. نون خيالن جي ڪوشش ۾. توکان پري وڃي. ڪڏهن به رُليو ۽ ڀٽڪيو نه هئس. خيالن جي ازغيب جهان ۾ اهڙي ضرورت محسوس به نه ٿيندي هئم. ضرورت به ڪهڙي؟ . جو حقيقت کان منهن موڙي. فضا ۾ اڏامندڙ لغڙباز خيالن پٺيان. خود کي اڏائيندو رهان ها.

پنهنجن خيالن کي سوچ جا مصنوعي پک هٽي اڏايان به تڏهن ها. جڏهن منهنجي اکين جا سپنا لاوارث هجن ها، آڏين جو اوناڙ ڪندڙ. پنهنجن اهڙن ڪتن خيالن کي مون قابو ٻڌي جهليو هو. جن جي ڪُمهلي اوناڙسان اڏ مئل


www.sindhsalamat.com

ماڻهو جو ذهن ـ ڪنهن قبرستان جهڙو ـ سنسان منظر چٽيندو آهي!

منهنجو خوف، حراس ۾ پئو ـ مون ڪان اڳ مري ويا ـ! مان محبت ۾ بي ايمان ٿيس تہ ـ مونکي قبول آهي ـ پر بزدليءَ جي راڄ مان نيڪالي ملي! اهو محبت جو مون تي احسان ٿيو ـ پوءِ بہ تون شايد منهنجي هر پياري خواهش کي ـ ڪنهن پوڙهي طوائف جي دلالي تصور ڪندي هيئن۾.

تڏهن بہ تنهنجي هر ادا ۾ دلربائي کي ـ ڏيان ڏئي پنهنجي خون سان لکيم، صرف ان ڪري ـ جو مون تنهنجي محبت جي رهبري سان ـ تنهنجن امن پسند رخسارن جي خوشبوءِ ذريعي ـ انساني جسمن مان اٿندڙ بارود جي دونهين کي ـ پسم ڪرڻ پئي چاهيو ـ

انسان جي نڪ تي Fit ڪيل بندوق جو Target اتان هٽائي اهڙو Fire ڪنهن شيطان تي بيگناه هلائڻ کان بہ مون بغاوت پئي ڪئي هئي.

۾ اهڙي شڪاري تو پڇيءَ جي انڌين اکين کي ـ پنهنجي قلم جي مس سان ڌوئي ـ سندس نابين نظر کي نور ڏيئڻ پئي چاهيم.

ڏند ڪرٽي تحريري مهم جوئي ڪندڙ جي ـ هميشہ مخالفت ڪندو رهيس!

ديس ۾ ڌرتيءَ لاءِ ـ شرمناڪ خواب ڏسڻ وارن کي ـ مون بخشش ڏئي ڪڏهن پئي قبوليو؟

مرڻ وارن جو مان خدا تہ نہ هئس ـ جو ڪين مرڻ نہ ڏيا ها ـ زندگي هئي تہ ـ مرڻ وارا مون جيئان بہ مرندا رهيا ـ پر مونکي انهن ميتن ۾ محرومن لاءِ صرف اها خواهش هئي تہ ـ مرڻ مهل سندن اکين واري ڪيمرا ۾ محبت ۾ سچائي جهڙي رنگين تصوير تہ ضرور هجي!

صرف پنج ڏهہ ميٽر ـ ڪفن واري ڪپڙي جي پوشاڪ پهري دفن ٿيڻ ـ ڪهڙي ديس ۾ دنيا جو ماڻهپو چئجي؟ ۾ اهڙي ڪنجوس موت مرڻ واري خوف جو اثر ـ زنده ۾ باضمير ذهنن تي وجهڻ ـ صرف ڪنهن اڻ گهڙيءَ ڏاڙهي لاءِ وڏو ڪو نيڪيءَ وارو ڪم چيو ويندو هوندو!



www.sindhsalamat.com

موت اگر ڪنهن کي نٿو معاف ڪري. تہ مون سميت موت ڏين ڏرم کي بہ هضم ڪري ويندو. جنهن ڪيس ماڻهو جي مغز وارو گوشت کائڻ سيکاريو آهي.
مان تہ ڪنهن ڪيف ۾ اهڙيون شرعي آيتون بہ وساري وينس. جن جي سمجهڻ سان. احساس گناهہ جو تصور ايندو هجي!
اونداهين جي پاپي راڄ مان نيڪالي وٺي. تنهنجي روشن دنيا جو پتنگ بڻجي پيو هئس.
من جي اوطاق ۾. ٻري ويل پريم جو ڏيئو. هاڻ ڪنهن واچوڙي تہ ڇا. پر ڪنهن طوفان جي مند ۾ بہ وسامجي نہ پي سگهيو!
محبت جي ڪاري برسات ۾. پنهنجن قدمن جو رستو مونکي صاف پي نظر آيو.
ليڪن منهنجي ذهن جي ڇُرپُر جو مدار. تنهنجي پنبڻين جي پيماني ۾ اٽڪيل هو! سوان ڪري جو مان مقصد کان وڌيڪ احترام. حقيقت جو ڪيو.
تنهنجي عورتاڻي دنيا ۾ قدم رکي. تنهنجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي اندر جي اکين سان ڏسڻ کانپوءِ. عورت جي نگريءَ جو جادوئي طلسم مون کان پاڻ لڪائي نہ سگهيو!
مون کي سندس طلسم. ڪو بہ اجايو ۽ اياڳو محسوس نہ ٿيو. هر هڪ ناٽڪ جي خوبصورتي. هر ٻئي ٽوٽي سان لاڳاپيل نظر آئي. سندس تسلسل جو سلسلو مونکي بيحد مضبوط نظر آيو.
تو هڪڙي عورت مان. اهڙا هزارين مجاهد مونکي نظر آيا. جيڪي خود تي پاڻ جي قدرت رکندا آهن! ۽ سماج ۾ اهڙي فريبي نصاب جي مڪمل ڄاڻ رکندا آهن. جنهن جي درس ۽ تدريس سان. قومن ۽ انسانن کي. غلامي ڏانهن وٺي ٿو وڃجي!


www.sindhsalamat.com

مون تنهنجي عورتاڻي روپ مان- مريم بہ ڏٺي- تہ عيسيٰ بہ ڏٺو- مون تو مان بلال بہ ڏٺو- تہ هوشو ۽ شاه عنايت بہ ڏٺو

منصور، سقراط

ماڻڪ ۽ ساحر،

علامہ آء آء قاضي،

همنگوي ۽ مايا ڪوفسڪي بہ ڏٺو

تہ راڻو مومل- سهڻي ميهار

ليليٰ، مجنون ۽ نوري، ڄام،

عمر مارئي، سسئي ۽ پنهون بہ ڏٺو- تہ

سچل، سامي، رومي ۽ شاهہ لطيف ڀٽائي بہ ڏٺو- تہ حيدر دريا بہ ڏٺو-

تومان ڇا نہ ڏٺم؟

سو شايد ڪجهہ بہ نہ هو!

اگر ڪجهہ هو- تہ سا برائي هئي- جيڪا تنهنجي وجود جو ضد!

دنيا ۾ جو ڪجهہ منهنجي نظر ۾ آيو- سو سڀوئي تو ۾! ۽ سو- تو منجهان ئي ڏٺو هئم.

مونکي ائين معلوم ٿيو- تہ برائي جو جنم عورت جي وجود ڪانپوءِ ٿيو-

ان ڪري جو- مون ائين ڏٺو تہ- Female جو جنم Male کان اڳ جو آهي-

اهو منهنجي پنهنجي نظر جو نتيجو آهي- ان سان تنهنجو اختلاف ٿي پي سگهيو.

جڏهن بہ مون غور ۽ فڪر سان توکي ڏٺو- تہ عورت هڪ حقيقت نظر آئي-

۽ سندس وجود مان جنم وٺندڙ مرد- مون کي برائي جو ابو معلوم ٿيو!

عورت! لفظ تمام سندس شرم گاهہ جهڙو!

پوءِ ان کي جنهن جنسي مطلب جي نظر سان ڏٺو- تنهن هميشہ غلام بار وٺائنس اپايا- ۽



www.sindhsalamat.com

جنهن مقصد ۽ حقيقت جي نظر سان ڪيس ڏٺو۔ تہ زندگي جو انقلاب ۽ آزادي ان وٽ پاڻ هلي آئي۔ ۽ سندس قدمن هيٺ آرام ڪيائين!

منهنجون اهي ئي سوچون هيون۔!

جيڪي توکي خوش رکڻ ۽ ڪلائڻ جي بجاءِ۔ رڳو مونکي ستائيندڙيون رهيون!



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

جڏهن توکي پهرين ڇمي ڏني هئم- طبيعت ۾ انقلاب تڏهن کان اچي چڪو هو- ان ڏينهن کان پوءِ- محبت جي جوش ۽ جلال ۾- ٻيو ڪجهه به نظر نه پيو اچيم! توکي وسارڻ چاهيم ته- خود کي وساري ويٺس!

محبت واري جنگي ميدان جو- باغي ٿيڻ چاهيم- ته تنهجني فاتح حسن جي هٿيارن ۽ تنهجي پُر جوش نگاهن سان محبت واري قوت- مونکي تنهنجي قدم بوسيءَ تي- مجبور ڪري وڌو هو-

مون تي عجب ڪائيندي پڇيو هيئ "فتاح! هڪڙي ڳالهه پڇان؟" "سچ ٻڌائيندين!؟"

"چو آسا، ڪڏهن ڪوڙ به، توسان ڳالهاءِ ويو آهيان ڇا؟

کلي پڇيو هئم.

"نه مونکي ته- ياد نئو اچي!" ڪجهه سوچيندي چيو هيئ- تڏهن مون چيو هو "پوءِ ڪجهه پڇڻ کان پهريائين- مونکي اعتماد ۾ ڇو پئي وٺين... ته؟"

"دراصل هڪ ذاتي سوال پڇڻ چاهيم تڏهن"- توکي اهڙا ذات، پات وارا سوال ذهن ۾ ڇو پيا جاڳن- چئو تون ڇا ٿي پڇڻ چاهين؟"

تو پڇيو هو ته "ڀلا تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي- ٻڌائيندين!؟"

تڏهن مون توکي چيو هو "آسا! مونکي مسجد ۾- خدا کان وڌيڪ- وضو کي اهميت ڏيڻ وارا نظر آيا ۽ ميخاني ۾ نيت کي اهميت ڏيڻ معلوم ٿيو- ۽ مندر ۾ انسان کي خدا بڻيل ۽ ڪليسا ۾ عيسيٰ جي خدائي جو انتظار ڏٺم- تون ٻڌائي سگهندئين- منهنجو مذهب ڪهڙو ٿيو؟"

تون خاموش ٿي وئي هئين- شايد مونکي ڪنهن نه ڪم جو سمجهيو هيئي- مون ته پنهنجي دين ڌرم واري علم ذريعي آسماني علم به- هيٺ لاهي- ڌرتي وارن جي سيني ۾- سچائي سان چارج ڪرڻ پي چاهيو- ۽ قبر جو علم آسمان



www.sindhsalamat.com

وارن کي ڏئي- ڪين بيوقوف ڪرڻ پيي چاهيم- پر شايد سي ڏرتي وارن ڪان وڏيڪ بيوقوف نہ هئا.

مون تہ روح ٻڌجي- تنهنجي مادي ذهن ۾ رهڻ پيي چاهيو پر سندس وجود پنهنجي روح ڪان بہ اڻجاڻ هو.

منهنجي ذهن- تنهنجي ڪائناتي زندگي ڪان پري وڃڻ نہ پئي چاهيو- ۽ تو مونڪان منهنجا مذهب پي پڇيا!

منهنجي ذهن جي تخليق تہ, تنهنجي مزاجي حيثيت جي ادا هئي- جڏهن ۽ جنهن وقت بہ پنهنجي ذهن ۾ جهاتي پائيندو هئس, تہ توکي ئي محسوس ڪندو هئس.

ڪئن چوان ها تہ- منهنجو مذهب- بہ تون ئي آهين, جنهن ۾ سوا لک نبين جو وجود قائم هو ۽ جنهن جي ذريعي پنهنجن خيالن جون صورتون ۽ ترڪيبون جوڙيندو هئس- جنهن جي ذريعي ئي- زندگي جي استقلال لاءِ اهڙو رتبو حاصل ڪرڻ پيي چاهيم. جيڪو صرف شاهہ انسانن کي حاصل ٿيندو آهي!

مون تہ شعور ڪان وجود ۽ وجود ڪان عمل ڏانهن وڃڻ پيي چاهيو- جنهن جي ڪشمڪش ۾ خام خيالن جا ڏڻ ڊوڙائي- مون حقيقت حاصل ڪرڻ پيي چاهي-

پر مون زنده لاش کي الاءِ ڪهڙي سوچ سان- تو ڪنهن مذهبي روح جو درجو ڏئي- مونکي مذهبن سان ڳنڍڻ پيي چاهيو.

مونکي شايد اهڙن ماڻهن مان بہ, سمجهي ويٺي هئين. جيڪي عورت سان صرف ٻن ڪلاڪن جو نڪاح وجهي- پنهنجي نسل کي مهاجر بنائي ڇڏيندا آهن, يا اهڙا ماڻهو جيڪي راهہ ويندڙ ماستراڻين کي اغوا ڪري نڪاح وجهي ڇڏيندا آهن ۽ پنهنجي معصوم اولاد کي سلوار بہ ڏئي نہ سگهندا آهن, پوءِ تنهنجي نيچر جي مزاجي حيثيت- منهنجي لاءِ اهڙو ئي درجو رکندي هئي- جيئن قرآن جي حافظ لاءِ- يسين جي سورت.



www.sindhsalamat.com

تنهنجي عزت ۽ پنهنجي محتاج ذلت تي- مون ڪڏهن به ڪنهن بدگمان خيال سان نه سوچيو هو- ۽ نه وري ان جو ڪڏهن پلجي به ڪو ڪاٿو لڳايو هئم.

تنهنجون عادتون- تنهنجون شرارتون،

تنهنجون رنجشون ۽ تنهنجا اصول- پنهنجي دل سان سبي ڇڏيا هئم.

پنهنجي ذات کي- تنهنجي ذات جي قدرت کان هميشه غريب رکيو هئيم.

منهنجي اهڙي سادگي کي- تو شايد پنهنجي خواهش مطابق استعمال ڪرڻ پي چاهيو ته جيئن تنهنجي هر ادا کي- پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ اعليٰ مقام ڏئي- مان پنهنجي بئي هر عملي فرض ۾- غفلت ۽ ڪوتاهيون ڪندو رهان!

حالانڪ تنهنجي پرستش ۾- مونکي پنهنجو سچو خدا به ڪڏهن ڪو اتفاق ياد پيو هوندو!

هڪ ڀيري جڏهن تو پنهنجي ڪنهن خوشيءَ ۾ ادبي دوستن جي مان ۾ پنهنجي گهر هڪ سٺي لنچ جو اهتمام ڪيو هو- تڏهن توسان گڏ ڪائيندي مون ڪاڏو تمام ٿورو ڪاڏو هو. ته تو مونکي پنهنجائپ جو احساس ڏياريندي آهستي چيو هو فتاح! تون اڃان به شايد حجاب ڪندو آهين؟"

تو ان ڏينهن ڪپڙا به اهي پهريا هئا، جيڪي منهنجي پسند جي هميشه نفسياتي ڪمزوري رهيا هئا.

پنهنجي جواب ۾ مون جڏهن ايمانداريءَ سان چيو هو- "اهري ته ڪائي ڳالهه ناهي- ها البت- جي اعتبار ڪرين ته- توکي جنهن به وقت ۽ جنهن موڊ ۾ به مان ڏسندو آهيان ته منهنجو هنيانءَ پر جي ويندو آهي ۽ ڪائڻ پيئڻ واري شيءَ تي دل گهٽو نه چوندي اٿم!"

منهنجي دل جي اهڙي مخلص خيال کي- تو منهنجي اضافي سوچ قرار ڏيندي چيو هو "ڀلا توکي اهڙو خيال به — آيو آهي فتاح؟" خاموش ٿي وئي هئين- سوال اڌ ۾ رهيل هو- تجسس ۾ وڏيڪ خاموش رهي تو منهنجي ڇاتي ۾ نظرون



www.sindhsalamat.com

وجهندي چيو هو ”تہ هڪ ڏينهن خدا جي اڳيان بہ پيش ٿيڻو آهي“.

پنهنجي خلقڻهار جي خيال ۾ ڪڏهن غير حاضر تہ نہ رهيو هئس. پر سو حاضري، ناضري وارو معاملو هڪ پاسي رکندي هڪدم چيو هئم. ”ها!“ جواب کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي فراخ حوصليءَ سان چيو تہ ”آسان وقت بہ جي تون مون سان گڏ هوندئين تہ مان خدا جي بہ صحيح سڃاڻپ ڪري سگهندس.....نہ تہ.... نہ تہ ڇا!؟“

”نہ تہ ٻي حالت ۾ ڪير مونکي بہ شايد صحيح طرح سمجهي نہ سگهي!“

”تنهنجي ذهنيت بہ ڪا ڏاڍي عجيب و غريب آهي فتاح!؟“

”ڇو؟“ مسڪرائيندي چيو هئم، ڇڻ هر حقيقت کان واقف هئس. جيئڻ، مرڻ ۽ مرڻ جيئڻ سڀ جهڙوڪا اهميت نہ رکندا هئا. تو منهنجي مسڪراهٽ کي توجہ ڏيندي چيو هو ”هي تون هر سوال جو جواب ٿڙي، ڪڙي ڪيئن ڏئي وٺندو آهين؟“

ڪيڏي خود کان اڻڄاڻ هيئن. تنهنجي محبت ۾ جيڪو مئراج ماڻيو هئم. تنهن جي بلنديءَ جا صحيفا مون تي نازل ٿي رهيا هئا. جن کان تون نا آشنا هيئن.

تنهنجي اکين جي اصرار ۾ منهنجي ذهن جا دروازا کليل هوندا هئا منهنجون اکيون سندن آيتون پڙهڻ لاءِ سندن وچ وارن ننڍڙن ڪارن نقطن ۾ ڪتل هونديون هيون. منهنجي ذهن کي تون عجائب گهر بہ تڏهن محسوس ڪندي هئين. تنهنجي ان اهڙي تجاويز جو توکي ڪوئي جواب نہ ڏنو هئم.

مان اهڙي حيرتزه سوچ ۾ هئس تہ دنيا جي چئني طرفن کان انسانن ۾ هيڏو خون خرابو. قتل ۽ غاريت. ماڻهو لاش جي مٿان لٽون رکي پنهنجي خواهشن لاءِ اڳيان ڊوڙندا پيا وڃن!

ڪير بہ ڪنهن جي پڪار ۽ فرياد نہ پيو ٻڌي!

ماڻهپو مُدي خارج ٿيندو پيو وڃي.



www.sindhsalamat.com

ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ ٻڏڻ وارا آهن!
انسانن جا اگهاڙا لاش لاوارث ٿيندا وڃن! ـ رت، پٽ سان مليل سندن گوشت تي ـ ڪوليون ڇهتيل آهن
اهڙي گهماگهمي ۾ مارا ماريءَ ۾ تو ۾ مونکي به ڪهڙو تحفظ حاصل هو ـ ۽ اهڙي وٺ وٺان ۾ اسان جي اوسي پاسي کان رهيل به ڪير هو ـ پوءِ مون توکي ئي پنهنجو ـ سڀ ڪجهه پيءِ حوالي ڪيو ـ!
اسان هڪٻئي جي لاءِ وقت پيءِ رکيو هو ـ اهڙين حالتن دوران ڪنهن کي ڪوئي تحفظ حاصل نه هو ـ ۽ اسان هڪٻئي ۾ غرق هئاسين اها ڪا معمولي ڳالهه نه هئي!
جڏهن ماڻهن ۾ پيار محبت ۽ قربانيءَ جو ڪو قدر ۽ احساس ئي نه رهيو هجي! اهڙي وقت اسان چيو هو.
”محبت زنده آباد!“
اها ڪا چريائپ نه هئي ـ پر ڪا ته سچائي هئي ـ ڪو ته صدقو هو جيڪو اسان هڪٻئي جي لاءِ ـ هڪٻئي جي خاطر ـ هميشه لاءِ قربان ڪري ويٺا هئاسين.
هڪ حسين، خوبصورت ۽ نوجوان عورت لاءِ ـ مردن جي واقعي ڪا ڪمي نه هوندي آهي.
تنهنجي چاهڻ وارا ـ ان وقت تنهنجا مداح ٻيا به ته آڳرين تي ڳڻڻ کان گهڻا هئا ـ جيئن ماکيءَ جا مکا ـ رسدار گلن جي تلاش ۾ رهندا آهن. تئين مون ۽ اقرار جهڙا ڪيترائي ٻيا تنهنجي تاڙ ۾ رهندا هئا ـ پوءِ پنهنجي دل کي پاڻ وٽ قابو رکي تو مونکي اوليت پيءِ ڏني ۽ مونکي Enjoy پيءِ ڪيئي ـ سو منهنجي لاءِ ته ڪنهن وڏي انعام کان گهٽ ته نه هو!
هونئن به دنيا ۾ اعليٰ انعام ته، پهريائين اهي ئي حاصل ڪندا آهن جيڪي اعليٰ شخصيتن جا پراڻا خادم رهندا آهن ۽ نئيين بيوقوفين جا نوان خالق هوندا


www.sindhsalamat.com

آهن!

جڏهن پنهنجي اهڙي خوشنصيب پهلوءَ تي پنهنجي بيوقوفي سان سوچيندو هئس ته خوشفهميءَ ۾- منهنجو ذهن مونکي لاتونئڙي جيئان گهمائڻ لڳندو هو ۽ ڌرتيءَ تان خود کي اڏامندو محسوس ڪندو هئس.

ها! برابر بيوقوفن جا پير ڌرتيءَ تي ته هوندا به ناهن- ۽ بيوقوفن جي سوچ- بيوقوفن جي ذهنن کي ٽڪائيندي به ناهي- هو دنيا کي بيوقوف سمجهي- ڪيس پنهنجي بيوقوفيءَ کان واقف ڪندا آهن- موٽ ۾ ڪين بيوقوف- پنهنجي وڏي بيوقوفيءَ سان نوازيندا رهندا آهن.

تنهنجي اهڙي فيصلي- جنهن ۾ تو- مونکي پاڻ ڏانهن ويجهو رکيو- ان جو احسان ته لفظي جملن ۾ لاهي نه پي سگهيس جيئن ڪو عارف پنهنجي سچي خدا جي حمد وثنا پنهنجي زباني لفظن ۾ ڪڏهن به مڪمل نه سمجهندو آهي- تئين تنهنجي قرب جي ڪهاوت لاءِ- لفظن جو هميشه قرضي رهندو آيس- تنهنجي اهڙي عادت ڏاڍي پياري لڳندي هئم. جنهن ۾ ڪجهه نه چوندي به سڀ ڪجهه چئي ڇڏيندي هيئن ۽ مان چوندي، چوندي ڪٿي ويندو هئس- يا ڪجهه رهجي ويندو هئم. جيڪي رهجي ويندي هيون- انهن کي ياد ڪري- توسان وري اورڻ لاءِ- وچ ۾ جيڪو وقفو پئجي ويندو هو- سو سالن کان گهٽ محسوس نه ڪندو هئس- ان دوران اهڙي خفي ڪيفيت ۾- الاءِ ڇو اهڙو وشواس ٿيڻ لڳندو هئم ته پنهنجي منزل جي مقصد ۾ توکي پنهنجي دل جي سفر سان روان رکي- منزل تي پهچي به- سک ۽ سڪون شايد نٿو ماڻي سگهان- پوءِ به پنهنجي طبيعت جي اهڙي انقلاب کي درست تصور ڪندو هئس ۽ محبت ۾ خود کي مطمئن رکڻ- خبر ناهي ته بيوقوفي چئجي يا سياڻپ؟

پر مان مطمئن ان ڪري رهندو هئس جو مونکي پنهنجي راهه مسافري ۾ تنهنجي جستجوءَ مان قرار ملندو هو- جيڪو ذهني ٽڪاوٽ لاءِ


www.sindhsalamat.com

Antidote( ♥ ) ميڊيسن جو ڪم ڏيندي هئي. انهيءَ ڪري ئي پنهنجي مسڪين سوچ وارن نادر خيالن کي مان توڏانهن اپلاءِ ڪندو هئس. تہ جيئن ذهن کي نواڻ ڏئي. پنهنجي انساني نسل جي اوٽاين کي واضع طرح حاصل ڪري سگهان. ۽ پنهنجي شاندار ادب کي. وڏيڪ ترقي ڏئي. پنهنجي ادبي غيرت مچائي سگهان.

تنهنجي حسين دنيا جي ڪنڌ پاسي ڪان رهي. حق ۽ صداقت جي پاسداري ڪرڻ پيي چاهيم!

مون جيئڻ ۽ جيئارڻ وارا وسيلا حاصل ڪرڻ پيي چاهيا. مونکي سوز ۽ سور جي سفر ۾. وڏيڪ شانتي ۽ سڪون حاصل ٿيندو هو.

تنهنجي مرضي ۽ تنهنجون خود مطلب آميز خواهشون. منهنجي ارادي لاءِ. منهنجي سوچ ۾ ڪيتريون ئي لڪاوٽون پيدا ڪري وٺنديون هيون. جيڪي اڻ سڌيءَ طرح . وڏن وراڪن ۾ ورهايل هيون انهن کي پُرجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ. مان پنهجني ذميداري محسوس ڪندو هئس منهنجي لاءِ اهو ضروري ٿي پيو هو تہ پنهنجي اهڙي ذميداري سان پنهنجي مقصد جي موضوع ۽ ناول استوريءَ جي اهڙي منظر جو ڇيد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيان،

جنهن ۾ اڌ رات واري اڌ آزادي جي گنڀير حالتن ۾ هم جنسي جي قتل ۽ غاريت ۽ قومي ذهنن جي نسل ڪشيءَ واري مايوسي متائڻ لاءِ. ڪو حقيقت پسند بهتر رستو ڳولي. پنهنجو انسان دوست مقصد ڪنهن دڳ رسائجي.

انسان دوست رهي. حق شناسيءَ لاءِ. خيالن جي اهڙي باغ جو منظر مونکي تنهنجي دوستي ۾ نظر اچي رهيو هو. ان جي نظاري مونکي موهي رکيو هو!

---

( ♥ ) - Andidoteيا Antidotal زهر مار دوا!



www.sindhsalamat.com

تنهنجي محبت کي مدرسو سمجهي ـ اهڙي مدرسي جو طالب رهي مون صرف مذهبي ڪتاب پڙهڻ نه پئي گهريا ـ پر اهڙي تربيت حاصل ڪرڻ پئي چاهيم ـ جنهن ۾ پاڻ رئاري ٻين کي کلائي جيئارڻ جي مڪمل سگهه هجي ٿي.
پنهنجي نفسي خواهشن ۽ ابليس خيالن کي سنيالي دستگيري ـ رکڻ جي جرئت ۽ قوت مون ۾ هئي.
مان انشاالله جي آڏو عاجز ۽ بي اختيار ايڏو نه هئس.


www.sindhsalamat.com

❀❀❀

توڪي پنهنجي مرض جو شفاخانو بہ چئي پي سگهيس- جنهن ۾ دردن جو گهٽجهڻ جي بجاءِ- واڌارو ٿيندو رهي!

پنهنجي شفا لاءِ توڪي اهڙو ئي شفا خانو تصور ڪندو هئس! جيئن ڪنهن سرڪاري اسپتال جي زناني وارڊ ۾- نرسن سان گڏ گنل ۾ پوڙهيون ٻليون بہ ڊوڙنديون آهن.

هر لڙهيل شيءِ تقريبن مئل هوندي آهي يا ٽڪڙو مري پوندي آهي- پر ڪا اهڙي لوڙهہ بہ هوندي آهي، جنهن ۾ ماڻهو لڙهندا تہ رهندا آهن. ليڪن مرڻ تائين سندن ساهيءَ تمام وڏي هوندي آهي.

سمنڊ جي چوليءَ ۾- وهڪري جي تري تائين وڃي. جڏهن موتي وري مٿاچري تي ايندا آهن. تڏهن ڪجهہ ساعت جيئڻ لاءِ وري بہ ڪجهہ ساهہ پٽي وٺندا آهن.

پر نينهن جي نديءَ جو وهڪرو بہ ڪو جهڙو تهڙو تہ ناهي هوندو منهنجي من تي بہ تنهنجي نينهن جي نديءَ واري وهڪري پنهنجي ريلي جا ڪيترائي يادرگار ريٽ چڏيا آهن.

سندس اُبتا آر دل جي ٻنهين ڪنڌين کي پائي ويا. سکن لاءِ سانڍيل- سمورا وڻ پاڙان پٽي- ٻانڌي بنائي ڇڏيائين- سانوٽي رُت ۾ تہ حوصلو ئي پٽي ڇڏيو وڃي!

اميدن جي سهاري، ترندڙ ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ کي تہ- ٻوڙڻ تائين نيو هئائين!

سِير کي سامهون، سيني ساهڻ جي مجال نہ هئي!

چاندوڪين واري چاڙهہ ۾ اونداهين واري دهشت- هينئون ڦاڙي پي ڇڏيو!

پنهنجي ٻاجهہ سان ٻوڙي بہ وجهي ها- تہ اهڙو ڀاڳ مون اڀاڳ کي نصيب ئي نہ پي ٿيو!



www.sindhsalamat.com

ڪيترا ٻيڙيا تا تہ۔ اهڙي اوڙاهہ جو دم جهلي نہ سگهيا۔ ۽ لڙهي ويا!
ڪي تہ ڪنڌي تان ئي ميهار جيئان موٽي ويا۔
ڪِن تہ پنهنجو پاڻ۔ اهڙي اوڙاهہ ۾ اڇلي وڌو!
ڪن ڪي پيلي پُري ٻوڙيو!
ڪيترن تہ دم دلاسي ڪنهن۔ وچ سير وچي۔ پوءِ ڪئين پُڪارون ۽ سڏ پچارون ڪيون!
ڪن ويچارن ڪي تہ۔ پرزو بہ هٿ نہ آيو!
مان تہ مورکو اڻتارو۔ جَر جوکي ڪان بہ اڻڄاڻ۔ مئي متو مهراڻ۔ ڳُنن جا ڪڙڪا ۽ سِير جي سَٽ۔ دل ڪي دڙڪا ڏئي من پي ٻوڙيو۔
مان لڙ ۾ لڙهي پيس!
ٻڏندي ٻوڙن جي سهاري۔ جيئڻ جا جتن ڪري۔ مڙئي پي ساهہ پٽيم! نہ ملاح نہ مُڪڙي۔ نہ ڪنڌي نہ ڪنارو!
جيڏانهن پي ڪيم نگاهہ تہ مڙهہ مڏيون مڙئي محبت!
ڪنهن ڪي بہ محبت جي مام ڪان آجو نہ ڏٺم:
پنهنجي اندر جو اجهو بہ جُهري چڪو هئم۔
ڪير هو۔ جنهن منهنجي جيءَ تي ڇپر ڇانوَ اڏيو۔ ها! اهو تنهنجو احسان هو۔ من جي آسڻ تي ٻينڪ تہ صرف تنهنجي ناز ونياز جي هئي۔
جڏهن ڪتيون ڪر ڪٽي آڏيءَ تي ايندڙيون هيون۔ تہ تنهنجي جوٽ تي پنهنجو سر سمهاري۔ لکيل تنهنجو نانءُ۔ توکي پڙهي ٻڌائيندو هئس. هڪ رات وڏي ويرم ڪان ڪانپوءِ تو چيو هو "ڪافي دير ٿي وئي آهي فتاح! اٿ تہ هلون... ڏس ڪُتا بہ هاڻ اوناڙيون نہ پيا ڪن..."
"شايد اڄ قدر جي رات آهي آسا۔ چون ٿا قدر جي رات ڪتا اونائيون نہ ڪندا آهن!" قدر وارن لاءِ هر رات قدر جي هوندي آهي". اهو ڪنهن شاعر جو مقولو هو۔ تو منهنجي لاءِ استعمال ڪندي چيو هو۔ تڏهن مون توکان


www.sindhsalamat.com

پڇيو هو “آسا ماڻهو جو قدر ڪندي آهين” ۽ تو چيو هو.

“ماڻهپو ڪٿي رهيو آهي فتاح! جو تون مون کان منهنجي انصاف جي حد ٿو پڇين!؟

خبر ناهي ڪهڙي گهر هيئي- جو مونکي اهڙو سنو جواب ڳهلائي ۾ ڏنو هيئي- تو پنهنجي من ديوالي ۾ مونکي ويٺل نہ ڏٺو هو- جنهن کي مان جا ڳي چراغان ڪندو هئس.

تنهنجي من ديواليءَ جو مشتاق بڻجي- پنهنجي سيني اندر سمائجي ويل خيالن سان- عبارت جي اهڙي عمارت اڏڻ بہ چاهيم- جنهن ۾ پورهيت جي بک, بيماري ۽ اگهاڙي انگ لاءِ ڪا سار هجي ۽ ڪو حيلو وسليو هجي.

اهڙي عبارت! جيڪا سندس محرومي, بي قدري جو سبب- نفعي خور زماني کان- ان کان جو ضمير پڪڙي ان کان پڇندي هجي. ۽ ناجائز نفعي خوري واري خاتمي جو حل- پاڻ ڳولي لهندي هجي-

سماج ۾ قائم ڪيل رشوت خوري- بدمعاشي ۽ بي ايماني- بداخلاقي ۽ بي حيائي,

بدسلوڪي ۽ بي رحمي,

بدنيتي ۽ بي شرمائي,

بد عهدي, بد انتظامي ۽ بي غيرتائي جي شهنشاهي کي ذلت جو موت ڏيئڻ لاءِ, پنهنجن خيالن جي تشبيهہ کي اهڙي تحرير بنائڻ پي چاهيم- جيڪا سچائي پاڻ ڳالهائيندي رهي ۽ پنهنجي لفظي جنگ- اهڙن مضبوط هٿيارن سان وڙهي جيڪا فتوائي ملائيت جا پتڪا چنبڙي! انسان, فڪر جي آزادي, امن, اخوت ۽ اقتصادي خوشحالي جي نمائندگي ڪري سگهي.

پر جيئن پنهنجائپ جي احساس ۾- ٿوري ۽ ننڍڙي ڏکوئيندڙ ڳالهہ تان بہ- درديلو روڳ اندر کي ڳارو لڳي ڳاريندو آهي, تيئن تنهنجي هر ننڍي, وڏي, مڙئي گفتي ۾ بہ اهڙي بي رُخي هوندي هئي, جنهن کي مان پنهنجي لاءِ چرچو


www.sindhsalamat.com

۾ تنول سمجهي پنهنجي اندر جون اڪيون روئنديون محسوس ڪندو هئس.
ان ڏينهن تون لنچ دوران اها بہ ڳالهہ ڪئي هئي تہ "فتاح! توکي ٽيليفون ڪرڻ لاءِ مون رسيور کڻي نمبر ڊائل ڪيو تہ وچ ۾ ڪنهن گار ڏيندي چيو تہ، نمبر انگيجڊ آهي، شايد ڪوئي آپريٽر هو" تو اهڙي گندي حرڪت کان نفر ڪندي وڏيڪ چيو هو، "فتاح! تون جنهن انسان دوستي جي ڳالهہ ڪندو آهين، سان هاڻ فون آپريٽر تائين بہ نہ رهي آهي- اسان جي حالت اها آهي- جو سئو مان پنج ماڻهو اخبار پنهنجن پيسن سان وٺي پڙهن ٿا، سي بہ ڪنهن ذاتي ضرورت جي مجبوري کان، استاد جيڪو وقت جو پيغمبر هوندو آهي- تنهن کي بازارين جي هوٽلن تي گارين سان ياد ڪيو ويندو آهي. هر Teachable فرد رسوا ۽ ذليل ڪيو پيو وڃي- هزار بيمار مريض ماڻهو تي هڪ ايماندار ڊاڪٽر مقرر آهي، سو بہ پنهنجي مرضيءَ سان، پنهنجي ئي گهر ويٺي، جنهن کي جيئاري!؟ هڪڙو هاري بہ سئو ماڻهن لاءِ اناج اپاءِ انهن جي روزي روٽي جو سبب بڻيل آهي.
سؤ 100 مان ستر 70 عورتون Delivery ڪيس ۾ مرن ٿيون، ٽيليفون آپريٽر گارگند کانسواءِ تہ، ڪنهن سان ڳالهائن ئي ڪو نہ.
ٻارڙن سان رڳو ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي!
مطلب تہ اسان جو سماج- بس رڳو ايترو سڌريو آهي، جو هاڻ ڪتي کي بہ چڪ پائيندي دير نٿا ڪن".
تنهنجون ڳالهيون تہ ڪيڏيون نہ سهڻيون هيون، پر اهڙن خيالن سان- تون محض مون کي Teach ڪندي صرف پنهنجي طرف کان رڳو مطمئن ڪندي هئين- جيڪا منهنجي دل وٽان هوندي هئي.
هڪڙي ضرورت ئي هزار خواهش جا ارادا جاڳائي وجهندي آهي. ماڻهو پنهنجي ضرورت لاءِ- پنهنجيئي خيال سان- پنهنجا مٿا ڪٽيندا آهن.
عام ماڻهن جيئان- تون بہ پنهنجي خيال کي سر جو سنوهڙو سمجهي سر تان


www.sindhsalamat.com

اڇلي ڦٽو ڪندي هئين- ۽ مان پنهنجي شڪي حالت سان- ٽوٽي ائين سوچيندو هئس- تہ تو پنهنجي طرف ڪان جو ڪجهہ ڇيو پيو- ان حقيقت کي پنهنجي فڪري پهلوءَ ۾- تو ڪا بہ جاءِ نہ پي ڏني.

شايد پنهنجي گيرپ ۾- منهنجي گيان کي- گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئين.

ڪيڏي نہ بي خيالي رهندي هئين- مان تہ تو ۾ ئي گم رهي رِڇي رهيو هئس.

منهنجي من جي مڙهيءَ ۾- تنهنجي مستي سمايل هئي.

تنهنجي پاٻوهہ ۾ ئي پلجي رهيو هئس- جنهن منهنجو من ٻيڙي جيئان ٻڏي چڙيو هو.

تنهنجي رخسارن جي رِم جهم ڪمالي ڪيفيت رسائي چڙي هئي، تنهنجي هر خود فريب خيال ۾- مومل جيئان پاڻ وٽائڻ جا وجهہ سمايل هئا.

هن ڪمپيوٽر ايج دور ۾- اهڙا ماڻهو ڪنهن نہ ڏٺا- جيڪي پنهنجي ڪپڙن ۾ ننگا ناهن هوندا!

تو شايد اهڙا ماڻهو نہ ڏٺا هئا- جيڪي پنهنجي ڪِياڙيءَ ڏانهن لوٽو هٽي، پنهنجي اگهاڙي پٺ ڏسي ٿا وٺن ۽ پنهنجا پير- پنهنجي منهن تي رکي ٿا سمهن!

ڪنهن جي اندر جو انياءَ ڳولڻ بہ ڪا ضرورت آهي!

اندر جو انسان- جيڪو صرف نيت جي نالي سان زنده آهي- ان جو هر عضوو صرف صلاحون ڏيندو آهي.

اهي ماڻهو معذور ذهن ٿا رهن- جيڪي صرف ٻين جو اندر ٿا ڪوٽين-

ڪيڏو پاڳل هئس- پنهنجي اندر جي اوگهڙ بہ توکان لڪائي رکي هئم- تو تہ پنهنجي وڏائي کي وندر بنائي رکيو هو- مون پنهنجي من جو اڱڻ ڪشادو ڪري رکيو هو- منهنجو عقيدو هو تہ بي مقصد زندگي ۾ من سوڙو ڪرڻ ۾ ڪو بہ سوز ۽ سڪون ناهي هوندو.



www.sindhsalamat.com

انسان ۾ دل نہ هجي ها تہ، روحن جون رڙيون پڌي- ماڻهو نندون نہ ڪري سگهن ها!
رات ڪي چنڊ نہ هجي ها- تہ فطرت بہ اڻپوري هئي، ائين ڪائنات ۾ انسان جو وجود- ڪنهن اعليٰ آدرش جي تخليق آهي- سندس وجوديت ۾ ماڻهپي جي چنتا ماڻهو ۾ ئي آهي. جيئن تو هڪ لڳا پڇيو "زندگي ڇا آهي فتاح؟"
ماڻهو اڌ پاڻ ڄاڻندو آهي ۽ اڌ ٻين کان ڄاڻائڻ چاهيندو آهي مون پنهنجي ڄاڻ مطابق جواب ڏيندي چيو هو "زندگي ڌرتيءَ جي ڪنيي آهي- ان جي لتاڙيندڙ ڪي ڊورن جو ڏڻ چئبو آهي"
خاموش ٿي وئي هئين- شايد زندگي جي لتاڙ تو نہ ڏٺي هئي-
تون شايد اهڙي احساس کان محروم هيئن، تہ موت جي سزا ڪاڏل ماڻهو- قانوني موت مرڻ تائين وري بہ ماڻهن ۾ رهندو آهي-
پر ماڻهن ۾ ڪيس ماڻهپو سالم نظر نہ ايندو آهي- هن ڪي موت جي سزا تہ ماڻهو ئي ڏيندا آهن- سندس لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري موت جي مهل کان اڳ سندس خيالن تي جبلن جيڏا ڪتاب لکي سگهجن ٿا.
تماشائي ٻڌيل پنهنجي انسانيت واري ڪيفيت ۾ ڪربناڪ سوچ ويچار ذريعي ماڻهپي سان ٿيندڙ مذاق جي هو پوري ڄاڻ حاصل ڪري ويندو آهي.
وت جي سزا قبولڻ وقت، پنهنجي وجود ڪي انسان ڇو هجڻ جا طعنا ڏئي- پنهنجي روح ڪي ڪٿي جهڙي شڪل ۾ بہ زنده رهڻ لاءِ اوليت ڏيندو آهي.
موت پنهنجي اکين کان بہ ويجهو ڏسندو آهي- تڏهن انسان جي دنيا جانورن جو جهان تصور ڪندو آهي.
اهڙي مايوسي واري حد تي- هر ماڻهو ڪيس ڪنهن اڻ ڏٺل خوف ۾ ورتل محسوس ٿيندو آهي.
انسانيت جو ساهہ ٻڙڪائيندڙ قانوني ڪرسين ڪي خيالي ٻوندا ڏئي اهڙي منصفي فرض ڪي دل ۾ گاريون ڏيندو آهي.


www.sindhsalamat.com

ماڻهپي کي ماڻهو جي روپ ۾ ڏسي پنهنجي وشواس ۽ ويساهه تي ڇڙ ڪائيندو آهي.

پنهنجي جيوت لاءِ جيئڻ رهڻ ۽ ڪٽڻ، هارڻ وارا سيئي وجهه وڃائي وينتي وارا خيال به پنهنجي خام خاموشيءَ ۾ ڪائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

ليڪن پوءِ به- پنهنجي محبت وارا عظيم خيال ۽ يادون پنهنجي سقيم دل سان پنهنجي يتيم ذهن ۾ سانيڊي سلامت رکندو آهي-!

جنهن جو اظهار پنهنجي دل جي ديوار کان ٻاهر ڪڍي نه سگهندو آهي. اندر واري اهڙي هُل ته امن ڪڏهن به ڪنهن سان ناهي رکيو.

پنهنجي من جي اهڙي اڪيلي گهر ۾- توبن تنها- مان به اهڙي سزا جو قيدي ٻٽيل رهيس- پوءِ به منهنجي ذات جو ڏيئو- تنهنجي اوسيئڙي ڪٽي اُجهاڻو هو.

ٻانگون ٻڌندي ڪيئين راتيون ويهاٽيون- نه ڪٿو ٻري تيل ڏيئي جو- نه جيءَ جو جيل ٽٽو.

ڳل ڳرانڙيون ڏئي- ويهڻ وارا ويلا ٽري ويا-

پرهه جو پهر پسي- هيئن سان هاجو ٿيندو رهيو- نهال نيٽن کي- ننڊ سان ته ڪا نسبت ئي ڪا نه رهي-،

ڪتيون ته ڪر ڪٽي روز پي آڏيءَ تي آيون، پر توبن تن جي تونس کي تنهنجي تلاش هئي.

ننڊ جي نينهن ۾- جوين کي ٻک هٽي- اگهور ننڊ ستل ماڻهن جو ماڻهپو به ملائڪن جي حوالي هو-

انسانيت جانورن جي روحن سان ريهاٽيون پي ڪيون-

جنهن ڪتن جي اوناڙين کان ٿاهه ڪائي- ماڻهپي جي تلاش ۾- هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون پائي- مونکان تنهنجو پڇيو هئائين-

شايد توبن مون ۾ ماڻهپو به نظر نه آيو هئس،


www.sindhsalamat.com

تون خبر نہ هئي تہ ڪٿي هئين،
مان ساڻس ويساهہ گهاتي بہ نہ پيو ڪري سگهان،
منهنجي ساک اجان سلامت هئي، مان ڪارپٽ جو ڪوڙو ٽيڙ نہ پيو چاهيان. ۽ هُو منهنجي ڪڍ لڳل هئي سو تنهنجي لاءِ.
مان ڪيس اڌ مئل ماڻهن ڏانهن نہ پيو موڪلي سگهان. ڇو تہ جوبن ڪي ٻڪ هٽي گهري ننڊ ستل ماڻهن ڪي تہ. تو اڌ مئل ماڻهن ۾ بہ شمار ڪيو هو.
منهنجي ذات جو ڏيئو ٻرندو ڏسي. منهنجي ورهہ جو بہ مونکان پڇيو هئائين.
مان تنهنجي نيڻن واري زندان جي اسيريءَ ۾ زهر آلود هئس. ساڻس پنهنجو ورهہ ونڊيان ها. پر مان ڪانئس خائف هئس مونکي اهو خوف هو تہ. ڪٿي مونکي مئل نہ سمجهي،
مان ڪيس تو ڏانهن پيو موڪليان. پر تون شايد ڪنهن ماڻهپي جي تلاش ۾ ڪٿي گم هئين!
مان اگر تو ڏانهن موڪليانس ها. تہ تون ڪيس ٻڌائي بہ ڇڏينس ها. تہ مئل ماڻهو ڪهڙا هوندا آهن.
۽ پوءِ پنهنجي پسند مطابق. ماياڪوفسڪي، همنگوي. علامہ آءِ آءِ قاضي. ماڻڪ، پريمي وغيره وارن جي مزارن جي زيارت بہ شايد ڪرائين ها!. ۽ پوءِ جي ضرورت سمجهين ها. تہ منهنجو ڏيئو اجان اجهاميو نہ هو. مان تنهنجي رخسارن جي ڪيف ۾. پنهنجن. ڪڪوريل نيڻن سان قلمدان تي وينل هئس. ۽ منهنجو اڻٽڪ قلم پنهنجي تيز نوڪ جي ڌار سان. لڪين امر لفظ ڪاغذ جي سيني تي سمهاري رهيو هو.
پر تو بن صرف اهڙن لفظن جي ڪوٺ رهي جيڪي مڪمل زندگي جا جملا ٺاهيندا آهن. ۽ انسانيت کي پنهنجي امرتا بخشيندا آهن.


www.sindhsalamat.com

❀❀❀

توڪانسواءِ مونکي اهڙا ماڻهو الاءِ ڇو ياد نہ آيا. جن بابت تون چوندي هئين "فتاح ! اهي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو انسانن سان ٿيندڙ. جانوري رويي کان ڪا بہ ڪراهت نٿا ڪائن ڇو. ۽ نہ وري اهڙي انسان سوز مذاق ۾ ذلت جو ڪين احساس بہ آهي."

تڏهن بہ مون چيو هو"آسا! اهڙا ماڻهو پنهنجي غلام ذهنيت ۾ محو رهي. پنهنجو اخلاص مٽاءِ ماٺو ڪري ڇڪا آهن."

تڏهن تو پلٽو ڪائي مونکي هيسيندي چيو هو"ها, ها تون تہ سندن ماڻهپي جو ٺيڪيدار آهين. انهن پنهنجو پيار, سچائي, ۽ صدق دلي تو وٽ اچي وڪيو آهي نہ"

تنهنجي چوڻ مطابق سندن انسانيت جو ٺيڪيدار تہ برابر نہ هئس. پر تنهنجي قربت جي رسمي ادا مونکي اهڙن ماڻهن ۾ ضرور شمار ڪيو هو. جيڪي ننگن تان نثار پي ٿيا.

سچ پچ تہ. زندگي جا اهي لمحا جيڪي تنهنجي زندگي جي سايي ۾ پي گذريا. ان وقت منهنجي اندر ۾ اهڙي جوان مردي بہ جاڳي پوندي هئي. جو انسان جي عظمت اجارڻ خاطر. سوليءَ جو سينگار سجائڻ جي خيال سان پنهنجا بئي هٿ. پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي. ڇرين جيئان. سوچيندو هئس. تہ خبر ناهي ڦاهي جي ڦندي ۾ منهنجي ڪوري ڪنڌ جي ماپ آهي بہ يا نہ.

تو نہ چيو هو تہ "ماڻهو جيترو ئي. جنهن ماڻهو ۾ حقيقت جي نظر سان سوچيندو. ان ماڻهو مان اوترو ئي سچ حاصل ڪندو آهي."

۽ پوءِ مون اهو سوال پڇيو هو تہ "غلام ماڻهو تي سوچڻ سان. ڇا تو حاصل ڪري سگهجي؟"



www.sindhsalamat.com

“ڪوئي بهتر عمل.” تو دانشور دانا انداز ۾ چيو هو ۽ تو تشريح ڪندي چيو هو“انسان جيڪو ڪائناتي هنگامي جو هڪ بامقصد امير آهي ان ڪي پنهنجي مرضي جو غلام بنائڻ- ڪوئي اتفاقي هنگامو ته نٿو چئي سگهجي فتاح- پر هڪ بامقصد يا بهتر عمل به ان ڪي هرگز نٿو چئي سگهجي.”

ان وقت مون پنهنجو مثال ڏيندي توکان پڇيو هو“پلا مان توکي- تنهنجي غلاميءَ ۾ ڪو اتفاقي هنگامو نٿو لڳان؟” جيئن بانگ ٻڌڻ سان اسلام جا شيدائي ماٺ ۾ الاءِ ڇا سوچيندا آهن- ائين خاموشيءَ ۾ الاءِ ڇا سوچي رهي هئين.

تو اهڙيون ڳالهيون به نه وساريون هونديون چوندي هيئن“فتاح! مونکي هنن چمڪندڙ مصنوعي روشنين ۾ ڪوئي لطف نه ايندو آهي- اهي ته رهنديون منهنجي من کي مايوس ڪري، مونکي پريشان ڪنديون آهن. رات جي گگهه انڌيريءَ جي تنهائي وقت جڏهن انهن تي نظر وجهندي آهيان ته مون تي هڪ وحشيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ دل جو خون گهٽجي ويندو آهي.”

چنڊ جڏهن پوين تاريخن جو ٿي ويندو هو- تڏهن جي تو وٽ حاضري ۾ نه هوندو هئس- ته شايد اهڙي بيچينيءَ ۾ تون هر، هر، ٽيليفون ڪري پڇندي هئين “فتاح! اجان چنڊ نه اڀريو آهي ڇو؟”

ڪهڙو نه عجيب مرض آهي محبت جو- هڪ دفعو لڳي ته ٿورو ڇاڻندي به- ماڻهو جهڙو پنهنجي پيغمبري کي پهچيو وڃي ڪيڏو توکي تنگ ڪندو هئس. جڏهن چنڊ اڀري مٿي ايندو هو. تڏهن چوندو هئس “آسا! چنڊ ته ڪيڏي مهل اڀري چڪو آهي- ڇا تو اجان نه ڏٺو آهي؟ افسوس چنڊ چوڏس چمڪي پيو آهي- ۽ تو اجان پنهنجي نظر سان به ڪيس ناهي نوازيو.”- ۽ پوءِ چوندي هيئن “پوءِ اتي ڇا پيو ڪرين- هيڏانهن نٿو اچين ڇو- سگهو اچ- مان لان جي ڇپر تي ليٽيل هوندس- اڪيلي پئي هونديس.”- پيو سواءِ اڏڙ عمر واري نوڪري جي هوندو به ڪير هو- بس تنهنجي سڏڻ سان


www.sindhsalamat.com

تنهنجن وارن جي مهڪ مونکي ويھڻ نہ ڏيندي هئي- ۽ هليو هليو ايندو هئس. شايد مصنوعي روشنين کان تنگ اچي- تون چنڊ جي هر رات چندرڪا جي تفريح لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي.

هڪ رات چنڊ ۾ غور سان ڏسندي پڇيو هيئي "فتاح! مان چنڊ کي جڏهن گھوري ڏسندي آهيان- تہ هوءَ بادلن ۾ ڇو ڇپي ويندو آهي؟"

تو پاڻ وٽائڻ خاطر چيو هو- ۽ تنهنجي ان خواهش کي وڌاءُ ڏيندي مون چيو هو"ڪيڏي نہ چري آهين آسا! تون پنهنجي چندرما ڇهري کان بہ اٽڄاڻ آهين-

"ڪيئن الاءِ؟" تو چنڊ تان نظرون هٽائيندي مون ڏانهن منهن ڪندي چيو هو. مون وڏو ساهہ پريندي پڇيو هو- "حسين پنهنجي حسن کان ايترو اٽڄاڻ ڇو هوندا آهن؟"

اهڙو سوال ڪنهن برباد دل کان پڇڻ کپندو هو- پر توکان پڇي وينو هوس- انهيءَ ڪري جو- تنهنجي صورت ۾ حقيقت جو راز تصور ڪندو هئس- پر تو منهنجن اهڙن خيالن کي- هميشہ لفظن جو لباس پي سمجھيو هو.

تنهنجي گفتار ۽ آواز ۾- فطرت جي ڪمپوز ڪيل موسيقي منهنجي روح کي- مٺي ننڊ ڏئي- مونکي وجد جي حالت ۾ آڻي ڇڏيندي هئي. دل نچندي هئي- اکيون ٻڏنديون هيون ۽ دماغ ٻوڙندو هو.

انهيءَ رات خبر ناهي تو پيتي هيئي الاءِ ڇا- جو تنهنجي گلي جو آواز اهڙيون مڌر راڳڻيون پيو ڇيڙي- جو مونتي اڻ پيتيءَ جا چڙهي ويا هئا.

مان من جي پاتال ۾ پيهي ويو هئس،

دل جي سمنڊ ۾- منهنجو شاعر وينل هو جنهن توسان مخاطب ٿيندي پنهنجي نثري ٻولي ۾ چيو هو.

"آسا! تو بن جڏهن، تارا ڳڻيندو آهيان،

تڏهن تنهنجو نانءُ، ياد ايندو اٿم،


www.sindhsalamat.com

پوءِ تارا،
جيترا ڳڻيندو آهيان،
هڪ، هڪ تاري سان گڏ،
اوترا پيرا،
تنهنجو نانءُ بہ ڳڻيندو آهيان- ۽،
سچ اپري پوندو آهي، پوءِ،
تارا ڪٿي پوندا آهن-پر،
تنهنجو نانءُ فاضل،
پوءِ باقي بہ رهندو آهي.”
شاعرن سان تنهنجي ڪا خدا ڪارڻ جي دشمني هئي- شاعري ٻڌڻ سان يا شاعريءَ جي موضوع چيڙڻ سان ئي چڙي پوندي هيئين- حالانڪ ٿوري ٿڪي شاعري تہ توبہ ڪري پي ٻڌائي- سا بہ ٻين جا شعر بگاڙي پنهنجي نالي سان ٻڌائيندي هيئن. پر منهنجو شعر منهنجي زباني ٻڌڻ سان- تنهنجي طبيعت تنگ ٿي پي پيئي- جهڙو ڪنهن شاعر جي غزل ۾- تنهنجو حسن قلمبند ٿيل ئي نہ هو.
انهيءَ رات - تو پنهنجو پاڻ کي تنبيهہ ڪندي چيو هو “تاريخ کان اڻجاڻ اج جو شاعر جنسي نيچر جو ڪيڙو آهي.”
واهواهہ! تنهنجو اهو- اهڙي طرح سان سيڪجهہ چئي ڏيئڻ منهنجي ذهن کي بلندين ڏانهن اڇلي ڇڏيندو هو. جتان واپس اچڻ تي-روح ئي نہ چوندو هئم.
پر چاپي ڪري سگهيس- پنهنجي تہ دل جي وصيت تي بہ اختيار مونکي نہ هو- مان بيوس بڻيل هئس- دل تي حڪمراني بہ تنهنجي اهڙي خدائي جي هئي- جيڪا جيئن بلندين ڏانهن اڇلندي هئي ساڳي طرح پنهنجي دلربائي سان پاڻ متوجهہ ڪرائي- پنهنجي وجود ۾ واپس آڻيندي هئم.


www.sindhsalamat.com

اڄ جي شاعر بابت چيل تنهنجن لفظن تي مان پنهنجي تحسين تلفظ جو اظهار ڪرڻ وارو هئس. تيسيتائين آسمان طرف تو ٽڪڙو اشارو ڪندي چيو هو"فتاح! هو ڏس. مون چنڊ کي چتائي ڏٺو آهي. ته هو ڏس. ڪڪرن جي ڪڇ ۾ ڪيئن نه لڪي ويو آهي!"

"آسا" نظر آسمان ۾ هئم تنهنجو نانءُ پڪاريو هئم.

"هُون" نڪ مان ڳالهايو هيئي. شايد چنڊ ۽ ڪڪر جي سوچ ۾ هيئين. موقعو مهل ڏسي مون چيو هو. "توکي چنڊ ڏاڍو وڻندو آهي؟. نه؟"

چنڊ ڪڪر جي ڪنڊ مان نڪري ٻاهر ٿيو هو. تنهنجي منهن تي چنڊ جي ٿڌي روشني ڊوڙي وئي هئي. تو منهنجي سوال تي ڌيان ڏيندي چيو هو "چو توکي نٿو وڻي ڇا؟" تو حيرت ڪائيندي پڇيو هو.

۽ مون چيو هو "مون کي چنڊ کان وڌيڪ. پري پري تائين ڦهليل سندس چانڊاڻ وارا کيت وڻندا آهن."

"چنڊ ڇو نٿو وڻي؟" تو سوال تي زور ڏيندي ائين پڇيو هو جڻ چنڊ به تنهنجي ملڪيت هئي. ۽ مون تنهنجي سوال جو پڙم رکندي چيوهو "مونکي تو جيها. پنهنجا ديسي ماڻهو. چنڊ کان وڌيڪ وڻندا آهن. جن جي ٿامي جهڙي ڇهري تي. چنڊ گرهڻ جهڙو تڏ هوندو آهي ۽ جن کي ٻه اکيون ٿيو نڪ به هوندو آهي" "نڪ ته. ماڻهن سڀن ۾ هوندو آهي." تو کلي پڇيو هو!

مون موضوع بدلائيندي چيو هو"نه آسا! اهڙا ماڻهو آهن جن کي نڪ نه هوندو آهي"

"اهي وري. ڪهڙا ماڻهو" عجيب ڪل کلندي پڇيو هئي.

پر مون سڀ نظرانداز ڪندي چيو هو "تو شايد اهڙا ماڻهو نه ڏٺا آهن. اهي ته بس مڙئي،جهڙا ماڻهو هجن آسا! جڏهن کان اهي گجر، موري. ڏرتي ڪوتي چوري هٿ سان ڪيڻ سکيا آهن. تڏهن کان ڪڏون ڪوتڻ سندن عادت بڻجي وئي آهي".



www.sindhsalamat.com

چنڊ پنهنجي رفتار ۾ هڪ هنڌ بيٺل هو. هلڪا بادل هئا. جيڪي منهنجن خيالن جيئان هڪٻئي پٺيان ڊوڙي رهيا هئا. اسان پنهنجو موضوع وري به اچي شاعر ۽ شاعري تي ڪتايو هو. ان دوران تو وري به تاريخ کان اڻڄاڻ اڄ جي غير شعور شاعر کي. جنسي نيچر جو ڪيڙو چئي. ڇڻ منهنجي ستل شعور کي به جاڳائي ڇڏيو هو.

هونئن به جڏهن ادب جو موضوع ڇڙندو هو. ته تون غضب جي ڳالهه ڪري ڇڏيندين هئين.

مان ناول لکڻ جو پڪو پهه ته ڪري ڇڏيو هئم. پر هر خيال اڏورو ۽ هر منظر ڪوتو پي لڳو. سو تڏهن. جڏهن زندگي جو مليل هر لمحو به اڏورو ئي تصورپئي ڪيم.

پوءِ به پنهنجي مضبوط ارادي سان. تنهنجي هنگاما خيز محبت ۾. هڪ اهڙو ناول لکڻ پي چاهيم. جنهن ناول تي ٻيا ناول لکڻ لاءِ. ناول نويس پنهجون خواهشون سانڍي ويهن. پر جڏهن لکڻ جي مقصد سان ويهن. ته مونکي ديوانو سمجهي پنهنجا قلم ڪاوڙمان ڇنڊيندي. پنهنجون ٻانهون ٽڪائي وجهن. هڪ جملي کان ٻي جملي تاءِ سوچيندي. پاڻ گم ڪري. پنهنجا پويان خيال به وساري ويهن. ۽ منهنجو ناول سندن اهڙي ڪيفيت ڇڏائي. جو تشبيهه کان اشتعارن. استعارن کان ڪناين ۽ ڪناين کان تمثيلن تاءِ وڃڻ لاءِ. سياري جون راتيون به ڪائن ڪٽي پون. جڏهن تنهنجي ڪردار تي سوچين. ته منهنجي غير فاني هئڻ جو اعلان ڪري ويهن ۽ محبت جا قاري ٻڏجي پون.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

جڏهن شاهه لطيف جي درگاهه تي هليا هئاسين- اتي توجيڪي چيو هو- سو توکي ياد هوندو الاءِ نه وسري ويو- توچيو هو "فتاح! لطيف سائين جي چائنٽ چمي- تنهنجي منهن ۾ ڏسڻ ڪانپوءِ- مونکي جهڙو يقين ٿي پيو آهي- ته تنهنجو ناول سنڌي ادب جو ٻاويهون سيپارو هوندو."

منهنجي ناول جي هر علامت، آيت ۽ آثار تون ئي ته هيئن- جنهن پنهنجا مڪالما پاڻ پيي ڳالهايا.

پنهنجي واڪاڻ جو حق ته- سچي خدا جيئان- هر ڪوئي جتائي ٿو پر اهڙي ساراهه ڪي جتاءُ- مٽي جي ٿهيل ڪنهن ٿانوَ جهڙي هوندي آهي.

مان محبت ڪي سجدو ته ڪري وينو هئس- پر سندس نماز خبر ناهي ڪيتري وقت کان قضا ڪري وينو هئس.

بس اهو اعتماد مضبوط هئم ته- محبت جي عمل سان زندگي جو يقين آهي.

ڪيئين راتيون چنڊ، ڪڪر ۽ تارا ڪتيون تڪيندي گذاريون هيونسين ڪا اهڙي رات هوندي، جنهن ۾، چنڊ جو لڪي ڏسڻ، تارن جو ترڪڻ ڪتين جو جهلملائڻ ۽ ڪڪرن جون ڪوهن تائين ڊوڙون نه ڏٺوسين اهڙي ئي ڪڪرن سان ڍڪيل تارن ڀري رات گذاريندي- تنهنجو من محبت کان محروم محسوس ڪندي مون چيو هو "آسا! هر سيڪنڊ ۽ منٽ کانپوءِ پنهنجي نئين صورت ناهيندڙ- ڪڪر به ڪڏهن، ڪڏهن فضا ۾ محبت جو نانءُ لکي ڇڏيندا آهن."

تو دلچسپي وٺندي- چيو هو "پوءِ توکي اهي ڪيئن ٿا لڳن؟"

"ويچارا محبت جي نزاڪت ۽ سرور کان بي لطف آهن- اداس دلين جي غمِ وصال واري پياس ۾ واڌارو ڪري ڇڏيندا آهن." "پر اهي بادل توکي ته وڻن ٿا نه؟"

"تنهنجي ڪري آسا! انهن ۾ به شام وارو اڪيلو ڪڪر ته منهنجو هنيانءُ پٽي وٺندو آهي."



www.sindhsalamat.com

“سو ڪيئن؟” خشڪي مائل چپن سان مسڪرائيندي پڇيو هئي. ۽ ان ڪڪر ڪي پنهنجي حال سان تشبيهه ڏيندي مون چيو هو. “شايد مون جيئان اڪيلو اهو بادل به -غمن جو پيريون ڪٽي - ڪنهن غم ڪدي جي تلاش ۾ ڊوڙون پائيندو آهي.” ڪنهن ڊوڙ ۾ ڇڇي وڃڻ ڪانپوءِ - هر اڪيلي شيءَ ڪي صرف لوٽا ئي تہ حاصل ٿيندا آهن.

هونئن بہ لوٽن کان وڌيڪ - انسان ويچاري ڪي - ٻي آزادي مليل بہ ڪهڙي آهي.

پنهنجن جسمن جو سودو ڪري - پنهنجا عضوا هڪٻئي کي ڏئي - هڪ جسم تي ويندڙ اهي ڪڪر - تنهنجي ذهني سڪون لاءِ تہ - ڪنهن ويچ جي حيثيت رکندا هئا.

خاموش ڪڪرن جيئان منهنجي اڏ مئل پياسي ڪيفيت ۽ ڪڪرن جو ڊوڙي هڪٻئي منجهان مٿي، هڪ جسم تي وڃڻ وارو منظر توکي ڏاڍو وڻندو هو.

مون چاهيو پي تہ - ڪنهن ڪڪر تي بہ، تنهنجو نانءُ لکي ڇڏيان - پر محبت جي خالق جو ٿورائتو آهيان - جو ڪنهن رولاڪ ڪڪر جي بجاءِ - تنهنجو نانءُ منهنجي دل جي شريانين ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو - نہ تہ ان بنا پنهنجو جيئڻ بہ - انهن رولاڪ بادلن پنيان ڊوڙون پائيندي ڪپايان ها! ۽ شايد ڪجهہ حاصل ٿي نہ سگهي ها.

پوءِ اهڙي جدائي جي غم ۾ - روز الائي تہ - ڪيتريون ئي جون ٿيلهيون خالي ڪرڻيون پونم ها! —جن ۾ تون اج جي آدم جي انسانيت پيل تصور ڪندي هئين.

دنيا ۾ هر دور کان - ماڻهو پنهنجي غمزده خيالن جو اظهار ڪندو آهي - پر هن دؤر ۾ انسان ڪمپيوٽر جو ابو ٻڻجي ويو آهي - تڏهن مان ڪنهن کي ۽ پنهنجي ڪهري عضوي تي هٿ رکي چوان تہ - مونکي جسم جي هن جاءَ تي درد ڏکي پيو؟

دليون درد قبولڻ وقت - پنهنجي ايندڙ آزار کان اڻڄاڻ هونديون آهن. ڪيڏو نہ اڻڄاڻ رهيس -پنهنجي اندر جي ۽ پنهنجي وجود جي ڪيفيت ۾ رهي - ناول جي نالي سان —پنهنجو ادبي اولاد بہ - الاءِ ڪيترو ڄڻيان ها! جن جو اخلاقي مدار ۽ تعداد



www.sindhsalamat.com

جوانگ- تنهنجا ڪنوارا ٻُل هجن ها! —جن تي محبت جي مسرت جا- دعوت نامہ درج ٿيل هئا.

ڪاش! توکي اهڙي حقيقت جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هجي ها؟ تہ هر پريميءَ جي من ۾- پنهنجي محبوب جي زنده سندرتا دفن ٿيل هوندي آهي- جيڪا لافاني آهي- پر افسوس -جو حسينن وٽ- حسن خوش ادا سان گڏوگڏ- قدرِ منزلت بہ هجي ها- تہ آسمان طرف ٿوڪ اڇلڻ جي بجاءِ- اڄ جا پريمي- جوڙا -چنڊ تي وينل هجن ها.

گهڻو ڪري توکي منهنجي چيل ڳالهہ بہ وسري ويئي هوندي- مون چيوهو" آسا! مون انساني سونهن کي هميشہ پنهنجي روح جي تسڪين محسوس ڪيو آهي- مان ان جي هر وقت تعظيم ڪندو آهيان. هو منهنجي هر ذهني سرگرميءَ کي هڪ اعليٰ قوت بخشي ڇڏيندي آهي".

خير تون بہ ڪيتريون يادون, ساريء سنڀالي رکندئين ۽ رکندئين بہ ڇو. جي يادون بہ تون پاڻ وٽ رکين ها- تہ مان نينهن نياپي واور نہ ڪيان ها! منهنجو تہ يادن ڪانسواءِ نہ نينهن نياپو ٻڌي ٿو. ۽ نہ ناول تمثيلي رمز رڙهي ٿو- ماستري کان اڳ- هڪ پيري ليبر يونين جي سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان- مون کي هڪ مزدور جي قتل تي وچڻ واري ڏوهہ ۾- بيگناهہ قيد ڪرايو ويو هو- تڏهن تو ڪانسواءِ منهنجي گرفتاري جي ڪنهن کي ڪل نہ هئي- ۽ تون منهنجي ملاقات ڪرڻ آئي هئين- جيل جي داروغي توسان ملندي چيو هو"ڪامريڊ ماڻهي ملاقات ڪرڻ آئي اٿئي" ڪنهن حد تاءِ هن درست چيو هو- ڇو تہ پنهنجي ماءُ کان بہ وڌيڪ- منهنجي توسان محبت رهي- پر تڏهن تنهنجو منهن توکي بہ ڏيکارڻ جهڙو هو- جيلر جي اهڙي آجيان توکي پسند نہ هئي- بلڪ ڪاوڙ ۾ تنهنجو منهن تپي ويو هو- تو جيلر کي ڪجهہ چوڻ پئي چاهيو- پر منهنجي منهن ۾ ڏسندي الاءِ ڪيئن خاموش ٿي وئي هئين- توکي ٿڌو ڪرڻ لاءِ- مون توکي جيل انتظاميہ کان آگاهہ ڪندي چيو هو"اها انهن جي مادري زبان آهي آسا! تون مائينڊ نہ ڪجانءِ"

تڏهن تو ڪيتري نہ ڪراهت واري نگاهہ سان آڪڙجي چيو هو"پر اهڙو جملو



www.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ جي- هن کي ضرورت ڪهڙي هئي؟“
ماڻهو ڪنهن جي به- ڪيتري به ڪٽي حمايت ڪندو هجي- پر پنهنجي توهين وقت، ڪنهن جي حمايت ته ڇا- پر هو پنهنجا به اصول وساري ويهندو آهي.“
ڪڏهن تو به ته- جمهوريت جي وقتي نظام جي حمايت ۾ وڏا بحث ڪري- اهڙن جمهوري قدرن جي حمايت ۽ پرچار پي ڪئي هئي.
تنهنجي اهڙي جمهوريت پسندي، اهڙي سوچ ۽ اهڙي جمهوري نظريي جي اوگهڙ ڪندي مون توکي چيو هو“اهي هي...... ته اجان جمهوريت جا گلر آهن آسا- جن جي مادري ٻولي به توکي نٿي وڻي- تو شايد جمهوريت جي ڪنهن وڏي ۽ لائق جي روبرو ٻولي اجان نه ٻڌي آهي- جيڪي هر ننڍي، وڏي ماڻهو سان وات وجهي ڳالهائيندا آهن.“
تون ته وقت جي اهڙي جمهوريت پسند ڪندي هئين- پر مون اهڙي جمهوري نظام جي هر وقت مخالفت پئي ڪئي- ۽ اهڙي جمهوري نظام تي لعنت پي اڇلي- جنهن ڊيموڪريسيءَ ۾ - ماڻهو ماڻهو جو غلام رهندو آهي- انسان کي انسان جي لاءِ- محتاج رکيو ويندو آهي- گڏهن کي گج پاريا ويندا آهن- ۽ ماڻهن کي بکيو رکيو ويندو آهي- ڪتن کي ڪفن ڏئي دفن ڪيو ويندو آهي- ۽ انسانن جا اگهاڙا لاش رُلايا ويندا آهن- جانورن ۽ پکين، پرندن کي پيار سان پاليو ويندو آهي- ۽ آدميت ڪان ڪتي جو ڪم ورتو ويندو آهي.
عابدارن ۽ تپيدارن جون پگهارون- تعلقي عملدار ڪائيندا آهن ۽ تپيدار جهڙو عملو پورهيت جو اولاد ۽ عزت وڪڻندا آهن.
اليڪشن ۾- ووٽن لاءِ- ووٽرن جون زالون اغوا ڪيون وينديون آهن اهڙي جمهوريت کي سياسي تصور چوندڙ ماڻهو جو ته- مون منهن پٽي پي ورتو.
اهڙي سياست- جنهن ۾ سول Civil ۽ فوجي نوڪر شاهي- سرمائيدار ۽ وقت جا اڇلايل جرنل به ڀاڳي ڀائيوار هجن- ته اهڙي ديس جي عوام ۽ قوم تي- طوائفن جو اولاد حڪمراني ڪندو آهي جيڪو پنهنجا اصول ۽ آئيني دستور اهڙا قائم


www.sindhsalamat.com

ڪندو آهي- جن ۾ انساني غيرت جو ملهه تمام سستو هوندو آهي!

تنهنجي سمجهه مطابق- منهنجي اهڙي سوچ به جمهوريت هئي جنهن ۾ مان- تنهنجي اجازت جي بغير- توکان موڪلائي بنا- سواءِ تنهنجي نراڙجي- پيو جتي به چاهيندو هئس توکي چمي ڏئي ويندو هئس.

تو پنهنجي چند جهڙي چهري تان پنهنجو پيارو نراڙ چمڻ الاءِ ڇو نه پي ڏنو. شايد تو کي ڪتڪائي ٿيندي هئي. ۽ نه وري مون پنهنجي اهڙي خواهش لاءِ ڪا ريس يا ٻاراڻو ضد به ڪيو هو. شايد ان ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن اتي به اوچتي چمي ڏنم پئي. ۽ منهنجي چاهت پوري ٿي پئي وئي. ۽ پوءِ ڪن پل جي لاءِ تنهنجو رسامو رسواءِ عالم هوندو هو. سو به شايد انهيءَ ڪري جو تو خود ڪڏهن اهڙي حالت ۽ ڪيفيت ۾ نه پوڳيو هو جنهن ۾ ماڻهو رئڻ چاهي ۽ روئي نه سگهي. ۽ روئي وجهي ته پاڻ سنڀالي نه سگهي. ۽ نه ڪيس اهڙي پروس حالت ۾ ڪوئي پر چاءُ به ڏيڻ وارو هجي.

وقت بي مقصد زندگين کي سرءُ جي سڪل پن جيان ڪيئن ڪفن پوش ڪندو آهي ان جو احساس مون کي تڏهن ٿيو جڏهن تو ڪنهن چنچل ڪلاڙي جيان مون سان هر گيم ڪيڏڻ ڇڏي ڏنو.

پنهنجي خيال کي دل جي زندان ۾ ڦتڪائي مارڻ جي بجاءِ سچي الفت ۾ سندن قوت اپنائڻ پي چاهيم تنهنجي سر سبز صورت تي خيالن جا جيڪي سلا اپريل هئا انهن جي پالنا جو آباد گار بڻجي هارپو ڪري غربت ۽ ناداري لاءِ اڪرن جو اناج اهڙو اپائڻ پي چاهيم جنهن کي سرمائيدار جيت ڪائي فنا نه ڪري سگهن.

پر تنهنجي ٽرئجدي جا ڊراما به ڪي عجيب هئا. ايئن ڪٿي چئجي ته اهو تنهنجي فطرت ۾ شامل هو ته ڪجهه چوڻ لاءِ سڀ ڪجهه دليري سان چئي ڇڏيندي هئين پر ڪار خير جهڙي ڪم ۾ به ڪجهه ڏيڻ لاءِ وڏي ڪنجوس هوندي هيئن.

ايتري تائين جو چمي جهڙي خيرات لاءِ به ڪجهه سوچڻو پوندو هو. ۽ حيلو بهانو ڳولهڻو پوندو هو. ماڻهن جي سوچ ته نظرن کان به تکي هوندي آهي پر سندن مقصد واري منزل لاءِ سندن ڊوڙ سندن وسيلن تي ياڙيل رهندي آهي.



www.sindhsalamat.com

تو ڪان پوءِ منهنجا نوان دوست منهنجي سوچ لاءِ بہ اهڙي چونڊ ڪندا رهيا ۽ مون کي پنهنجي ذهن جي نواڻ لاءِ يورپي تصور جا حوالا ڏئي پنهنجي بيوقوفي سان اهڙا مشورا ڏيندا رهيا جڏهن تہ پاڻ خود پنهنجي محدود وسيلن ۾ پي لوڙهيائون.

شايد انهن مون کي ايئن سجاتو هو جيئن انڌا پنهنجي لٺ ڏسي سڃاڻن.

منهنجي خيال ۾ انهن اهڙي ڳالهہ تي ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ نر ۽ مادي جنسون پنهنجا عضوا سڃاڻي هڪ ٻئي سان ڪيئن اچي گڏبندا آهن.

پر اهڙا دوست چڙجن بہ ڪيئن جيڪي زندگي جا مشورا ۽ موت جا دڙڪا ڏئي غير فاني ۽ فاني واري سوچ ۾ وجهي اهڙي لذت جو چسڪو ڏياري ۽ پوءِ وري زندگي خوش گذارڻ ۽ رکڻ جا مشورا ڏئي غم جي سوز ۽ درد جي سرور کان محروم رکڻ جي ڪوشش ڪندا هجن.

اهڙا دوست مون لاءِ مصيبت بہ رهيا تہ دم دلاسو بہ ۽ منهنجي سوچ توڙي خيالن جي وصف بہ!

منهنجن اهڙن دوستن جي وصف گهڙيندي تو چيو هو "فتاح! تو اهڙن دوستن سان وقت ڪيئن ٿو نيائين جيڪي هر معاملي ۾ سقراط مان افلاطون بنجيو پون."

تو کي سندن اهڙيون عادتون هرگز پسند نہ هيون جنهن ۾ هو معمولي خيال کي بہ وڏي اهميت ڏئي ان تي انهن وڏا بحث پي ڇيڙيا.

پنهنجا اهڙا دوست ذهن ۾ رکندي مون تو کي جواب ۾ چيو هو تہ "شعور جي دنيا ۾ ڪا معمولي ڳالهہ تہ ليکي نہ ويندي آهي پر جنهن سوچ سان ان کي معمولي تصور ڪيو ويندو آهي فڪري جي گهرائي ۾ ان کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي."

"تنهن جي معنيٰ تہ تون انهن مان اهو تصور نہ ڪندو آهين تہ سندن ذهن رلي پيا آهن؟"

"نہ آسا! مان انهن لاءِ ائين چئي نہ سگهندس تہ اهي منزل تان ڀٽڪي ويل مسافر آهن ايئن ضرور آهي تہ هو پنهنجا مقصد ٻين تي مڙهڻ چاهين ٿا ۽ ان جي خواهش بہ رکن ٿا. سندن اها ئي خواهش مون کي پنهنجو پاڻ سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري" مون


www.sindhsalamat.com

تنهنجي دوستيءَ کي ئي خيال ۾ رکندي چيو هو پر تو نه پي سمجهيو هونئن به تون عام فهم کان ڪم گهٽ ونندي هيئين مون کي سمجهڻ جو ته تو ڏيان ئي نه پي ڏنو منهنجي جواب تي تو پڇيو هو "تون پنهنجي خيال ۾ ڪيئن ٿو سمجهين انهن محبت کي سمجهي ورتو آهي.؟"

"آسا تنهنجو اهو سوال ائين آهي جيئن چئجي ته، ڇا ماڻهن خدا کي ڏسي ورتو آهي؟"

تو هڪدم چيو هو ته "خدا بابت مان بحث نه ڪنديس."

تون شايد پنهنجي خدا جي بحث ۾ ڪنهن پنهنجي خدائي ۾ ڪٽي پوندي هيئين. ۽ مان خدائن تي بحث ڪندي پنهنجي خدائي کان مٿي چڙهي ويندو هئس. جنهن ۾ تنهنجا حوصلا خطا ٿي پوندا هئا. حالانڪ ڪوشش ڪندو هئس ته اهڙا بحث مان به نه ڇيڙيان. جنهن سان خدائن جا چاهيندڙ خدا بڻجي پون. پر خودي جي کپت ۾ خدا بابت ڳالهائڻ منهنجي مجبوري هئي.

ڪجهه دير خاموش رهي وري پنهنجي خدا بابت تو ئي چيو هو "ڏينهن کي سج نه هجي ته قدرت کي ڪهڙي ميجتا هئي؟"

مون ته جهانن جي ڳالهه پئي ڪئي پر تو قدرت کي وچ ۾ آڻي وڌو ته مون پنهنجي عقل جي ڳالهه ڪندي چيو هو "شعور کي لاشعور نه هجي ها ته تو کي منهنجو ماڻهپو به شايد محسوس نه ٿئي ها."

دنيا کان اڳ تو ئي مون کي چريو ڪيو ۽ چريو چوندي هيئين.

پنهنجي گفتگو ۾ منهنجن دوستن کي محض پنهنجو موضوع بنائيندي هيئن. موضوع جي مرڪزي خيال جو مقصد وري به مونکي ئي رکندي هيئين. شايد مون کي سڌي طرح چوڻ تو ضروري نه سمجهيو هو. پوءِ به پنهنجي سمجهه آهر مان پنهنجن دوستن بابت پنهنجا رايا ڏئي هميشه ائين چوندو هئس ته "هي جيڪي محبت کي اڃا سمجهي نه سهگيا آهن سي جيڪڏهن زنده آهن ته ان کي خالق جي قدرت چئي سگهجي ٿو. پر اصل ۾ انهن ته گهٽا ڏينهن اڳ پنهنجي عقل ۽ شعور جي


www.sindhsalamat.com

خود ڪشي ڪري ڇڏي آهي.
ائين ڪٺي ڇئجي تہ اهي ماڻهن جي ويس ۾ ڪڪرن جيئان رلندا روح آهن. جن جو ڌرتي جي مخلوق سان ڪوئي تعلق ئي نہ آهي. ۽ انهن ۾ اهو فرق صرف آهي تہ پريم جي پيڙا جو زهر خود نيتي سان پنهنجي حلق ۾ اوتي خود ڪشي ڪندڙ ديوانا روح اهڙن اياڻن روحن سان ريهاڻيون نہ ڪندا آهن.
محبت کان اڻڄاڻ ڳالهين جا ڳهير منهنجا اهي دوست پريمڪا جون ڳالهيون ڪري صرف متوالن جي دلين تي وڏ وجهي وڏيڪ مخمور ۽ مست ڪري پيا ڇاڻن.
منهنجي روح تي بہ انهن هر رات وڏا وڏ وڏا هڪڙا ڇاڪ تنهنجن يادن واري چِتا جي چس ۾ اڳي ئي پي چڪيا ويتر محبت کان منڪر منهنجا نابالغ دوست مون کي غمن جون پريون ۽ پاڪر ادا ڪندا رهيا.
هي جڏهن محبت کي سمجهي نہ سگهيا پوءِ آڏين جو اچي مون سان اهڙيون مقالون ڇو پيار ڇائن.
ٽيبل ليمپ جي روشنيءَ تي ٽينگ ٽپا ڏيندڙ پتنگن جو پساهہ ڪيڻ تہ سندن وندر ۾ شمار رهيو.
هڪ رات جڏهن تو ٽيليفون ڪري چيو هو تہ "فتاح! اتي ڪنهن سان وينل آهين هيڏانهن نٿو اچين ڇو؟"
مون چيو هو "آسا! ڪجهہ دوست وينل آهن."
تو چيو هو تہ "اهي تہ سج بيني سٽل هوندا آهن."
چيو هئم "اج بہ اوپاسيون ڏئي سندن ماڻهپو جوين جا پڪ پيو ساري هاڻ شايد اجهي گهريءَ ننڊ سمهڻ وارا آهن. ۽ تون ڪجهہ انتظار ڪجان مان اجهي اچان ٿو. ڇو تہ منهنجو من تنهائي جو روڳ تياڳڻ نٿو چاهي. مان تہ تنهنجي جوت جي جاڳ وارو ڀاڳ حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي اوجهر ۾ پنهنجي گيان ايمان کي اجاري تو کان اجان ان چمي ۽ پاڪر وارو انعام لهڻو آهيان. جنهن ۾ مان پنهنجي حقيقي موت مرڻو آهيان. جنهن لاءِ پنهنجو من عربي سمنڊ ڪري وينو آهيان. جنهن ۾ تنهنجي هجر جا درد


www.sindhsalamat.com

سنڌو نديءَ جيئان ڇولين هٺي ان ۾ غرق ٿيندا وڃن.”



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

ان رات بہ آڌي مهل تنهنجي تربوزي ڳتي تي روز جيئان توکي موڪلائي واري چمي ڏئي پنهنجي گهر اچي ٽيبل ليمپ آن ڪري مان ناول تي لکڻ ويٺس انهيءَ رات مون کي صرف تنهنجا خيال قلمبند ڪرڻا هئا. جن جو تنهن رات توکلي دل سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو هو. تو پنهنجي مئريج لاءِ بہ شايد ان رات ڪجھ چٽي طرح چوڻ پئي چاهيو جنهن تي ڪڏهن بہ واضح صورت ۾ ڳالهائي نہ سگهيا هئا سين.

مون تقريبن تنهنجا سڀ خيال قلم بند ڪري ڇڏيا هئا. پر هڪ اهڙو معتبر خيال هو جيڪو ذهن کي چڱي طرح ياد نہ رهيو هو. الاءِ تہ سمجھ ۾ نہ پئي آيو.

ان خيال ۾ ايڏو تہ الجهي ويو هئس جو اهڙي اُلجهاءُ واري چرپائپ ۾ مان ان وقت ٽي واپس موٽي توڏانهن آيو هئس پنهنجي دوري تہ هوندن بہ ذهن منٽن جي پنڌ واري فاصلي جي هوندي هئي. بس ايترو هو جو مون کي ٽيبل تي ٿورو وقت لڳي ويو هو.

رات پنهنجي پوئين پهر ۾ باقي هئي شايد عصر واري دعا جو وقت هو جنهن تي توکي پورو ايمان ۽ يقين رهندو هو. مان ٻاهران لوهي گيٽ مٿان ٽپي اندر آيو هئس. تنهنجي مائٽاڻي پيرسن ملازم ڪاڪا صالح کي بہ ننڊ مان اٿارڻ واجب نہ پئي سمجهيم.

تون گهر جي ڪهڙي ڪمري ۾ سمهندي هيئين ان جو تہ مان گهڻو ئي واقف هئس اهو ڪمرو سڄي محل نما بنگلي ۾ پنهنجي الڳ حيثيت ۾ شمار هو. انهيءَ ڪري جو سندس چوڌيواريءَ ۾ محبت جهڙي مقدس حقيقت جا پردا لهندا چڙهندا هئا.

تون پلنگ تي ليٽڻ کان پوءِ اتفاقن ننڊ سمهي پوندي هيئين ۽ سمهڻ وقت ڪمري جو دروازو بہ بند ڪرڻ توکي وسري ويندو هو. تنهنجي اهڙي غلطيءَ جي سزا مان ئي ڀوڳيندو هئس. سزا بہ ڪهڙي؟ بس جي تڪا ٽي ويندا هئاسين تہ وڏ ۾ وڏ بہ چميون.

انهيءَ رات بہ دروازو بدستور کليل ئي هو مان ڪمري ۾ ائين داخل ٿيس جيئن سڄي



www.sindhsalamat.com

رات جي مسافريءَ کان ٿڪل ماڻهو پنهنجي اجهي اچي رسندو آهي.
ڪمري جي ڇت وارو رنگين زيرو بلب آن ٿيل هوءِ تون گهريءَ ننڊ ۾ ستل هيئين تنهنجي ڇهري تي ڪجهه وکري ويل تنهنجي مٿي جا وار هئا.
تنهنجو مهڪندڙ چهرو ڏسي اهو يقين ئي نه پي ٿيم. ته تون ڪا گهري ننڊ ستل آهين. پر تنهنجي منهن تي ٻوڙي ويل تنهنجن وارن مان تنهنجو منهن ڏسي مون کي ايئن معلوم ٿيڻ لڳو ته جيئن ڪو منزل جو ٿڪل مسافر سرءُ جي پن ڇڻ موسم ۾ ڪنهن وڻ هيٺان ستل هجي ۽ وڻ جي لوساٽيل لامن مان سج جا ڪرڻا ڪراس ڪري سندس منهن تي پوندا هجن.
جڏهن پنهنجو اکيون نمائي تنهنجي منهن جي مزار کي ويجهو ڏسڻ لڳس ته تنهنجو منهن اسور واري چنڊ جيئان لڳو ذهن ۾ عجيب نيتون ٻوڙون پائڻ لڳيون.
ڇڙ واڳ نيتون جڏهن ذهن تي اينديون آهن تڏهن اهي ماڻهو ان وقت بد نيت هوندا آهن.
پنهنجو ذهن خراب ڪرڻ جي بجاءِ تو کي اٿاريو هئم تو کي نائيٽ ڊريس پهريل هئي.
رات جي وقت عورت کي پهريل اهڙو لباس مون کي ڏاڍو وڻندو هو.
جڏهن تون ننڊ مان بيدار ٿي هيئين ته تنهنجي ڪجهه ڪڇڻ کان اڳ مون چيو هو ”آسا! تون گهري ننڊ ستل هيئين؟“
”۽ پوءِ تنهنجو نرڙ چمي ورتو؟“ تو منهنجي جملي سان جملو ملائيندي چيو هو. مون هڪدم چيو هو.
”نه نه نيت بگڙي ضرور هئي آسا! پر چميءَ جي چوري کي به خدا جو قسم مان وڏو پاپ تصور ڪندو آهيان.“
”پر جي اهڙو پاپ تو کان ٿي به ويو هجي ته پوءِ خبر اٿئي اهڙي جرماني جو بدل ڇا آهي؟“ تو ويساهه نه ڪندي چيو هو تنهنجون اکيون شرابي ڏن ۾ هيون شايد ننڊ تنهنجي پڇر نه ڇڏي هئي تنهنجي ننڊ پڄائڻ لاءِ مون مذاق ڪندي چيو هو ”مان


www.sindhsalamat.com

مسڪين ماڻهو آهيان اهڙي پاپ جي جرماني ۾ به چميون نه هڪڙي چمي وٺجان.”
تڏهن تو پڇيو هو“چڱو پلا اهو ٻڌائي منهنجي گهريءَ ننڊ مان تو ڇو ڇاچا ڏنو ورتو؟”
“تون گهري ننڊ ستل هيئين آسا! تنهنجو ماڻهپو منهنجي ناول لاءِ مون سان ٽيبل تي منهنجي هيلپ ۾ هو.”
“ها سائين ڀاڳن وارو ماڻهو آهين لوڪ لقا سُتي ماڻهپا تنهنجي مدد ڪندا آهن.”
ننڊ واري آرس ۾ مسڪرائيندي چيو هيئي.
تو شايد پنهنجي عقيدي موجب ماڻهپي مان مراد ڪنهن الهامي قوت جو اشارو ڏنو هو. سو به ڪاميڊين هٽ واري لهجي ۾ مون کي ڊسڪوريج ڪرڻ جي نيت سان. پر مون ته اهڙي ماڻهپي جي ڳالهه ڪئي هئي جيڪو گهري ننڊ جي پڳهر ۾ ٻڌي هميشه لاءِ مري ويندو آهي.
شايد منهنجو ڪُمهلو اچڻ ۽ تنهنجو متي ننڊ مان اٿڻ منهنجي خيال موجب مون ائين سمجهيو ته تو کي ڀان نه پيو هو. پوءِ به تنهجو حوصلو مهربان هو. تنهجي اهڙي ادا کي سلام هجي جنهن ۾ تو منهنجي چريائپ ۽ غلط قدم کي درگذر ڪندي ٽيبل تي رکيل ٽائيم پيس ۾ وقت ڏسندي تمام خوش چهري ۽ خلوص دل سان پڇيو هو
“هي تون باقي رهي رات اجان نه ستو آهين؟ فتاح! تون خود ستائي ۾ ايڏو اُلجهندو ڇو وڃين؟ پاڻ سنڀال خود سان ايڏي بي قدري نه ڪر؟ ٻڌائي هن وقت ڪيئن آيو آهين؟”
خيال آيم ته توکي چئي ڏيان ته ڪتي کان وفا جو سبق سکڻ کان پوءِ منهنجو هر رات سمهي ننڊ ڪرڻ به اهڙو ئي ٻڄي پيو آهي پر مان جنهن وچايل خيال جي لاءِ آيو هئس مون کي ان خيال ستائش ۾ وجهي اهڙي سوال پڇڻ لاءِ منجهائي وڌو هو ته توکان ان وچايل خيال بابت ان خيال جي ڪهڙي صورت ٿاهي پڇان.
مون کي اهڙي خبر نه هئي ته خيال وڃائجي به ويندا آهن ته وري اهي ساڳي ملندائي ناهن. ائين پنهنجو وجود وڃائي پنهنجي گمنامي سان منفرد نواڻ ۾ جنم وٺندا آهن. جيئن ڪوڙ جا عادي ماڻهو پنهنجي ضرورت مطابق هڪدم ڪوڙ ٺاهي وٺندا آهن


www.sindhsalamat.com

تون اهڙن ماڻهن کي بہ شاعر سمجهندي هيئينءَ.
مان بہ اهڙي طرح سان مڙئي ڳالهہ بنائيندي چيو هو "سچي رات تنهنجي ڪردار جا ڪِليم لکندي مغز ڳرو ٿي ويو پر ننڊ جو نانءُ بہ ذهن ۾ نہ آيو آسا."
"تو ۾ هاڻ دير ڪانهي فتاح!" اکيون مهٽيندي چيو هيئي
"ڇا جي؟" مون تڪڙو پڇيو هو.1
"پنهنجي دين، ايمان وڃائڻ جي" ڪجهہ درست ۽ ڪجهہ غلط چيو هيئي.
منهنجو دين ايمان ۽ منهنجي جيءَ جو جهان ايڏو ڪمزور نہ هو. تو کي وسري ويو هو ٿئي واري شاهجان مسجد ۾ تو کي مون چيو هو "هي دنيا هڪ اهڙو بيت آهي آسا جنهن کي جيڏرا ماڻهو چوگرد طواف ڪري رهيا آهن. جيئن تون منهنجي لاءِ بيت المقدس آهين ۽ مان پنهنجي دل کي احرام اوڍي تنهنجي بندگي ڪندو آهيان."
تڏهن بہ تو ائين ئي چيو هو تہ "محبت ۾ ايڏو ڪفر نہ ڪندو ڪر فتاح!"
۽ مون چيو هو تہ "محبت ۾ خدا ۽ خلق جو خوف ۽ مذهب توڙي عقيدي جو حيا ڪندڙ ڪڏهن بہ حقيقت ۽ سچائي حاصل نٿا ڪري سگهن."
تو تہ پوءِ بہ ڪافي جٺ ملامت پي ڪئي هئي. پر تنهنجي انهيءَ ديندار ۽ مذهبي خطبي تي ڌيان نہ ڏيندو هئس.
منهنجي دل جي عقيدي ۾ محبت کان وڏيڪ ٻيو ڪو بہ اهڙو مذهب نہ هو جيڪو انسانيت لاءِ امن پناهہ رهيو هجي. محبوبن جا مذهب تہ الاءِ ڪهڙا هوندا آهن. پر عاشقن جو مذهب تہ سندن محبوب جي محبوبي رهيو آهي- پر محبت ۾ بہ پنهنجي ڪمزوريءَ سبب فرقن جو شڪار ٿي ويندو آهن. پو سقراط ۽ حلاج جي نالن جا مولود ڳائيندا آهن.
پر منهنجي لاءِ تون تہ مذهب ۽ خدا ٻنهي کان الڳ ڪوئي ٻيو درجو حاصل ڪري چڪي هيئين. باقي دنيا جي لحاظ کان خود کي تہ تنهنجي حسن جو مجنو بنائي وينس ايئن ڪٽي چئجي تہ تون منهنجي ذهن لاءَ ٽينءَ دنيا جي اهڙي اخبار بڻيل هيئين جنهن جو مان اهڙو ئي صحافي بڻيل هئس. جيئن پاڪستاني صحافي


www.sindhsalamat.com

پنهنجي نيوز لاءِ وقتي طور پنهنجي وفاداري هر حڪمران سان نڀائيندي مجبور هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

تو سان گڏ جيڪي دم گهڙي ويجهو رهيس سي اڻ پيتي جي نشي جيئان ڪن پل جي لاءِ طبيعت تمام سڪون پذير محسوس ڪندو هئس پر ڪجهه گهڙيون گذرڻ کان پوءِ آهستي آهستي من اندر دردن جي آهڙي ڌمال مچي ويندي هئي جيئن پيئڻ کان پوءِ درد گهٽجڻ جي بجاءِ يادون تازيون ڪريو، من ۾ وٿاڻ ٺاهي ويهي رهندا آهن.

دردن جي اهڙي پيڙا واري پوڳنا جو عادي ٿي وڃڻ ۾ ته ڪنهن کي به اهڙو ڏوهه پاسي نٿو سگهجي.

جيئن پيٽ واري بک جي باهه ڪاڻ، ڪي ماڻهو ايمان جي ڪمزوري سبب پنهنجي خدا سان به وڙهڻ لاءِ خدا جو ڏس پتو پڇائيندا آهن. تيئن محبت واري بک، مون کي به پنهنجي خدا سان اٽڪائي وجهندي هئي. ۽ بس تنهنجي پڇا هوندي هئي.

ڪڏهن، ڪڏهن ته اهڙي هيبت ناڪ ويڙهي خيال کان ڏاڍو خوف کائيندو هئس ته هٿ جي ريکائن مان موت جي ريکا کي پٽي کائي ڳڙڪائي ڇڏڻ کان پوءِ ڪٿي پنهنجي هٿ جي خدا کي به ائين ڳڙڪائي پنهنجي پيٽ داخل نه ڪري ويهان!

خدا ۽ مذهبن بابت بحث ڪرڻ کان ته منهنجا دوست به ڪڏهن وڙن هئا. ته ڪڏهن خود کي خدا بنائي ويهندا هئا.

منهنجا پيارا دوست جيڪي هڪڙي اک سان ڏسندا هئا پر جنرل ضياءُ جي اڏامڻ کان پوءِ،

سندن ٻئي اکيون ڪاٺيون تي پيون،

پهرين ته هڪڙي ڏائي اک سان ڏسندا هئا، پر پوءِ نه پيا ڏسن.

۽ مان ڏسان پيو،



www.sindhsalamat.com

ادب جي مئڪدي ۾،
پيئڻ وارا ڏؤ سان پيئندا رهيا،
۽ ساقي ساري رات اچيا!
اچيا ئي اچيا،
۽ وري منهنجا محترم دوست،
اهي، جيڪي،
ڪنن جا اڳ ڪجهہ سر لا هئا،
پيئڻ ڪان پوءِ ڏسندي ڏسندي ڪنن ڪان ڳرا ٿي پيا
۽ ڪجهہ بہ نہ پيا ٻڌن.
۽ مان صرف ٻڌندوئي رهيس!
مئلن تي مرثيا خواني ڪندڙ وقت ڪان اڳ،
جيئرا بہ ماري وينا!
ڏاڍو افسوس هو دل کي،
پوءِ افسوس ئي تہ رهي ٿو!
جيڪي دل جي ڪنن سان ٻڌن ٿا،
۽ صرف ذهن کي ٻڌائين ٿا،
انهن لاءِ
بس بڪيا رهندا آهن،
اهي ذهن،
جن کي دل سان ٻڌڻ جي خواهش رهي پر،
هڪدم پوءِ مري پوندا آهن، تڏهن،
جڏهن ڪجهہ ٻڌي ٻڌائڻ لاءِ ڪجهہ سمجهي نہ سگهندا آهن!
مئل هئا اهي سڀ ذهن جيڪي پنهنجي وقتي حاڪم ڪرسي تي وينل هئا بک
۽ بيروزگاري کان تنگ اچي آپگهات ڪندڙ هر ايندڙ ويندڙ حڪومت جي منهن


www.sindhsalamat.com

تي دانگين جا ترا گهمائي پنهنجي ٻنهن هٿن جا بوندا ٻه هڻندا رهيا محبت جي قحط جا ڏڪاريل ۽ پنهنجائپ جي قرب کان محروم منهنجا دوست ٻه. پنهنجي قلم واري مس ۾ Poison مڪس ڪري پنهنجي دل جون مرادون زندگي جو آخري وصيت نامو بنائي- پنهنجي ئي ڪفن تي لکي رات وچ ۾ موڪلائيندا پيا وڃن- ائين لڳندو هو ته- ڌرتيءَ جي هر پيٽي پونءَ ۾ پولڙن جو راڄ ۽ خرن جون خر مستيون آهن جن پنهنجي مرضي جو جمهوري نظام اڏي غيرت جو ملهه ڪيرائي ڇڏيو!

انهن کي شايد ايتري ٻه نه هئي- جيتري مونکي تنهنجي آبرو شرف سربلنديءَ لاءِ!

ماڻهن جون صورتون توڙي جو مونکي وسري ويندڀون هيون پر من دنيا ۾- تنهنجي ڪا صورت اهڙي هئي- جيڪا دل جي آئيني جو عڪس بڻجي پئي- يقين ٿي پيو هئم. ته دل جو شيشو چُور ٻه ٿي پيو ته سندس هر ذري ۾ تنهنجي صورت جو وجود قائم رهندو- هر عاشق جي دل ائين ئي چوندي آهي ته. منهنجي محبوب جي صورت نظر چورائي ٿي.

پر مونکي منهنجي دل. تنهنجي صورت لاءِ ائين چوريندي هئي ته دل جي ويران هستي سان پنهنجو الڳ مقام قائم ڪندڙ دلين تي تنهنجي صورت جو ڇاپ رهندو.”

اهڙي خيال تي مظبوط بيٺل هئس ته جسم جو پورو گوشت يادن جي قبر ۾ ڪاڙهو ڪري ڪڙهي ويندو هجي پر جادل محبوب جو آسڻ رهندي هجي. ان جو ڪنهن ڪاڙهي ۾ ڪڙهي فنا ٿيڻ معنيٰ سندس خدا جو فنا ٿيڻ.!

دل جي ڪائنات جوڙڻ وقت دوزخ جي خالق کي اهڙو دوزخ ٻه ناهڻ وسري ويو هوندو جڏهن محبت جي اذان ٻڌي هونداڻين.

جنهن دل جو جلڻ ئي زندگي جو جيئاپو هجي ته نه اها دل فنا ٿئي نه ان جو باغ ۽ باغبان.


www.sindhsalamat.com

غم ڪائي پنهنجو گوشت پچائيندڙ دليون پنهنجي مسڪن ۾ رهي سچائي جا رتبا حاصل ڪري غير فاني ٿيو وڃن اهوئي زندگي جو يقين رهي ٿو.
منهنجي دل جي ڳالهه منهنجا دوست سمجهڻ جهڙائي نہ رهيا جيڪي پنهنجي زندگي جا فانوس ٻاريندا وري اُجهائيندا رهيا پنهنجو مقصد سمجهڻ نہ سمجهڻ سندن شايد مشغولو نہ رهيو. پوءِ بہ ٻين کي سمجهڻ جي بجاءِ سمجهائيندا رهيا!
سندن سمجهہ کي سمجهڻ جي وڏي ڪوشش ڪندو هئس. اهي پنهنجي ٻي سمجهي ۾ چوندا هئا تہ "فتاح! تون خيالن ۾ رلي رلي ڪنهن بليڪ هول ۾ گهڙي ويو آهين. ماڻهو تو کي نہ پيا ڏسن شايد تون ماڻهن کي ڏسين پيو-
تو کي پنهنجو ديسي ماڻهو ڪنهن ڏينهن ۾ قاتل نظر پيو اچي ۽ سندس ڦٽڪاري تو کي ڦٽڪائي وڌو آهي ۽ تون ڦٽڪي، ڦٽڪي پنهنجا هڏ پچائي ويهندين فتاح! تو کي شايد خبر ناهي جن جسمن کي گوشت ۽ هڏيون ناهن هونديون دل جو ڏکندو سي جسم تہ محسوس ئي نہ ڪندا آهن اهڙا جسم شايد خدا جو درجو رکندا هجن. ڏاڍا بي رحم ٿي ويندا آهن.
اڙي فتاح! دل جو مرڻ ۽ جيئڻ تہ دنيا جو پهريون نبي بہ شايد پرجهي نہ سگيو هجي!؟"
ماڻهو تہ دل کي سرف گوشت جو ڳيو چوندا آهن جانور جي دل تہ ماڻهو قواب ڪري پچائيندا آهن. پر پنهنجي دل پچائي کائڻ کان، ماڻهو ڪيڏو پري هوندا آهن.!
نہ مرد نہ عورت نہ آدميت! ان جي هستي جي فيصلن تي ڪڏهن تو ڏيان بہ ڏنو آهي؟ فتاح؟
ڪيڏا سخت فيصلا هوندا آهن سندس،
جنهن ساري ڄمار چنڊ کي تہ سمهڻ ئي ناهي ڏنو.
سج کي هڪ ڏينهن بہ گسائڻ جي اجازت ناهي!
ماڻهو کي مرڻ وقت ساهہ جي مهلت ڏيڻ، سندس رحم جي خلاف آهي!"


www.sindhsalamat.com

خبر ناهي منهنجن دوستن اهڙيون ڳالهيون عقل سان پي ڪيون يا اتفاق سان يا اتفاق سان هڏن کان خالي جسمن تي نظر پئجي وين.
هڪڙي دوست تہ بحث جي ضد ۾ اچي چيو هو "پر سندس سخت فيصلن کي شڪتي وري بہ تہ ماس ڳيپي سان نهيل دليون ئي بخشينديون آهن جن ۾ هڏ تہ هوندو ئي ناهي."
ٻئي دوست چيو "ها! پر اهي دليون! جيڪي محبت جي منڊ سان پنهنجو گوشت ڳارينديون هجن! شڪتي عطا ڪن ٿيون!؟"
هن بي لغام هستيءَ ۾ عجيب حرڪت آهي هن جونهيل انسان جيترو ڪيس ويجهو ٿو وڃي هو اوترو ئي ان کان پري پئي وڃي پنهنجي جسم نہ هجڻ جي حالت ۾ شايد دل جهڙي هستي ۽ محبت جهڙي ڪيفيت کان محروم آهي."
بي سمجهہ حالت ۾ بہ دوست ڪيڏا راست گو بڻجي پيا هئا. انهن تہ اجان بہ ڪافي ڪجهہ چيو هو پر جڏهن تہ اهڙا بحث ٻڌڻ کان بہ تو خود کي الڳ رکيو هو.
خدا بابت ڪوئي ذڪر ڇڙي پوندو هو تہ توکي جهڙو ڪا پنهنجي اوگهڙ نظر اچي ويندي هئي!. توکي منهنجا دوست، پسند بہ تڏهن نہ پيا! هو خدا ۾ ئي اٽڪيا رهيا توڙي جو دليون روئينديون ۽ جسم وڪامندي ڏٺائون تڏهن بہ!
اهي تہ ميهار کان بہ منهن موڙي وينا تماچي جام تہ وري بہ امير عاشق هو.
پر انهن دوستن جو ڏوهہ بہ ڪهڙو بي سمجهي انهن جي مقدر جو خدا بڻيل رهي.
هن هڪ سهڻي کان پوءِ تہ هزارين سهڻيون سائر ٻوڙيون پر جيئن مند مئي، وسيلا ويا تيئن نہ وري ميهار مري پاڻ ملهايو ۽ نہ پيو ميهار ماءُ ڄڻيو.
ميهارِي سڏ ڪندي هڪ دفعو ايترو تو کي مون ضرور چيو هو تہ "آسا! مون کي پنهنجي جسم ۾ وڙ ويڙهي جيئان ويڙهي رک."
تو چيو هو "ڇو تو ۾ عورتاڻا عضوا ڦٽي پيا آهن ڇا ميان محبت جي هَوَس ۾ خدا کي بہ ياد ڪر ڪجهہ خدا جو بہ حيا ڪر!؟
محبت ۾ هوس ۽ ان هوس ۾ بہ خدا جي ياد ڪيڏو ٺڪائي وڏو هيئي اهڙن جملن


www.sindhsalamat.com

سان پر منهنجي ته سو وس نه هو.
زخمن تي لوڻ اڇلڻ جو توکي وڏو فن هو سو به وري پنهنجي خدا جي دڙڪي سان!
زماني کان زخم ٿورڙا مليا! اهڙي شڪايت مون ڪنهن کان به ڪڏهن نه ٻڌي هر جسم غمن جي اهڙي غلبي ۾ بي ستو ٿي خود کي ماڻهپي کان ٻاهر ڪيڏي ٿو وجي.!
پنهنجو من درد ۽ غم کان پاڻ ڇڏائي ڪير آهي ممتاز رهيو؟
ترقي پذير انسان، اهڙي ترقي ضرور ڪئي جنهن ۾ جسم وڪڻي دوا وٺڻ ته مون جهڙا ڪيترائي رومانسر مريض ڳاڻيتي کان به ڳپل!
تو به شايد هڪڙي پيري اهڙي نوعيت جو سوال پڇندي چيو هو "فتاح! جيڪو جسم وڪيو وجي يا وڪجي وجي ڪيترو درد هوندو اهڙيءَ وڪيل ۽ ويڪو زندگي!؟ کي!؟
تڏهن مون جواب جي بدلي وري توکي ئي سوال ڏيندي پڇيو هو "پر جيڪڏهن ڪو مفت ۾ خود کي وڪڻڻ چاهي ۽ وٺڻ وارو نه هجي ته اهڙي بي ملهه زندگيءَ جي درد کي تون ڪيئن ٿي سمجهين آسا!؟ جنهن جي نه ابتدا هجي نه انتها ۽ نه ملهه هجي نه قدر؟"
تو ڪوئي جواب نه ڏنو هو ۽ مان هيروئن پياڪ موالي جيئان تنهنجو مغز کائيندو چوندي ويس ته "ڪڏهن ڪڏهن اهڙي زندگيءَ جي تاريڪيءَ ۾ به عدم جو وجود پنهنجي غير فاني قوت سان چنڊ جيئان جرڪي پوندو آهي ۽ دل جي ڪائنات ۾ آڪاش منڊل جهڙي ڪهڪشان خود به خود جڙي چمڪڻ لڳندي آهي. پوءِ اهڙي زندگي جيڪا غم ۽ خوشيءَ سان گڏجي هڪ ٿي وجي ته ان جي سوزش ۽ سرور، توکي سمجهه ۾ اچي ٿو سگهي؟"
خاموش هيئين ڇا چوين ها ڇا هو تو وٽ!
اهو ڇئجي به ڪيئن ها ته توکي اهڙي جاڻ جا اهڃاڻ هئا؟
جڏهن ته تو ڪمزور دليون به نه پر ڪيون هيون اڻڄاڻ محبوب سان زندگيءَ جا رشتا


www.sindhsalamat.com

نيائڻ ڪيترو نہ عظيم ۽ اذيت ڀريو زمانو هوندو آهي!!. پر اهڙو لطيف موقعو تو
ڪان مون ڪان وڌيڪ ڪو خوشنصيب ماڻيندو.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

ويسر توڪي هجي نہ هجي پر هي ڳالهہ نہ وساري هوندئي ۽ نہ تو ڪي وسري هوندي.

هڪڙي ڀيري جڏهن Romantic خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ان دوران منهنجو هٿ تنهنجي ڪنهن حساس عضوي تي لڳي پيو هو. ۽ تو ڪنهن بخشش جي بجاءِ پنهنجي طبيعت موجب سوال پڇندي چيو هو تہ "دليون ڪمزور ڪيئن ٿينديون آهن؟"

شايد منهنجي ان هٿ جو لڳي وڃڻ تنهنجي دل تي اثر ڇڏيو هو موقعو مهل مون بہ هٿان وڃڻ نہ ڀي ڏنو بغير ڪنهن بد نيتي جي چيو هئم "شهوت واري ڪشمڪش ۾ ماڻهو پنهنجا دماغ ۽ دليون ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن."

تنهنجي مراد وٽان جواب هو تووري پڇيو "ان جو احساس جنم ڪيئن وٺندو آهي؟"

"خواهش سان" تمام ڏيرج ۽ سڪون سان چيو هئم پر تو پنهنجي من جي منشا لڪائيندي پنهنجي گلي جو آواز دٻائيندي منهنجي جواب تي قابض پوڻ لاءِ چيو هو "ڪهڙي زندگي ڇٽبي جيڪا خواهش کان سواءِ بہ زندگي سڏجي؟ مرڻ وقت بہ ماڻهو ڪفن جي خواهش رکندا آهن." ڪافي ڪوشش ڪئي هيئي پنهنجي اندروني آتشي خواهش کي زندگيءَ جو روپ ڏيڻ لاءِ پر مان هئس سو جهڙو ڪاٺ جو گهوڙو.

ڇاتي تي رکيل سوف لاءِ بہ ڀين کي چوڻ جي ضرورت هئي تہ ڪٽي ڪائي ڇڏن.!

ڪجهہ سمجهڻ جي حالت ۾ بہ چيو هئم تہ "ماڻهو پنهجي وجود ۾ نظر وجهڻ کان پوءِ شهوتي باهہ کان تہ دل کي آزاد رکي سگهي ٿو"

"ڪهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهہ پيو ڪرين؟" منهن جي پڪائي ڪندي پڇيو



www.sindhsalamat.com

هيئي ۽ مون بہ ٺڙيڙ جواب ڏيندي چيو هو ”جنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ سندس خواهش بابت تو پڇيو آهي.“

ڪلي پئي هيئين شايد دل سان ڳالهہ لڳي هيئي من جي مراد تان دستبردار ٿي وئي هيئين۽ يا منهنجا لفظ تنهنجي جواب جي ٻرندي باهہ تي پاڻيءَ جا ڇنڊا ٿي لڳا هئا. ڪيڏي چاهہ سان مونکي ياڪر ۾ پريو هيئي هڪ چمي ٻي چمي وري بہ هڪ وڏيڪ چمي ڏئي مون کان چمي گهري هيئي.

وائڙو تي ويو هئس ان رات چمين جي ڪيڏي نہ خيرات ڪدي هيئي. شايد سپ 70 ستر آخرت جي اميد تي_!

منهنجن دوستن جئيان تو کي بہ عشق جا جهٽڪا اچڻ لڳا هئا.

ڏاڍا وجهہ ڏنا هيئي ڪنهن Sexual حرڪت لاءِ پر ڪوئي معاملو ذهن تي تري آيو هئم. جنهن من تي مانڊاڻ مچائي ڏني هئي. ۽ تو جهڙو ڪنهن ميت کي پي چميون ڏنيون. پنهنجي من جي امنگ کي بہ سمجهي نہ پي سگهيس لطيف جو بيت ذهن تي هو تہ،

پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اڃ مرن. (شاهہ)

من ڳاهي وڏو هئائين. ويني، ويني خود کي وجائي پي ڇڏيم، تو واپس پي آ ندم. تہ وري واپس الائي ڪيڏانهن هليو پيو وڃان!

ڪنهن جي تلاش هئي، ڪا خبر نہ هئي،

ڪهڙي ضرورت هئي،؟ ڪا خبر نہ هئم،

چو پي ائين ٿيو ان حقيقت منجهائي وڏو هئم_، طبيعت بہ بي جان ٻڻجي پئي هئم.

پاڻي جي دٻن ۾ ڊوڙندڙ ننيڊڙي مڇي جيئان_ منهنجا خيال گهتو پائڻ لڳا هئا.

تنهنجي ڪنهن بہ خيال کي غور سان ٻڌي جواب نہ پيو ڏيان.

تو کي ڪجهہ منيان تہ لڳي پي پر در گزر ڪرڻ تہ تنهنجي طبيعت ۾ شامل هو.



www.sindhsalamat.com

خبر ناهي تو منهنجي ڪيفيت ڏسي چيو هو يا پنهنجي ئي خيال سان چيو هو تہ "هڪڙي ڳالهہ ٻڌايئين فتاح؟"

"ڪهڙي؟" لفظ پاڻهي زبان تي آيا هئم ۽ تو اوڏايهن ڏيان نہ ڏيندي چيو هو تہ "ماڻهو جو گوشت حلال هجي ها تہ روز هڪ ڇڪ تنهنجو گوشت ضرور کاوان ها!"

منهنجو ذهن هونئن بہ هڪ تڪاٽي نہ هو ويتر تنهنجي ان آدم خور خيال منهنجن خيالن جي اڏام ۾ واڌارو ڪري وڌو هو. مغز هيلي ڪاپٽر جي پکن جيئان ڦرڻ لڳو هئم.

پر تو ان بابت نہ پڇيو پي نہ ڇڻ محسوس بہ ڪيو پي.

ڏينهن ۾ ڏهہ گهمرا اهڙي ڪيفيت ۾ پوڳيندو هئس. پر تو سان گڏ هجڻ وقت طبيعت ايڏي خشڪ ڪڏهن بہ نہ ٿي هئي. ڏاڍي اڻ تڻ ۽ آنڌ مانڌ هئم اندر ۾ الاءِ ڪنهن پي هينئون لتاڙيو حالانڪ اذيت کان واقف بہ هئس پر اهو شخص اسان ۾ موجود تہ نہ هو پر ان جي طرف کان قنڌاري چوٽ سمجهي وينو هئس جنهن من ۾ ممڻ مچائي رکيو هو تو ۾ پي ڏٺم تہ تو کي جهڙو ڪنهن رڏي ساڳ بنائي ڇڏيو هو. پر منهنجو سو وهم هو جنهن هوا جو هر ٿڏو جهونڪو مون لاءِ لُڪ بڻائي رکيو هو. من ۾ جا اڻ تڻ هئي تنهن مام کي سلجهاءِ نہ پي سگهيس. من سڄو سمنڊ جيئان لوڏيل پي محسوس ڪيم ۽ تون هيئين جيڪا هڪ ناول جي صورت ۾ رومانس پريا پنهنجا مڪالما ڳالهاءِ رهي هيئينءَ.

خود تي ڪسر ڪندي منجهائيندڙ ڳالهہ تو ڪيڏي فخر سان ڪئي هئي تہ "فتاح! مان آسمان تي ۽ تون ڌرتي تي ورنل هجين ها تہ پوءِ هڪٻئي سان ائين ملي سگهون ها؟".

وقت تہ اسان کي ايئن ويهاري ڇڏيو هو بس تو رڳو حقيقت جي ابتڙ ڳالهہ ڪئي هئي. آسمان تي تنهنجي بدل ان وقت مان ئي ورنل هئس. جتان کان


www.sindhsalamat.com

هيٺ بہ مون کي توئي لاهي پيي آندو.

تو کي پنهنجي بيان ڪيل اهڙي خيال جي جواب جي ڏاڍي طلب هئي. پاڻ کي مظبوط رکي. تو سان پنهنجي هم خيالي ڪندي مون چيو هو. “عورتون جي آسمان تي ويٺل هجن ها تہ گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙا شاعر تہ آسمان کي بہ خيالن سان لتاڙي ان جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏن ها!”

ڪيتري نہ خوش ٿي هيئينءَ منهنجي انهيءَ اهڙي هم خيالي تي پر جڏهن اقرار جو ذڪر ڇيڙيم جنهن منهنجو جيءُ پيي ڪپايو چو تہ ان ڏينهن جو ان کي تنهنجي جيپ ۾ تو سان گڏ ويٺل ڏٺو هئم. ڊرائيونگ پيي ڪيائين سو بہ تنهنجي جيپ جي.

ڪيئن نہ ٿٽر جي پئي هيئين جڏهن مون اقرار جو نالو کنيو هو. حالانڪہ هو تو کان وڏيڪ تہ منهنجو دوست رهيو هو. جنهن بابت تو ئي چيو هو تہ “هي اقرار 100 سؤ مان پنجون نمبر اهو ماٺهو آهي. جيڪو اخبار ايئن ٿو پڙهي جهڙو سڄي اخبار ڌوئي مغز کي پيارينڌو هجي.!”

سندس سياسي سرگرمين جي بہ ڏاڍي واڪاڻ ڪندي هيئينءَ اقرار جو اهو شعر بہ ياد اچڻ لڳو هئم جيڪو هن تنهنجي سالگره ۾ تنهنجي نانءُ منسوب ڪندي پڙهيو هئائين پنهنجن سياسي نظرين کي طلاق ڏئي ڏئي پنهنجي هڪڙي زال کي تہ طلاق ڏئي چڪو هو. وري هاڻ تو کي آيتون ٻڌائڻ شروع ڪيون هئائين ڏاڍي هُرکر ٿي پئي هئم. اقرار تي ڳالهائڻ جي.

اندر جي جر ڪيندي چيو هئم “آسا! سياست جي لحاظ کان اقرار پنهنجا سياسي مذهب گهڻا بدلايا آهن؟”

وقت ۽ موضوع جي نسبت سان تنهنجي لاءِ بي وقتي ڳالهہ هئي منهنجي اهڙي بي وقتي ڳالهہ ڪرڻ سان تو کي تہ اجان بہ وڏيڪ غلط ۽ ڏکي لڳي هئي.

سياسي پهلو رجيڪٽ ڪندي تو مذهبي سهارو وٺندي تمام شوخي سان



www.sindhsalamat.com

چيو هو "ڪيترائي ماڻهو روز مسلمان ٿيندا آهن!"

"ڪهڙي نيت سان؟" ائين پڇيو هئم جهڙو تو ڪنهن کي مون جيئان تازو مسلمان ڪيو هو.

وائڙي ٿي وئي هئين جواب لاءِ ذهن خالي محسوس ڪندي وڙهڻ وارو رخ ٺاهي ورتو هُيئي پنهنجي بيوس مزاج کان لاچار ٿي اقرار جي سياسي سرگرمين کان لاتعلقي جو اظهار ڪندي چيو هيئي ته "هو پنهنجا سياسي پاسا بدلاءِ ٿو ته ان سان اسان جو ڪهڙو سروڪار"

لفظ "اسان" جملي ۾ استعمال ڪري پنهنجي ارادي موجب مون کي پاڻ سان ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هيئي. پر خود کي الڳ رکي بيوقوفي ڪندي مون چيو هو "آسا! زندگي جي اسٽرينگ تي ڪنهن جو اگر هٿ هوندو آهي ته ان جي هر سرگرم پهلوءَ سان سروڪار رکڻو پوندو آهي."

ڪاوڙجي پئي هيئينءَ مون به اڻڄاڻائي ۾ شايد جهالت ڪئي هئي محبت جي تاريخ کي هٿ سان نفرت ڏانهن وٺي وڃي رهيو هئس.

سنهي پڻ، پڻ شروع ڪري ڏني هيئي بلڪل ايئن جيئن عورتاڻو ڪروڌ ٿيندو آهي.

پاڻ مڃائيندي تو کي رکو ياڪر وڏو هئم ڪائي لفٽ نه پي ڪرايئي.

"زندگي جي اسٽرينگ تي ڪنهن جو هٿ" طعنو سمجهي اکين مان پنهنجي رسامي جو اظهار محسوس پي ڪرايئي.

شايد دل ڏکي هئي تنهنجي جنهن کي روز پنهنجو خون پياريندو هئس.

پنهنجي سيني مان دل ڪڍي تنهنجي گوشت ۾ پوکي ڇڏي هئم اکين جو پاڻي ته ڪٿائي ڇڏيو هئائين!

دعويٰ ته آزادي جي ڪندو هئس پر زندگي تنهنجي غلاميءَ ۾ جڪڙي وينو هئس.

ڪيڏو ڪمينو ٿي پيو هئس. تنهنجي غلاميءَ ۾!؟



www.sindhsalamat.com

شايد غلام زندگيون ڪمين گاهہ جو شڪار هونديون آهن!
ان وقت تنهنجو غصو ٺارڻ لاءِ پنهنجا ٻئي هٿ تنهنجن پيرن تي اڇلي وڌا هئم.
ڪيڏو نيچ عمل هو اُهو منهنجي غلاميءَ جو ڏاڍو وڏيو هئس توکي شايد سخت دلين کي غلام زندگيون تمام پسند هونديون آهن.
تنهنجي صرف کلي ڳالهائڻ جي اميد ۾ خواهشون چپن ۾ سرڪي رهيون هيون.
تو سادي، سلوڻي مسڪراهٽ پسائي هئي.
وهلوريل ڳالهيون، سپ وساري ڇڏيون هئم.
اُها اهڙي ڳالهہ وري ڇيڙڻ کان ئي تائب ٿيڻ لڳو هئس هونئن تہ تنهنجي سنت جو پابند هئس تنهنجي هر سنت ساهہ سان سنڀالي رکي هئم بس!
ڪڏهن، ڪڏهن وهم منهنجو بہ وضو پيجي ڇڏيندو هو.
ڪيتري ٿڌي دل سان چيو هيئي تہ “هو ذاتي طرح ڇا بہ هجي پر منهنجي تہ عزت ڪري ٿو.”
ڏاڍي ڪراهت هئم هاڻ ان نالي کان بہ سهڻي صورت جي عزت ڪير نٿو ڪري ڪير نٿو سهڻي صورت لاءِ پنهنجي غلامي آڇي پر ڪيئن چوان ها تہ.
تنهنجي عزت ماڻهو مون کان وڌيڪ ڇو ٿا ڪن تنهنجي عزت لاءِ تہ پاڻ ارپي وينو هئس.
ڪهڙو ماڻهو رهيل هو جنهن تنهنجي عزت ڪئي تہ مون سندس غلامي نہ ڪئي هئي.
ڪيترائي پيرا تنهنجن اهڙين پسنديده خواهشن ڪاڻ پنهنجن لڙڪن کي دوکو ڏنو هئم.
بس! مردو هوندو هئس تنهنجي سيني تي اڏيل قبر جو!


www.sindhsalamat.com

هو منهنجي عزت ڪري ٿو” ڇئي ڪيس منهنجي لاءِ ڪيترو نه معتبر بنائي ڇڏيو هيئيس.

تنهنجي چيل ان جملي ڪي اڻ ٻڌو ڪندي موضوع بدلائڻ جي ڪوشش ۾ هيس ته تو وري چيو هو “شاعري به ڏاڍي غضب جي ٿو ڪري.”

واهواهه ڪنهن مهل هونئن ته ڪنهن مهل هنيئن جنسي نيچر جو ڪيڙو به ته شاعرن ڪي خطاب توئي ڏنو هو. ۽ وري انهن بابت غضب جا ريمارڪس به توپي ڏنا. ڪيترو منجهائي وڌو هيئي.

ڪهڙي ضرورت هئي هرو ڀرون ڳالهه وڌائڻ جي پر مان مضبوط ٿي چڪو هئس. پنهنجي ڪايا پلٽ تي پنهنجن خيالن ڪي– اقرار نامي موضوع تي چرڻ به پوءِ نه پيي ڏنم ڪنهن ڪريل نئين سرڪاري عمارت جي ٺيڪيدار جيئان خاموشي پنهنجي لاءِ بهتر سمجهي هئم.

موضوع ڪي موڙڻ جي سوچ سان مغز مان خيالن ڪي تيز رفتار ڊوڙائيندي مون چيو هو ڇڏ ان موضوع ڪي – “اندر جي ڳالهه ڪر”“اندر جي ڳالهه ڪيئن ڪبي آهي؟” ڪيڏي سادگي هئي تنهنجن لفظن ۾ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائيندي به ڪيئن نه اٽڃاٽائي ڏيکاري هيئي.

هونئن به تون ته پسند به ڪنهن ڪي ڪهڙي ڳالهه ڪي ڪندي هيئن سواءِ آسماني بي جان مخلوق جي – جيڪا تنهنجي روح ڪي راحت بخشيندي هئي.

ڌرتي وارن مان ته سواءِ ڪنهن سياسي سيڪڙات ڪارڪن جي باقي توکي نه اديب، نه شاعر پسند هئا ۽ نه مصور ۽ صحافي.

پنهنجي اندر جي ڳالهه ٻڌائيندي چيو هيئي “شاعر اڪثر خودڪشي ڪري ڇڏيندا آهن؟”

انهن اهڙن شاعرن سان منهنجي ڪا وڏي ۽ ويجهي قرابت نه رهي آهي!” مٿين دل سان مڙئي توکي جواب ڏنو هئم.


www.sindhsalamat.com

وري هڪ ٻيو خيالي پٿر هٽندي چيو هيئي تہ” اديب چريا ٿيندا آهن؟“

”پر آسا! مان تہ ڪلهہ ۽ اڄ جي وچ ۾ توکي چريو بہ لڳي سگهان ٿو. ليڪن سياڻي ۽ پوڻ جي وچ ۾ ڇا آهيان. ان جو فيصلو تہ وقت ئي آهي.“

تڏهن تو چيو هو ”مان تنهنجي ڳالهہ تہ نٿي ڪيان.“

”پنهنجي ڳالهہ تہ مان بہ نہ پيو ڪيان آسا، پنهنجي اديب جي پيو ڳالهہ ڪيان.“

تو پنهنجي خيال کي وري نئون رخ ڏيندي پڇيو هو ”ماڻهون خودڪشي ڇو ٿا ڪن!؟“

نيٺ پنهنجي من جو دروازو کولي مونکي ڦاسائي وڏو هيئي پنهنجي چالباز نيت سان توکي تنهنجي ئي سوال ۾ ڦاسائڻ لاءِ مون چيوهو. ”تون اهو ٻڌائي سگهنديئينءَ تہ لفظ خودڪشي تنهنجي زبان تي ڪيئن آيو؟“

”اهو لفظ گهڙي، مون تہ تخليق نہ ڪيو هو مونکي چڱي طرح ياد نٿو اچي تہ، زندگي جي ڪهڙي اسٽيج تي اچي، اهو لفظ مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ ان تي گهڻو ئي سوچيو هو.“

” تہ پوءِ لفظ کي جيسائين پنهنجو وجود آهي. اهو بي مقصد نہ هوندو آهي آسا، عملي طرح پنهنجي نتيجي سان، پنهنجو وجود، قائم رکندو آهي، شاعر خودڪشي ڪرڻ تڏهن ڇڏيندا، جڏهن لفظ پنهنجي خدا کي بخشش ڏيندا.“

جيئن، تيئن ڪري سوال مان جان ڇڏائي هئم، شاعرن کي ڇڏي، تو وري شاعري بابت ڳالهائيندي چيو هو. ”فتاح! مونکي هر ٻولي شاعري محسوس ٿيندي آهي، ماڻهون هڪٻئي سان جو ڪجھ ڳالهائن ٿا. ان ۾ بہ ڪوئي بحر، وزن آهي. بلڪ هڪ غزل جهڙا قائدا معلوم ٿيندا آهن. تون شاعري کي ڇا ٿو سمجهين؟“



www.sindhsalamat.com

ڏکيو سوال هو تمام پراهڙو نہ هو. جنهن ۾ لفظ مون جيئان ماتم ڪندا هجن، ائين ڪڏهن، ڪڏهن، اهڙو سوال بہ پڇندي هيئين، جنهن جي جواب لاءِ لفظ بہ خودڪشي ڪرڻ لڳندا هئا ۽ جملن سان حشر ٿي ويندو هو.

پنهنجو ذاتي رايو ڏيندي مون چيو هو. "منهنجي خيال ۾ شاعري ڪي" ٻن صنفن ۾ ورهاءِ سگهجي ٿو. هڪڙي بيت، وائي ۽ غزل وغيره واري صنف، جنهن کي پنهنجا قائدا قانون ۽ اصول آهن ۽ ٻي آزاد نظم جيڪا پاڻ خود مختيار هوندي آهي، پر ذهن منظر جي ڪرامت جا قيدي رهندا آهن."

"خودمختيار ڪهڙي صورت ۾ آهي؟" ان بابت تو بہ مذاق وارو انداز اختيار ڪيو هو. تہ مون بہ مذاق ڪندي چيو هو تہ "بس جڏهن دل چڙهيون هٽي ڦٽڪڻ لڳي، تڏهن جتي وٽي ڪاغذ جو تڏو وڇائي ڪم لاهي وٺ."

ڏاڍي کلي هيئين. کلندي، کلندي پڇيو هيئي تہ. "فتاح! شايد تنهنجي ئي ڪنهن دوست چيو هو تہ " شاعرن کي خودڪشيءَ ڏانهن پنهنجي شاعري وٺي ويندي آهي، پر تنهنجو ڇا خيال آهي تہ واقعي ائين آهي؟"

"نہ آسا، اهو غلط آهي. شاعري دل جو خون ضرور چٽي ٿي پر ڪنهن سنئين سڌي ماڻهو جو خون شاعري نٿي ڪري،" "مونکي تہ اديب ۽ صحافي بہ سمجهہ ۾ اچي نہ سگهيا آهن. ڪهڙو فرق آهي، اديب ۽ صحافي ۾؟" هاڻ؟"

اديب، صحافي اغيره وغيره. اهي سڀ شيون تنهنجي لاءِ ڪي نيون نہ هيون، نہ ئي تون ڪا ايڏي معصوم هيئين. جهڙي معصوميت سان تو اهڙا سوال پڇي ڪيا پر پوءِ تنهنجي خوشي خاطر ڪل پوڳ ۾ مون بہ پنهنجي دل کي راضي پڇي ڪيو. اهڙي طرح اديب ۽ صحافي جو فرق بيان ڪندي مون چيو هو.

"صحافي ماڻهن کي قرآن جيئان، صاف، سڌي ۽ سختي سان چئي ڏيندو آهي، پوءِ ان تان جيڪي ماڻهو بگڙي ٿا پون. تہ اديب اهڙن ميڇريل، نادان رنلن کي پيار ۽ محبت سان قائل ٿو ڪري ۽ وري اديب جن شخصيتن تي آيتون پڙهي کين آسمان تي چاڙهي، پنهنجا هٿ وس بہ وڍيو ويهي، تہ اهڙن



www.sindhsalamat.com

آسمان تي وينل هٿرادو نبين کي، صحافي آسمان تان بہ ڀُولي، وري هيٺ پٽ تي هٽندو آهي.“

فرق سادي طرح بلڪل سادي طرح سان بيان ڪيو هئم پوءِ تو شايد سندس گهرائي ڏانهن توجہ ئي نہ پي ڏنو هو. شايد ڪنهن ٻي سوچ ۾ هيئن يا تہ وري بہ ڪنهن ٻئي خيال ۾ ڦاسائڻ لاءِ سوچي رهي هيئين، ۽ اڪثر تنهنجي حالت بہ اهائي رهندي هئي، جو ڪجهہ پڇٽو هوندو هيئي تہ پڇي، پوءِ غير حاضر ذهن ٿي ويندي هيئن ۽ ٻي ڳالهہ تہ، اهڙيون ننڍڙيون ۽ اڌڙ ڳالهيون توکي پسند بہ ڏاڍيون هيون، ٻارڙن جيئان ڪڏهن اهڙو تہ سوال پڇي وٺندي هيئين، جنهن جي جواب لاءِ لفظن جا پير پڄندائي نہ هئا، ۽ جيڪي ڪجهہ پڄندا هئا سي ڪجهه ڪچندائي نہ هئا!

اهڙيون ڳالهيون ڇيڙڻ، جيڪي ذهن کي مونجهاري ۾ وجهن، اهڙو عمل منهنجي سوچ جي خلاف هو. پر مخالفت منهنجي کي، تو وٽ اهميت گهڙي هئي، انهيءَ سور بہ سنڌ وٺي ڇڏيا هئا تنهن ڪري ڪوشش ڪندو هئس، تہ اهڙيون اٽپوريون ۽ ذهن کي ٿڪائيندڙ ڳالهيون تو کان پاسيريون رکان اهڙو موضوع هجي، جيڪو اسان جي وچ ۾ تلخين جي بجاءِ ماکيءَ جهڙي مٺاس جو ذائقو ڏيندو هجي. اهڙي ئي خيال سان ، پنهنجي ريهاٽين جي هڪ رات شايد ڪائي جنوريءَ مهيني جي سخت سرد رات هئي، مون هڪ نئون مضوع ڇيڙيندي توکان پڇيو هو” آسا! تو ڪڏهن سياري جو ٿڌيون راتيون ٻيلن جي مانار ۾ گهاري ڏٺيون آهن. جتي جا وڻ آڏي پڄاٽا هڪٻئي سان مٿا ملائي ڇڏيندا آهن؟“

تو نرالي انداز ۾ چيو هو ”نڪو پر هاڻ ارادو آهي.“

وري تڪڙ سان پڇيو هئم ”پلا چنڊ جي پوئين رات مهل سنڌو نديءَ جي ڇولين سان گڏ ڪڏهين گهمين آهين؟“ چنڊ جي ڳالهہ توکي ڏاڍي وڻي هئي، پر وري بہ تفصيل سان پڇڻ لڳي هيئن تہ. ”نہ“ مون سنڌو نديءَ جو سير



www.sindhsalamat.com

تہ ڏينهن جو بہ نہ ڪيو آهي، تون ٻڌائي، ڪهڙا منظر هوندا آهن، ان وقت دل تي““ پراڻي ياد دهرائيندي تو وڏيڪ چيو هو تہ ٻيلن ۾ بہ گهٽو رهيو آهين، جڏهن پرائمري ماسٽر هيئن تڏهن بہ تہ اوڏاهن گهٽو رهندو هئين.”

توکي موضوع ۾ دلچسپي ڏياريندي مون چيو هو. “جنهن سنڌو نديءَ جو چوليون نہ پسيون آهن، ۽ سندس ٻيلا وڙڪي نہ ڏٺا آهن، سو تہ جهڙو سنڌ ڌرتيءَ جو تہ ڄائو ئي ناهي.” رخي لهجي ۾ پڇيو هيئن تہ “جيڪي ٻيلن ۾ ڄاوا آهن انهن ۾ ڪهڙي عظمت آهي جو؟”

ڪيڏي اياڻپ ۾ پڇيو هيئي، تنهنجو تہ ڏوهہ بہ نہ هو. تون انهن پنهنجن ڌرتي ڄاون جي تمڪنت کان اڻڄاڻ هيئن هو ڪيڏا عظيم ڪيڏي عظمت جا مالڪ هئا اهڙي ڄاڻ انهن کي وڏيڪ آهي جن ولهہ تي ويهي انهن سان راتيون ويهايون آهن.

پنهنجي ساهہ جيتري محبت، انهن وڻجارن سان هئم. جن کي سمنڊ جو سينو لتاڙيندي اکين سان ڏسندو هئس، پنهنجي ماءَ کان وڏيڪ، منهنجي صحبت انهن جهنگلي ماڻهن سان رهي، جن کي ٻيلن ۾، دنيا جي هر آسائش کان محروم ڏسندو هئس. جهڙي نظر سان مون انهن کي ڏٺو توکي سو بيان ڪري ٻڌايندي چيو هئم ٻيلن جي ماڻهن جي وڏي اڪثريت لکي، پڙهي ڪون ڄاڻي پر انهن پنهنجون دليون، پڙهيل ماڻهن لاءِ تہ اوطاقون اڏي رکيون آهن،” تہ تو وچ ۾ پنهنجي خواهش ڏيکاريندي چيو هو. “مونکي ٻيلن جا وڻ گهمڻ جو ڏاڍو شوق رهيو آهي، گهاٽا وڻ ٽيندا آهن، ٻيلن جا نہ!؟”

تنهنجي پيار تي حرس ڪندي چيو هئم” تنهنجن وارن جيئان، هڪٻئي تي ليٽيل هوندا آهن آسا!، ڏاڍو سڪون هوندو آهي سندن گهاٽاڻ ۾ بلڪل سو بہ تنهنجن وارن جهڙو_

“ مذاق، هر ڳالهہ ۾ مذاق” تڏو شوڪارو پرينديي وري چيو هُيئي “ڪجهہ ٻڌائي نہ دريائي ٻيلن بابت؟”


www.sindhsalamat.com

مون اهڙي ارادي سان ئي تہ موضوع چيڙيو هو. رڳو تنهنجي رضا ڏسڻ پي چاهيم. مونکي تہ هونئن بہ پڏائڻ جو شوق پر وري تو اصرار ڪندي چيو هو. تہ ڪيئن نہ پڏايان ها. محبوب سان انڪار ڪري ڪفرڪرڻ تہ. منهنجي ايمان، عقيدي ۽ آدميت ۾ نہ هو. شايد قصو شروع ڪان ڪٽندي پڏايو هئم تہ "1986ع ۾ مونکي ڪنهن اٽا ڇاٽايل سبب سان. منهنجي مقرري. ڪيٽي بندر تعلقي ۾ ڪئي وئي هئي. جيڪو سنڌوندي جي ڇوڙ وار. ڪڇي جو علائقو هو. ماڻهو زندگيءَ ۾ وڏيڪ. ماڻهن ڪان ئي. سڪي ٿو آسا. جيڪو ماڻهن مان ڪجھ نٿو سڪي. ان ڪي بہ ڪجھ نہ ڪجھ تہ سڪڻو ئي پوي ٿو. پوءِ انهن ڪي جانور پنهنجي جانوري سيکائي ڇڏيندا آهن. جيڪا انهن ڪي وڏيڪ آسان لڳندي آهي ۽ هو جلد سڪي پوندا آهن.

مون اتي جي ماڻهن مان. ڪجھ سکيو ۽ سيکاريو. جي بنياد تي. پنهنجي مقرري جو پورو وقت گذاريو. مون پنهنجي مقابل انهن ڪي وڏيڪ بهتر تصور ڪيو. ۽ حالتن مطابق. ڇا ڇئجي؟. ماڻهن جا من خلاصا. پر سندن منهن ٻہر جي ڇوڏي جيئان سدائين سُڪل ۽ سهميل،

سخت مشقت جي ڪري. هٿ، پير،ٽونٽيون ۽ ڪلها ڇچريل، ٽڪيل ۽ چٽڙيل.

اهي ماڻهو پنهنجون ورسيون ۽ سالگراهون ڪو نہ پيا ملهائن. شادي جهڙا شغل بہ مشڪل سان مولودن، مداحن تي پيا رچائين.

سياست، سماجي، توڙي عام ڀلائي جي ڪمن ڪارين ڪان لاتعلق، اڻڄاڻ ۽ بي علم!

مينهن وسندا هئا تہ. دريا جي ريل تي ٻوڙندڙ. خرگوشين جا ننڍڙا ٻچڙا مونکي تمام پيارا لڳندا هئا. ۽ هٿ سان جهلڻ قطعي نہ ڏيندا هئا.

سنڌ ۽ ملڪ جا وڏيرا. ڪامورا ۽ عرب شيخ. تمام گهڻا شڪار ڪرڻ


www.sindhsalamat.com

ايندا هئا- پر شڪار دوران بندوق جو هڪ ٻہ فائر- ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو تي بہ ڪري پيا ڇڏيائون.

نيرٽي وچينءَ مهل- اڇڙن تترن جي- ڪيڙو ڪڪ، ڪيڙو ڪڪ ٻڌندو هئس تہ، من تنهنجي تانگهہ ۾ تڙپندو هو!

رات جي وقت وڻن جي ٽارين تي- ٽانڊاڻا ٽمڪندا هئا تہ- تنهنجون اکيون ۽ اوجاڳا ياد ايندا هئم-

پوئين رات جي ٽار تي- جڏهن گدڙن جا ولر واري، واري سان اوناڙيون ڪندا هئا تہ – ٻڪوٺن جا ڪيترائي ڪتا ڪتا ٽيندا هئا.

جيڪي جهلون ڪري نر گدڙن کي پڇائي ڇڏيندا هئا- باقي گداڙين سان لڳ ڪندي هڪٻئي کي ڏاڙهيندا هئا- ويچارا گدڙ اهو هنڌ ڇڏي- وري ٻيلي جي ڪنهن ٻي ڪنڊ کان اوناڙيون شروع ڪري ڏيندا هئا ۽ ڪتا کين بيوقوف بنائي سندن مادي گدڙن سان مزا ماڻيندا هئا.

سنڌ جا وڏيرا ڪچن جي ٻيلن مان ڦاڙا مارائي وڏن ڪامورن جون دعوتون ڪندا هئا- ۽ بعض ائين بہ ٿيندو هو تہ پنهنجي اولاد جي شادين ۾ ڦاڙن جوئي گوشت- رڌائيندا هئا- تلور پکي تہ سندن ذاتي ملڪيت هوندي هئي- ڪنهن غريب، غربي کي انهن ۾ ڇڳي نظر سان ڏسڻ جي بہ همٿ ۽ اجازت نہ هوندي هئي.

۽ مون جهڙي شڪاري کي- سندن ڪيلن جي باغن مان- ‘سوئر مارڻ جي ڪائي منع نہ هوندي هئي- اهو محض انهيءَ ڪري- جو سوئر ڪيلي جو بي حد نقصان ڪندو هو!

چيٽن ڏينهن- سرنهن جي ٻوٽن ۾ وڙڪندو هئس تہ فطرت بي حال ڪري ڇڏيندي هئم وڻن ۾ تڏ، مڪڙ ۽ پونرن جا پٽاٽ روح کي راحت ڏيندا هئا.

ڏرارن ۽ ماکيارن کي- پنهنجي شاعري ٻڌائيندو هئس- هو مونکان ترنم ۾ ڪلام ٻڌائڻ سکندا هئا ۽ مونکي رڍن، ٻڪرين ۽ ائين جو کير بہ پياريندا هئا


www.sindhsalamat.com

تہ ماکي لاهڻ بہ سيکاريندا هئا۔ ماکين جا مانارا۔ رس ۾ تمتار ڏسندو هئس تہ۔ تنهنجو ڪنوارو اُرهہ ياد اچي ويندو هئم۔!

نوجوان عورت ۾ Platonic Love جو اثر حد کان وڌيڪ هو. پر نوجوان بُراق ڇوڪرا۔ ناداني جا ماريل اهڙي محبت ڄاڻن ئي نہ پيا تون وڏي سکون سان مونکي ٻڌي رهي هئين، توکي پنهنجين ڳالهين ۾ ريجهي ويٺو هئس۔ نہ ڪائي وچ ۾ تلخي هئي ۽ نہ اڻ وڻندڙ خيال۔ ٿوري ذري خاموشي اختيار ڪئي هئم تہ چوڻ لڳي هئينءَ ”ڪنجوس نہ ٿي فتاح۔ ڪجهہ گهٽو ڪجهہ ڏنو ۽ ڏنو ورتو هوندئي۔ ڪجهہ اجان ٻڌائي؟“

دل تان وزن ڏاڍو هلڪو محسوس ڪيو هئم۔ اهڙي جهان ۾ هئاسين جتي اقرار وغيره جهڙي متضاد ماڻهو جو تہ سوچن ۾ اتو۔ پتو ئي نہ هو۔

محبوب کي خوش طبيعت ڏسي۔ چاهيندڙ جو من اڻ ڏٺي خوشي ۾۔ ڪيئن جهولي جيئان جهولندو آهي۔؟۔ اهو تجربو ان رات حاصل ڪندي. وري بہ پنهنجون يادون ورجائيندي. مون چيو هو جڏهن سج راسيون رنگيندو هو تہ هڪڙا ٻيڙياتا تڙن تي ايندا ڏسندوهئس تہ۔ وري ٻيا وڻجارا سفر تي اُسهندا هئا۔ ڪڏهن، ڪڏهن رات واري سفر ۾۔ مان بہ وڻجارن سان گڏجي۔ سمنڊ جي سيوا لاءِ۔ سير تي ويندو هئس.

اونداهين ۾ جَر جو جلوو ڏسي۔ تنهنجا رخسار ساريندو هئس مڇيارن جا وار وڏا ۽ ڏاڙهيون وڏل هونديون هيون۔ اڪثر مذهبي ۽ نماز جا پابندا هوندا هئا.

سندن شبيهہ جو رنگ۔ سمنڊ جي پاڻي جهڙو۔؟

هو پنهنجو وات کاڏي لاءَ ۽ زبان پنهجي خدا لاءِ استعمال ڪندا هئا ”ڇو؟“ عجب ڪائيندي. نامڪمل سوال پڇيو هئي۔ ۽ مون وضاحت ڪندي چيو هو ”انهيءَ ڪري جو۔ سمنڊ جي خوني آبياتي رڻ ۾۔ کاڌو سندن صحت لاءِ ۽ خدا سندن زندگيءَ کي تحفظ ڏيندڙ ۽ پنهنجي ماڳ سلامت



www.sindhsalamat.com

موٽائيندڙ- وارو وسيلو هئين."
"پوءِ رات جي وقت سمهندا نہ هئا؟" شايد نند واري آرس ۾ پڇيو هئي- ۽ مان هن طرح تشبيهہ ڏيندي چيو هو "ناڪئو سڪاڻ تي ائين ويٺل هوندو هو. جيئن مان توکي پنهنجا ٻئي ٻک هٽي- ويهندو آهيان." تہ تو پنهنجي ڪاٻي هٿ جي هڪڙي آڱر سان مٿو کنهيندي پڇيو هو "پلا...پوءَ.... سندن زالون ويچاريون؟"
۽ مون توکي خاموشي سان ٻڌڻ لاءَ چوندي ٻڌايو هو تہ "اهي ويچاريون پنهنجن وَرن جي دلي محبت کان هميشہ محروم- پوءَ بہ ساري رات پنهنجي خالق کي ستائن تہ الله اسان جا وڻجارا سلامت آڻ؟"
تون هاڻ بلڪل خاموش ٿي وئي هئين- پر مونکي تہ خاموشي قبول ئي نہ هئي- انهي ڪري قصو ٻڌائيندي چيم "انهن ساموندي مسافرن جون عيدون، ايلاڙ سڀ سمنڊ جي سيني تي گذرندي ڏٺيم-
ماڻهو تہ اهي بہ اسان جهڙائي آسا! پر سندن همٿ جي بلندي جو ڪاٿو نٿو ڪري سگهجي.
چنڊ جي روشنيءَ ۾، سمنڊ پري کان- آسمان ۾ ائين ڪتل نظر ايندو هو. جيئن منهنجون اکيون. تنهنجن اکين ۾ ڪپي ويندڙيون هيون.
اونداهين راتين ۾ ائين محسوس ٿيندو هو.
جهڙو سمنڊ ۽ آسمان گڏجي هڪ ٿي ويا هجن- يا صورتن تي سودو ڪيو هجين. ۽ آسمان سمنڊ جي پاڪر ۾ ائين نظر ايندو هو جيئن تون ڪڏهن، ڪڏهن مونکي پنهنجي پاڪر ۾ پريندي آهين. ۽ مان تنهنجي دل کي- پنهنجو خون پياري وٺندو آهيان".
انهيءَ مهل پاڪر وڏا هيئي ۽ مان تنهنجي هنجهہ ۾- اوچتو ائين ڪري پيو هئس- جهڙو ڪنهن لانچ تان سمنڊ ۾ ڪري پيو هجان.
"هو اهڙي محبت ڪو نہ ڪندا آهن؟" چمي ڏيندي پيار مان پڇيو هيئي.


www.sindhsalamat.com

ڪيڏي جدت هئي ان وقت- تنهنجي ان اظهار ۾- منهنجي ڪوري من تي- تنهنجي جيڪا تصوير چٽيل هئي- انهيءَ ۾ جڻ سڀ رنگ پري چڙيا هيئي.

تنهنجي انهيءَ پيار جي لذت ۾- مون اهو جواب ڏنو ته "جوين جي ٻڪ ڪان- ويچارا وڻجارا پري هوندا آهن-"

"محبت ڪان محروم رهي- انسانيت ڪي ڪهڙي اهميت ڏيندا هوندا؟" اهڙي انداز ۾ چيو هيئي جهڙو ڪين ڪنهن ٻي مخلوق مان سمجهي وينٺي هييءَ- مطالعو ته مون ڪان ٻه تنهنجو مضبوط هو- اهوئي تو ۾ وڏو ڳڻ هو- جنهن لاءِ مون جهڙا ٻيا سڏڙيا ٻه تنهنجي محبت جي سڏ پيا ڪندا هئا- انهن سامونڊين جي انسانيت ۾- مون ڪيڏي عظمت محسوس ڪئي هئي- ان لاءِ پنهنجي اندازي ۾ مڪمل صورت جوڙي توکي ٻڌائي نه پي سگهيس.

پنهنجي فڪري صلاحيت موجب- صرف ايترو چئي ٻڌائي سگهيو هئس. ته "جڏهن اُتر اوتون ڏيندو هو. تڏهن شاهه لطيف کي پنهنجي سڪ مان سڏي- شاهه لطيف جا ٽٽل، ڦٽل بيت ٻڌائي ٻه- محبت جو اظهار- اهڙي اڪير سان ڪندا هئا.جو سندن اداس دلين جي دانهن ٻڌاي. مونکي سمنڊ جي گهرائيءَ ٻه ڪجهه نه محسوس ٿيندي هئي- بلڪل ائين محسوس ٿيندو هو ته- سندن تؤنس جي اجهام لاءِ- سمنڊ سرڪي ٻه نه ٿيندو!

هو اٽپڙهيا ضرور هئا. پر محسوس ائين ڪندو هئس ته محبت ۽ خلوص انهن ماٽهن مان ئي جنم ورتو آهي. ها! البت ائين هو ته- هو تعليم ڪان محروم، نسلي ۽ قبائلي سوچ ۾ قاتل ۽ قوميت جو احساس منهجهن، نه هئڻ جي برابر هو- جڏهن ڪان ڌارين مهاندن وارا فرد- سندن سامونڊي ملڪيت جا- قذاق بڻجي داخل ٿيڻ لڳا- تڏهن پنهنجي غلامي، لاچاري ۽ بيوسي جي ڪرب واري اذيت ڪين محسوس ٿيڻ لڳي- سندن ڪل آبادي سماجي مسئلن ۾ تباهه ۽ بيمار بڻيل هئي.



www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ساڳي حالت ۾ ٻيلن جا ماڻهو بہ جهنگلي زندگيءَ ۾ ـ مون کي مٿل نظر آيا آسا!
زندگيءَ جي هر خوشي ۽ خواهش کان نااُميد ـ
زندگيءَ سان جهڙي، تهڙي حالت ۾ نيائڻ — سندن مقدر جي شريعت ٻڌيل هئي ـ!
پاڻي! جيڪو ڏور پيا پين ـ سو ئي پاڻ پيا پين،
کاڌي خوراڪ لاءِ وقت ۽ ويلي جي مقرري ڪابہ نہ، ـ جنهن وقت جهڙو بہ مليو تہ کائي وينا — نہ مليو — تہ دانهن پنهنجي دل کي بہ نہ ڏنائون!"
ڏاڍو مزو آيو هو توکي — انهن تباهہ حال زندگين جي حوالن مان — ايئن قصي مان قصو ڪندي، ڪجهہ دير لاءِ جڻ خاموش فضا ۾ اُڏامي ويا هئاسين!
اها ئي ساڳي رات هئي تہ منهنجي گفتگو ڪتيندي الاءِ ڇو ۽ ڪهڙي خيال کان تو اقرار جي زمينداريءَ جو ذڪر ڪندي چيو هو "اقرار هڪ پيري ڳالهہ ڪئي تہ، ڪچي ۾ بہ اسان جي زمين آهي ـ ۽ چيٽن ۾ اُتي سرنهن گهڻي پوکيندا آهيون."
اقرار جي زمينداريءَ سان گڏ — جڏهن سرنهن جي پوک جو ذڪر ڪيو هيئي تہ مان خاموش ٿي ويو هئس — ذهن سنسان ۽ زبان دم خشڪ ٻڌجي پئي هئي ـ ۽ من تي بي مدا ڪڪر چڙهي آيا هئم. اقرار کي تہ مان، پنهنجي محبت جو چور تصور ڪندو هئس ـ ڪهڙي رمز رچائي توکي ان اقرار واري ذڪر کان توکي الڳ تمام پري ڪٽي ويو هئس ـ ۽ تو وري بہ جيڏي مهل اقرار کي وچ ۾ آندو تہ، ذهني طبيعت فوت شده ڪيفيت ۾ اچي وئي هئم ۽ مان جهڙي پنهنجي دل جي ورسي ملهائي رهيو هئس — هاڻ توسان لفظن جي ڪهڙي جنگ پئي وڙهي سگهيس ـ
هر ملاقات ۾ هر گڏجاڻيءَ واري رات جي ماٺار ۾ خوش مزاج رهي — منفرد تمثيلي رمزون سُڻائي ـ توکي ڳالهين ذريعي وندرائي تنهنجي طبيعت خوش


www.sindhsalamat.com

رکڻ جي ڪوشش ڪندو هئس –
شايد هي اها نياڳي رات هئي – جنهن ۾ اقرار جو بار بار ذڪر ڪرڻ تان – هڪٻئي سان رُسي پيا هئاسين – پر پوءِ به ميل، ملاقات ته ڇڏي نه سگهيا هئاسين – تڏهن پنهنجي دلربائيءَ جو ڀرم رکندي تو پنهنجو هڪ نئون قانون جوڙيندي چيو هو، "نيڪ آهي- منهنجي زبان توکان برداشت نٿي ٿئي – ته اڄ رات کان پوءِ- اسان پنهنجي گفتگوءَ جو اظهار – هاڻ تحرير جي صوررت ۾ ڪٽي ڪنداسين!"
پوءِ ان مهل ئي انهيءَ گهر واري ننيڙڙي پارڪ مان اُٿي– تو پنهنجي ڪمري ۾ اچي بجليءَ جو بلب ٻاريو هو – تڏهن تو پنهنجي فيصلي تي هڪدم عمل ڪندي چيو هو "بس هاڻ هينئر کان ئي – هڪٻئي سان تحريري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو آهي!"
تو ڪمري ڏانهن ايندي مون کي چيو ته نه هو – پر ڪنهن پالتو جيئان تنهنجي پويان لڳي آيو هئس – تنهنجي انهيءَ نرالي فيصلي تي مون کي هڪ عجيب سرور پئي آيو – تنهن ڪري توکي موڪلائڻيءَ واري آخري چُمي ڏئي هليو وڃڻ جي بجاءِ- مان خاموش ٿي صوفي تي ويهي رهيس – محض تنهنجي انهيءَ عجيب Settlement مان مزو وٺڻ لاءِ-!
تنهنجي ڪمري ۾ ويهندي – ٽيبل تي رکيل تنهنجي – نئين سال واري ڊائري – جنهن تي اڃا سواءِ تنهنجي نالي جي باقي ٻيو ڪجهه به لکيل نه هو – تنهنجي انهيءَ فيصلي تي عمل ڪندي تحريري گفتگوءَ جي شروعات ڪندي مون انهيءَ ڊائريءَ ۾ لکيو هو، "هيءُ تنهنجو ٻاراڻو فيصلو آهي؟"
پڙهڻ لاءِ ڊائري تو ڏانهن وڌائي رکي هئم –
تو پڙهي جواب ۾ لکيو هو، "منهنجي هر ادا ۽ هر فيصلي کي تو ٻاراڻو انگل پئي سمجهيو آهي."
ماڻهوءَ جي ذهن جي سچائپ به واهجي رکندي هئينءَ – دل چاهيو ته اهڙي


www.sindhsalamat.com

گھرائيءَ ۾ هليو وڃجي – پر فيصلي تي عمل جي اڃان شروعات هئي – مذاق سمجهي. من کل مان ٻُڏي ويو هئم. خود تي ڪنٽرول ڪندي مون لکيو هو "پلا هيءُ فيصلو ڪيترن ڏينهن تائين ضروري لاڳو رهندو؟"
گهڙيءَ کن خاموش ويهي – تو لکيو "منهنجي مرضيءَ تي آهي!"
سختيءَ سان پنهنجي انا جو اظهار ڪيو هو تو – پر مزو اچي ويو هئم – محبت جي ناتي ۾ هڪ عجيب ۽ منفرد قانون تخليق ڪري نافذ ڪيو هيئي – هڪبئي سان رُسي ويهڻ ڪانپوءِ. ان جي صلح لاءِ. اها ئي ڊائري هُئي – جيڪا اسان جي وچ ۾ هڪ ٽياڪڙ جي حيثيت سان پاڻ ملهائي رهي هئي – تنهنجي اندر واري کل به – تنهنجي چهري تي پاڻ لڪائي نه پئي سگهي. تنهنجي منهن ۾ ڏسي مون مسڪرائيندي لکيو هو "هي اسان کي – پنهنجي اندر ۾ ڪلائي ڪير پيو؟"
تو جملو پڙهي – پنهنجي کل روڪڻ لاءِ – چَپ وات ۾ وجهندي لکيو هو ته. "منهنجو ڪوبہ جملو توسان نه کلندو – تون پنهنجن لفظن کي سمجهائي ڇڏ ته مون کي نه کلائين."
تڏهن مون جواب ۾ لکيو هو ته "لفظ بنهہ بي ڇيا ۽ ظالم هوندا آهن – اهي ته کنهن کي بہ – ڪا ئي بخشش ناهن ڏيندا."
تڏهن تو غور سان پڙهي جواب ۾ لکيو هو ته "مون لفظن لاءِ نه – پر جملن بابت چيو آهي؟"
تنهنجي گرامر ڪمزور هئي ۽ منهنجي انگريزي – ٻنهي لاءِ اهو نہ وڻندڙ مسئلو هو – مون تنهنجي اصلاح خاطر لکيو هو ته "جملا لفظن جا محتاج هوندا آهن. سندن زندگيءَ جو جيئڻ – مرڻ بہ لفظن جي ئي وس هوندو آهي."
تو لکيو "لفظ پاڻ جڳهہ نہ والاريندا آهن – انهن کي پنهنجي مقصد لاءِ – وڏي ڏاهپ ۽ چالاڪيءَ سان. ماڻهو جملن ۾ ٽنبي. ڪتب آڻيندا آهن."


www.sindhsalamat.com

لفظن جي اصلي قوت. توکي پنهنجي عمر ۾ اجا محسوس نہ ٿي هئي. ان ڪري جو تنهنجو ادب سان ڪوئي چاهہ نہ هو. مطالعو بہ تون پنهنجي پسند واري سبجيڪٽ کان علاوه. باقي جنريشن مطالعي کان بہ تون باغي هئين. باقي رومانٽڪ شاعريءَ جو ڪوئي ڪتاب هٿ لڳندو هيئي تہ هٿ ئي نہ ڪيندي هئيينس. ٻيو تو ۾ وڏيڪ مرض اهو هو جو ڪڏهن ڪو قسمت سان فلسفي جو ڪو ڪتاب پڙهندي هئينءَ تہ. ان بابت چوندي هئينءَ تہ، "هن مصنف پنهنجو هيءُ ڪتاب. ٻَنگ پي لکيو آهي." پر اصل ۾ ان مصنفن جي بجاءِ اهڙا خشڪ موضوع وارا ڪتاب — توکي ٻنگ جهڙو نشو چاڙهيندا هئا. ۽ پڙهڻ وقت ننڊ توکي اکيون کولڻ ئي نہ ڏيندي هئي. وڏا جملا توکي سمجهہ ۾ نہ ايندا هئا ۽ ڏگها لفظ توکي مُنجهائي وجهندا هئا. نہ قومي درد ۽ اونو ۽ نہ وري ٻوليءَ سان ايڏو لڳاءُ يا دلچسپي، رڳو نعري باز سياسي سيڪڙاٽن جو اثر هو توتي.

ادبي دوست بہ اهي پسند هئا توکي. جيڪي صرف ٿيوريءَ جا ماهر هئا!

ذهني طرح بہ ڪيڏا مختلف هئاسين هڪٻئي کان. پوءِ بہ خبر ناهي تہ ڪهڙي بيماري لڳل هئم. جو توکان پري تہ پوءِ. صرف پنهنجي اظهار جي آزادي محسوس ڪندو هئس. سا بہ چرين جيان ٻاهون اُڇلي يا لفظن سان وڙهندي.

مون ڪي لفظ هرڻ جيان — ڪو قسمت سان جهل ڏيندو هو — تہ ان سان بہ وڙهيو پيو هوندو هئس. ۽ تنهنجي خيالن ۾ لفظ ڪڪڙ جيان آرو ڪيو ويٺا هوندا هئا. پر نسل وڌائڻ جي بجاءِ ڪنا ٿي پئي ويا. انهيءَ ڪري جو تنهنجي تحت الشعور ۾ سمجهہ جي اجا اها سگهہ نہ هئي تہ. لفظن جي ارڏائيءَ اڳيان، صليب ۽ ڦاهيءَ جا ڦندا بہ پنهنجي دهشت ۽ اصلي قوت پاڻ وڃائي ڪوڪلا ٿي پيا آهن.

لفظن جي جبري استعمال بابت مون جواب ۾ لکيو هو تہ. "ڪاتب جي



www.sindhsalamat.com

چالاڪيءَ ڪان لفظن جي سرڪشي اٿل هوندي آهي. ڪاتب جڏهن لفظن کي گهڙڻ جي اٽڪل ڪندو آهي– تہ لفظ سندس سوچ ۾ خيال بدلائي ڇڏيندا آهن.”

توکي منهنجو جواب پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ آيو هو – شايد تڏهن سختيءَ سان تو لکيو تہ، ”نہ اهااٽڪل ۾ چالاڪي ڇڏ فتاح! صحيح طرح سان لک. نہ تہ مان پنهنجو فيصلو سخت ڪري ڇڏيندس.“

لفظن ۾ جملن جي قوت ۾ بہ تو پنهنجي پسند ۾ مرضي مڙهڻ پئي چاهي. جيئن بد ذهن ماڻهو پنهنجي دم پل جي شهرت لاءِ چونڊ لفظن جو استعمال ڪندا آهن. تو مون کي بہ انهن ۾ شمار پئي ڪيو پر اها تنهنجي غلط فهمي هئي. لفظن کي مان ڏوئيندو ۽ ساريندو، سنڀاليندو ضرور هئس – پر مان پنهنجي مرضيءَ جي بجاءِ سندن مرضيءَ جي پويان رهندو هئس.

تنهنجي شوخي ۾ سخت لهجي کي مون وڏيڪ خفي ڪرڻ نہ پئي چاهيو. ان ڪري پڇڻ خاطر مون لکيو هو، ”مان صحيح طرح سان ڪيئن لکان. مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي؟“

تو تڪڙو هٿ وڏائي – مون کان ٻائري ورتي هئي – جواب پڙهي ڪنڌ کي شوخيءَ سان ساڄي طرف موڙ ڏيندي تو لکيو – ”بنا نقطي لفظ لک؟“ اهو لکي تو ٻائري مون ڏانهن اُڇلي رواني ڪئي هئي. جواب پڙهي ڪجهہ حيران گاڏڙ تنهنجي منهن ۾ ڏٺو هئم. پر منهن تي ڪو اثر ئي ڪونہ هيئي. شايد پنهنجي سختي ڏيکاري هيئي. پر اها تنهنجي چريائپ هئي – چريائپ بہ اهڙي جو ان تي ڪير بہ نہ وسهي. ڪافي غور ۽ فڪر ڪانپوءِ. تنهنجي منشا ڪجهہ سمجهہ ۾ آيم. مون سمجهيو. تو اهڙا لفظ پئي چيا. جن جي ڪابہ مڪمل صورت، شڪل نہ هجي، ۽ انهن جو ڪوبہ مطلب، مقصد نہ هجي. بدصورت ۽ بي مقصد لفظ هجن – چريا ۽ گونگا هجن. ڳالهہ وري بہ سمجهہ مان نڪري ويم – وضاحت لاءِ توکي لکيو هئم تہ، ”بنا


www.sindhsalamat.com

نقطي لفظ لکي۔ پنهنجي ذهن کي بخار نٿو ڏئي سگهان۔ ۽ ٻي ڳالهه ته مان بنا نقطي لفظن مان مراد سمجهي نه سگهيو آهيان۔ وضاحت ڪر؟”
۽ تو وضاحت جي بجاءِ وري هڪ وڏيڪ چريائپ ڪندي لکيو “پوءِ خاموش لفظ لک؟” اهو تو پنهنجي خودمختياري جتائيندي لکيو هو۔ بيوقوف ۽ بي رحم جي آزادي ٻه جهان لاءِ آزار هوندي آهي۔ تنهنجي ذهن ۾ ته الاءِ ڪير اچي ويٺو هو۔ تنهنجي ته ٻولي به محسوس نه پئي ٿي۔ ڪيئن چوان ها ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي اٿم۔ بس اهو ظن گمان ته شايد اها تنهنجي مرضي هئي ته۔ لفظ ڪمزور، بيمار ۽ اڌ مئل هجن، جيڪي منهنجي طرفان به غلاميءَ جو اظهار پاڻ ڪندا هجن۔ سندن حياتي ٿوري هجي۔ پر وقتي طور شهرت ۽ هوس واري بيماريءَ لاءِ فائدو ڏيندا هجن۔ سندن ٽنگون، ٻانهون پيڳل ۽ باقي عضوا به سندن اُڪڙيل هجن۔ ذري گهٽ پنهنجي اوگهڙ به پاڻ ئي پسائيندا هجن۔!
عجيب ڪشمڪش هئي۔ ڪجهه سمجهڻ لاءِ ڳالهائجي ها ته مسئلو به حل ٿئي ها۔ پر ڳالهائڻ تي ته جهڙو پاڪستاني مارشل لا لڳايل هئي۔ مجبور ٿي لکيو هئم ته، “خاموش لفظ ماڻهو ته الاءِ ڪيئن لکندا آهن۔ ۽ ڪهڙا لکندا آهن۔ منهنجي منهن ۾ ته نڪ به آهي ۽ اکيون به جيئريون آهن۔ خاموش لفظ لکڻ ته مونکي استادن سيکاريا ئي ناهن؟”
تڏهن تو پنهنجو جهڙو چڻ آخري نئون فيصلو تجويز ڪندي لکيو هو ته، “نيڪ آهي، خاموش لفظ لکڻ تون اجان نه سکيو آهين ته پوءِ هاڻ هٿ اشارن سان ڳالهاءِ؟”
ڪهڙو نه نئون نرالو مذاق هو۔ پنهنجي چريائپ ۾ هاڻ مون کي به گڏائڻ پئي چاهيئي.
پر تو ايترو لکي ڊائري ٽيبل تي چڙهي۔ اونڌي ٿي پلنگ تي ليٽي پئي هئينءَ. توکي ته تنهنجي فيصلي ئي کل مان اونڌو ڪري پلنگ تي اُڇلي وڌو هو۔


www.sindhsalamat.com

پر لفظن جي فيصلن جيڪي زندگيون رُلايون، ستايون، وڄايون، ڪپايون ۽ رئاريون، انهن جي حالت نہ تو سمجهي هئي ۽ نہ ڏٺي هئي!

انهيءَ رات وارن تنهنجن انهن گونگن فيصلن مان مون کي ان وقت اهڙي حقيقت جو احساس شدت سان ٿيو هو تہ – محبت واقعي گونگي بہ هوندي آهي۔ مون معلوم ڪري ورتو تہ محبت عاقل بہ هوندي آهي – تہ دانا ۽ ديواني بہ هوندي آهي – تہ وري مست مست ملنگ بہ – ٻئي شيون سندس قائدي ۾ هونديون آهن – يعني ٿورن لفظن ۾ چئجي تہ مرڻ ۽ مارڻ، جيئڻ ۽ جيارڻ – بلڪ ڪڏهن خدا تہ ڪڏهن خلق آهي۔ ۽ ڪڏهن تہ ٻنهي کان مٿي ۽ پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ خود ڪيڏڻ لڳندي آهي – انهيءَ کان بہ ڏکي تہ پوءِ نہ خالق سمجهي نہ خلق.

خير مون تہ هروقت محبت کي عورت جي فطرت ۾ سمايل محسوس ڪيو۔ مون کي يقين ٿيو تہ – عورت ۾ محبت جا مڪمل گُر سمايل رهن ٿا.

پر توکي تہ پوءِ بہ هزارن مان ڪا هڪ عورت سمجهيو هئم – هونئن بہ محبت ۾ اوڳڻ عيب ڏسڻ واري نظر جو تہ وجود ئي نہ هوندو آهي۔ پر توکي تہ شايد مشڪ جو غسل ڏئي پنهنجي پيار پوتر ٻڻائي وڌو هو۔ جنهن مون کي مرغوب ٻڻائي رکيو هو۔ ۽ مان شايد اُپمان ڪري وينس.

محبت ۾ عشق جي بخار واري ڪيفيت بہ ڪا عجيب رهندي آهي۔

زبان هر وقت خشڪ،

اکيون آليون ۽ نڙيءَ ۾ هر وقت شرابي ذائقو،

ماٺهو نہ چريو نہ سياڻو سڄي جهان کان مختلف!

جيون جي چُرپُر ڪڏهن سرد ميت، تہ ڪڏهن ڏڳندڙ انگار!

دل جون سٽون هينئون پاڙان پٽڻ لڳنديون آهن!

ننڊ جي ديوي اکين کان رُسيو خيالن ۾ وڃائجو وڃي!

خيالن جو اهڙو آئينو ٺهيو پوي۔ جنهن ۾ ديوانگيءَ جا ٺهڪ۔ گونجندي


www.sindhsalamat.com

صاف نظر ايندا آهن ۽ جيڪي دل تي روهنڊڙا پائي — دل تان تازي خون جا ڏڪ پري شانت ٿي ويندا آهن! ۽ تہ ڪڏهن وري تنهائيءَ جو هنگامو بڻجي شهوتي جذبن کان مفرور ڪيو ڇڏن!

من جي قبر مان نڪرندڙ تپش ۽ دونهون بڻجي اکين اڳيان نظرن جون گهٽائون بڻجيو پون ۽ جيڪي اکين تي ابر چاڙهي ۽ اوٽيتيهہ جهڙي اونداهہ تاريڪي ڇانئيو ڇڏن!

وقت جي رفتار ۽ مئل تصور ٿيندي آهي!

زندگي ننڊ ڪي يرغمال ڪريو ڇڏي!

اکين ۾ بيٺل پاڻيءَ جا چشما ۽ اُداس خيالن جا ڌڻ پيو ۽ ڪپايو ڇڏن!

دل جي ڌڙڪن ۽ قدرتي آواز کان وڏيڪ پڙاڏا ڪندي آهي.

گلي جو آواز محبوبن اڳيان ۽ بيهوش ٿي پوندو آهي! جسم بي ستو بيڪار ۽ سست رهندو آهي!

بدن هلڪي بخار ۾ اڪڙجي پوي ٿو ۽ ۽ ان بخار جي سوزش اندر جي آتما ڪي ستائش ۾ وجهي ۽ شعور سان لاڳاپيل روح جون نسون بہ وڍيو ڇڏن!

تنهنجو تہ وري نانءُ بہ آسا!

صبح جي راڳڻي ۽ عصر جي صدا،

منهنجي دل جي نظر ۽ تنهنجي گهڻ ڪنڊائين شخصيت جي گهيري سان ۽ سڌيءَ طرح ڳنڍيل هئي ۽ پر هڪ دفعو بہ ڪنهن ۽ چور نظر سان ڏٺو تہ سو بہ صدمجي پيو ۽ تنهنجين اکين ۾ اڏيل شامياني مان آسائش ڪنهن ڪي حاصل نہ ٿي ۽؟ مون ڪي تہ سندن ڪائناتي منظر ۾ هميشہ لاءِ اهڙي ڪا ننڊ اچي وئي هئي — جنهن ۾ ڪجهہ گهڙيون اکين جي جاڳتا واري جوت بہ — ڪنهن سپني جو سمو لڳندو هو!

جنهن وقت تو ڊائريءَ ۾ لکيو هو تہ "چگو هاڻ اشارن سان ڳالهاءِ." تنهن وقت تو پنهنجي ڪل ڪائي ختم ڪري — سانت ۾ اچي سنجيده ٿي هئينءَ — تہ


www.sindhsalamat.com

مون لکيو هو، ”اهڙي گونگ ٻوڙ واري گت ڪيڏيندي مان خود کي پنهنجي ڪل ڪان روڪي ئي نہ سگهندس.“

تڏهن تو لکيو هو، ”خود تي قابو پائڻ- محبت ۾ اول شرط آهي- باقي لاف زني تہ لکين آهن- پوءِ تون خود پريمي ڪيئن پيو سڏائين- جڏهن تون خود تي پاءِ نہ سگهيو آهين. پنهنجن خيالن تي ڪنٽرول ڪري- نہ انهن سان صلح ڪري سگهيو آهين- نہ انهن کي مڃائي سگهيو آهين ۽ نہ سندن اشارن سان سهمت آهين- لڳي ٿو- توتي محبت کان وڌيڪ- صحبت جو رنگ چڙهندو آهي؟“

تو جنهن گهرائيءَ ۾ ٻُڌي هٽي لکيو هو- ان مان توتي بہ تہ ڪو اثر نہ هو- شايد اهو ڪو ٻُڌل خيال لکيو هيئي. خيالن جو هٿن جي اشارن سان اظهار- ۽ محبت ۽ صحبت جي الڳ، الڳ انفرادي اهميت ۽ اثر!- تون شايد انهن جو هڪٻئي کان الڳ رهي بہ- سندن زندهہ رهڻ واري پهلوءَ سان سهمت هئينءَ- پر مان خيالن جو اشارن سان اظهار ڪرڻ کي- محبت ۾ علالت ڪانسواءِ ٻيو ڪو درجو ڏئي نہ پئي سگهيس ۽ صحبت جو محبت کان الڳ زندهہ رهڻ، سمجهڻ يا رکڻ کي بہ مان ايئن پيو سمجهان- جيئن طبيعت مان صحت کي خارج ڪري ڇڏڻ- اهو سوچي مون لکيو هو، ”محبت کي صحبت کان ۽ طبيعت کي صحت کان الڳ ڪري- خيالن کي- چرين جيان- هٿ اشارن سان ڳالهرائڻ- تون ڪڏهن کان سکي آهين؟“

تو جواب ۾ لکيو هو ”هاڻ تون منهنجي تربيت پذيريءَ کان بہ اڻجاڻائيءَ جو اظهار پيو ڪرين- تون پنهنجا خيال هٿن جي ٻوليءَ ۾، اشارن سان نٿو ڳالهائي سگهين تہ پوءِ هاڻ هڪٻئي سان اڪيون پوري زباني ٿا ڳالهايون!“

تو تہ خودکي تربيت پذير لکيو هو- پر محبت جي موضوع ۾ تربيت پذير تہ اڃان مان هئس- محبت ڪيئن ٿي ڳالهاءِ، ٻُڌاءِ ۽ ڇا ٿي ٻُڌي، ٻڌائي؟ ڪهڙيءَ نظر سان ڏسي ۽ ڏيکاري ٿي- ۽ ڪيڏانهن ڪٽي، ونې ٿي وڃي؟-



www.sindhsalamat.com

سڀ ڳالهيون تنهنجي پُٺ لڳي- سڪڻ، ڪرڻ لڳو هئس-

محبت ۾ زندگيءَ جي ڊوڙ جا پيچرا - اڙهانگا ڪيڏا هوندا آهن، انهن جي ڪٽ ڪرڻ بہ منهنجي وس نہ هئي.

زندگيءَ کي يقين سان جيئارڻ ۽ اعتماد سان جيئڻ واري خيال ٿي- منهنجيءَ دل کي گهائل ڪري- سندس زخمن تي زهر- اُڇليندو رهيو.

تڏهن بہ خود کي مضبوط ٿي رکيم- ڪيترين ئي چؤماسيءَ واريون هوائون- دل جي باغبانيءَ ۾ گهُلي ويون- پر من تي موري ايندر محبت واري نفيس وڻ کي- هر لحس ۽ لوساٽ کان محفوظ رکيم- ۽ جن خواهشن سندس ساپيا تي بُرو اثر پئي ڇڏيو- تن کي روح جي لحد ۾ لاهي لتاڙي دفن ڪري پئي ڇڏيم.

محبت جي وڻ کي جن سورن سان سانيڍي وڏو ڪيو هئم- سو قدآور ٿي چڪو هو- پر زماني کيس ڏوٽائي ڏني- سندس پڪل ڄڄگ هيٺ ڪيرائي سندس ميووي جو داٽو داٽو زخمي ڪري وڌو هو.

منهنجي مغز تي اهڙي اذيت واري ڇٽ- منهنجين اکين کي هميشہ اشڪ آلوده رکيو- دماغ ڪڏهن برف جي ڳنڍ جهڙو ٿي پئي پيو تہ ڪڏهن جهڙو ڪپهہ جو پهہ-

موسمون ڪڏهن بي جان ۽ خاموش محسوس ٿيڻ لڳيون تہ ڪڏهن گستاخ ۽ هُل هنگامي واري شورش سان برپا- خبر نہ پئي رهيم تہ، موت مُندن کي پيو ڳولي يا مونکي!

وحشت جا دؤرا هئا!

ڪڏهن ڏس تہ، غشو پيو تاري ٿئي- تہ ڪڏهن دماغ آسماني ڇت ۾ لڙڪيل-

اندر جي ڪل بہ جهڙي ڪوڪلي!

محبت جي جستجوءَ ۾ خود کي وڃائي ويهڻ- پوءِ وري خود کي ڳولي لهڻ-



www.sindhsalamat.com

ڪيڏي نہ جفاڪش ۽ روڳي محنت هوندي آهي!
پر جڏهن پاڻ پنهنجي ڳولا- واري سفر ۾- ڪنهن اهڙي مسافر سان بہ ميل ٿيندو هجي- جيڪو پڻ پاڻ وڃائي وري پنهنجي تلاش ۾ نڪتل هجي- ۽ ان سان ڪائي ڏيٺ- شناسائي نہ هجي- تہ ان کان ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت منزل جو ڏڳ، پتو پڇجي؟- مسافر تہ بس مسافريءَ جي وندر هوندو آهي. سو ويچارو ڇا ڏيندو، ڏَسيندو ۽ ڇا ڏسندو، ڏيکاريندو- سڄو جهان پنهنجي مسافريءَ ۾ ٽڪي، جهُري ۽ ٽُٽي، پڇي جهڙو مٽي جي مثال ٿي پيو آهي- پوءِ تنهنجو چوڻ برابر درست هو تہ، اڪيون پوري ڳالهائڻ گهرجي- پر مون کي تہ اها خبربہ نہ پئي رهي تہ- سيکائڻ وارو- سکڻ واري کان ٿي پيو سکي يا سيئي اڳواٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ سکيل آهيون-؟
سکڻ واري تہ- سيکائڻ واري جي خيالن کي هميشہ شڪتي پئي عطا ڪئي آهي- پر سکڻ وارو بہ اهو- جيڪو پنهنجي دم شناسيءَ سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ محرم دل بہ هجي-
پنهنجي خيالن جي پروازن کي- دل جي نظر کان اوجهل نہ ڪندو هجي!
پئي اڪيون ڪيڏي وتجنس- تڏهن بہ پنهنجي محبوب جي تصوير پنهنجي دل جي ڪوري ڪاغذ تي- ايئن Point ڪندو هجي- جيئن ڪو نابينا پنهنجي وات کي ماني گرهہ ڏيندو آهي! زبان پاڙان پٽي وتجيس، تہ بہ لفظ محبت روان اُچاريندو هجي!
پوءِ- تنهنجو چوڻ درست هو تہ- پنهنجن خيالن کي هٿ، اشارن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي!
جسم جا هڏ سپ ڦوڙي ڇڏجنس.
ميچالو حمام دستي ۾ وجهي- ڪرڙي گوريون ٺاهي کائي ڇڏجي! سندس رت، پٽ سان حمام دستو ڌوئي صاف ڪجي!،
نسن مان نوڙيون وٽي- ڪانيرن کي وڪٽي ڏجن،


www.sindhsalamat.com

چمڙي ۾ چربيءَ مان- بجليءَ جي بلبن جا ڍڪڻا ٺاهجن، وار فضا ۾ اُڏائي ڇڏجنس!.

باقي بچندو هجيس گوشت- سو سندس جيءُ واري قبر جي خورڪ لاءِ ڪافي هجي- تہ پوءِ سندس آدرش، اُميدون سڀ بي مقصد ۽ بنا نقطي هونديون ۽ چاهتائن جي اُمنگ بہ تمام خاموش هوندس-

پوءِ بلڪل چئي سگهجي پيو تہ سندس لاءِ بنا نقطي لفظ لکي- سمجهي سگهجن پيا!- جيڪي بي مقصد، گونگا، ڪمزور، اڌ مئل ۽ خاموش بہ شايد رهن پر اهي سڀ مذڪور ۾ مرض اڄ جي پريم روڳيءَ ۾ بہ هوندا ليڪن تنهنجي نظر ۾ اهو صرف مان ئي هئس- جنهن ڪي تو ڪجهہ سيکارڻ جي بدلي، ڪافي ڪجهہ ان مان سکي ورتو هو-

ها! شايد منهنجو روڳ، تنهنجي پوڳ جي پرم سان سخت پيڙا بہ سهندو رهيو هو.

پر سو ڪهڙو پوڳ هو- جنهن ۾ اکيون پيچ پنيءَ جي پوڳنا ۾ رهيون- ڪڏهن وسڻ جا ويس، تہ ڪڏهن داروءَ جيان ڏُکڻ لڳيون- ڪڏهن ستارن کان بہ اجان اڳتي پئي ڏٺائون تہ ڪڏهن اُپٽڻ سان ئي انڌيون!

ها! شايد هي دردن جو ديس آهي، تڏهن!- جتي صبح جي راڳڻيءَ ۾ بہ، مرثيا ۽ شام جي پهر ۾ قصيدا ڳايا ويندا آهن.

هتي سُک جا سلا تہ سڀ ڀورن لتاڙي ڇڏيا!- هڪ سير اٽي ڪاڻ بہ — جسمن جي وڪري لاءِ پڙيون لڳن ٿيون.

جسم وڪجي، وڪجي پوڙها ٿي ويا!

هڪڙا وني ٿا وڃن- اهي بہ ڏينهن سندن گوشت ڪُتي- سودو واپس ڪيو وڃن- تہ وري ٻيا وننڍڙ قيمت ڪيرايو ونن- جسم ان ڪُٽ ڪتان ۾ پنهنجي شوخي وڃائي- لولها ۽ لڙڪڻا ٿيندا وڃن- پر گيدي گراهڪن جي پرمار نہ ڪُتي!-



www.sindhsalamat.com

جسم تمام ڪمزور، ڪميڻا، بي پهچ، مريض ۽ موڳا بڻجي پيا هِن!
جنهن ديس ۾ زندهہ مُردن جي غيرت جو عام وڪرو ٿيندو هجي، تہ صبح جي راڳڻيءَ ۾ـ آسا راڳڻيءَ جي بجاءِ ـ مرثيا خواني ڪرڻ ۽ قصيدا گوئيءَ وارو ويراڳ وڏو ڪو نيڪيءَ وارو ڪم ڇيو ويندو هوندو ـ
تو تہ خبر ناهي الاءِ ڪهڙا خاموش لفظ پئي چيا — مان تہ اهڙن خاموش خود زبان عضون تي وچي نڪتو هئس ـ جيڪي پنهنجي اوگهڙ واري خاموش دهشت سان ـ پنهنجن پرستارن جا ڪپڙا بہ لاهيو ڇڏن!
جڏهن تو لکيو هو تہ اکيون پوري ٿا ڳالهايون ـ تہ اهڙي پوڳ مان ـ مان ايئن سمجهڻ لڳو هئس ـ تہ جنهن ديس ۾ انڌو نظام اَڏيل هجي ـ
سچ جي بدلي خاموشيءَ کي اهميت هجي!
هر مصيبت کي ماٺ سان منهن ڏبو هجي!،
بک، بيروزگاريءَ جي مرض مرندڙ قومي دوستن، قريبن ۽ احبابن کي اکيون پوري دفن ڪندو رهجي!
۽ زندگي هر اذيت ۽ آزار ۾ هوندي بہ ـ اکيون پوري وقت گذارڻ ـ ان ديس لاءِ واقعي وڏي ڪا ناماچاري ۽ نعمت هوندي!
پر تنهنجي زندگيءَ مان سکڻ لاءِ ـ مليل حصي، پتيءَ وارو وقت بہ مون ايئن پئي سمجهيو ـ تہ حياتيءَ ورو اهو لمهو ڇڻ ڪنهن نادار جو ـ نادار کان کسي ـ مون کي ڏنو ويو هجي.
جڏهن تنهنجي ڪنهن سخت فيصلي ۽ غلط سوچ تي منهنجو خون جوش کائي ـ ذهن کي پڙڪائيندو هو ـ تڏهن ايئن لڳندو هئم تہ ـ مون ۾ ساهہ بہ شايد ـ ڪنهن بيگناهہ ماريل ڏاڙيل جو وڌو ويو آهي!
ڪنهن، ڪنهن مهل ـ تو شايد مون کي صحيح پئي سڃاتو هو ـ انهيءَ ڪري اونداهي دؤر ۽ انڌي نظام ۾ زندگي جيئارڻ لاءِ ـ اکيون پوري ڳالهائڻ وارو درس ڏيندي هئينءَ اکيون پوري ڳالهائڻ سان شايد ـ خواهشون بہ سڀ


www.sindhsalamat.com

مري ٿيون وچن ۽ ماڻھو بغاوتن کان ڇُٽي پوي ٿو- ذھن جو خيالن سان بہ صلح ٿيو پوي- ۽ لفظ بہ جملن جي حڪمن هيٺ رهن ٿا-!

اهڙيءَ طرح خاموش رهي- سڀ ڪجهہ وساري- شايد هڪ داناءَ ۽ وڏو ناول نويس بہ ٿي پيو سگهجي!!

جنهن ديس ۾ بي ايمانيءَ سان مقدر ٺهندا هجن ۽ سچائين سان نصيب جو ٻيڙو ٻُڏندو هجي تہ ان ديس ۾ هي اڄ ڪلهہ گيهہ ۽ پاڻيءَ جي بدلي رت سان پچايل ماني ڪاڏي ۾ ڪيتري نہ خوش ذائقہ هوندي!

ڪائي بچائي شهر جي گهٽين ۾- اُڇلايل اهڙو ڪاڏو رول ڪُتا ڪائي- پنهنجي وفا جي بدلي- پاڳل بہ تڏهن شايد ٿي پيا آهن!

تون بہ منهنجون اکيون مون کي پورائي پيار جي بدلي اهڙو ڪاڏو کارائڻ پئي سيکاريو — جنهن ۾ وفائن جي بدلي رڳو چريائپ ۽ جفائون!

پر مان جو نادان هيس — ڪجهہ سکڻ ۽ سمجهڻ جي بجاءِ- صرف ڪنهن افسانہ نگار جي حيثيت سان اهڙي ناول تي لکڻ جي خواهش سانڍي ويٺس- جنهن جي پڙهڻ ڪانپوءِ- منهنجا نوان دوست- عورت جو لسو بدن چَٽڻ شروع ڪري ڏين!

ماءُ جي پيٽان نڪرڻ سان ئي ڪنهن روڳ ۾ رڙي پيو هئس. شايد پنهنجي ديس ۾ ڪائي بک نظر آئي هئم- يا الاءِ تہ پنهنجي دانائيءَ جي بک هئم يا ڪنهن پيار ۽ پرچاءُ جي ڪمي!- جنهن ڪري ناول کي هڪ خوبصورت زندگيءَ جي باب جو نانءُ ڏئي- ڪيس استعارن، ڪناين ۽ تشبيهہ جي خيالن ۾ اُڇارڻ پئي چاهيم!

محبت جي بک هئي تہ- توکي چميون ڏئي- پنهنجو هينئون پريندو رهيس- پر اجان بہ ڪا بک هئم-! جيڪا سمجهي نہ سگهيو هئس! شايد غيرت جي بک هئم!

سا بہ شايد اکيون پورڻ سان لهي ويندي آهي!- ۽ ماڻهو هر جنجٽ مان بہ


www.sindhsalamat.com

واندو ٿي پوندو آهي!

پر هتي هن ديس ۾ـ شايد ادب ۾ رومانس کي وڏيڪ اهميت رهي آهيـ!

قوم، ٻولي، سياست، فلسفي ۽ غيرت سان سنڌي ناول جو تعلق بہ کھڙو!

مان بہ تہ سياست کان الڳ رهيـ خود کي ادب سان واڳيـ اديب سڏائي صرف ادب جي پرچار ۾ هئس!

پوءِ تو مون سان اهڙا غيرت باز پوڳ ڪيئن پئي ڪيڏيا؟ ڪيڏو منجهائي وجهندي هئينءَ پنهنجي هر گفتار ۽ شگفتہ ادا ۾. تنهنجا قاتل ابرو منهنجو هينئون ڪباب ڪري، ڪيئن نہ منهنجي غيرت جي مقتل گاهہ بڻجي پيا هئاـ

ڪيڏي نہ آسوده حاڪميت هئي تنهنجيـ ڪيتري لذت هئي ان ۾، جنهن منهنجي معذور ۽ بي غيرت خيالن کي چٽيـ خاموشيءَ جو عرق پياريو هوـ منهنجي هر ڪمزوريءَ جو جڏهن ذڪر ڇڙندوـ تڏهن تون الاءِ پنهنجي کهڙي نيت سان سندن آڏر ڀاءُ ڪندينءَ؟ مان تہ پنهنجي خوديءَ تي بہ رحم کائيندو رهيسـ توسان سنگدلي ڪرڻ تہ اڃان بہ ڏکيو ڪم هو!

هاڻ بہ جڏهن منهنجي غيرت جي ڳالهہ ڪئي ويندي — تڏهن بہ تون شايد منهنجي رواجي شرم تي — پنهنجي اظهار ۾ خاموشي اختيار ڪندينءَ!

ڪيڏو مزو ٿيندو؟

جڏهن منهنجي غيرت جا ذڪر ٿيندا تہ مون جهڙا رومانس ۾ راتيون گنوائيندڙـ ان وقت ٻيا سيڪڙاٽ اديب بہ موجود هوندا!ـ اُن وقت ڪنهن کي مزو نہ بہ اچيـ پر ڪا انانيت ضرور لطف اندوز ٿيندي.

انهيءَ رات جنهن مهل تو لکيو هو "هاڻ اکيون پوري ٿا ڳالهايون." ان کان پوءِ بہ گهڻي رات تائينـ اهڙي ڪاميڊين گفتگوءَ ۾ محو هئاسينـ شايد ڊائريءَ جو بہ گهڻو حصو لکي وينا هئاسينـ تو مذاق، مذاق ۾ وري بہ اقرار جو ذڪر شروع ڪيو هوـ



www.sindhsalamat.com

منهنجو منهن آڪڙجي پيو هو. پر توکي پوءِ به مزو ٿي آيو. منهنجو چهرو pose ته هونئن به توکي وڻندو هو!

اقرار جي شخصيت ۾ تشخيص ڇا هئي؟

سماج ۾ سندس ڪردار ڪهڙو رهيو هو!؟ . مان ڪانئس پوريءَ طرح واقف هئس. ڪنهن جي ماضي يا مستقبل لاءِ. ڪا غيبت، ڪا دعويٰ يا دم شڪني ڪرڻ ته منهنجو اُصول ۾ عادت نه هئي. نه ئي ڪنهن کي ڳولي سندس عيبن جا ڦوٽو ڪڍڻ منهنجي مشغولي هئي. پر هو منهنجو ڪلاس ميٽ رهيو هو. مان سندس ماضيءَ کي تمام ويجهو رهيو گذريو هئس.

هاءِ اسڪول واري زندگيءَ جي ڏينهن ۾ هو ڪچو تماڪ ڦڪي. ڪائيندو هو. ۽ وقتي طور عام ماڻهوءَ ڪان نسوار به وٺي ڪائيندو هو. هو هڪ امير پيءُ جو پٽ ضرور هو. پر سندس پورو خاندان سادگي پسند ۽ اجائي ڏيکاءُ کي ناپسند ڪندڙ هو.

زندگيءَ جي جنهن اسٽيج تي اچي. هن توسان گهرو لاڳاپو جوڙيو هو. انهن ڏينهن به ٿرو ٽنچر ڪپي ۾ سوسيگان انجيڪشن وغيره سندس روز جو ڊوز بڻيل هو. ڪجهه نه هئڻ يا ملڻ جي حالت ۾ پيٽرول به سونگهيندو هو ۽ اسپريٽ به پيئندو هو. جن ڏينهن هيروئن پيئندو هو. تڏهن علاج لاءِ ته ڪو وقت اسپتال جي حوالي هو! هن پنهنجي نوجوان زال کي طلاق به پنهنجن اهڙين ڪريل ۽ ڪرپٽ عادتن جي هدايتن تان ڏني هئي.

شاديءَ کي اڃا 9 مهينا مس گذريا هئا – پنهنجي ونيءَ کي واندو ڪري سندس اباڻي گهر موڪلي ڇڏيائين.

اتفاق سان اقرار به توجيئان مائٽن جو اڪيلو اولاد هو. ڪيترا پيرا سندس پيءُ مون سان رت جا ڳوڙها رُنو هو. پر بدنصيبيءَ سان. اسان سندس دوست. ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ به ڪيس ڪنهن درست راهه تي آڻي نه سگهياسين.



www.sindhsalamat.com

هن خود کي نشن ۾ گندين عادتن جي ڪري. پنهنجي بهترين پيءُ کي جڻ تہ جيئري ئي موت جو ذائقو چکائي ڇڏيو هو.

سندس ذهن تہ واقعي بهترين ۾ ڪمال جو هو. پر سندس عادتون گڏهہ کان بہ ڪريل هيون.

سندس ٻنهي هٿن ۾ آڱريون تہ ڏهہ ئي هيون. پوءِ بہ تقريبن هو هر شيءِ کي ٻن آڱرين سان پڪڙيندو هو. هڪ آڱوٺو ۽ ٻيءَ ڏسٽي آڱر سان!

مون نہ پئي چاهيو تہ — اهڙو ڪريل ماڻهو. جيڪو پنهنجن مائٽن کي عزت، سک ۽ سلامتي ڏيڻ جي بجاءِ جيئري ئي ماري ڇڪو آهي. سو توکي پنهنجي چالبازيءَ سان. يرغمال بڻائي وٺي ۽ تنهنجي دل رنجائي.

توسان گڏ جنهن وقت بہ مون کيس ڏٺو. تہ الاءِ ڇو منهنجي نراڙ تي پگهر تري ايندو هو.

تنهنجي پهلو بہ پهلو هن جي رهڻ سان. مون کي خوف ٿي پوندو هو تہ. ڪٿي سندس ڇتيپڻ واري گگ توکي نہ لڳي پوي، پر سندس چالاڪين ۾ اٽڪل بازين کي مون — جڏهن بہ توسان خفگيءَ جو اظهار پئي ڪيو تہ تو ان کي. منهنجو بغز ۾ ڪينو تصور ڪري. مذاقن ۾ مون تي ٺٺول ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي هئينءَ. ۽ مان تنهنجي رويي کي تنهنجي ڪم عقليءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ سمجهندو هئس.

تون اقرار کي پنهنجي خوش دل سان. وڏي عزت ڏيندي هئينءَ پر هن خود کي توکان لڪائي. پنهنجي ٻهروپيءَ صورت کي ڪوڙ جي چادر ۾ ڍڪي رکيو هو.

هن اها، اهڙي چند ڏينهن جي دل لڳيءَ واري راند. ڪهڙي نوجوان ۾ ڪنواري ڇوڪريءَ سا نہ کيڏي هئي؟

هڪ ڀيري تہ هن. سندس، پنهنجي ئي گهر جو رڌ پچاءُ ڪندڙ نوجوان غريب مهاڻي ڇوڪريءَ کي بہ پنهنجي اهڙي چال ۾ ڦاسائي ان سان پنهنجي


www.sindhsalamat.com

شهوتي هوس واري باھ هلڪي ڪئي هئائين. ٻُڌڻ ۾ آيو هو تہ ان ڪنواري ڇوڪريءَ کي حمل ٿي پيو هو. ۽ پوءِ ويم جي ڪيس ۾ وفات ڪري وئي.
منهنجي اها ئي نيت هئي تہ. سندس گندين حرڪتن ۽ چاپلوس عادتن کان توکي واقف ڪري ڇڏيان. پر تو سندس خلاف ڪجھ بہ ٻُڌڻ گوارا نہ پئي ڪيو هو.
هن جڏهن راتين جي وقت تو وٽ گهڻو اچڻ شروع ڪيو هو. تڏهن مان سندس من ۾ لڪل گندي ڪردار کان گهڻو خائف ٿي پيو هئس. مون نہ پئي چاهيو تہ. رات جي وقت توسان گهر ۾ اڪيلو ملڻ ڏجي. پر هو اهڙي موقعي مهل جي تاڙ ۾ رهندو هو.
هن پنهنجون بي ايمان نيت واريون چور نظرون. تو وٽ هر ايندڙ ۽ ويندڙ دوست ۾ ڇڳيءَ طرح سان چورائي پئي رکيون. ڪيترا ڀيرا تہ اهڙي نيت سان. هو شام ۽ رات وارو وقت بدلائي بدلائي بہ آيو. پر جيڏي مهل بہ ايندو هو. تہ اڪثر مون کي تو وٽ ويٺل ڏسندو هو. مون کي هو پنهنجي بري مقصد جي رڪاوٽ سمجهي چڪو هو. تنهن ڪري مون سان ڇڳيءَ طرح ملڻ ۽ ڳالهائڻ بہ پنهنجو بدلائي ڇڏيو هئائين. هن کي مون سان پنهنجي لڪل نيت جو اظهار ڪرڻ جيتري جرئت شايد نہ هئي ۽ نہ وري مون بہ ساڻس اهڙي قسم جو اظهار ڪري. ڪيس ان معاملي ۾ وڏيڪ وٿي ڏيڻ پئي چاهي.
انهيءَ رات جڏهن اقرار جو وري ذڪر شروع ڪيو هيئي تہ ان وقت مون توکي چيو هو. “آسا! اقرار مان مون کي تنهنجي لاءِ ڇڳائي نظر نٿي اچي.!”
تڏهن تو چيو هو تہ. “فتاح! اصل ۾ ماڻهوءَ جي پنهنجي من ۾ ڪا برائي نہ هوندي آهي. تہ دنيا جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ مان هرو ڀرو برائي نظر نہ ايندي آهي. ڪٿي تنهنجي نيت ۾ تہ خلل نہ آهي؟”
تو اهڙي غلط ڳالھ ڪري. جڻ منهنجي دل کي ٽُڪ اُڇلي هنئي هئي. سچ،


www.sindhsalamat.com

پڇ تہ ان وقت منهنجي معذور جذبي ۾ بہ جوش جاڳي پيو هو. هوش وڃائي خود کي برو سمجهي وينو هئس ۽ جذبات ۾ اچي مون پنهنجو پاڻ سان اهو فيصلو ڪري ورتو هو تہ۔ نيڪ آهي ڪجهہ راتين لاءِ اقرار کي آسا وٽ اڪيلو ڇڏبو.

پر جڏهن جوش ٺريو۔ رقيبن جي جاڳايل غيرت سُتي۔ ۽ هوش ۾ آيم تہ۔ پوءِ وري سمجهيم تہ۔ مان اها ڇريائي پيو ڪريان۔ اهو مون انهيءَ خيال سان سوچيو هو تہ۔ تو وٽ گهر ۾۔ سواءِ تنهنجي مائٽاڻي ملازم ڪا ڪا صالح ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي اهڙو ماڻهوموجود نہ رهندو هو۔ جيڪو ڪنهن ڏکيءَ مهل ۾ توکي ڪوئي سگهارو ڪم ڏئي سگهي ها.

پنهنجو فيصلو پنهنجي دل ئي دل ۾ رکندي مون چيو هو. "آسا! منهنجي نيت جي خلل توکي نقصان ڪونہ ڏيندي۔ پر آسا دنيا ۾ برائي پنهنجي جڳهہ تي۔ پنهنجو وجود قائم تہ رکي ٿي نہ؟"

"ها، بلڪل پر ان کي پنهنجا الڳ ماحول ميسر آهن۔ انسانيت جي مقام تي برائيءَ جو اچڻ۔ ناممڪن آهي فتاح!"

تو تہ پنهنجي اخلاق جي ڳالهہ ڪئي هئي۔ ڪيڏو پروسو هيئي دنيا تي۔ تون تہ ڇڻ ڪولين جي ڪاڏي خوراڪ لاءِ بہ۔ پوري سال جو بندوبست الڳ رکندي هئينءَ.

برائيءَ جي تہ سڃاڻپ ئي چڱائي هوندي آهي۔ چڱائي نہ هجي تہ برائي ڪير ليکيندو۔ پر تو پنهنجي معصوم دانائيءَ کان دوکو کائي۔ برائيءَ جو اصل روپ ڪڏهن نہ ڏٺو۔ نہ برائي اجان توکي ڇهي بہ سگهي هئي۔ تو تہ برائيءَ کي دعوت ئي هاڻ پئي ڏني۔ سو توکي ڪيئن ڇئي سگهان ها تہ۔ برن ۽ براين کي۔ سرور ايندو ئي انسانيت جي بلند مقام تي آهي۔ پر پوءِ بہ آخر مجبور ٿي توکي اهو چوڻو پيو تہ، "تڏهن بہ آسا۔ اقرار جو خيال رکڻ تنهنجي لاءِ ضروري آهي؟"



www.sindhsalamat.com

پوءِ بہ تون پنهنجي هوڏ تي قائم هئين۔ ۽ تو منهنجي ان نيڪ نيت مشوري کي بلڪل نه نديو هو۔ توکي منهنجي اهڙي صلاح ڏاڍي ڏکي لڳي هئي۔ ۽ تو صرف گيٽ آئوٽ جا لفظ پنهنجي زبان سان نہ اُچاريا هئا۔ باقي اڻ سڌيءَ طرح تون سڀ ڪجھ چئي چڪي هئينءَ.

پنهنجي ڏکنڌڙ دل وقت۔ مون کي تنهنجي والد مرحوم جا اهي لفظ ياد پيا۔ جڏهن سندس زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ سندس سخت علالت دوران مان ان جي تيمارداري ڪندو هئس۔ انهن ڏينهن هن مرحوم چيو هو تہ “فتاح آسا ۾ اها ٻاراٽي موجود ڏسين پيو۔ اڇي مٽي تائين سندس ذهني طبيعت بہ اهڙي جي اهڙي رهندي۔ خبر ناهي تہ۔ ڪهڙي خيال سان سوچي۔ هن تنهنجي بابت۔ مون کي ايئن چيو هو۔ ۽ واقعي بہ تنهنجو شخصي مزاج عجيب هو۔ ٻُرن کي بري نظر سان۔ تو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو۔ تہ پوءِ تون شيطان نيتون سچاٽي بہ ڪيئن سگهين ها۔ جيڪي عورت جي ڪنواري ڪُک کي۔ پنهنجي ڪڙهيل ڪني رت جي ڦُڙن سان ناپاڪ ڪندا آهن.

مون ان وقت ڪوشش پئي ڪئي تہ۔ جذبات ۾ اچي توسان ڪنهن ذاتي اختلاف واري پهلوءَ تي۔ اهڙو ڪو جملو نہ ڳالهائي ويهان۔ جو تنهنجي ڪا رنجش پيدا ٿي پوي پر تنهنجي رويي مان ايئن ئي ٿيو۔ جنهن جو مون کي اُلڪو هو. تو اقرار جي سياسي ڪردار تي ڳالهائيندي چيو هو “توکان وڏيڪ تہ آزاديءَ جو متوالو اقرار آهي فتاح! هو جڏهن سياست تي ڳالهائيندو آهي۔ تہ تو جيئان ادب جو سهارو وٺي۔ نہ ڪنهن حقيقت کي رومال ۾ ويڙهي پيش ٿو ڪري۔ ۽ نہ ڪوڪلي لڀاڙ ٿو هٽي.”

تو هن کي آزاديءَ جي معاملي ۾ الاءِ ڪيستائين پر کيو هو. شخصي آزاديءَ جي ڏن تہ هر ماڻهوءَ ۾ رهندي آهي. اقرار بہ اهڙي شخصي آزاديءَ واري ڏن جو فنڪار هو۔ هو شخصي آزاديءَ جو فنڪار ۽ مان انسانيت جي آزادي جو پرچاري۔ ڪيترو وڏو اختلاف هو۔ اسان جي عملي نظرين ۾.


www.sindhsalamat.com

هن تہ صرف اهڙي آزادي پئي چاهي۔ جنهن ۾ هو تو جهڙين۔ سُندر نارين جا ريشمي بدن سڪون سان ڇهي سگهي۔ ۽ مون اهڙي آزادي پئي چاهي۔ جنهن ۾ غلامي پنهنجي موت ڪي پاڻ بوندا ڏئي۔ پنهنجي موت پاڻ مري پوي.

اسان وٽ تہ هونئن بہ نر ۽ ناري ٻئي شخصي آزاديءَ جا مريض بڻجي رهيل آهن. شايد توکي بہ اهڙي بيماريءَ جو اثر ٿي پيو هو. هو تہ اهڙي نفسيات جو اڳ ئي ماهر هو, جنهن توکي نفسياتي پهلوءَ کان مطمئن ڪري ڇڏيو هو۔ ۽ توکي پنهنجي مهارت سان سوگهو ڪري ورتو هئائين۔

جڏهن سندس نادانيت جي اوگهڙ ڪندي مون چيو هو, “آسا! تون اقرار ڪي نہ سمجهي سگهي آهين۔ هن جي اندر جيڪي شيطان ويٺل آهن, تن سان هو۔ پنهنجي پياري خدا کان وڌيڪ پيار ڪندو آهي۔ ۽ تون ان کان اڻڄاڻ توڙي بي فڪر آهين۔ توکي هن بدمست بڻائي رکيو آهي.”

وڌيڪ اجان ڪجهہ چوڻ کان۔ مون کي روڪي ڇڏيو هيئي۔ جيترو بہ چيم, تنهن توکي وڌي ڪا تڪليف رسائي هئي.

تو هڪ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ پنهنجو جيءُ ڏکندو محسوس ڪيو هو۔ جنهن تماڪ ۽ اسپريٽ جهڙا ڪيميڪل (Chemicals) واپرائي پنهنجي اندر واري انسان کي بي ضمير بڻائي ڇڏيو هو. بنيادي طرح هو هم جنس پرستي, شهوت پرستي ۽ استحصالي نظام جو حامي ۽ باغيانہ نظريات جو دشمن هو۔ سندس سياسي تربيت بہ پنگ پياڪ موالي اوطاقن جي صحبت واري ٿيل هئي.

ڪيتري ڪل, مُرڪ ۽ خوش اصلوبيءَ سان خوش بياني ڪندي, ڪندي وري بہ هڪ نادان شخصيت جي بحث ۾ اچي اٽڪيا هئاسين۔ جنهن ۾ ڪجهہ گهڙين لاءِ تہ۔ پنهنجو قرب ۽ حوصلو بہ وڃائي ويٺا هئاسين.

تو تہ تقريبن پنهنجي محبت جو ماضي قريب بہ وساريندي چيو هو “فتاح تو


www.sindhsalamat.com

اڄ ڏاڍو گند ڪيو آهي. مون کي تنهنجي اخلاق مان تہ اهڙي اميد هرگز نہ
هئي- تہ ڪو تون پنهنجي وڏائيءَ ۾ اچي- پنهنجون ٻئي اکيون پوري
ڇڏيندو آهين.”
ڪجهہ دير خاموش رهي- تو منهن ڳاڙهو ڪندي- وري چيو هو “تنهنجي
ان بيمار گفتگوءَ مان مون کي هاڻ ايئن پيو لڳي تہ- شايد اسان مستقبل ۾
هڪٻئي سان نڀائي نہ سگهنداسين- اڳتي هلي واسطا اچان بہ ڪو خراب
رخ ۾ رستو اختيار ڪن- تنهن کان بهتر آهي- تہ اسان کي هينئر کان ئي
سوچي ڪونہ ڪو فيصلو ڪرڻ گهرجي.”
ان وقت توکي وڏيڪ ٻُڌڻ لاءِ- منهنجي ضعيف دل ۾ ايتري قوت ۾ سهپ
واري برداشت نہ رهي هئي- سو وڙهڻ بجاءِ ڀڄڻ بهتر پئي سمجهيم-
تنهنجي سخت لهجي واري گفتگو اچان جاري هئي- توکي ان جو ڪوئي
معتبر جواب ڏيڻ- توسان ان بابت ڳالهائڻ ۾ موڪلائڻ کانسواءِ ئي-
پنهنجي هيئين تي هٿ رکي- اُٿي هليو ويو هئس- نہ وري پويان تو بہ ڪو
سڏ يا آواز ڏنو هو- جنهن سان ماٺهو پاڻ واپس ورڻ لاءِ اهڙي سهولت
سمجهي سوچيندو آهي.
سڀ ڳالهيون روح ۾ رکي هليو اچڻ سان- ان رات منهنجي روح جيڪي
ماتم ڪيو هو- ان جو اظهار لفظن ۾ ڪرڻ تہ مون کي ڪڏهن نہ آيو- باقي
ذهن تي جيڪو ڪاڙهو ڪڙهي رهيو هو ان تہ آپگهات کانسواءِ- ٻيو
ڪوئي مشورو ئي نہ پئي ڏسيو! بدحواسي مون تي حاوي ٿي وئي هئي!
پيئڻ لاءِ تہ هڪ پيگ بہ موجود نہ هو- صرف گاسليٽ پيل هو- پر گاسليٽ
۾ تماڪ جهڙا ڪيميڪلس منهنجا ڪاڏل پيتل نہ هئا- نہ تہ گاسليٽ
پنهنجي حلق ۾ اوتي بہ پنهنجو ذهن خاموش يا بيمار ڪري تنهنجو اهو
صدمو وساريان ها. سڄ اُيرڻ ۾ بہ باقي ڪي ڪلاڪ بچيا هئا- پر سو
منهنجي لاءِ تہ اهو بہ جهڙو سورن جو ئي پئي اُيريو!

وقت کي مون سدائين مثل تصور ڪيو- پر ان ڏينهن وارو سچ- مون الاءِ ڇو ڪيس پنهنجي اڳوڻي رفتار کان تڪڙو اُپرندي محسوس ڪيو-

سچ اُپريو تہ گهر بہ ڪائڻ لڳو هئم- جنوري مهيني جي 17 سترنهن تاريخ هئي- جيڪا سنڌ جي قوم پرست اڳواڻ سائين جي. ايم سيد جي جنم تاريخ هئي- ۽ سنڌ جي سن شهر ۾ سندس سالگرهہ ملهائڻ جو – جشن رچايل هو- مان سندس قومپرست نظريي جو پيروڪارو هئس. دنيا جو هيءُ پهريون انسان هو- جنهن کي اڪيلو ضمير جو قيدي بڻايو ويو هو- اها حسرت رهيل هئم- ڪيس روبرو ويجهي کان ڪڏهن بہ ملي نہ سگهيو هئس- توکي ٻُڌائي ڇڏيو هئم- تہ مان سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ تي سن ضرور ويندس- ان ڏينهن زندگيءَ جي هڪ بهترين دوست ساڻ سن هليو ويو هئس- ان دوست کي تنهنجي، منهنجي محب تعلقاتن جي بہ مڪمل خبر هئي- پر مون پنهنجي ان سُني دوست کان بہ- تنهنجي ۽ منهنجي ان اختلاف جو راز بہ ڇُپائي رکيو هو. انهيءَ ڪري جو تنهنجو هنيل اهو طعنو تہ، "فتاح توکي ماڻهن ۾- پنهنجي محبت جو ذڪر ڇيڙڻ سان- مزو ايندو آهي." سو مون کي چڱيءَ طرح سان حفظ ٿيل هو. ان ڪري انهيءَ دوست کان مون- حقيقت لڪائي رکي هئي- پوءِ بہ منهنجن اوجاڳيل اکين- ۽ ٿڪل منهن جي- لاٽ مان هن محسوس تہ گهڻو ڪجهہ ڪري ورتو هو.

رُنل منهن تہ پڌرا هوندا آهن- پر مان دل جهلي ڪيس ڪجهہ ٻُڌائي نہ سگهيو هئس.

سن مان جڏهن موٽي گهر پهتو هئس تہ- گهر وارن کان خبر مليم تہ- تون منهنجي ٿي گهمرا پڇا ڪري وئي هئينءَ. حالانڪہ تو مون سان وڙهي تہ مون کي نہ ڪاوڙايو هو- پر محبت ۾ دليون سڀ ڪجهہ سمجهڻ جي سگهہ بہ رکنديون آهن- ۽ اڪثر جلد ڪاوڙجي بہ پونديون آهن.



www.sindhsalamat.com

دنيا ۾ ڏاهو ٿيڻ کان وڌيڪ۔ شايد ٻيو ڪوبه اهڙو آزار ۽ ڏک ناهي هوندو۔ جيڪو ماڻهوءَ کي دم، پل ۾۔ سڀ ڪجهه سمجهائي۔ ماڻهوءَ جي دل رئاري۔ دنيا ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيندو هجي۔!

منهنجي ڏاهپ ۽ ڏک به تنهنجي ناولتي زندگيءَ مان جنم ورتو.

شاهه لطيف رحه به ڏاهي ٿيڻ واري ڏاهاڳ کان ڪا دعا گهري هئي.۔ پر مان ڪهڙي پناهه جي دعا گهران ها!۔ ڏاهپ ته خود بي پناهه رهندي آهي۔ دعائن سان به۔ ڏاهپ جي زهر کان بچي نه سگهبو آهي۔ دعائن سان ته ڏاهپ ڏائڻ بڻجي ٿي۔

جڏهن مونکي اها خبر پئي ته۔ تون منهنجي لاءِ۔ ٿي چڪر هڻي چڪي آهين۔ تڏهن تنهنجي وري به اچڻ جو شڪ ٿي پيو هئم۔ اهڙي شڪي حالت ۾ توکان دوري حاصل ڪرڻ خاطر۔ اهو دل جو رسامو ساڻ کڻي۔ گهر ڇڏي غم غلط ڪرڻ واسطي۔ ڪنهن غم ڪده جي سوچ ۾ نڪتو هئس۔ تون منهنجي پويان ٿوري دير ۾ ئي وري منهنجي گهر آئي هئينءَ۔ منهنجي خبر وٺڻ سان ئي۔ منهنجي نندي ياءُ کي۔ منهنجي پويان ڊوڙايو هيئي۔ پر مان ڪيس۔ هٿ نه آيو هئس.

منهنجي لاءِ۔ منهنجي گهر ويهي۔ منهنجو انتظار ڪرڻ لڳي هئينءَ۔ پر مان رات جو رڻل۔ پلجي به تنهنجي انتظار تائين نه پهتو هئس۔ تو واپس وڃڻ وقت۔ هڪ بي ڊولي ڪاغذ جي ٽڪڙي تي۔ جنهن کي ڪوبه منهن مٿو ۽ ڪنڊ پاسو نه هو۔ خبر ناهي سا چٺ هئي يا چٽر سا منهنجي لاءِ گهر ڇڏي وئي هئينءَ.

تو ان ۾ لکيو هو "فتاح چٺ پڙهڻ شرط۔ مون وٽ گهر پهچي وڃجان" دل ڏاڍي رڻل هئي۔ ڪيس انهيءَ روٺ جو روڳ۔ به جهڙو پنهنجي هٿ سان ڏئي وينو هئس۔ سا ڪيئن ريجهي۔ ڏاهپ جي ڏنل ڏهاڳ کي ڪيئن وساري۔ ريجهائڻ جي رمز ڏئي۔ ڪيس ڪنهن سرچاءُ جي بجاءِ۔ دل کي نندڙي ٻار


www.sindhsalamat.com

جيئان وڏيڪ رئاري رهيو هئس.
توسان بہ تہ ايئن ئي پيش رهيو هئس. جيئن نبي پنهنجي خدا سان رهيا! پر ان وقت دل تي الاءِ ڪهڙو بار هو. جيڪا توڏانهن تانگهي بہ. مون کي تو تائين وئي اچي نہ سگهي هئي.
تو ڪجهہ دير ڪانپوءِ. وري ٽيليفون ڪئي تہ. فون رسيور بہ گهر مان ڪنهن کي ڪڻڻ نہ ڏنم. دل کي يقين ٿي پيو تہ اهو فون تنهنجو هو. نہ چاهيندي بہ الاءِ ڇو ايئن ڪري رهيو هئس. فون جي رنگ رڙيون ڪري خاموش ٿي وئي هئي. اوجاڳي جي ٿڪاوٽ ۾. پنهنجي دل سان ڳالهيون ڪندي. ڇڻ ذهن کي موت اچي ويو هو. ننڊ سمهي پيو هئس.
صبح جو جاڳي. اجان بسترو نہ ڇڏيو هئم تہ تون آئي هئينءَ. تنهنجي منهن ۾ ڏسي ايئن محسوس ڪيو هئيم تہ — توکي منهنجي رُسڻ جوجڻ ڪوئي احساس ئي نہ هو. چهروءِ مٿي جا وار بہ تنهنجا بگڙيل هئا. چپن ۾ وات مان ايئن پئي لڳو تہ تو صبح واري گرڙي بہ اجا شايد نہ ڪئي هئي. ٻليءَ جي خواب ۾ ڇيڇڙا تہ برابر هوندا آهن. پر جڏهن انهن کي کائڻ لاءِ وات وجهندي آهي. تہ سندس ننڊ اُڏامي وڃي ٿي.
ايئن اهڙيءَ طرح مون بہ توکي جهڙو خواب ۾ پئي ڏٺو. پر توسان ڳالهائڻ ڪانپوءِ. تنهنجا حليا ڏسي ذهن تان سوچ وارو تعبير ئي مِٽجي پئي ويو.!
”رات ڇو ڪونہ آئين؟“ ايندي شرط پڇيو هيئي. تنهنجي جواب ۾ مون ڄاڻي واڻي ڳالهہ کي ڪُتائيندي چيو هو ”الاءِ ڇو؟“
جنهن حالت ۾ توکي ڇڏي آيو هئس ان ڪان تہ تون بہ واقف هئينءَ ۽ منهنجي من اندر بہ تہ ڪا ٻي ڳالهہ ٻوڙي رهي هئي. جيڪا زبان تي آڻي نہ سگهيو هئس.
جيڪي ماڻهو ٻين جي پيڙا سمجهي نہ سگهندا آهن — تو اهڙن عام ماڻهن جيئان پڇيو هو ”الائي ڇو؟ اها بہ ڪا ڳالهہ آهي؟ مون سان رات ڇا گذري


www.sindhsalamat.com

آهي؟ مون کان اهو بہ نہ پڇندين؟“
جيڪي مون کي چوڻو هو۔ سو تنهنجي زباني ٻُڌي رهيو هئس. رات مون تي ڇا گذري آهي۔ ان جو احساس تہ مون توکي محسوس ڪرائڻ پئي چاهيو۔ توکي مان پنهنجي حالت کان اڻڄاڻ سمجهي خود اڻڄاڻائيءَ تي بہ۔ غور نہ ڪيو هو. شايد محبوب جي اوڏو عاشق پنهنجو پاڻ تي غور نہ ڪندا آهن!؟
پر مان شايد اهڙن پريمين مان هئس۔ جن جا هواس سمجهہ واري منزل تي۔ دير ڪائي ڪو نتيجو ڪيندا آهن.
تنهنجي چهري تي واقعي مايوسي ڇانيل هئي۔ جنهن کي منهنجي دل ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪيو هو.
مان اُداس ۽ تون مايوس! عجيب ڪشمڪش هئي۔! ڪجهہ دير جي دوري بہ محبت ۾ ڪيڏي نہ تڙپ ۽ نراسائي پيدا ڪري وجهندي آهي!۔ ماڻهو نئين مان پراڻو۔ ۽ پراڻي مان نئون ٿيو پوي.
”ڇو؟ رات مان نہ آيس، تہ ڇا ٿي پيو۔ ڪهڙي منهنجي ضرورت هئي۔ ماڻهن جي ڪمي تہ وٽ تہ ڪانهي!؟“
پنهنجي رُٺل دل سان صلح ڪندي چيو هئم۔ ۽ تو بہ اهڙو ئي جواب ڏيندي چيو هو ”ماڻهن جي ڪمي۔ ڪڏهن توکي محسوس بہ ڪئي آهي؟“
”ها آسا! ماڻهن جي ڪمي محسوس ڪندو آهيان!“
”ڪٿي؟“
”جتي ماڻهپو نہ هوندو آهي.“
”پوءِ منهنجو ماڻهپو شايد مري چڪو آهي فتاح.“
مان صبح واري ننڊ ۾ سجل ڇپن جيئان، ڦڪي ڪل ڪليو هئس. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ڪو بيوقوف ماڻهو اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪندو آهي ۽ ماڻهوان کي ڪائي اهميت نہ ڏئي۔ پنهنجي منهن ڪنڌ کي هلڪو لوڏو ڏئي ڪلندو آهي۔ پر تو اهو سڀ ڪجهہ محسوس ڪندي چيو هو ”ان ۾ ڪلڻ جي ڳالهہ


www.sindhsalamat.com

ناهي فتاح! تون درست آهين بلڪل ماڻهپي وارن وٽ۔ انسانن جي واقعي ڪمي رهندي آهي۔ مان سمجهان ٿي۔ منهنجي خيال ۾۔ منهنجي ماڻهپي جو تون ڪانڌي ضرور ٿيو هوندين!"

مان تو ۾ ڪافي تبديلي محسوس ڪري رهيو هئس۔ چوڻ جو ارادو اهو هئم تہ۔ "مان ڪو مئل ماڻهن کي غسل ڏيندو وتان ڇا؟ پر تنهنجي بدليل سوچ۔ مونکي روڪي وڌو هو۔ ۽ تو کي وڏيڪ ڏکائڻ نہ پئي گهريم۔ خود کي بہ تہ مڪمل سمجهي نہ پئي سگهيس۔ اهڙي معاملي ۾۔ ذاتي مشاهدا بہ ڪنهن شڪ ۾ مبتلا ڪري۔ وجهندا هئم۔ محبت ۾ گهرو مشاهدو شايد شڪ پيدا ڪندو آهي۔ جنهن جي پويان ماڻهو حقيقت حاصل ڪندو آهي.

مونکي پنهنجو پاڻ شڪ۔ اڪثر تڏهن ٿي پوندا هئا۔ جڏهن تون منهنجي بيان ڪيل حقيقت۔ پنهنجي دل سان قبول نہ ڪندي هئينءَ پر انهيءَ ڏينهن تہ جهڙو ڪنهن ماڻهپي جو ميَت ڏسي آئي هيئين ۽تو پنهنجي ماڻهپي جو ڪانڌي بہ مونکي پئي بڻايو۔ حالانڪ موت جي سڪرات ۾۔ ان وقت منهنجو ماڻهپو هوندو هو۔ جڏهن توکي اقرار جون اونايون بڌائيدو هئس۔ تہ تون ان کي منهنجي گندي گفتار ۽ غيبت چوندي هيئينءَ.

"مونکي ماڻهپي جو ڪانڌي ڪڏهن کان تصور ڪرڻ لڳي آهين آسا؟ "

جڏهن مون توکان اهو سوال پڇيو۔ تہ تو چيو هو "رات کان۔ ها! رات کان جيئن ئي مونکي پنهنجو پاڻهپو مئل محسوس ٿيو آهي."

" ماڻهپو تہ هڪ رات ۾ نٿو مري۔ آسا۔ ان جي سڪرات تمام ڊگهي هوندي آهي."

" بس فتاح! ائين سمجهہ تہ۔ منهنجو ماڻهپو بہ ڪنهن ڊگهي سڪرات ۾ هو۔ ۽ رات دم نٽو اٿس!"

مون ائين پئي تصور ڪيو تہ۔ مان ان رات تو سان نہ ملي سگهيس انهيءَ ڪري رات جي تنهائي توکي شايد چڱي طرح ڏنگيو هو ۽ تو پنهنجي



www.sindhsalamat.com

اڪيلائي ۾ پنهنجو پاڻ ڪي پٽي ڪاڏو هو- يا اجائي گهٽي سوچ وارو زهر تنهنجي دماغ تي چڙهي اثر ڪري ويو- تنهن ڪري مون پنهنجي تمام منڙي لهجي ۾ چيو هو- " تنهائيءَ ۾ هيڪاندي سوچ- منو زهر هوندي آهي آسا!- جيئن ماڻهو ڪنهن سوالي جيئان- پنهنجي ماڻهپي ڪي ملامت ڪري- پنهنجو پاڻ ڪي ڏک ڏيندو آهي."

۽ تو پنهنجي احساس محروميءَ جو ذڪر ڪندي چيو هو "پر اهڙو زهر مونکي شايد نصيب ئي نه ٿيو آهي- منهنجي بدنصيبي ۽ بيوقوفي منهنجي انسانيت کي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن- مون توکي به ڏک ڏنا آهن فتاح!- تڏهن پئي چوان تہ- منهنجو ماڻهپو وفات ڪري ويو آهي- جنهن کي توئي- پنهنجي من جي قبر ۾ دفن ڪري رکيو آهي- رات منهنجو روح به تنهنجي پڪار ۾ هو فتاح!"

محبت جي ڪهڙي نه عظيم سوچ جو اظهار ڪيو هو تو- دل جي خوشيءَ ۾ زبان بتال تي پئي هئم- رڻل روح تہ ريجهي پيو هو- پر ذهني ٿڪاوٽون به ٽٽي پيون هئم-

ڪنهن پيڙا جي پوڳنا ۾- ڪا اچانڪ مسرت حاصل ٿيندي آهي- تہ ماڻهو خود کان ڪيڏو غافل ۽ ڳهلو ٿي پوندو آهي-

خوشيءَ جي سمي زندگي جون گهڙيون- ڪيئن نہ بي مقصد رهي- جهڙپ ۾ گذريو وجن- شايد خوشي خوراڪ ئي اهڙي آهي- جيڪا حياتيون جلد کتايو ڇڏي.

۽ موت شايد اهڙو خيال آهي- جنهن ۾ ماڻهو ۽ لفظ سپ- مئل هوندا آهن- وقت بي جان ۽ نظر بيمار-

پهريون دفعو هو- پنهنجي روح جي پڪار ۾ مونکي محسوس ڪيو هيئي-

تنهنجو روح تہ الاءِ ڪهڙي روڳ ۾ رڙيو هو- پر مون مڙئي لفظ گهڙيندي توکان پڇيو هو "روح جي بغاوت ۾ هاڻ خود کي گهايل تصور ڪرڻ لڳي


www.sindhsalamat.com

آهين ڇا؟”
“روح بہ تڏهن بغاوت ۾ ايندا آهن- فتاح- جڏهن ماڻهو کي پنهنجو اعتماد فريب ڏئي گهايل ڪندو آهي.”
“لڳي ٿو تون شايد پنهنجي خود اعتمادي ۾ ڪوئجي وئي آهين آسا”
“زمانو زخم رسائي تہ زخم کائڻ سان اندر جو آواز گهٽبو بہ تہ ناهي؟“
“ پر زمانو تہ خود زخميل آهي آسا!”
“ها شايد! زماني جي زخمن تان- اٿندڙ جراثيم ئي آهن جيڪي ڪوڙهيل زهن جي ڇُٽن تي- بيمارين ۾ واڌارو ڪندا رهيا آهن- هڪ ويا ڦهليل آهي- جنهن جا وائرس تمام تيز آهن- زهن کي انڌو ڪري- ماڻهو کي بي ضمير بڻائڻ ۾ دير نٿا ڪن.”
“پوءِ تنهنجي خيال ۾- ڇا اهڙن ذهنن کي زندهہ بہ ڇئي سگهجي ٿو؟”
“ لڳي تہ ائين پيو- جڻ زماني انهن کي پنهنجي حياتي بخشي آهي- ليڪن موت انهن کي- سندن بي شرمائي سان ماريندو.”
ڪيڏي شوخ چنچل سان چيو هيئي- موت تنهنجي هٿ وس هجي ها- تہ ان وقت زماني کي بہ کهندي دير نہ ڪرين ها- ماڻهو سان جڏهن بي انصافي ٿيندي آهي- تڏهن زماني ۽ نظام جي بي شرمائي سان گڏوگڏ بي ضميرن جي موت جي بي شرمائي پُرجهڻ تائين بہ سندس حواس ڪم ڪرڻ لڳندا آهن پر مون تہ خود سان ئي رڳو بي انصافيون ڪيون هيون. توسان تہ ڪائي نا انصافي نہ ڪئي هئم-
تون پنهنجو لهجو تمام سخت ڳالهائڻ لڳي هئين- ڪجهہ معلوم ڪرڻ لاءِ- تنهنجي ذهن ۾ ڇهنڊڙيون پائيندي- مون توکان پڇيو هو “ جيڪڏهن بي ضمير ماڻهن کي دنيا ۾ زندهہ ماڻهو چئجي- تہ پوءِ موت انهن کي بي شرم- ڪري ڇو ماريندو-؟”
تو ڪوشش ڪري واضح جواب ڏيندي چيو هو “ پنهنجي ضمير جو قتل


www.sindhsalamat.com

ڪري ويهندا آهن- ۽ اهو پاپ آهي اهڙو- جو اهي آسان موت، عزت سان مري نٿا سگهن.”

“خبر اٿئي پنهنجي ضمير جو قتل ڇو ٿا ڪن؟” مون پڇيو هو- تفصيل سان جواب ڏيندي چيو هيئي “ها! پنهنجي مفاد ۽ خواهش جا پوڄاري هوندا آهن- خلوص ۽ سچائي واري پهلوءَ سان سندن ضمير بغاوت ۾ رهندو آهي- سچائي سان بغاوت- ضمير لاءِ موت هوندي آهي- ڪتي جي موت مرڻ کان اڳ- هو اڳ ۾ ئي- پنهنجي ضمير کي ڪُهي خون ڪري ٿا ويهن.”

“تو اهڙن بي ضميرن کي ڪڏهن کان سڃاتو آهي آسا؟”

“رات کان.” هيٺ منهن ڪري، ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو هيئي. ڪجهه سوچڻ تي ذهن هلڪو جهٽڪو کاڌو- پر حيران هئس ته هڪ رات ۾ ڪيڏو تجربو حاصل ڪري ورتو هيئي – بي ضميرن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ پيڙهيون کپيو وڃن – مان سمجهي نه سگهيس ته – اهو سڀ ڪجهه تو هڪ رات ۾ ڪيئن سکي ورتو هو – پاڻ روڪيندي به رهي نه سگهيس ۽ توکان پڇيو هئم، “هيءَ تو هڪ رات ۾ - ڪيڏا نه حقيقت پريا خواب ڏٺا آهن آسا؟”

تو هلڪو ساهه کڻندي چيو هو، “تون منهنجي خيالن کي ته خواب پيو سمجهين – جيڪڏهن خواب ئي ڪو آهي – تڏهن به مون جاڳندي اکين ڏٺو آهي – گهري ننڊ وارو لاوارث مئل خواب نه آهي – مئل خواب جسمن کي لوڙ ته نه هڻندا آهن فتاح – منهنجي جسم جو گوشت هن وقت به چڙ ته اوٻاريل هجي.” ۽ پوءِ ڏاڍي بيوسيءَ سان چيو هيئي، “مون کي اڪيلو نه ڇڏ فتاح؟ - هي بي ضمير ڪوئا منهنجو جسم به ٽُڪي ڇڏيندا – منهنجي جسم ۾ ايڊز هڻي ڇڏيندا – زمانو پنهنجي لُچائيءَ سان منهنجا عضوا ڇُهي وٺندو – منهنجو بدن ڍرو ٿي ويندو – مان پنهنجي اصليت کان محروم ٿي وينديس – مون کي اڪيلو نه ڇڏ فتاح-” وري هڪ وڏي عاجزيءَ سان چيو



www.sindhsalamat.com

هيئي تہ “وقت جو واچوڙو مون کي ويڙهي ويندو فتاح – مان چؤماسيءَ جي اُڏامندڙ دز ۾ دفن ٿي ويندس!”

ڪيڏي نہ نرالي انداز ۾ پنهنجي محبوب جوانيءَ جو اظهار ڪيو هيئي – مون کي تہ هونئن بہ هيءُ نظام سڄو- آدمخور ۽ چريو لڳو هو- پر تو خبر ناهي تہ – هڪدم الاءِ ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح سان- ايترو ويجهو ٿي ڪيس ڏٺو هو- جو سندس ڇتپڻ کان خائف ٿيڻ لڳي هئينءَ – يا شايد وقت جي نادان نظام کي تو پهريان بہ پرکيو هو- پر تنهنجو ساٿس صلح هو شايد-!

يا تو واقعي بہ پرکي ورتو هو تہ – وقت جو نظام انساني هڏن جي ٽوٽين تي اَڏيو ويو آهي- ۽ انسان جي چچريل گوشت واري رت، پٽ جي ڪيس خوراڪ کارائي پئي وڃي! ڪيڏو خوف کائڻ لڳي هئينءَ- پنهنجي ڪنواري گوشت ۽ نوجوان عضون کان.

توکي تنهنجي چيل ڳالهہ ياد ڏياريندي مون چيو هو “آسا پوءِ تو اهو ڪيئن چيو هو تہ انسانيت جي مقام تي برائيءَ جو اچڻ ناممڪن آهي- ۽ هاڻ وري چوين پئي تہ زمانو پنهنجي لُچائيءَ سان – منهنجا عضوا ڇهي وٺندو؟”

تنهنجي اندر وڏي ولوڙ هئي- جنهن کي مان پرجهي نہ پئي سگهيس- تو اقرار ڪندي چيو هو “مان ايئن برابر چيو هو فتاح- پر منهنجي ذهن ۾ اهڙي حقيقت شايد نہ هئي تہ- پڪل ميوي کائڻ جي خواهش- باغبان کان وڏيڪ بيگاري رکندا آهن. منهنجي پڪل ميوي کي تہ بي دردي‌ءَ سان ڏوٽا ڏئي زخمي ڪيو پيو وڃي-!”

تو پنهنجي آبروءَ سان ڪيڏ بابت- پنهنجو اظهار پئي ڪرڻ چاهيو- تہ مون وري پنهنجي وفا جي مدهوشيءَ ۾- پنهنجي سچائي جتائڻ پئي چاهي- ڪافي پنهنجي غور ويچار ڪانپوءِ توکي تسلي ڏيڻ جي نيت سان مون چيو هو “تون ايتري مايوس ڇو ٿي آهين آسا- محبت جي معاملي ۾- اهڙا رنج رُساما تہ محبت جي رشتي کي وڌيڪ مضبوط ڪندا آهن – تون سمجهي


www.sindhsalamat.com

ٿي توکي اڪيلو ڇڏي. خود اڪيلو خوش رهي سگهان ٿو؟ ـ جو ڪجھ ٿيو ان لاءِ دل کي صدمو ڏئي پنهنجو خون کپائڻ نہ گهرجي آسا. رُسڻ، پرچڻ واري راند تہ. محبت ماڻهوءَ کي ڪيڏائيندي رهندي آهي. مون کان اها غلطي واقعي ٿي آهي آسا – جو ان وقت توکان موڪلائي بغير – روٺ منهن بڻجي هليو آيس. سو شايد منهنجي وس جي ڳالھ بہ نہ هئي.”

تڏهن تو وري بہ حقيقت ڏانهن ڪجھ اشارو ڏيندي چيو هو “اها ڳالھ ناهي فتاح. تون مون کي سمجهي نہ سگهيو آهين. مان توکي طعنا، تنڪا نہ پئي ڏيان. تو مون کي منهنجي روئداد مان شايد سمجھڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.”

۽ پوءِ مون تسليم ڪندي چيو هو “مان واقعي بہ توکي سمجهي نہ سگهيو آهيان آسا! شايد مان پنهنجي ذهن ۾ صرف پنهنجو پاڻ تائين ٻوڙيو آهيان؟”. ۽ تو منهنجي ڳالھ تي يقين ڪندي چيو هو “ها فتاح! ماڻهو جڏهن پنهنجي ذهن ۾ صرف پنهنجي ذات ۽ خواهش لاءِ سوچيندو آهي. تڏهن سندس اندر وارو انسان شايد سڪون واري ننڊ ستل رهندو آهي. خود پنهنجي انسانيت کي بہ ذلت جي ڌوڙ ۾ دفن ٿيندي ڏسي نہ سگهندو آهي!”

انهيءَ حوالي کان تو پنهنجو مثال ڏيندي چيو هو “مان بہ تہ پنهنجي جوانيءَ جي قد جا پاڇا ڏسي. پنهنجي شخصي قد جي وڏائيءَ ۾ محو رهيس، تڏهن تہ چچڙن جيئان ماڻهو منهنجي جسم تي چهٽڻ لڳا آهن!”

مون توکي ڏيان ڏئي پئي ٻُڌو. ڪجھ سمجھڻ لاءِ ذهن تي زور ڏيندي پڇڻ لڳس تہ “هي تون ڇا پئي چئين آسا؟”

تو جواب ڏيندي چيو هو “هي رڳو مان نہ پئي چوان فتاح. منهنجو پورو جسم اڄ ڳالهائڻ لڳو آهي ـ ۽ منهنجو هر عضوو ڪنهن لعنت ملامت جي پِٽڪاري ۾ آهي – مان خاموش ٿي رهان تہ – سندس هُل هنگامو منهنجي مغز ۾ ڪاڙهو ٿو پيدا ڪري. توکي پهرين بہ ٻُڌايم فتاح – تہ منهنجو


www.sindhsalamat.com

گوشت مون کي اوپاريل پيو محسوس ٿئي.“
”توکي ايئن ڇو محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته؟“ پنهنجو هٿ اکين تي رکي۔ هيٺ منهن ڪري پڇيو هئم. تو چيو هو. ”فتاح هن انڌي نظام جي معاشري ۾۔ تعليم يافته نوجوان مرد کي لانگ بوٽن سان لتاڙيو ويندو آهي ۽ نوجوان عورت جا رئيس عضوا نپوڙيا ويندا آهن۔ اهڙي نپوڙ نوجوان عورت جي جسم لاءِ موت هوندو آهي۔ منهنجي جسم کي به رات اهڙي موت جو ذائقو چکايو ويو آهي!“

تنهنجي اهڙي اظهار سان۔ منهنجو ذهن مڇيءَ جيان ڦٿڪي پيو هو۔ تنهنجي ڇهري تي چڳيءَ طرح نظر وجهندي توکان پڇيو هئم ته. ”تون ڳالهه واضح نٿي ڪرين ڇو آسا! ڇا مون کي نه ٻڌائيندينءَ ته ڇا ٿيو رات؟“

”ڇا ٻڌايان فتاح؟ ڪهڙي منهن سان چوان ته۔ رات ڪنهن فلاڻي آدمخور ڪُتي – منهنجو بدن ڇَنڊڻ پئي چاهيو؟“

انهيءَ وقت تو ۾ منهنجون نظرون گهرائيءَ سان کُتل هيون – ۽ تنهنجين اکين پنهنجي نفرت جو اهڙو ته اظهار پئي ڪيو – جو ايئن پئي لڳو ته ڪنهن خون ڪرڻ لاءِ ڪپار مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ۾ هيون – ڪيئن بيان ڪجي ته تنهنجي شبيهه جو ان وقت ڪهڙو نقش نگار هو۔

تون ته ماٺيپي جي دائي هئينءَ۔ گهٽ ۾ گهٽ منهنجو ماٺيپو ته تو پنهنجي ئي ريشمي زلفن ۾ تنجي ڇڏيو هو۔ اهڙا خيال ته اڄا الاءِ ڪيترا ذهن تي وسي پيا هئم۔ پر اهو سڀ ڪجهه ان وقت توکي۔ مون منهن ۾ ڏيڻ واجب نه سمجهيو هو۔ جڏهن تو ”آدمخور ڪُتي“ جا لفظ ڳالهايا هئا۔ تڏهن مون ايئن سمجهيو هوته – شايد ڪوئي چور هو۔ تنهنجي گهر چوريءَ جي مقصد سان آيو هو ۽ تو ڪيس ويجهي کان ڏسي ورتو۔ انهيءَ ڪري انهيءَ جي پوائتي مهانڊي توکي خفا ڪري وڌو هو ۽ تون خائف ٿي پئي هئينءَ۔ تنهن ڪري ئي مون تنهنجي دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ چيو هو ”آسا ماڻهو اهڙن چور


www.sindhsalamat.com

ڪتن کان ايترو خائف ناهي ٿيندو. انهن کي بہ پنهنجون نادان خواهشون ڪمينو بڻائي رلائن ٿيون.”

“پر مان اهڙي ڪنهن چور جي ڳالهہ نٿي ڪريان، جيڪي پراون گهرن ۾ گهڙي – ملڪيتون ٿا لُٽائين.” تو حقيقت واضح ڪندي چيو هو “هيءَ جسمن جو اڪيلو چور آهي فتاح. جنهن منهنجي جسم کي ڪاٺ هڻي – منهنجو ڪو قيمتي عضوو چورائڻ پيو چاهي!”

“ڪير هو اهو؟” تڪڙ ڪندي پڇيو هئم.

“اقرار!” اکيون پرجي آيون هيئي، ۽ مان دهلجي ويو هئس، “ڇا ڪيو هن؟” وڏيراڻي انداز ۾ پڇيو هئم - ۽ تو منهنجي ڪا ڇيل حقيقت ميڃيندي چيو هو “تون درست چوندو هئين فتاح – هن پنهنجي گندي نيت جي اوگهڙ ڪندي– رات مون سان تمام ڪريل حرڪت ڪئي!”

“ڪهڙي حرڪت ڪيائين؟” گهبراهٽ ۾ پڇيو هئم - ۽ تو چيو هو “پهريان هن منهنجي ٻانهن جي ڏونري ۾. پنهنجا هٿ وڌا ۽ مون کي Kiss ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. رات جو وقت بہ ڪافي ٿي چڪو هو. جيڪي بہ دوست روز واري بيٺڪ تي آيل هئا – سي سڀ جا سڀ هليا ويا هئا - ۽ هو مون وٽ اڪيلو هو ان وقت.”

تنهنجي ڳالهہ روڪيندي مون چيو هو “پوءِ تہ هن توکي ڪافي تنگ ڪيو هوندو آسا؟”

“بس ايئن سمجهہ تہ ڪڙهي رهي هيس.”

“سو ڪيئن؟” عجب کائيندي چيم تہ تو چيو هو “هو جنهن مهل منهنجو جسم منهنجي جسم سان گڏائڻ لڳو هو تہ مان بلڪل وسامجي وئي هيس.”

“تو ڇا پئي تصور ڪيو؟” ايئن اهو پڇڻ نہ ڪپندو هو. پوءِ بہ پڇي ورتو هئم. تو بہ سڌيءَ طرح ٻُڌائيندي چيو هو “بدن ۾ ڪا شيءِ هئي، جيڪا رت سان گڏ گردش ڪرڻ لڳي هئي.”



www.sindhsalamat.com

“تو.......؟” مون کي نظرانداز ڪندي تو پنهنجي گفتگوءَ جو سلسلو جاري رکندي چيو هو “بدن مان جهڙو ساهه پئي نڪتو.”

“تو ڪيس........” تو مون کي ٻُڌڻ ئي نه پئي گهريو ۽ پنهنجو بيان جاري رکندي چيو “حوصلو خطا ٿيڻ لڳو هئم.”

“پوءِ تون...” تو مون کي ٻڌو ئي نه پئي ته به وچ ۾ ڳالهائي ڪجهه پڇڻ پئي چاهيم — پر تون شايد پنهنجي مرضيءَ مطابق مون کي نه ٻُڌندي چيو “هن جڏهن منهنجي ٻانهن جي ڏؤري ۾ هڪ مخصوص قسم جو زور ڏنو ته ايئن لڳو ڄڻ جسم سڄو ڪڪرا ٿيڻ لڳو هو.”

“پوءِ.......؟”

“پوءِ ته سرير جو ست به جهڙو وڃائي ويٺي هيس. بي وسيءَ جو عالم طاري ٿيڻ لڳو هو. مون تي.”

“پوءِ تو ڇا ته ڪيو؟” ايترو به مون کي زوري پڇڻ ڏنو هيئي. تو جواب ۾ چيو هو “ڳالهائڻ لاءِ ته سگهه به ساري نه پئي سگهيس.”

“۽ هن وڏيڪ ڇا ڪيو؟”

“هو پنهنجي ناروا سلوڪ سان — منهنجي ان اکڙين تي پنهنجي بي شرمائيءَ سان — حاوي ٿيندو ويو. پر مون کي الاءِ ڇا پيو ٿئي. ذهن تي لفظن جي جنگ لڳل هئي. پر زبان کي جهڙو اڏ رنگ لڳي پيو هو — ۽ اکيون توڙي چپ به ڄڻ ڪنهن سبي ڇڏيا هيم.”

مون پنهنجي اندازي موجب. معاملي جو نتيجو مڪمل معلوم ڪندي پڇيو هو “تنهن جي معنيٰ ته تون — ڪيس ڪجهه به چئي پاڻ ڇڏائي نه سگهيئين!؟”

“نه.... مان ڪيس چيومانس.”

“ڇا چيس تو؟”

“بس همت ٻڌي جان ڇڏائڻ خاطر چيومانس، “اقرار اڄ نه. سڀاڻي.”


www.sindhsalamat.com

“اڄ ڇو نہ؟” اقرار مون کان تمام پيار ۾ پڇيو هو ۽ مان بهانو ٺاهيندي چيومانس، “اڄ مان تمام ٿڪل آهيان اقرار- مون کي آرام جي ضرورت آهي.” هو بدمست ۽ عقل خطا هو- مان بي همت ٿي هيس- پر منهنجي نابالاغ لهجي هن کي ڪافي متاثر ڪيو- هن منهنجي ٻانهن مان پنهنجو پيل هٿ ڍرو ڪري ڇڏيو- مون محسوس ڪيو تہ — منهنجي مئل بدن ۾ نئون ساهہ ڦوڪجي پيو هو- ڳالهائڻ جي همت بہ ساري ورتي هيم- پر پوءِ بہ عورتاڻو خوف منهنجي ذهن تي اڃان هو- پر منهنجي وڏيڪ ڪجهہ چوڻ ڪانسواءِ بہ- منهنجي انهيءَ اڄ نہ سياڻي واري بهاني ۽ ڪوڙي دلاسي تي يقين ڪندي اُٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو، “ها، ها، اڄ ڀلي آرام ڪر- پر سڀاڻي رات- ايئن نہ چئجان؟” ايترو چئي هو هليو ويو- هن جي پيٽل تہ هئي فتاح- پر ايترو نشو نہ چڙهيو هيس- مان پنهنجي ڪمري جو دروازو هڪدم اندران لاڪ ڪري سمهي پيس- پر ننڊ تہ اچي ئي نہ پئي- ڪافي دير تائين- پنهنجي عقل تي لعنتون وسائيندي رهيس. پنهنجي بي عقل ذهن سان وڙهندي وڙهندي الاءِ ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويم- صبح ٿيندي ئي- ڪاڪا صالح دروازي کي مڪون هڻي مون کي اُٿاريو تہ- توڏانهن هلي آيس- ٻيو ڀلا منهنجو آهي بہ ڪير.”

انهيءَ ڏينهن تنهنجي قربت ۾ مان هميشہ جيان سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هو- ۽ تو بہ اقرار کي نفرت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ پئي ڏيڻ چاهيو.

نہ چاهيندي بہ عام بازاري حَسينن جيئان- اقرار کي تون ڪوڙو دلاسو ڏئي- ڪيس آسري ۾ رهائي آئي هئينءَ.

انهيءَ ڏينهن ئي- جڏهن اقرار کان خفا ٿي صبح وقت مون وٽ آئي هئينءَ تہ مون تنهنجي انهيءَ سوالَ جنهن ۾ تو پڇيو هو تہ، “دليون ڪمزور ڪيئن ٿينديون آهن؟” ۽ مون جواب ۾ چيوهو تہ، “شهوتي خواهشن سبب- ماڻهو پنهنجون دليون ۽ دماغ ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن.” انهيءَ صبح جڏهن تو



www.sindhsalamat.com

ان جواب جي حقيقت جو اقرار ڪيو هو۔ تہ مون ان وقت، مهل موقعو ڏسي۔ اقرار بابت تنهنجي دلي راءِ وٺندي پڇيو هو“پوءِ اقرار لاءِ هاڻ ڪهڙي مرضي آهي تنهنجي؟” تو منهنجي انهيءَ ننڍڙي سوال مان۔ مقصد تہ ڪيترائي ڪڍيا هئا۔ پر پوءِ فيصلاڪُن ڳالھ تو اهائي ڪئي هئي تہ، “فتاح توکي ڪيترا پيرا اڳ بہ ٻُڌائي چڪي آهيان تہ۔ منهنجا هي باقي جيڪي مٽ مائٽ وغيره ڏسين پيو۔ انهن مونکي تنها سر ڏسي انهن مان ڪجھ تہ رڳو منهنجي جسم جا وارث بڻيل آهن ۽ ڪن کي وري منهنجي اباڻي ملڪيت جي ڳڻتيءَ اچي ورايو آهي۔ اهي تہ هرو ڀرو جوئي منهنجي روح کي زخميل سمجھي ان جي ملم، پٽيءَ لاءِ مصروف آهن، پر اقرار کي تہ پنهنجو سُٺو دوست سمجھندي هيس۔ سو تہ منهنجي مائٽن، عزيزن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ پيو لڳي.”

مهل ۽ موضوع مطابق مون بہ دل جو غبار ڪيندي چيو هو“اقرار هيل تائين مون سان بہ ڪهڙيون چڱايون ڪيون آهن آسا۔ هن منهنجي خلاف ڪيترائي غلط طريقا استعمال ڪيا۔ جن جي توکي خبر ئي ناهي جڏهن مان پنهنجي غربت کي منهن ڏيڻ لاءِ ماستريءَ سان گڏوگڏ واڌو وقت شگر مل ۾ بہ نوڪري ڪري رهيو هئس۔ تڏهن هن ايجوڪيشن جي بالا آفيسر کي اهڙي رپورٽ انفارم ڪري مون کي ڪجھ وقت لاءِ سسپينڊ ڪرائي ڇڏيو.

ان کانپوءِ جلد ئي مل مئنيجر کي منهنجي خلاف غلط ۽ بي بنياد رپورٽون ڏئي۔ مون کي اتان بہ بيروزگار بڻائي ڇڏيائين.

انسان دوستيءَ جي ناتي سان۔ هڪ سوشل جماعت ۾ رهي۔ سوشل ورڪر جي حيثيت ۾۔ سماجي ڀلائيءَ لاءِ سرگرم رهڻ پئي چاهيم تہ هن اُتي بہ منهنجي خلاف باھ ٻاري ڏني۔ ۽ اتان منهنجي ميمبرشپ خارج ڪرائي ڇڏي!


www.sindhsalamat.com

هڪ سياسي دوست. تمام پيارو ۽ مون کي پنهنجي پائرن کان وڏيڪ پائيندو هو — تنهن کي وجي چپائين ته. فتاح تنهنجي پيٽ ۾ ٻُريون نظرون رکي ويٺو آهي. ۽ اهو دوست ايترو بيوقوف نڪتو جو ان کي مون سان وڙهائي وڌائين. ۽ اسان هڪٻئي کي قتل ڪرڻ تائين وجي نڪتاسين! — ۽ اِهو اُهو وقت هو. جو اقرار سان منهنجا تمام گهرا تعلقات هئا، پر مان سندس اهڙي نيچ ڪردار کان غير واقف هئس.

توکي اهو به اج پيو ٻُڌايان آسا. ته جڏهن مون کي قتل جي ڪيس ۾ بيگناهه جيل ۾ رکيو ويو هو. ۽ تون ملاقات لاءِ آئي هئينءَ. ان ڪيس ۾ مون کي قاسائڻ واري غلط مخبري به اقرار ئي ڪئي هئي."

مون اجان ڪجهه چيو پئي. تيستائين تو وچ ۾ پڇيو هو ته. هي ايڏا اسڪينڊل ۽ ايڏيون انتقامي ڪارروايون توسان ڪهڙي سبب پيو ڪري؟ ڇا تون سندس اصل مقصد نه سمجهي سگهيو هئين؟"

"مان ڪيس چڱيءَ طرح سمجهي چڪو هئس، پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ. تيستائين هن مون کي ڏاڍو ذليل ڪيو."

"ڇا سمجهيو تو. ڪهڙي منشا هئي سندس؟" تو پڇيو هو.

پهريان ته توکي واضح ڪري ٻُڌائڻ جو ارادو ئي نه هئم. پر جڏهن پڇي ورتو هيئي ته پيار مان پيارن سان حقيقت گول مول ڪري پيش ڪرڻ. منهنجي فطرت ۾ ئي شامل نه هو. بلڪل صاف ۽ چٽيءَ طرح توکي ٻُڌائيندي مون چيو هو "هن جي منشا تون آهين آسا!" ته تو مڙئي پڪائي ڪندي چيو هو.

"ڇا مطلب؟"

شايد اجان به اقرار بابت منهنجي نيت پرکڻ پئي چاهيئي. مون چيو هو "ها! آسا. مان توکي حقيقت پيو ٻُڌايان. جي تون مطلب نه پڇين ها ته هي سڀ ڪجهه توکي ٻُڌائڻ مون واجب سمجهيو به نه هو."

"ڇو؟ ـ ڇا جي ڪري؟" اکيون ڇنيندي پڇيو هيئي. ۽ محض منهنجي ذهن



www.sindhsalamat.com

ونڻ خاطر پئي پڇيئي شايد ـ ۽ مون بلڪل چٽيءَ طرح چيو هو "آسا! هو توسان محبت ڪرڻ پيو چاهي ۽ مان جڏهن ته محبت ۾ خود ڪي متائڻ جي قائل آهيان- ۽ هن مون سان جو ڪجهه به هيستائين ڪيو آهي- سو صرف تنهنجي دوستيءَ جي سبب – جنهن مون کي هڪ جسم ٿيڻ جي بجاءِ صرف ناول لکڻ جي خواهش ۾ رکيو."

تڏهن تو چيو هو "تون واقعي به مون کان وڏيڪ- صرف انهن لفظن جي خواهش رکين ٿو- جيڪي تنهنجي ناول ۾ منهنجي ڪردار کان وڏيڪ اهميت رکندا هجن؟"

توکي شايد منهنجي اهڙي خواهش پسند نه هئي- ۽ اهو الاءِ ڪهڙو مرض هو مون ۾- جو جا شيءِ توکي پسند نه هوندي يا ايندي هئي- ته قدرتي طرح – منهنجي دل به ان سان نه لڳندي هئي – پر ناول جي خواهش مون انهيءَ ڪري سانڍي رکي هئي – جو ان ۾ تنهنجي ڪردار سان، محبت پنهنجي هڪ تاريخي حيثيت سان نظر آئي هئي. لفظن کان ته تون مون کي وڏيڪ هميشه وڏيڪ رهينءَ- انهيءَ ڪري جو مون کي جن لفظن جي خواهش پئي رهي- انهن ته تومان ئي جنم پئي ورتو- انهيءَ ڪري ئي توکي جواب ڏيندي مون چيو هو "نه آسا، توکان پوءِ ته باقي خواهش رهي ئي ڪانه ٿي ۽ تون آهين ته سڀ خواهشون آهن- ناول يا لفظن جي خواهش به انهن مان هڪ آهي."

تڏهن تو چيو هو "اڇا- ته پوءِ ناول ۾ اسان سان پيش ايندڙ- اقرار جو ڪردار به لکڻ جوڳو آهي- ڇا تون پنهنجي ناول ۾- اقرار جي اهڙي ڪردار تي لکندين!؟"

تو الاءِ ته ڇو اهڙي پڪ ڪرڻ ٿي چاهي- پر مون تنهنجي اهڙي نيت کي اهميت نه ڏيندي چيو "نه آسا."

شايد تنهنجي ڪنهن مطلب وچان جواب نه هو. انهيءَ ڪري تو پڇيو هو


www.sindhsalamat.com

“ڇو نہ؟” تنهنجي ان سوال ۾ ڪو اسرار بہ هو۔ تڏهن مون چيو هو. “انهيءَ ڪري جو۔ ناول ۾ اقرار جهڙو مئل ڪردار لکي۔ دنيا ۾ دوستيءَ جي پرم ڪي بيڙو ۽ بدنام ڪرڻ نٿو چاهيان۔ ڌرتيءَ جي رنگين ڪيتن جا امر ڪردار ڇڏي۔ پگهر پياڪ سڌڙيا ڪردار لکڻ جو تہ مون کي فن بہ ناهي۔ تون تہ اقرار جي ڪردار جي ڳالهہ ٿي ڪرين۔ پر جي خدا بابت بہ اهڙو سوال پڇين ها۔ تہ منهنجو جواب اهو ساڳيو هجي ها۔ جهڙو جواب اقرار جي ڪردار بابت ڏنم. آسا ماڻهو تہ پنهنجو پاڻ ڪان بہ۔ پنهنجو پاڻ کي بچائي وتندا آهن۔ تہ ڪڏهن اهي ساڳيا ماڻهو۔ پنهنجي ڳل جي چماٽ پاڻ هوندا آهن۔ جڏهن ماڻهو جي ذات خود ڪان رُسي ۽ پرچي۔ پرچيءَ ۽ رُسي تڏهن پڪ ڇاڻ تہ۔ سندس من جي آسڻ تي۔ محبت جي بينڪ تي چڪي آهي۔ مان تہ اهڙي ئي ڪردار تي ناول لکڻ ٿو چاهيان۔ جڏهن خدا جي ذات۔ خدا ڪان ئي رٺل هجي! — پر ڪا ذات رسن ۽ پرچڻ۔ پرچڻ ۽ رسڻ جي بجاءِ۔ سندس ذهن ۾ نيتون۔ ڪنهن ڪفن پوش پراڻي ميت جيئان۔ بدبودار هجن۔ تہ ڇا تون۔ اهڙي ذات جي ڪردار تي پنهنجو ڪو غزل لکي سگهين ٿي آسا!؟”

“نہ.” انڪار ڪري ڇڏيو هيئي۔ پر تنهنجي انڪار تي اعتبار نہ ڪندي مون پڇيو هو “ڇو نہ؟”

تہ تو چيو هو “اهڙي ذات جي ڪردار تي۔ واضح طور تہ اهو ماڻهو ئي لکي سگهي ٿو فتاح۔ جنهن سندس مئل نيت کي غسل ڏنو هجي ۽ ان جي دل جي اوگهڙ چڱي طرح ڏٺي هجي مون تہ اجان۔ مئل نيتن جا قبرستان بہ نہ ڏٺا آهن!”

“پوءِ مان اهڙي ڪردار تي ڪيئن ٿو لکي سگهان آسا۔ مونکي تہ چار قل بہ چڱي طرح ياد نٿا رهن۔ جو اهڙين نيتن جي بخشش طور ڪٽي پڙهان۔ سڄي ياسين پڙهڻ تہ۔ ڪنهن وڏي حافظي جي ضرورت هوندي.”


www.sindhsalamat.com

تڏهن تو وري بہ وڏيڪ پنهنجي پڪ خاطر چيو هو ”تنهن جي معني۔ تو پنهنجي ناول ۾۔ اقرار جي ڪردار تي ڪجھ بہ نہ۔ لکندين!؟“

الاءِ ڇو۔ تو سندس ڪردار لکڻ لاءِ زور ڀي ڀريو هو۔ ۽ مون جواب ۾ چيو هو ”ها! لکي سگهان ٿو آسا! پر هڪڙي شرط سان؟“

”ڪهڙي شرط سان؟“

”تنهنجي اجازت سان۔ تنهنجي ڪردار سان گڏ ڪيس لکي سگهان ٿو؟“ شايد زمين تان ڪجي وئي هيئين۽ ڪيڏو جوش ڪاڏو هيئي۔ منهنجي اهڙي شرط تي۔ سوچ ۾ ٻڏي وئي هيئين۽ شايد پنهنجي ذهني آڪاش ۾۔ اهڙو ڪو ملائڪ خيال ڀي ڳوليئي جيڪو منهنجي اهڙي شرط کي انوقت مصنوعي موت ڏئي سگهي ها. گهڻي دير ڪانپوءِ بہ۔ ها. نڪي هُون۔ ڪوئي جواب نہ ڏنو هيئي.

ڪنهن سوال جي جواب ۾۔ خاموشي کي ڇا تصور ڪيو ويندو آهي۔

ذري گهٽ خيالن جي اهڙي وڻ تي چڙهي ويو هئس۔ جنهن تان لهڻ لاءِ۔ سهاري جي ضرورت محسوس ڪندو هئس۔ اهڙن خيالن ۾ رُلائي۔ ٿاٻا کارائي۔ ڪيترا ڀيرا ٻوٿ ڀر بہ ڪيرايو هيئي۔ ۽ وري سهارو ڏئي اٿاريو بہ توئي ڀي۔ دل جي جسم تي جيڪا رُهنڊ رَسندي هئم۔ سا تہ هميشہ دل جي ڪپڙن اندر ڍڪيل ئي رهي! ۔ ۽ جي دل جي حساس چمڙيءَ تان۔ رت سيمو ڪري وهندو بہ هو تہ دانهن جي وسعت ئي نہ سارييندو هئس۔

دل ڪڏهن مئي بہ هئي تہ۔ سندس اگهاڙي لاش کي۔ تو پنهنجي هڪ نظر بہ ڪيس نہ ڏنو هو۔ شايد زخميل ۽ مئل دلين جا روح تنهنجي خوابن کان بہ پري رهيا۔

دل جي جسم تي ڪا رهڙ اچي تہ۔ اها ڪڙيءَ ناهي ٻڌندي انهيءَ ڪري زماني کي دليون ڏکائڻ۔ آسان لڳندو آهي! زمانو روئڻ تہ سکيو ئي ناهي۔ ۽ نہ زماني کي ڪڏهن روئڻ آيو بہ آهي!



www.sindhsalamat.com

والله۔ دل جي رلندي اگهاڙي لاش تي۔ خدا بہ ڪڏهين کلندو آهي۔ تہ ڪڏهن روئندو آهي!



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

ٻي رات جنهن مهل اقرار آيو هو تہ۔ نشي ۾ ڏُت هو. تو ڪيس ڪافي غور سان ٻي ڏٺو هو۔ پنهنجو منهن تہ ڦٿائي ڇڏيو هيئي۔ پر محسوس ائين پي ٿيو تہ۔ دل ۾ الاءِ ڇا لڪائي رکيو هيئي۔ ۽ هن ايندي شرط ئي پنهنجي غلطيءَ جي احساس ۾ يا ڪنهن مشڪوڪ خيال سان۔ تو کان معذرت گهرندي چيو هو " آسا! ڏسو اڄ مان گهٽي ٻي آيو آهيان خدا جو قسم ڪوڙ نہ ڳالهاءِ سگهندس۔ يقين ڪريو موليٰ حسين جو قسم مان ڪابہ چالاڪي نہ پيو ڪريان۔ ....... مونکي مهرباني ڪري۔ خلوص سان ٻڌو مانءِ....... مان قسم کائي ٿو چوان تہ۔ مان بلڪل...... تمام..... تمام وڏي غلطي ڪري چڪو آهيان..... مان واقعي..... واقعي مان ڪنهن عزت جي لائق نہ آهيان...... مان..... تنهنجو گنهگار آهيان آسا۔ مونکي قرآن جي صدقي....... قرآن جي صدقي.....مونکي معاف ڪر آسا۔ مون...... مونکي معاف ڪري ڇڏ؟"

ان وقت سندس نيت تہ الاءِ ڪهڙي هئي۔ پر سچ پچ تہ غلطي قبول ڪندي۔ ان مهل مونکي بہ اقرار وڻيو هو۔ ڇو تہ مان خود بہ اهڙي حقيقت ۾ يقين رکندڙ هئس۔ تہ پيئڻ کان پوءِ۔ ڪوئي شيطان بہ ڪوڙ ناهي ڳالهاءِ سگهندو۔ شايد اهڙي حالت وقت خدا سان هر هجت جائز رهندي آهي۔ ۽ اهڙي حالت ۾ ماڻهو پنهنجي خدا کي بہ سچ چئي ڏيندو آهي۔ پر دنيا وارا ان کي نشي واري حالت چئي۔ حقيقت تسليم نہ ڪندا آهن.

ماڻهو جي اندر جو غبار اهڙي وقت ئي نڪرندو آهي. جڏهن سندس ذهن جو ڪتاب۔ سندس لفظ لفظ پنهنجي زبان سان ئي ڳالهائيندو آهي.

پيئڻ کانپوءِ ماڻهو جڏهن خدا جي خوف ۾ ئي نٿو رهي۔ تہ پوءِ سچ ۽ ڪوڙ کان ڪيئن ڊڄندو! محشر ڏينهن ميزان جي ميلي ۾ بہ۔ خدا بندي کي شرابن طهورا پياري۔ وٺائيس پنهنجو وجود مڃرائيندو!

پهريون ڀيرو اقرار کي سچ ڳالهائيندو ٻڌي۔ عجب بہ لڳو هئم تہ مطمئن بہ هئس.



www.sindhsalamat.com

۽ وري تو بہ جڏهن ـ پنهنجي طرف کان ـ سواءِ ڪنهن شڪوه ـ شڪايت جي ـ سندس ٿورن لفظن ۾ ـ غلطي معاف ـ ڪندي چيو هو "اقرار تو قسم کائي ـ پنهنجي غلطي تسليم ڪئي آهي ـ تہ مان بہ ڏرتي ماءُ جو قسم کائي چوان ٿي تہ ـ تنهنجي لاءِ ـ منهنجي دل ۾ هاڻ ڪائي رنجش ناهي."

سچ پچ تہ اقرار کان وڏيڪ ـ منهنجي دل خوشيءَ مان ٻهڪي پئي هئي ـ انصاف کي پنهنجي پلئي پوندو ڏسي ـ مون ائين محسوس ڪيو هو تہ ـ تو شاهہ لطيف جي روح کي بہ خوش ڪري ڇڏيو هو ـ جنهن چيو هو تہ

"چڱن سان چڱايون ـ ائين هر ڪو هوءِ،

تو جيئن نہ ڪري ڪوءِ ـ بڇن سان ڀلايون". (شاهہ)

تنهنجي اهڙي انصاف پسندي اقرار تي بہ وڏو اثر ڇڏيو هو ـ ان مهل هُو ـ پنهنجي اندر جون سڀ اگلايون ـ اوري ويٺو هو ـ هن مون تي حسد کائي ـ منهنجي لاءِ بہ جيڪي ڪڏون ڪوڙيون هيون ـ مونکان معافي وٺندي ـ پنهنجي دل جا اهي دفتر بہ ـ هن پنهنجي زباني پڙهي ٻڌايا هئا ـ سي سڀيئي تو پنهنجي ڪنن ٻڌيون هيون ـ پوءِ بہ ماڻهو ذهني طرح پنهنجي رقيب کان ڪيترو بہ مطمئن هجي ـ ليڪن دل جو ان تي وسهڻ ناممڪن هوندو آهي ـ اهائي حالت ان وقت منهنجي بہ رهي بحرحال پوءِ بہ ـ اسان جي دوستي لاءِ ـ وڏي خوشنصيب رات هئي اها ـ جو هڪٻئي لاءِ ساڙيل حسد، بغز، ڪينوءِ ساڙ وغيره جڻ سڀ پنهنجي موت مري پيا هئا ـ

جڏهن دوستيون سچ تي قائم ٿينديون هجن،

سچن کي سچايون حاصل ٿينديون هجن،

دل ۾ ڪا پليتي نہ رهندي هجي — تہ ان کانپوءِ ٻي ڪا وڏيڪ خوشقسمتي ڪهڙي چئبي؟

۽ وري هڪ وڏيڪ قسم کائيندي ـ اقرار اسان سان اهو بہ وچن ڪيو هو تہ "مون کي ڏرتي..... ڏرتي ۽ پنهنجي محبت جو قسم مان اوهان..... اڄ اوهان سان اهو واعدو ٿو ڪريان...... تہ اڄ جيڪا پيتم بس..... هاڻ.... هاڻ سواءِ بهتر دوستن جي ڪمپنيءَ



www.sindhsalamat.com

جي ڪائي.... ڪائي نشي آور شيءِ نہ واپرائيندس – سچ، پچ مان انفرادي سطح تي.... سوچي سوچي.... خود کي هاڻ – اڪيلو.... بلڪل اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو آهيان – مان..... مان دنيا ۾ اڪيلو رهي مرڻ نٿو چاهيان – چون ٿا اڪيلو رهي مرڻ وارن کي.... خدا بہ معاف نٿو ڪري!"

سندس ان گفتگوءَ مان مون کي ائين لڳو – تہ شايد منهنجي موجودگيءَ ۾ هو اڃان بہ پنهنجي اندر جي خواهش بيان ڪري نہ سگهيو – چو تہ اها خبر نہ هئي تہ هن محبت جو جيڪو قسم کاڌو ـ سا سندس محبت، ڪير، کهڙي، ڪٿي ۽ ڪهڙي نانءَ سان هئي – ها البت منهنجو اهو وهم هو تہ – ڪيس تنهنجي ساٿ جي سخت ضرورت هئي ـ ۽ تو بہ تہ شايد محسوس ضرور ڪيو هو ـ تہ هُن کي تنهنجي آرزو هئي ـ ۽ هن اهڙي نمائش ۾ پنهنجي زندگي ڪشادي ڪري – نياڻڻ پئي چاهي.

پر هو شايد بي خبر هو تہ – محبت جي جنگ ۾ ـ زندگيءَ جو جهاز – دل جي بندرگاهہ تان روانو ٿيندو آهي – تہ وري سندس صحيح سلامت واپس اچڻ جو ڪو يقين ئي نہ هوندو آهي!

بهرحال پوءِ بہ – خدا توکي وڏي سوڀ ۽ سونهن بخشي ڇڏي – ميرا من بہ – تنهنجي نظر جي غسل سان – پاڪ ۽ مقدس بڻجي پيو پيا –

شايد حُسن – درياهہ اهڙو آهي – جنهن جي هر ڇولي – انساني دل هوندي آهي!

انهيءَ رات ڪانپوءِ ـ تنهنجي مهربانيءَ سان – تنهنجي سبب ئي – اقرار جي هر دوست عزت ڪرڻ لڳو هو. خاص ڪري توکان الڳ تہ – هاڻ هو ڪٿي نظر ئي نہ ايندو هو ـ ان ڪانپوءِ تہ ـ سندس شرف ۽ مرتبي جو درجو – دوستن ۾ هڪ اهم جاءِ حاصل ڪري چڪو هو ـ ۽ سندس باقي معمولي عادتن جو بہ – تو پنهنجي پياري سلوڪ سان – ڪنهن حد تائين خاتمو ڪري ڇڏيو هو.

زندگيءَ ۾ مون بہ هڪ سُني ڳالهہ ٻُڌي هئي تہ بزرگي ان جو انعام هوندي آهي – جيڪو ماڻهن جون دليون ڏوئندو آهي –

ائين تہ پوءِ تو پنهنجين نظرن سان الاءِ ڪيتريون دليون ڏوتيون هيون ـ ۽ اقرار بہ



www.sindhsalamat.com

انهن ئي خوشنصيبن مان هو۔ جنهن جي جيءَ تان زنگ لهڻو ئي نہ هو۔ پر جڏهن پنهنجو من ماڪ ڦڙي ڪان بہ اڇو نظر آيس — تہ انهيءَ خوشيءَ ۾ هن سنگت جي سيني دوستن لاءِ۔ هڪ سُني دعوت جو اهتمام ڪيو هو۔ جنهن ۾ ڪجهہ اهي چوڪريون بہ هيون — جن جي دوستيءَ ۾ هن پنهنجي من تي ميراڻ چاڙهي هئي. جنهن جي خبر سواءِ منهنجي۔ ڪنهن ٻئي کي شايد نہ هئي۔ مون انهيءَ سندس دعوت تي ڪافي سوچيو هو۔ پر ڪنهن نتيجي تي نہ پهتو هئس. انهيءَ دعوت ۾ تقريبن ويجها، ويجها دوست سڀ موجود هئا ـ ڪيتريون ئي ڳالهيون ان رات ٿيون هيون۔ پر ڪجهہ وسارڻ جهڙيون بہ نہ هيون. دنيا جون اهڙيون ڳالهيون بہ شايد ذهن ۾ رهجي وڃن ٿيون۔ جيڪي قبر جي تنهائيءَ ۾۔ منڪر ۽ نڪير کي ٻڌائي۔ انهن کي خوش ڪيو ويندو!

پر منهنجي دل صرف اهڙيون ڳالهيون ياد ڪري سگهي۔ جيڪي مان زندهہ رهي بہ — نڪير ۽ منڪر کي ٻڌائي پيو سگهان۔ چو تہ قبر جي تنهائيءَ لاءِ۔ ڳالهيون ٿاهي ياد رکڻ سان منهنجي ميت ۾ وري ساهہ پئجي وڃي ها ـ انهيءَ ڪري مون حقيقي موت کي اوليت ڏئي قبر جي پيٽ کي بہ خوش ڪرڻ پئي چاهيو.

دنيا جي هر دعوت ۾ ماڻهو پاڻ کي معتبر سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي۔ اهڙيءَ طرح سان ئي جيئن ماڻهو دوستن جون خاص دعوتون ڪري۔ خود ميزبان جي حيثيت سان۔ پنهنجي شخصيت چمڪائي۔ پنهنجي هر ڳالهہ اهميت سان رکندا ۽ مڃائيندا آهن۔ ساڳيءَ طرح سان اقرار بہ پنهنجي اهم خيال کي وزن ونائيندي دوستن کي چيو هو "دوستن جي نئين سُڏ لاءِ گذارش آهي تہ منهنجي هن ڳالهہ کي غور سان ٻڌندا."

سڀ دوست خاموش ٿي ويا هئا. اهڙي خاموشيءَ ۾ ماڻهو ڪنهن جي ڏيان کي ڪيڏانهن ڏڪي بہ ڪونہ ٿو سگهي. جڏهن سيني جا ڏيان اقرار جي منهن ۾ وڃي لڳا هئا تہ هن چيو هو "دوستو! ڇا چوان۔ تہ مان هاڻ ڇا آهيان؟ هونئن تہ سيني لاءِ دوستن جا احسان آهن. جو مان بدتر مان بهتر ۽ مئل مان زندهہ ٿي پيو آهيان۔



www.sindhsalamat.com

ڪهڙو دوست هو. جيڪو منهنجين عادتن کي. پنهنجي ڪراهت نظر سان نه ڏسندو هو. ۽ دل ۾ منهنجي عمل کي نوٽ نه ڪندو هو. تقريبن هر وقت اهڙي حالت ۽ ڪيفيت ۾ رهيس. جنهن ۾ مون کي به هر دوست بيوقوف معلوم ٿيندو هو. ۽ مان به ڪيس بيوقوف محسوس ٿيندو هئس. حالانڪ ڪنهن دوست جي ساراهه. ان دوست جي روبرو ڪرڻ واقعي هڪ غلط طريقو آهي، پر الاءِ ڇو منهنجي زبان مجبور آهي، جو مان سڀني دوستن کان اجازت وٺندي ايترو چوڻ کان نٿو رهي سگهان ته. مون کي پنهنجي انسانيت جو احساس ڏيارينڊڙ آسا ئي آهي. ۽ مان سندس اهڙي مهربان ادا کي. ڪڏهن به وساري نه سگهندس."

بس پوءِ ته انهيءَ محفل ۾. خدا کان به وڌيڪ. دوستن ۾ تنهنجي ئي نالي جو هُل ۽ ذڪر هو. هر هڪ تنهنجي نانءُ سان ڳالهائي رهيو هو. تنهنجي اهڙي ناماچاريءَ تي. عقيدتمند ماڻهن جيئان. سڀ کان وڌيڪ. مان اڪيلو. خود کي خوش محسوس ڪرڻ لڳو هئس، ڇو ته انسانيت کي تو مٿيءَ جو ڍڳو ڇيو هو ۽ ان وقت ان ۾ ساهه پئجي ويو هو.

جتي جنهن صوفي تي مان ويٺل هئس، اتي مون سان گڏ اقرار جي ماءُ ويٺل هئي، جيڪا مسلسل تنهنجي ئي منهن ۾. پنهنجون ڪي اُميد ڀريون نظرون لڳائي ويٺي هئي. سندس منهن ۾ حيرت انگيز مسرت ڏسي. ڪنهن، ڪنهن مهل مان به ساڻس مسڪرايو پئي. سندس دل به شايد ڪنهن خوشيءَ ۾ هيڪاندا ٺهڪ ڏئي رهي هئي.

سڀني دوستن ۾. مان خود لاءِ ايئن پيو محسوس ڪريان ته خدا ماڻهو جي مڪمل شڪل خاطر. مون ۾ مڙئي اکيون وڌيون. منهنجي عقل کي سگ هجن ها. ته سنڌي ماڻهن ۾ يا آسودو وقت گذاريان ها. يا ٽُڪ، بونديءِ گار سان.

خدا شايد تو جهڙيون وڻندڙ صورتون. ۽ عاقل شخصيتون خود کي ويجهو رکي ٿاهيون. باقي مون جهڙا الاءِ ملائڪن هٿان ناهرايائين. الاءِ ته ڳالهيون ڪندي مڙئي ايئن ڪٽي مٿيءَ جو ڳوڙهو اُڇليائين ۽ نهي پياسين. پر پوءِ سندس ٿورو رهيو



www.sindhsalamat.com

جو ماڻهوءَ جي شڪل ۾ آئي. پنهنجي نالي جي اهميت وڌائين. باقي ڳالهيون ته خدا به. پنهنجي محبت جون لڪائي رکيون — پر سي به عشق جي صلاح سان!
عشق جي صلاح سان راز — ڪڏهن راز رهيو به آهي!؟ —،
انهيءَ عشق ته فاني — غير فانيءَ جو ڏمر مچايو!
اهو عشق ئي ته هو — جنهن خدا کي لفظن جي خواهش ڏئي غير فاني ڪري ڇڏيو. ۽ انهيءَ اسان جهڙن کي جاني ڪري ڇڏيو!
خدا جن صورتن کي ويجهو رکي — پاڪر وجهي ناهيو — اهي صورتون رهيون به — پاڪر وجهڻ جهڙيون — انهن کي اها خبر ضروري هوندي ته اُگهاڙن ٺهڪن واري دنيا جي پردي پٺيان — زهريلن ٺهڪن جي هڪ وڏي دنيا ڇپيل آهي — ۽ ان جهان جي ٻوليءَ جي هر لفظ ۽ هر اشاري ۾ زهر پريل هجي ٿو — جيڪو دلين جي نرم نسن ۾ داخل ٿي وڏو ناسور پيدا ڪندو آهي —
جنهن جو زخم!
بس زخم مان زخم ۽ زخم تي زخم!
اهڙن زخمن سان — مان ته پنهنجو پاڻ کي ڳولهيو نه پيو ليان — زندگيءَ جي ڪنهن معمولي مقصد ۾ ڪڏهن ناڪامي به منهن پئي هوندي ته — ان لاءِ منهنجي پنهنجي بيوقوفي يا ڪو بيو ڪارڻ به چئي پيو سگهجي — پر تو هميشه ايئن چئي ذهني اذيت پئي رسايم ته "اديب چريا به ٿيندا آهن."
هونئن ته دنيا ۾ ٿورو گهڻو چريو ته هر ڪوئي آهي — دنيا چرين پويان چري — يا چرين لاءِ چري!؟
ماڻهو کي — ماڻهو چريو ڇو ٿا چون؟
ڇا تون، مان، اسان هي سڀ سياڻا رهياسون؟
يا اسان مان صرف ڪو هڪ چريو — ۽ پوءِ ان جي پويان سڀ چريا! اهڙو فيصلو حل ڪندي — نتيجو ته آخر ڪنهن جي ڳچيءَ ته ضرور پوندو. ۽ پوءِ اهڙي آخري فيصلي کي دنيا پنهنجي عقل جي محتاجيءَ ۾ ڪفر ته ضرور چوندي!


www.sindhsalamat.com

الائي ڪيترا اهڙا جهيڙا ـ جيءَ سان جنبيل هئا— بس پوءِ خود ڪان پڇندي، پڇندي —خود کي وساري ويهندو هئس، ۽—، تو جن کي چريو پئي چيو—انهن تنهنجن چرين جي صدقي ئي، قومون جيئن پيون.

ٻوليون ويامن پيون،

ٻولين جا ڏڻ ٿي پيا آهن—،

تاريخ جو پيٽ—سچ سان پُر جي پيو،

سو هڪ ڏينهن نيٺ پُرجي، پُرجي ڦاٽندو!

پر اسان شايد عقل جي پاڳارن، پنيان پاڳل رهياسين—

پنهنجي مڙسيءَ تي چريا ٿيون يا هجون ها— ته ڪيترا ڇڇڻا هجن ها! ٻولي وڏي ويامي ها—ماڻهو اسان جي ڳالهه ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ جهڙا ٿي پون ها!

عزتون هجن ها،

هڪٻئي لاءِ مرڻ جيئڻ هجن ها.

ڪيڏي چريائپ ٿي—تمام ٿوري تعداد ۾ چريا ٿياسين!

ڇا ايئن ئي پيو ياسيندو ـ ته اسان ۽ ٻولي سنڌ!؟

ٻوليون ماريندڙ ڪهڙا بگهڙ؟ ڇا اهي اسان نه ڏٺا!؟

ڇا اسان نه پيا سڃاڻو—جن قوم کي رڍن جو ڌڻ چيو ۽ گڏهه سندس ثقافت؟

مذهبي ناتي سان به—ڪهڙو ته نبي هو—جنهن هن ڌرتيءَ جي آدم خلق ۾— پنهنجي قوم جي تاريخ—حق نه ٻڌائي. موسيٰ نبي پنهنجي قوم جي ڳالهه ڪئي!

عيسيٰ پيغمبر پنهنجي قوم کي سڏيو،

نبي ته سڀ قوم پرست هئا ـ حضرت محمد عربي (صہ) ـ عربن جي لاءِ قومي نظريي تي جنگيون وڙهيون، دنيا ۾ ڪوئي اهڙو مذهبي مقدس ڪتاب ڪڍهن Censor ٿيو؟ جنهن پنهنجي قوم لاءِ صدقي ڏيڻ جي حام نه پري هجي؟

خدا ان کي بخشش ڪيئن ڏيندو— جنهن پنهنجي قوم لاءِ نه سوچيو— تون، مان، اسان هي سڀ پنهنجي، پنهنجي مفاد ۾ سرد ميت بڻيل ـ! پوءِ ڪيئن چوان ها ۽



www.sindhsalamat.com

ڪهڙيءَ ساک سان تہ— سواءِ تنهنجي باقي ڪابہ ذاتي خواهش رکي سانديي نہ هئم—

ها! ڪا بلا من ۾ شايد وينل هئي— جو پنهنجي وجود جون سرحدون پار ڪري— خدائيءَ جون حدون لتاڙڻ لڳو هئس. جڏهن ڪا التجا ۽ اپيل گونگو زمانو ٻُڌي، سمجهي نہ سگهندو آهي، تڏهن التماس ۽ عرض نويسيءَ کي بہ پاڳلپڻو ۽ چريائپ چيو ويندو آهي.

مان بہ اهڙن اڌڙ خيالن سان— پنهنجون رچنائون سهيڙيندو پنهنجو پاڻ رچائي وينس ۽ خود تي ٽيندڙ هر چٽر ۽ نٽول کي لفظن جي راند سمجهيم— جنهن کي تنهنجي زندگيءَ جي زماني چريو چيو هو— ليڪن مان ان کي پنهنجي زندگيءَ جو جيئاپو ۽ مقصد ڪري وينس— پوءِ ان کي تون ڪوئي اڌورو ناول بہ چئي پئي سگهينءَ— پر نہ تو ان کي باقائده پنهنجيءَ دل سان،

بدمستي،

بي ماٺهپو،

چريائپ،

خود رائي،

خودڪشيءَ جهڙا لقب ۽ خطاب ڏنا!

الاءِ ڇو ٽڪائڻ پئي چاهيئي.

عضوو عضوو ٽُٽي پيو هئم،

زبان بہ ٽڪائي وڏي هيئي— اهڙن بي وزن خيالن ۾ سرابي لهجن سان!

ليڪن محبت ۾ ٽڪجڻ جي وائيءَ کي منهنجن بي زبان خيالن هميشہ اهڙي ديوانگي تصور ڪئي— جن تي وليون چڙهي گل ٽيون ڪلائن. ۽ بازارين ۾ اهڙيون ئي ٽڪل، ٽُٽل ديوانگيون اِڳڙيون ۽ قيمتي ڪاغذ چونديينديون آهن.

يا ڪنهن شاعر جي هيءَ آس تہ:

”ڪاگا سڀ تن کائيو اور چُن چُن کائيو ماس،



www.sindhsalamat.com

اِڪ دو نينا مت ڪائيو، جنهين پيا ملن ڪِي آس.”

مان تہ منڪر، نڪير لاءِ بہ اهڙوئي سوچي وينس— تہ ٻي هر سزا ماٺهو قبول ڪري ٿو— پر اڪين پورڻ جي سزا تي— دل فريادي بڻجي پوي ٿي.!



www.sindhsalamat.com

❀❀❀

پنهنجي دل جي شهر جون گهٽيون مون صرف تنهنجي لاءِ ٻهاريون هيون— جن کي ڪوئي نظارو بخشڻ جي بجاءِ— تو هڪ سنسان صحرا بڻائي ڇڏيو.

اهڙي ڳالهه به مان پاڻ ڪرڻ ۾ هٽس، تيستائين تو پنهنجي زبان پاڻ چيو هو ته،

"عورت پنهنجي مقصد ۾ ٽڪندي ناهي—انهيءَ ڪري جو سندس فيصلا تمام سخت هوندا آهن. خدا تنهنجي زبان سلامت رکي— پر تو سخت فيصلن جي پيٽ ۾ نرم دلين کي الاءِ ڇو وساري ڇڏيو هو!

عورت بابت ڳالهيون ته مون به ڪيتريون ئي ٻڌيون ۽ ڪيون هيون، ڪڏهن ٻُڌم ته عقل کُڙيءَ ۾ اٿس! ڪڏهن ٻڌم ته،

عورت سينسليس Senseless آهي— عقل واري حس منجهس آهي ڪانه!

عورت کي دل جهڙا عضوا زبان ۾ آهن!

پنهنجي سختيءَ ۾ ڪوڙ ۽ جنون کي جنم ڏئي ٿي!

بهرحال ڪهڙي به حالت ۾— سخت زبانو رکي جيڪي ٽڪندا ئي ناهن— تن کي ٽڪاوٽ جو احساس به ڪهڙو!

جنهن رُنو نه هجي—ان جون اکيون به ڪهڙيون ڇئبيون!؟

جيڪو مري نٿو ڄاڻي— سو ڪنهن ميت جو ڪانڌي به نه ٿيو— تنهن تي ميار ڪهڙي نهندي.

ڇو ته اهڙيون اکيون سخت فيصلن ۾ ٽڪن ئي نٿيون!

زندهه يا مئي۔ دوزخ جو پوڻ به اها دل ڪائي— جنهن قبر جي پٿن جهڙيون— عورت جون لسيون ۽ نرم رانون ڇٽيون هجن!

شايد مئل دليون— پنهنجي اوگهڙ ڏسڻ کان به انڌيون رهن ٿيون؟ منهنجي دل به ايئن ڪفن پوش بڻيل رهي— جو سندس مئل منهن ڏسڻ لاءِ توکان ته سندس ڪفن وارو مُنيو به نه کُليو!



www.sindhsalamat.com

مان تہ مٿل ماڻهو جو منهن بہ ڏسي نہ پئي سگهيس– پوءِ ڪهڙي حالت هوندي منهنجي؟– جڏهن ڪان پنهنجي دل جو لاشو– پنهنجي من جي قبر ۾ سينگاري رکيم– جيڪو سُڃي هنڌان هنڌان ڦاٽي پيو!

بس پوءِ پنهنجي ديس جي پوتر خاڪ ئي نصيب ٿيس– جنهن سان ڪيس ڏوئي، سندس زخمي راڳي، مَلي سندس ڏڪ پريندو رهيس.

واهوندن ۾ سرنهن گُل جي خوشبوءِ، سنڌ جي ڪيتن جي هُبڪ ۽ چانڊاڻن ۾ ڪلندڙ ڪيتن جا نظارا ئي هٿا– جن سندس مٿل صحت ڪي جيئڻ جون صلاحون پئي ڏنيون– ۽ انهن ڪيس مري پاڻ ملهائڻ جو اولاٽو پئي ڏنو.

منهنجي دل جي نظر ۾– ڪلهن ڪان مٿي– عورت خدا جهڙي خوبصورت آهي– پر ڪلهن ڪان هيٺ– عورت ڪي ڏسي ماڻهو پنهنجو ذهن صاف نٿا رکن! بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن اقرار جو ذهن– مون صاف سمجهي دوکو کاڌو– ۽ دوکو بہ اهڙو جنهن صدين جون صدائون– ساعتن ۾ سمهاري ڇڏيون!

اقرار واري انهيءَ دعوت ۾– جنهن مهل تو منهنجي ناول جو ذڪر ڇيڙيو هو– تہ منهنجي ڪاوش ۽ ارادن جي لتاڙ ڪندي سيٻن دوستن جي وچ ۾ اقرار ڪيڏي نہ ڏڪائيندڙ ڳالهہ ڪئي هئي تہ، ”فتاح! يار تون دل ۾ نہ ڪجان، حقيقت ۾ اسان پنهنجي ادب جي تاريخ ڪي ناول جو صرف بس فرضي نالو۔ ناول۔ ئي ڏئي سگهيا آهيون۔ باقي رڳو رومان پرستي ۽ خيالي اُفق جي اُڏام ۾ رهيا آهيون.“ هن خاص منهنجو ڏيان ڇڪائيندي چيو، ”ڏس تون اسان جو ويجهو دوست آهين فتاح! ٻيلي مهرباني ڪري پنهنجي ناول ۾ عورت جا عضوا تہ نہ اُگهاڙجان؟– ڪجهہ قومي غيرت جو بہ خيال رکجان– بس ايترو مڙئي خيال رهي وڏيڪ نہ، تہ بہ ويجها دوست تنهنجو ناول پڙهڻ جهڙو تہ سمجهن.“

ڪيڏي ڪل مچي پئي هئي دوستن ۾– هرڪو منهنجي منهن ۾ ڏسي کلي رهيو هو– ايئن پئي لڳو تہ اقرار جو اڄان بہ ڪو حساب ڪتاب مون تي رهجي ويو هو– جنهن ڪري سڄي سنگت ۾ ذليل ڪرڻ لاءِ مون ڪي مرڪز بڻايو هئائين.


www.sindhsalamat.com

خبر ناهي اها دعوت خاص تنهنجي مان ۾ هئي يا مونکي سرعام بي عزت ڪرڻ لاءِ!

پيئڻ ڪانپوءِ سچ ڳالهايو تہ ويندو آهي- سو وقت شايد صرف سچ ڳالهائڻ تائين محدود هوندو آهي- ۽ جنهن نيت سان پيتو ويندو آهي، تہ انهن نيتن کي وقت بہ ايترو ئي صرف ملندو آهي، جيتري تائين ٻهڪائيندڙ خمار هجن ٿا- لهي وڃڻ ڪانپوءِ- نيتون مرضيءَ واريون هونديون آهن- ۽ وري پنهنجي اصل جڳهہ تي بہ موٽنديون آهن- ۽ وري مصيبت اها بہ آهي تہ ان ٿورڙي وقت ۾ صرف پنهنجا پاپ شايد اوڳاريا ويندا آهن! عوررت جي حُسن ۽ اخلاق سان محبت ڪرڻ ڪانپوءِ! منهنجو آدرش صرف ڌرتي ماءُ سان واعدي وفا رهڻ هو.

ڇو تہ عورت جي دوستي منهنجي ذهني طبيعت لاءِ هڪ عجيب ڪيفيت پئي رهي.

ناول جو نالو ڪٽي مون سان مخاطب ٿيندڙ- هر دوست مون کي تقريبن اذيت پرستي ۽ ايذاءُ پسنديءَ جي طرف ڌڪي رهيو هو- ۽ پوءِ منهنجي اندر مان اهو سوال اُڀرندو هو تہ- زمانو محبت کان محروم رکڻ وارو ظلم ڇو ٿو ڪري؟

پوءِ وڏيڪ ظلم تہ ايجا اهو ٿيندو هو- جو اهڙي سوال جو جواب نہ ذهن ٿاهي سگهندو ۽ نہ ڪنهن دوست کان درست جواب ملندو هو!

دل هٿن تي رکي وڪڻڻ وقت- وچ ۾ ڊوڙي زمانو خريدار کي لت هٽي پڇائي ڇو ٿو؟

ڇا هي ٻن اکين وارو بي دل زمانو۔ هر پريميءَ کي- اهڙو روڳ ڏئي- هميشہ اهڙي ڇڪيا ڇڪائيندو رهندو؟

منهنجي دل جا سوال هئا اهي- جيڪي منهنجي خون جگر جي ذري ذري سان ملي ويا هئا.

قومي غيرت بہ جي مون ۾ هئي تہ- اها ايڏي سستي غيرت بہ نہ هئي- جو ان تي ايڏي طنز ۽ طعنا زني جون محفلون رچائڻ کپنديون هيون!



www.sindhsalamat.com

ناول لکڻ کان تہ ذهن فرار ٿيڻ لڳو هو– پر دوستن جو ماڻهپو ڳوليندي — خود پنهنجي دل وارو آدم بہ هٿان وڃائڻ لڳو هئس.

پنهنجي هر آشا، اُميد ۽ آس کي پنهنجي خيالي اُفق جي۔ دائري جي ڦاهي سمجهڻ لڳو هئس.

اقرار کي سندس سوال جو جواب ڏيندي مون چيو هو ”يار هاڻ تہ ناول لکڻ تان بہ هٿ کڻي ويٺو آهيان!“

”ڇو؟“ اقرار پڇيو هو. ۽ مون بس هڪ عام ماڻهو جيئان جوش ڪائيندي چيو هو تہ ”يار اقرار هي جيڪا آسا!“ ڪمپني آهي نہ۔ انهيءَ تہ شام جي بادلن ۽ چنڊ ستارن جي آڪاش منڊليءَ ۾ اهڙو تہ ڦاسائي وڌو اٿم۔ جو لڳي ٿو تہ منهنجي غيرت بہ ڪو چورائي ويو آهي۔ ۽ مان جهڙو بي حس، بي غيرت ۽ بدذات بڻجي پيو آهيان۔ زندگي گذارڻ لاءِ۔ نوان نعرا ايجاد ڪري ناول ۾ لکڻ۔ شايد مون ۾ ايتري۔ فني صلاحيت بہ نہ آهي. لکڻ واري خوشي ۽ پڙهي۔ پُرجهڻ واري پيڙاءُ خبر ناهي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح حاصل ٿيندي آهي۔ مون تہ چميءَ کي بہ امن جو پيغام سڏيو۔ مان اهڙو اڻڄاڻ آهيان جو مونکي اها بہ پوري خبر ناهي تہ چميءَ جو اصل خالق ڪير آهي، مان اهڙو ناول۔ اهڙي حالت ۾ واقعي لکي نہ سگهندس اقرار جيڪو دوستن جي پڙهڻ لائق هجي۔ مون ۾ غيرت اڻ لپ امن، تاريخ، اتحاد ۽ سليقي کان غير واقف۔ آزادي جي لحاظ کان۔ مونکي جنهن جڻيو۔ پاڻ آزاد جنم وٺي۔ پنهنجي دل جي دنيا خوش ۽ آباد ڏٺي هجائين تہ۔ اها سندس دل جي ڳالهہ آهي۔ پر مان تہ سندس ڪک مان جنم وٺڻ وقت بہ ڪنهن غلامي کان ڇڄڻ خاطر احتجاجن روڄ راڙي ۾ هئس۔ پنهنجي ماءُ بہ جڏهن مونکي غلامي کان آزاد ڪيو هو۔ تہ مان ان غلامي لاءِ ڏاڍو رنو هئس۔ شايد پنهنجي امن پناهہ۔ انهي۔ گهر ڪانپوءِ۔ اهڙو امن نظر نہ آيو هئم۔ جهڙو پنهنجي ماءُ جي پيٽ واري جهان ۾ ڏٺو هئم۔ هتي تہ غيرتون بہ وڪبيون ۽ وٺبيون آهن۔ پر اتي تہ غيرت جو واپار ۽ بک جو فساد منهنجي ذهن ۾ ئي نہ هو۔



www.sindhsalamat.com

دوستن لاءِ پڙهڻ جهڙو ناول بہ تڏهن لکي سگهان ٿو اقرار۔ جڏهن وري واپس۔ پنهنجي ماءُ جي پيٽ وچڻ جي بزرگي رکندو هجان۔ ماءُ جي پيٽ کان ٻاهر تہ اهڙي بک محسوس ڪئي اٿم۔ جوان بک ۾۔ سڄو سماج بکيو پيو۔ محسوس ڪريان۔ ۽ سندس اهڙي بک واري دانهن جي عمر بہ ڪنهن جيت جي عمر جيتري آهي.”

جوش ۾ اچي اٽجاٽائي جي حد مان نڪرندي اهو بہ سمجهہ مان نڪري ويم تہ۔ مان ڇمي کي امن جو پيغام پيو ڇوان۔ پر هن جهان ۾ ڇميءَ جو خالق ڪير هو۔ ۽ جنهن پهريان ڇمي ڏني تہ ڪهڙي نيت سان۔ ۽ ڇمي ايجاد ڪرڻ وقت سندس ڪهڙا ارادا هئا۔ منهنجي ان جوش ۾ جوابي تقرير ڪانپوءِ۔ دوستن ۾ ڪيتري۔ نہ خاموشي ڇانيل هئي۔ سين شايد مونکي غور سان پي ٻڌو۔ منهنجا خيال وايوڙيل هئا۔ مغز ۾ جهڙو ميڙن چڪ پاتا هئم۔ ذهني خارش ۾۔ پنهنجن خيالن کي کنهيندي اُگلي پيو هئس۔ هونئن بہ جڏهن بہ ڪائي ڳالهہ ڪٽندو هئس تہ ربڙ ٽي پوندي هئي. دودي چنيسر جي داستان جيئان کٽندي نہ هئي۔

مون اقرار کي ان وقت اهو بہ چيو هو تہ “اقرار ماٺهو محبت جي صدمي کان روئندا، لڇندا ۽ تڙپندا آهن. ۽ ڪي تہ وري نڪي رُئن ۽ نہ ڪجهہ ڪڇن۔ پر مان اهڙي ڪيفيت ۾ اکين جا دروازا ٻوٽي ڇڏيندو آهيان۔ ۽ من اندر جي خاموش بازار گهمڻ لڳندو آهيان۔ ڏاڍا حسين ماٺهو ڏسندو آهيان ان بازار ۾ هر صورت شاهڪار نظر ايندي آهي.

ان بازار ۾ ڪجهہ مسڪراهٽون تہ ڪجهہ ٽهڪ۔ عجيب هُل هوندو آهي! پر مان نہ کلي سگهندو آهيان نہ روئي سگهندو آهيان!

اکيون پوري اندر جو T.V ڏسڻ،

زندگي شام وارو پهر محسوس ڪرڻ،

اکين مان آبي نور هاري، لڙڪن جو جام پيئڻ،


www.sindhsalamat.com

بي زبان خيال سانديۡ دل جي اوطاق ۾ سمهي خواب ڏسڻ۔
سڀ اڪيلائيءَ جا اڏما ۽ تنهائي جو تيوهار تہ آهي! ۔ ۽ ائين ماڻهو فنا آهي تہ ماٽو متيءَ جو ڍڳو بہ آهي۔ پوءِ شايد اهو بہ درست چئبو تہ۔ ماڻهو انفرادي طرح فاني ۽ اجتماعي طرح غير فاني آهي۔ پر ڇا ڪريان اقرار؟ ۔ اهڙي دنيا جي ياد ڏاڍو ستائيندي اٿم۔ جيڪا مون پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ گذاري۔
ڇا؟اهڙي دنيا۾ رهندڙ تيستائي فاني آهي؟ جيستائين هن ويڪو دنيا جي اجتماعي رونق ۾ اچي!؟
مان تہ اجان بہ۔ اهڙي اڪيلي دنيا جي خواهش رکي ويٺو آهيان۔ پوءِ هن اجتماعي دنيا جي رونق تي ناول لکي بہ ڪيئن ٿو سگهان! ها! لکان بہ ڪٿي پر ان جي ٻولي شايد گونگي يا ويڪو سمجهي وڃي ۽ مونکي لعنت، ملامت ڪانسواءِ ڪوبہ ٻيو داد حاصل شايد ٿئي.؟
هو ش سنڀالڻ ڪانپوءِ بہ، منهنجو صرف اهڙي نگاهہ کان گذر ٿيو جيڪا صرف ماڻهو جو عقل کسيندي آهي۔ سا تہ الاءِ ڪهڙي نگاهہ جنهن کي ڪم نظر چيو ويندو آهي. ڏاڍيل نطرن بہ مون کان رڳو عقل کسيو ۽ منهنجو علم سڀ بي ڪمو رهجي ويو.
اهڙي حالت ۾۔ منهنجو ناول ڪائنات ۾ تہ ڇا۔ پر دوستن جي مادي زندگي ۽ زهنن ۾ ڪو انقلاب ۽ نواڻ نہ آڻي سگهندو.
ترقي پسند انسان۔ بلندي کي ڇُهي وڃي! —پوءِ بہ خواهش جي غلامي!؟
منهنجو ذهني شعور، اهڙي ساڃاه کان بہ شايد رد آهي اقرار.” ۽ پوءِ هلندي ڳالهہ دوران۔ مون سيني دوستن کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ “ڏسو سڀ اهل دوست ويٺا آهيو۔ پنهنجي ايمان جي سچائي سان ڪوئي ٻڌائيندو تہ۔ خواهش جي غم کان۔ ڪنهن خود کي آزاد رکيو آهي؟”
سڀ رات جي اونداهيءَ جيئان خاموش هئا۔ سڀن جي زبان تي جڻ نانگن جا آڪيرا اڏيل هئا۔ ڪنهن بہ خود کي اهڙي غلامي کان آزاد محسوس نہ ڪيو هو.


www.sindhsalamat.com

— مان انهن کي پنهنجا نوان دوست چوندو هئس۔ امن، انقلاب ۽ آزادي تي۔ ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ۔ سڀ سرد مهري جا شڪار هئا، شايد سڀ جا سڀ نظرن جي حسن جا گهايل هئا۔ ڪين خاموشي ۽ امن بہ۔ شايد اهڙين نظرن کان ئي حاصل ٿيو هئن. اهڙين نظرن جي قبر ۾۔ جڏهن ڪوئي دفن ٿيڻ لڳندو آهي۔ تہ دوستن، احبابن سان ڪابہ صلاح، مصلحت نہ ڪندو آهي. — جڏهن سندن دليون۔ نظرن جي ڪفن ۾ ويڙهبيون آهن۔ تڏهن محبوبن جون ادائون ئي۔ سندن يادن جو باقي رشتو۔ هونديون آهن۔ جيڪي سندن دل جي مزار تي۔ ڪارن گلن جون چادرون چاڙهينديون آهن.

پر جڏهن جيءَ جي جيئري جهان ۾۔ محبوبن سان رُسندا ۔ آهن۔ تڏهن اهڙي خبر ڪين نہ هوندي آهي۔ تہ دل جيڪا، گوشت جو اوزار آهي۔ جيڪا انسان توڙي جانور ۾ Fit ٿيل آهي۔ اها اصل ڪنهن جي امانت آهي؟

پوءِ اهڙي اٽڪاڻ حالت، واري ڪيفيت ۾۔ سندن هر عبادت حسن پرستي هوندي آهي!

حسن جي ديدار لاءِ۔ سندن روح غلام رهندو آهي!.

پنهنجي گمنام سڄڻ جي وصال ڪاڻ رئندا آهن۔ تہ سندن اکين ۾ آنسو ناهن هوندا!

انهن سان ملي ائين معلوم ٿيندو هئم۔ ڄڻ تہ اهي ڪڏهون ڪا ستل هجن.

چنڊ ستارا تہ ڇا۔ سورج بہ سندن نظرن کان غائب رهندو آهي شايد محبت جي اهڙي درجي ۾ اچا داخل نہ ٿيو هئس!

منهنجو من، تنهنجي اکين جي اڙهانگي دريا ۾ ٻڏل هو صرف شام وارا ڪڪر پي ڊوڙايم۔ ۽ اکين مان گونگا مينهن پي وسايم!

ٻولي، امن ۽ آزادي پنهنجي دل جي گهر کي بہ ڏئي نہ سگهيو هئس دل جي مئڪدي ۾ عصر ۽ سانجهي واري وقت بہ جام ۾ شراب نہ پريو هئم!۔ جنهن جي اداس صدائن پٺيم پي شايد سومهڻي وقت بہ۔ اخلاق سان پيئڻ مونکي نہ آيو! —


www.sindhsalamat.com

جيڪي پيتم سو بہ شايد محبت جي وضوءَ سان نہ- يا پي- ستس ۽ وقت قضا ڪيم! ۽ ان ڪري ئي- سندس جوش ۾ جڏهن ناپاڪ لڙڪ ٽپڪا ڏئي ڪرڻ لڳا- تہ هينئون قواب جيئان پچڻ لڳو- عشق جي گهر جي اڳيان لنگهڻ- منهنجي حق ۾ شايد نہ هو! گذري بہ ويو هئس تہ ديوانن جيئان، ويندي، ويندي پٽڪي شايد ويو هئس!

اهڙي ارمان ۾ تہ دل جا لڙڪ، دل ۾ ئي ڪڙهندا رهيا،- زندگي اهڙن جواري خيالن سان گذري- جيڪي دل جو داءُ هٽي نہ پيا ڄاڻن،

۽ زندگي ڪي شام جو جام سمجهي- پيار ۾ لٽائڻ سندس- ڪيڏ نہ هئي،

مون رنگ شباب نہ پيتو- جيڪي پيتم، سپ آسماني، سُرمائي رنگ هو شايد.

ها! اهڙا پيا ڪيترائي سبب هئا، جنهن ڪري- جيئن ناول ۾ ڪردارن تي لکيو وڃي ٿو- تئين منهنجي هر خيال ۽ آئيڊيا کي دوست افسانو پيا سمجهن- تقريبن اقرار ۽ خاص ڪري تو- افسانو سمجهيو هو مونکي!

ماڻهو جڏهن دوستي جي ناتي سان گڏجن ٿا- تڏهن، دعائون گهرندا آهن تہ- هو ڪڏهن جدائي ڏسندائي ڪونہ- ۽ جدا ٿيو پون!

اها ئي بيماري هئي- هڪ وڏيڪ مون ۾ بہ — جنهن دوستن کان مونکي، گهڻو ٽڙو جدا رکيو- سپ ڪنهن کي مختلف طرح جو محسوس بہ تڏهن ٿيندو هئس.

تو بہ اهڙن ماڻهن کان تہ- مونکي مختلف نہ سمجهيو هو- جن جي هر آس، اميد شيشي جي ٿانءُ جهڙي هوندي آهي! اقرار جي مڪمل سڏري وڃڻ ڪانپوءِ- ڪهڙو سبب هو- جو منهنجي هر آشا کي- تو واريءَ جو نهيل ٻاراٽو گهر تصور پي ڪيو- جيڪو تيز هوائن لڳڻ سان- ٻهي پنهنجي اصل شڪل بدلايو ڇڏي،

جڏهن اقرار کي پنهنجي ناول لکڻ بابت پورو جواب ڏئي چڪو هئس- تڏهن اقرار وري بہ پنهنجو خيال ورجائيندي- چيو هو تہ " فتاح! اسان توکي ائين هرگز



www.sindhsalamat.com

نہ چونداسين تہ۔ تون ناول نہ لک۔ پر شايد منهنجي چوڻ جو اصل مقصد تو نہ سمجهيو۔ مون جيڪي چيو پي ان جو اصل۔ مقصد هو تہ۔ اسان پنهنجي فن ۽ فڪر کي محض پنهنجي ڪنهن من پسند شخصيت جي ساراهہ جون۔ آيتون نہ بنائي ويهون۔ پر ان مان بہ اهو مطلب نہ وٺڻ گهرجي۔ تہ ان جي شخصي اهليت کي نفرت ۽ ڌڪار سان پرچاريو وڃي۔ بلڪ انهيءَ جي خوبي ۽ قدر سندس اهليت مطابق۔ اهميت ڏيڻ گهرجي۔ جيڪو ان جو حق بہ هجي ٿو۔ پوءِ ان ۾ ڪجهہ سونهن ۽ صورت جي شڪل ۽ لياقت ۾ تہ ڪي شخصيتون وري پنهنجي فن ۽ فضليت واري اهميت ۽ ادا سان سجاتيون ويندڙيون آهن۔
اهڙين شخصيتن کي ساراهڻ وقت اسان تي اهو فرض ٿئي ٿو فتاح۔ تہ انهن جي وصف اهڙي ريت بيان ڪجي۔ جو سندن ماضي، حال ۽ مستقبل پنهنجي، سماج ۽ ثقافت سان لاڳاپيل هجي۔
ڏس فتاح۔ ماڻهو پنهنجي محبوب جي واکاڻ ڪرڻ کان رهي تہ نٿو سگهي۔ پر پنهنجي خيال کي۔ پنهنجي ديس جي امنگ ڏانهن ضرور وٺي، کڻي وڃجي۔ جنهن ديس جي ڌرتي پنهنجي رنگين لباس ۽ هوائن جي خوشبوءَ سان۔ ان محبوب صورت کي سونهن ٿي بخشي۔ سندس حسين تاب کي جوهر عطا ٿي ڪري۔ اهڙن خيالن جي رچنا واريون ڪوتائون غيرفاني هونديون آهن فتاح!“
هن پنهنجي پختن خيالن جي تقرير کي جاري رکندي ڪجهہ وڌيڪ چيو هو تہ ”پنهنجي ذات جي افساني ۾ محدود رهجي ويندڙ پريمي۔ صرف گونگي ۽ خاموش تاريخ جو باب هوندو آهي. پنهنجي عمر جا عزيز ڏينهن۔ جَر تي ڦوٽي جيئان۔ گنوائي ڇڏيندو آهي.
زندگي جو مقصد! صرف پنهنجي محبوب جي سونهن کي سُهانين راتين جي تشبيهہ ڏئي ساراهڻ نہ هوندو آهي فتاح۔ ۽ نہ ئي ذات پرستي سان پنهنجي ديس ۽ ڌرتي لاءِ پاڻ موکي سگهجي ٿو.
اسان پنهنجن نوجوانن دلين ۽ مضبوط دماغن کي۔ جيڪڏهن ٿورو غور ڏئي


www.sindhsalamat.com

ڏسنداسين تہ- سندن هر خاني مان- رومانس ۽ سيڪس جي دونهاٽيل سوچ ٿي اڏامندي نظر ايندي.”

۽ پوءِ هن سڀن دوستن کي الڳ رکي صرف مون سان- مناظرو ڪندي پڇيو هو تہ “فتاح! ڇا تون يقين سان چئي ويندين تہ- توکي پنهنجي ڏرتي ۽ ٻولي سان محبت آهي؟” “ها! بلڪل چو نہ.” مون ڪيس اهو وڏي آواز چيو هو- ۽ انڪار ڪري بہ ڪيئن پي سگهيس- اهڙي محبت کان انڪار ڪرڻ بہ منهنجي لاءِ پنهنجو پاڻ ڪوڙو ثبيڙ هو- تنهن ڪانسواءِ هن پنهنجي ذهن ۾- صرف مونکي رکي ڳالهايو هو- ۽ هن پنهنجي اها پوري پڳتي سڀني دوستن جي ذهنن تان ڊوڙائي، ڊوڙائي وري ڪتائي بہ آڻي مون تي هئي.

منهنجو جواب ٻڌي هن وري ٻيو سوال پڇندي چيو هو “ڇا تون پنهنجي اهڙي عمل کان انڪار ڪري سگهين ٿو فتاح! تہ زندگي ۾ تو ڪنهن انسان سان بہ محبت ڪئي آهي.؟”

اهو سوال بہ تنهنجي روبرو اقرار اٿاريو هو- تو مون ۾ پنهنجون نظرون بہ شايد چورايون هيون- ان وقت منهنجي دل تنهنجي ان چور نظر تي چغلي پي هنئي.

جيئن هر قسم جي چوري ۾- نيتون خاموش رهنديون آهن- تنهنجي نظر بہ ائين خاموش هئي- نظرن ۾ محبت جو نہ اظهار هو- نہ اقرار ۽ نہ انڪار-

پر مان تہ شاهہ چور هئس- پنهنجي محبت لاءِ 164 سئو چوهٽ ڪري ويهندو هئس- توٽي جو منهنجي اهڙي عادت توکي هرگز پسند نہ هئي.

محبت ۽ محبوب جو سونهن- ٻئي اهڙيون شيون آهن- جن کي دل جي محل ۾ لڪائي، دنيا کان مخصوص ڪري رکي نٿو سگهجي.

ان وقت بہ مون اهڙو با مقصد بيان ڏيندي اقرار کي چيو هو- “نہ اقرار! مان اهڙي حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهان- مان هڏ گوشت جو ٺهيل دل وارو انسان آهيان- ۽ ڪنهن انسان سان بيحد محبت بہ ڪري ويٺو آهيان.”

تڏهن هن شايد پنهنجي ڪنهن ذاتي مقصد بابت وري پڇيو هو تہ “پنهنجي



www.sindhsalamat.com

وطن ۾ ڌرتي ڪان وڏيڪ محبت. گوشت جي ٺهيل ماڻهو سان ڪري ويٺو آهين. ۽ ڇو ڪري ويٺو آهين؟“ ڇوڪري ويٺو آهين؟ - اهڙي سوال جو جواب ته ڪيس- پنهنجو خالق به ڏئي نه سگهي ها - ۽ جي اهو ماڻهو مون جهڙو هجي ها ته- پوءِ من ۾ محبت جي ڪشش به ڪهڙي هجي ها! — باقي ديس ۾ ڌرتي ڪان وڏيڪ محبت- گوشت جي ٺهيل ماڻهو سان- اهو مون ته نه چيو هو- پر اهي لفظ هن مون تي مڙهيا هئا- پر پوءِ به- اهو هن درست چيو هو- ته مان پنهنجي ديس ۾ ڌرتي ڪان به وڏيڪ محبت گوشت جي ٺهيل انسان سان ڪري ويٺو هئس.

اهائي ته اندر ۾ اڻ تڻ هئم- جنهن ۾ مان پنهنجن رچنائن جي هر ڪوتا اڌوري محسوس ڪندو هئس.

اهڙي محبت مان ڪنهن سان ڪري ويٺو هئس- ان لاءِ پنهنجي ڪنهن دل واري دوست کي ڪن ۾ به ٻڌائڻ جي ضرورت نه هئي. ڪجهه نه ڪجهه ته توکي به اهڙي سوال تي ڳالهائڻ کپندي هو- ڏاڍيون اميد ڀريون نگاهون تو ۾ وڏيون هئم-

ڇا تون اهڙي حقيقت کان اڻڄاڻ هيئينءَ- ته منهنجي قلم جو هر اشارو ۾ ناول اسٽوري جي هر موسم توئي هيئينءَ! منهنجي ناول جو هر منظر ۾ مڪالمو تنهنجي تصوير هئي- سنڌ ڌرتي تي لڳندڙ ذڪڻ جي هير- ۾ ٿڌين واهوندين جي رنگ ۾ بوءَ جي کاڻي تون ئي هيئينءَ.

اقرار سميت- سواءِ تنهنجي- باقي سڀ دوست منهنجي جواب جا منتظر هئا- مان Political خيالن کان هٽي- محبت تي ئي ڳالهائڻ پئي چاهيو- پر شايد خود کي سياسي پهلو کان ايترو الڳ رکي نه سگهيو هئس- جيترو الڳ رهڻ پئي چاهيم-

جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن حقيقت تي ڳالهائڻ نه چاهيندو هجي- ذهني طرح تيار به نه هجي- پوءِ به هو ان بابت ڳالهاءِ ويندو هجي- اهڙي طرح سان مون اقرار کي جواب ڏيندي چيو هو ”اقرار جيتري حد تائين مون پڙهيو آهي- ته ماڻهو


www.sindhsalamat.com

پنهنجي محبت جي ابتدا۔ ڪنهن انسان جي عشق سان ئي ڪندو آهي۔ تيستائين هو اهڙي امتحان سان۔ عشق جي ڪاڙهي ۾ پيو ڪڙهندو آهي۔ جڏهن محبت ۾ سندس Fixation مضبوط ٿي ويندي آهي۔ پوءِ هو پنهنجي ديوانگي تي عجب ڪائي۔ پنهنجو پاڻ کي ڳولي۔ خود تي پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي۔ پر خواهشون ڪيس منجهائي وجهنديون آهن۔ تڏهن ڪيس ڪنهن سهاري جي سخت ضرورت هوندي آهي۔ پر رهنمائي جي احتمام ڪان محروم رهي۔ زماني ۾ اڪيلو رهجي وڃڻ ڪانپوءِ۔ زندگي جو اهم مقصد پلائي ويهندو آهي۔ خود کي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ پيو چاهي؟ ڪائي خبر ڪيس ناهي رهندي.

محبت ۾ اهڙو يگانو ذهن۔ پنهنجي دل کي ٻڪ هٽي پنهنجي محبوب جي زلفن جي ڇانوري ۾ به۔ سک سان سمهي نه۔ سگهندو آهي! دل جي وحيءَ ڪان بي سمجهه۔ پنهنجي دل جو اڪيلو مالڪ ٿو بڻجي پوي!

ها! پنهنجي دل جي رباعي پاڻ نه سمجهي سگهندو هجي۔ سو قومي زبان ۽ سياسي سليقي لاءِ ڪهڙو مقصد ۽ قرباني رکندو۔ هوندو؟ ننگ تان نثار ٿي۔ اهڙي لذت جي نزاڪت حاصل ڪرڻ لاءِ۔ سندس زندگي جي ڪتاب ۾ هڪ لفظ به ناهي هوندو اقرار!"

مون ايترو ڪجهه چئي اجان دنگ ڪيو هو ته اقرار پنهنجي سمجهه مطابق چيو هو ته "يار فتاح! شايد مجبور ٿي چوٽو پيو پوي ته مان تنهنجي ذهن ۾۔ اهڙي ڪمي پيو محسوس ڪيان۔ جيڪا اسان دوستن لاءِ تمام ڏک جهڙي ڳالهه آهي."

ڏک ته مونکي ٿيو هو۔ ڪنهن به دوست منهنجي ڳالهه سمجهي نه هئي۔ يا ڪنهن سمجهي به هئي۔ ته ڳالهائڻ لاءِ وٽس جواب جو پورو مواد نه هو.

ڳالهه ته مون هوش ۾ رهي هوش واري ڪئي هئي۔ پر شايد اقرار به مونکي مدهوش سمجهيو هو۔ ڪوئي هوش وارو سنگ ۾ ويٺل به هو ڇا؟


www.sindhsalamat.com

مون تہ اهڙو غور بہ نہ ڪيو هو۔ ۽ مون صرف هاڻ اقرار کي پي ٻڌو هو۔ جنهن چيو پي "لڳي پيو فتاح! تون چوماسي جي واچوڙن ۾۔ اهڙي تيز طوفان کي منٿ ڪرڻ جو قائل نہ آهين۔ اهڙو طوفان جيڪو زندگي جو وڻ پاڙان پٽي ڪنهن گمنام صحرا ۾ اڇلي ڦٽو ڪندو هجي۔

۽ اهڙا واچوڙا۔ جيڪي مقصد جون راهون۔ ڏوڙ اڏائي گم ڪري ڇڏيندا هجن۔ شايد انهن جي ضد ۾ ڪڏهن نہ آيو آهين فتاح! ڏاڍو ڏک اٿم تنهنجي لاءِ دوست! تنهنجي اهڙي حالت جو تہ۔ ڪٿي زندگي جو وهانءُ اهڙي عورت سان نہ ڪري ويهين۔ جيڪا تو کان وڌيڪ بيوقوف هجي۔ تون ناول تي لکندي بال پائينٽ پين خالي ڪري اڇليندو هجين۔ ۽ هو اهو اڇلايل ساڳي قلم وري واپس قلمدان تي لڳائيندي هجي!"

اقرار اها اهڙي ڳالهہ۔ اهڙي انداز ۾ کلندي ڪئي هئي جهڙو منهنجو پيءُ ٻڌيو وينو هو۔ هونئن بہ ماڻهو پنهنجي ماءُ جي يار سان تہ صلح ڪري سگهي ٿو۔ پر رقيبن سان صلح ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي!

اقرار کي منهنجي شادي جي بہ ڏاڍي ڳڻتي هئي شايد۔ سندس اهڙي تجويز کي مون دوستن جي ضد ۾۔ نہ پي نيئڻ چاهيو۔ سندس خيال جو وزن ڪٽيندي مون چيو هو "اقرار جيڪڏهن۔ مون پنهنجي زندگي خود۔ هڪ اڇلايل قلم بنائي ڇڏي هجي تہ پوءِ؟"

هن جواب ڏيندي چيو هو "پوءِ تون ائين ڄاڻ تہ ڪنهن خود فريبي ۽ خوش فعلي ۾ مبتلا هوندين دوست۔ خالي قلم جيئان اهڙي زندگي جڏهن ڪنهن اڇل ۾ ويندي آهي۔ تہ زماني جا بوٽ۔ بي دردي سان ڪيس لتاڙي فنا ڪري ڇڏيندا آهن!"

" زماني جي لتاڙ کان۔ ڪڏهن ڪا آجي زندگي بہ ڏٺي اٿئي اقرار۔ زندگين جي منهن تي زماني جي لڳايل لت ڪڏهن ڪنهن تڪليف ڪري۔ چنبڙي بہ آهي!؟" تڏهن اقرار ڪنهن حد تائين تسليم ڪندي چيو هو تہ "ها! تون ڪنهن


www.sindhsalamat.com

حد تائين درست بہ هوندين فتاح! پر زندگين ۾ Plague پليگ جي وبا پکيڙيندڙ سڀ جا سڀ ڪوئا ماري اسان فنا تہ نٿا ڪري سگهون نہ؟"

سندس اهڙي جواب تي۔ وچ ۾ هڪ دوست اقرار کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ "يار ڪوئن واري پليگ جي۔ وبائي پکيڙ جو اسان درست ڪاٿو لڳائي تہ نہ سگهنداسين۔ پر محبت ۽ نفرت کي پليگ جهڙوئي مرض چئي سگهون ٿا۔ حقيقت جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ۔ زندگي ۾ ڪڏهن، ڪڏهن اهڙا ڪوئا تہ اسين بہ ٿي پوندا آهيون!؟"

اِهو اهو دوست هو جيڪو شاهہ لطيف جو بيت لفظي طرح هميشہ غلط ٻڌائيندو هو۔ اُنهي دوست حقيقت بيان ڪئي هئي۔ محبت بہ انسان مان ئي ڦٽي تہ نفرت جو ٻج بہ انسان ئي پوکيو۔ پر دنيا جو تہ وجود ئي محبت تي قائم آهي۔ جنهن ۾ نفرت جو وجود Plague کان هزار بار وڌيڪ خطرناڪ آهي.

نفرت! جنهن ۾ هڪٻئي کي پٽي ڪائڻ واري وحشيت سمايل آهي. محبت! جنهن ۾ هڪٻئي کي جيئارڻ واري محنت ۽ صحبت سمايل آهي. ڪهڙي نہ بهتر ۽ سچائي سان ڳالهہ ڪئي هئي ان دوست، توکان تہ اڄ بہ اهو پڇي سگهجي ٿو۔ تہ ڇا ان ۾ صداقت نہ هئي؟ پر ان وقت انهيءَ دوست کي۔ ڪنهن بہ ڪوئي جواب نہ ڏنو هو۔ سمجهندا تہ سڀ مون جيان پاڻ کي فلاسافر هئا۔ پر زندگي ۾ جيت شايد هر ڪوئي نٿو ماڻي۔

شايد منهجي ۽ اقرار جي انهيءَ ڏکهي بحث مان بہ ڪنهن ڪا نواڻ محسوس نہ ڪئي هئي۔ سواءِ تنهنجي۔ پنهنجو پاڻ کان پڇڻ جي تہ مون ۾ عادت هئي۔ ۽ ان وقت بہ رهي نہ سگهيس۔ سهي، سهي نيٽ پنهنجي ضمير کان پڇڻ لڳس تہ۔ ائين ڇو ٿو ٿئي۔ حقيقتون جڏهن بيان ٿينديون آهن تڏهن ماڻهن سان گڏ دوست بہ پنهنجون اکيون، ٻوٽي ۽ مغز ڇو ويڙهي ڇڏيندا اهن۔؟

ذهن گونگا، خاموش ۽ منجمد ڇو محسوس ٿيندا آهن!؟ هر ماڻهو ميت جي مثال ٿيو پوي ڇو؟.



www.sindhsalamat.com

شايد دفن ٿيڻ کانپوءِ لاش به پنهنجي لتاڙيندڙ لاءِ مون جيئان ڏاڍو آزاد سوچيندو هوندو.

ائين حقيقت جڏهن به واضح ٿي ته دوستن ۾ هميشه ڪا وبائي ڪيفيت تاري ٿيندي رهي!!



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

جنهن مهل اُها اقرار واري دعوت برخاست ٿي هئي ۽ محفل اختتام کي پهتي ته هر دوست پنهنجي، پنهنجي ڪمپنيءَ سان راهه روانو ٿيڻ لڳو هو- ۽ تو اقرار کان موڪلائڻ وقت- اقرار کي ڪجهه چيو پي- جيڪو دوستن جي اجائي هل حشري ۾ مان چڱي طرح ڪجهه ٻڌي نه سگهيو هئس-

دل وارو ماڻهو ڪنهن رقيب سان- پنهنجي منهن ڪجهه ڳالهائيندو هجي ۽ اهڙي گفتگو دل جي دڙڪن تائين رسندي نه هجي- ته اندر ۾ بيچينيءَ جو ڪيڏو نه غوغا پيدا ٿي پوندو آهي.

ڪهڙو تجربو آهي- جيڪو زندگي پر حاصل ٿي نه سگهندو آهي؟

ڪوششون،

محنتون،

خيال،

سوچون، ارادا

۽ محبتون- سڀ اهڙي تجربي جي حاصل خاطر- وندر بڻجو پون. ۽ جي حاصل ٿي به ويندو آهي- ته ان کي ذهن کان ٻاهر واضح بيان ڪرڻ هر ڪنهن جي وس ناهي هوندو.

اقرار کي تو ڇاپي پنهنجي منهن چيو؟ دل ۾ ويٺل ان هول- Terror کي ختم ڪرڻ لاءِ- مونکي تنهنجي موٽر ۾ توسان گڏ هلڻ جو خيال هو- پر توسان گرل فرينڊز جي رش ڏسي- تو کي چئي نه سگهيو هئس- ۽ وري جڏهن تو خود چيو هو " فتاح سياڻي منجهند مهل گهر ته اچجان- ڪو مسئلو حل ڪرڻو آهي! نيڪ آهي نه" ايترو چئي تو جهڙو مونکي موٽر ۾ ساڻ ڪٺي هلڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو هو- گهر ته منهنجو به ڪو ايترو ولايت ڪونه هو- پر الاءِ ڇو تنهنجو هڪ پل پري ٿيڻ به- پنهنجي هر منزل جي لاءِ صدين جو سفر محسوس ڪرڻ پي



www.sindhsalamat.com

لڳيس!

ٻئي ڏينهن تنهنجي چوڻ مطابق- منجهند جو تنهنجي گهر آيو هئس تہ- مونکان اڳ اقرار تو وٽ وينل هو- سندس بينڪ مان مون کي ائين لڳو پي- تہ تو وٽ ويٺي کيس ڪافي وقت لڳو هو-

مان جڏهن صوفي تي سانتيڪو ٿي وينس ئي مس- تہ تو ساءِ ڪلر جو سادو فائل مونکي ڏيندي چيو هو "فتاح! هيءُ فائل پڙهي –ٿوري نظر مان ڪڍ؟"

فائل منهنجي هٿ ۾ تہ- تو چيو هو "پهريون دفعو آهي –جو اقرار جو ذهن مون اڄ پڙهيو آهي - سو بہ منهنجي زمين بابت- هڪ نئين Plantation."

جڏهن فائل کولي پڙهڻ شروع ڪيم تہ- مون کي ان مان نادار زندگين جا پُنا اُگهاڙا نظر اچڻ لڳا هئا- ڪجهہ اڳتي پڙهيم تہ مون کي تنهنجي زمين نئين سري سان آباد ڪرڻ لاءِ هڪ نئين رٿا نہ پر هڪ خوشامد محسوس ٿي هئي- اهڙي خوشامد جنهن ۾ توکي وڏ کان وڏ خوش ڪرڻ خاطر- تنهنجي زمين بابت نوان فارم لڳائڻ جي تجويز رٿي وئي هُئي ۽ ان ۾ انساني زندگيون فنا ڪندڙ فارمولو جوڙيو ويو هو- زمين مان وڏ کان وڏ اُپت حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ايجنڊا فائل لکيو ويو هو- جنهن جا شروعاتي اهم نڪتا هن طرح هئا تہ:

(1) پراڻن هارين کي بي دخل ڪري- چوٿي ونڊي تي نوان هاري رکڻ.

(2) اهي نوان هاري لڏائي- باقائدي زمين تي ويهارڻ.

(3) هر هڪ هاريءَ کي- هاريپ لاءِ صرف چار ايڪڙ زمين ڏيڻ.

(4) في هاريءَ کي 500 روپيا ماهوار خرچو پيتو ڏيڻ ۽ سندس باقي پورهئي جو اُجورو- سال پوري ٿيڻ کانپوءِ- خرچ پکو ڪٽي باقي بچت کيس ڏيڻ.

(5) بيمار بي ايمان، سست، ڪمزور ۽ ڪم چور هاريءَ کي بي دخل ڪري زمين تان لڏائي اُٿاري ڇڏڻ.

(6) ڪنهن بہ هاريءَ جو وقت سر زمين ۾ نظر نہ اچڻ- وقت سر زمين جو



www.sindhsalamat.com

ڪم مڪمل نہ ڪرڻ- سندس خلاف شڪايتون اچڻ، ڪنهن بہ غلط
ماڻهوءَ کي پاڻ وٽ مهمان ڪري ترسائڻ - اهڙيءَ صورت ۾ ڪيس بي
دخل ڪري زمين تان لڏائي بہ سگهجي ٿو ۽ ٻيءَ حالت ۾ ڪيس غلط
عملن سبب پوليس حوالي بہ ڪري سگهجي ٿو- وغيره وغيره.

اهي چند فقرا پڙهي- فائل اهڙي نفرت زده خيال سان بند ڪيو هئم — جو وڌيڪ پڙهڻ جي خواهش ئي نہ هئم.

منهنجي ذهن ۾ - ان وقت اهڙي تجويز جا ٻہ پهلو هئا- هڪ تہ توڪي شايد حد کان وڌيڪ بيوقوف ڀانيو پئي ويو- ۽ ٻيو هڪ پورهيت لاءِ- سندس اُجوري جي سلي بابت جهڙي بي رحم ۽ بدحواس خيال کي قلمبند ڪيو ويو هو- ان مان مون کي ايئن معلوم پئي ٿيو تہ- اجوڪي هاري، پورهيت کان ڪنهن طوائف جو دلال وڌيڪ عزت ۽ ناڻ سان- پنهنجو اُجورو حاصل پيو ڪري.

انسان کي ڪيئن نہ سندس نيتن ۾ ئي ويڙهي ناهيو ويو آهي! دوستن ۽ عام ۾- ڪيڏي ڪمال درجي ۾ ٿو ڳالهائي- پر پنهنجي ذات کي ڪميني پن سان صلح ڪرائي- انفرادي سوچ سان- رهزن قانون جوڙي- ڪيڏو بي رحم ٿو بڻجي پوي! افسوس! مفاد ڪيڏي نہ ڪميڻي شيءِ آهي!

پنهنجو پاڻ کي گاريون ڏيڻ سان- شايد غيرت جو قانون نٿو ٽُٽي. نادار مقدرن لاءِ- نادر بڻجي- پنهنجا فيصلا وڀهي مڙهي ڪهڙو حق هو اقرار ڪي.

پنهنجي ڪنهن ذاتي ضرورت جي وقت- ويجها ماڻهو بہ ڪيترا نہ پري وڃيو نڪرن- ڪيڏي نہ دليريءَ سان- پنهنجي اڪيلي دل جي غيرت جون اکيون ڪڍي وٺندو آهي انسان!

خبر نہ پيم تہ- توکي اقرار جو وڌيڪ ذهن وٽيو هو- يا سندس اها تحرير- جنهن ۾ هن پنهنجي ڪنهن مقصد لاءِ- ننڍڙڪيون زندگيون گروي بڻائي رکيون هيون.

في الحال تہ مون کي پنهنجي دل جي پيچ جو بند ٿيڻ وارو وهم پڪو پئجي چڪو هو- باقي جو ڪجهہ هو ان بہ تجربو ڪافي ڏنو هو.



www.sindhsalamat.com

منهنجي هڪدم فائل بند ڪرڻ سان تو پڇيو هو "ڇو فتاح فارمولو مڪمل ناهي ڇا_؟"
تہ مون تمام ڊيرج سان توکي سمجهائيندي چيو هو تہ "آسا هن کي فارمولو نٿو چئي سهگجي_ هي تہ بس مڙئي ڪا تحرير آهي، جنهن کي اسان_ ڪنهن مقصد جي لکت بہ چئي سگهو ٿا."
"لکت ڇا...... ڪهڙي مقصد جي لکت؟" پنهنجي بي خبري ڄاڻائيندي پڇيو هيئي_ اهڙو سوال تہ اقرار کي پڇڻ کپندو_ پر نہ تو پڇيو هو_ وصف گهڙيندي مون چيو هو تہ "آسا! اهڙي مقصد واري لکت، جنهن ۾ انساني زندگين جي خريداريءَ جا فيصلا_ انهن جي پرپٺ ڪيا ويندا آهن_ ۽ پوءِ اهڙا فيصلا جڏهن عمل ۾ ايندا آهن_ ۽ اهي خريد ڪيل زندگيون ڳرڻ لڳنديون آهن_ تڏهن صرف سندن قبرن لاءِ سوچيو ويندو آهي_ جنهن ۾ نادار زندگيون تمام سستيون پونديون آهن."
"يار تنهنجي هر ڳالهہ_ مڪمل طرح الاءِ ڇو نہ سمجهي سگهندو آهيان." اقرار وچ ۾ منهنجي ڳالهہ روڪيندي چيو هو_ تہ مون کيس چيو هو "اقرار! جڏهن مقصد کي مفاد کان ٿوري ڳالهائبو آهي_ تہ ڪڏهن، ڪڏهن تو جهڙن کي ڳالهہ واقعي سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي!"
"پر جنهن ماڻهوءَ کي_ ماڻهو سمجهي نہ سگهي_ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ تون ڪهڙي راءِ ڏيندين فتاح؟"
اهو سوال پڇندي هو ساهہ مان پرجي پيو هو. تمام آهستگيءَ سان جواب ڏيندي مون چيو هومانس، "خبر ناهي ڪهڙي ماڻهوءَ بابت پيو پڇين_ جيڪو سمجهي نٿو سگهي يا جيڪو سمجهائي نٿو سگهي؟"
"هُون_ ڳالهہ کي وڌائڻ بہ ڪو توکان سکي_ نہ!" هُن ڪنڌ ڏوڻي اسٽائل سان چيو هو_ سندس اهڙي شوخ لهجي واري ٽوڪ تي تون بہ کلي پئي هئينءَ.
ڳالهيون ماڻهو وڌائي ڇو پيش ڪندا آهن؟ _ اهڙو سوال خود تو بہ هڪ ڀيري اُٿاريو


www.sindhsalamat.com

هو۔ سو تڏهن، جڏهن هڪ لڳا مون توکان پڇيو هو، ”آسا! جي خدا ڪري۔ توکان اڳ حقيقي موت مري پوان۔ تہ تون منهنجي قبرستان تي ايندين؟“
تڏهن تنهنجو اهو سوال هو تہ، ”ماڻهو هر و پرو ڳالهيون ٺاهي وڌائي پيش ڇو ڪندا آهن؟“
ان وقت تفصيل سان جواب ڏيندي مون چيو هو، ”آسا ماڻهو جيڪو وهميل هوندو آهي۔ حقيقي چريو اُهو ئي هوندو آهي۔ اها ئي سندس ذهني بيماري هوندي آهي۔ تہ هو مقصد لاءِ ڳالهيون ٺاهيندو وڌائيندو ويندو آهي۔ اهڙيءَ طرح سان دنيا لاءِ مڪمل چريوءِ پنهنجي پريتم جي گهر ۾۔ اڌ چريو هوندو آهي!“
اقرار جو اهو چوڻ تہ ڳالهہ کي وڌائڻ بہ ڪو توکان سکي۔ مون کي خاموش ڪري ڇڏيو هو۔ انهيءَ ڪري جو مان پنهنجو پاڻ لاءِ۔ ڪنهن، ڪنهن مهل تہ واقعي اڌ چريو بڻجي پوندو هئس. پر ان مهل اقرار معلوم بہ ڪري ورتو هو۔ ۽ ڳالهہ وڌائي بہ وڏي هئم۔ تہ ان کي ڪُٽائڻ منهنجي وس ۾ نہ هو.
ماڻهو تہ اهي بلند مقام هوندا آهن۔ جيڪي ڳالهين سان گڏ خود کي بہ ڪُٽائي پيش ڪندا آهن.
الاءِ تہ ڪهڙي کوٽ ۽ ڪهڙو عيب هو مون ۾۔ جو ڳالهہ وڌائي پيش ڪرڻ کانپوءِ۔ ڪوئي ٺوڪيندو هئم تہ۔ يا خوش ٿي پوندو هئس۔ يا ذهن ۾ گهٽ هٽي۔ وري ڪائي ٻي نہ ڪُٽندڙ ڳالهہ شروع ڪندو هئس!
اقرار کي انهيءَ وڌاءُ بابت ڪو جواب نہ ڏنو هئم۔ ان مهل توکي مخاطب ٿيندي مون پڇيو هو، ”آسا تو رات مون کي انهيءَ ڪم لاءِ اچڻ جو چيو هو؟“
”ها فتاح! ڪم تہ اهو ئي هو۔ ۽ اهو ساڳيو ڪم۔ رات مون گهر ايندي اقرار کي بہ چئي ڇڏيو هو۔ ۽ اقرار اهو سڀ ڪجهہ لکي ڪٽي بہ آيو آهي۔ انهيءَ مهل تڪڙ ۾۔ سو توکي ٻڌائي نہ سگهي هيس.“
زندگيءَ کي ڏاڍو تڪڙو ڊوڙائڻ لڳي هئينءَ۔ ڪنهن بہ طرف ڏانهن اک ڇنڀ نظر ڊوڙائيندي۔ ڪنهن جي مفاد تي بہ غور نہ پئي ڪيئي.


www.sindhsalamat.com

ڪهڙو بيهودو لقب ڏيان ها مفاد کي. انساني زندگيون به داءُ تي لڳايون ويندڙيون آهن.
پنهنجون خوشيون تنهنجي نانءُ ڪري به. توکي تنهنجي ڪنهن يادگار مُسرت لاءِ. ڪا دل گهائيندڙ مبارڪ ڏئي نه سگهيو هئس. زمين بابت اقرار جي لکيل تحرير لاءِ. توکي تنهنجي خوشيءَ خاطر ايترو چوڻ به منهنجي بيوسي هئي ته، ”آسا اقرار جيڪڏهن بهتر لکي آيو آهي. ۽ توکي پسند به آهي. ته پوءِ دلپسند ڪان وڏيڪ ٻيو ڇا گهرجي؟“
۽ تو چيو هو ”ها! پر هي سارو ڪم. اهو ڪيئن ٿيندو. ڪير ڪندو؟“
ڪيڏي نه مايوسيءَ ۽ لاچاريءَ سان چيو هيئي. چوڻ ۽ ڏسڻ جا ته ابن، ڏاڏن کان وٺي ماهر هئاسين. پر عمل صرف صلاحن تاءِ محدود. زندگيءَ ۾ اهم شيءِ ته رهي عمل آهي. جنهن کي تو پنهنجي عمر مطابق ڏاڍو دير سان محسوس ڪيو هو.
پر بي رحم ۽ سخت تجويزون ڏيڻ ڪانپوءِ. ان جي ذميواري ماڻهو پنهنجي ذمي پاڻ کڻڻ بجاءِ. ڪنهن قومي شيطان جي حوالي رکندا آهن.
مان اهو ئي سوچي رهيو هئس ته. اقرار جڏهن اهو ايترو سڀ ڪجهه لکي کڻي آيو آهي. جنهن کي منهنجو ذهن قبول ئي نه پيو ڪري. انهيءَ کي عملي جامو پارائڻ لاءِ. اهڙو ذمو پاڻ ڇو نه پئي کنيائين؟
ڪاغذن تي مڙهيل اها تحرير توکي ته پسند به گهٽي هئي پر سندس نيت ۾ لکيل تحرير. جنهن کي هن پنهنجي ضمير ۾ سانڍي رکيو هو. ان مان هڪ لفظ به هن. انهيءَ فائل ۾ نه آندو هو.
ماڻهو! جيڪي وقتي طور پنهنجي وقار لاءِ قسم کائيندا آهن. ته دنيا ۾ نوان نوان ڪوڙ ۽ منافقت انهن مان ئي جنم ٿا وٺن. پاڻ سڌارڻ لاءِ. ساکن کي نه، نيتن جو قبلو درست ڪيو ويندو آهي.
ڪيڏو بي رحم آهي خلقڻهار!
دلين جون ڳالهيون سمجهڻ لاءِ. ذهنن ۾ هڪڙي نس به نه رکيائين، اهو تڏهن


www.sindhsalamat.com

محسوس ڪندو هئس- جڏهن پنهنجي دل جا اشارا نہ سمجهندي- پنهنجي لاءِ ڪو نئون آزار پيدا ڪري ويهندو هئس.

“منهنجي خيال ۾- مون کان وڌيڪ- اهو ڪم اقرار آسانيءَ سان نيائي سگهندو آسا؟”

دل ۾ ڪروڙ رکي- پنهنجي بيوقوفيءَ سان- اهڙي تجويز ۾ اقرار جو نالو کڻي ويٺس- حالانڪ مون سمجهيو بہ پئي تہ- اقرار کي اهڙي مصلحت جو شدت سان انتظار هو- ۽ تو اجان اقرار جي منهن ۾ ڏنو ئي مس هو تہ هن هڪدم چيو هو- “ها، ها! ڇو نہ- مان بلڪل تيار آهيان- هونئن بہ تہ بابا بہ زمين جو سمورو ڪم مون کي سپرد ڪيو آهي- مون کي صرف گاڏيءَ جي درڪار هئي- سو جيستائين پنهنجي گاڏي وٺان تيستائين آسا واري جيپ- منهنجي لاءِ وڌيڪ سهولت بہ ٿيندي”

هن تنهنجي راءِ وٺندي پڇيو هو “ڪيئن آسا؟”

“ها، ها، بلڪل ٺيڪ.” باخوشي اظهار ڪيو هيئي- جهڙو مون کان اڳ اها صلاح ڪري ويٺا هئا. ڏاڍي سرهائي ڊوڙڻ لڳي هئي- تنهنجي منهن ۾- هن کي جيپ کان- وڌيڪ تہ ڪجھ ٻيون شيون درڪار هيون- ۽ انهن لاءِ تہ هر هيلو استعمال ڪري پئي سگهيو- ۽ توکي بہ اهڙا سپ ڪم- شايد پنهنجي حُسن جي بدلي مفت ۾ وٺڻا هئا. تنهن ڪري پنهنجي اهڙي پريشانيءَ وارو مسئلو حل محسوس ڪندي- تو چيو هو “پراڻا هاري تہ- هاڻ جهڙا زمين جا اصل وارث ئي پياهجن- جڏهن بہ زمين تي وڃ تہ- ليپ ئي ڪونہ- ڪو هجي بہ ڪٽي- تہ نڪ مان پيو ڳالهائيندو.” اقرار سان مخاطب ٿيندي- تو اهو سڀ ايئن پئي ڳالهايو- جڻ پنهنجي ڪنهن ڪمدار سان مخاطب هئينءَ ۽ خوشي بہ اهڙيءَ ۾ غرق هئينءَ- جيئن ڪنهن ڪنوار کي- سندس سرتيون، ساهيڙيون سينگارڻ وقت- اهڙي حقيقت کان اڻڄاڻ هجن تہ نڪاح کانپوءِ- سندس ڪنوارو گهوٽ سندس انهيءَ ڪنواري سينگار جو ڪهڙو حشر ڇڏائيندو.



www.sindhsalamat.com

زندگيون بدلبيون آهن- تہ انهن جي سچائيءَ لاءِ سندس زبان مان نڪرندڙ لفظ ڪافي هوندا آهن ۽ بي سمجهہ ذهنن لاءِ- مون جهڙا اُبهرا ماڻهو جيڪي سوچي، سمجهي ڳالهائڻ ڪانپون ٿا- ڪو بهتر فيصلو ڏئي نہ سگهندا آهن- سي پنهنجا سور پاڻ پيدا ڪري وٺندا آهن!

ماڻهو تہ دانا ظالم بہ هوندو آهي- ڪيڏا نہ ڪربناڪ قانون جوڙيا اٿس- عورت جي مخصوص ۽حساس جُسي کي چيرڻ لاءِ- ڪيڏيون خوشيون ۽ دعوتون پيو ملهائي!

اهڙي دعوت جنهن ۾ سون ڪان هزارن تائين دوستن ۽ احبابن کي اشارن ئي اشارن ۾- پنهنجي اصل ڳالهہ لڪائي دعوت ۾ چوندو آهي تہ- فلاڻي جي نياڻي فلاڻي مرد لاءِ مخصوص ڪئي پئي وڃي- اهڙي سمي توهان جو اچڻ ۽ موجود هجڻ- اسان لاءِ خوشيءَ جي مهل هوندي!

ايئن اهڙيءَ طرح عورت جي بي عزت غلاميءَ لاءِ- عام دعوت جو اهتمام ڪيو ويندو آهي- پر تو ۽ مون اهڙي دعوت لاءِ تہ ڪڏهن هڪ ٻئي کان سڏيءَ طرح پڇيو بہ نہ هو! ۽ ارادا هئا بہ تہ- خاموش دلين تائين.

۽ دلين جو نڪاح- دنيا ۾ اڃ تائين تہ قبول ئي نہ پيو آهي! ماڻهو جيئن پنهنجو موت نٿو وساري- ساڳيءَ طرح شاديءَ جهڙي آسوده خوشي بہ وساري نہ سگهندو آهي. پر شاديءَ ڪانپوءِ خوشين جي وفات ٿيڻ سان- خود کي هڪ پيرو بيوقوف ضرور چيو هوندائين.

وقت هو- غير شادي شده دلين کي- ڪنواريون دليون چئبو هو- پر وقت پنهنجي وهي ڪاڏي تہ- لفظ ڪنوارپ فوت ٿي ويو- پوءِ بہ انهيءَ وهيءَ ڪاڏل وقت جا حاڪم پنهنجي خود آزاديءَ ڪانسواءِ- اسان کي آزاديءَ جو پروانو ڏئي نہ سگهيا!

صرف سندن نيتون ڪنواريون ۽ آزاد رهيون! — پوءِ پنهنجي پريم جي گهر ۾ رهي- اگر ڪوئي پريمي- پنهنجي خيال جي پنهنجي آشا جي،
پنهنجي آدرش جي،



www.sindhsalamat.com

پنهنجي سوچ جي،
۽ پنهنجي جان جگر جي خودڪشي ڪري- تہ سا خود غارت نہ پر وقتي حاڪم جي ضمير جو موت آهي.
مون ڪوشش ڪئي- هر اها ڳالهہ ڪريان جيڪا منهنجي سچ ۽ اختيار هجي- پر محبت پنهنجي ضابطي ۽ دستور جي حد- اگر ڪنهن کي پنهنجي مجال ۽ اختيار ۾ ڏني تہ انهيءَ جو نالو عشق ۾ نہ پر شوق، عيش يا هوس ۾ شمار ٿيو- پر وري اهڙي وقت- جڏهن زمانو لُٽيرو هجي- دل جي بستي اُجاڙي- حُسن کي يرغمال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هجي- تڏهن گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙو پريم داعي تہ- بي اختياريءَ جو شڪار هوندو.
دنيا هزار ستم ڪري- بسم الله. پر محبوب خماريل نيڻ رنج ٿي کڻي تہ نعُوذُ بِاللہ! ڏٺيءَ جو ڏٺي ڪڏهن بہ ڪنهن نہ ٻُڌو نہ ڏٺو- انهيءَ کان وڏيڪ دنيا کي نڌڻڪو- ڇا چئجي؟
دل جو ڏٺي بہ چوڻ ٿا- بي دل دلبر هوندو آهي- اڪيلي جهان ۾ خدا کان وڌيڪ دلير ڪوئي نہ هو- پر جڏهن دل جوڙي ان تي نظر وڌائين- تڏهن بي قراريءَ جو منظر ڏسڻ وٽان هو- سندس محبوب سان ابن آدم عشق ڪيو تہ خدائي لُٽائي ويٺو. وٽانئس ڪجهہ ونڻ جو اهو وقت هو- پر تو ۾ ايمان رکي- سو وقت جو وڙ بہ نڪرائي ويٺس! آدم الله جو رقيب آهي!
جڏهن ڪو دل وارو- محبوب جو اڪيلو چاهيندڙ هجي- اهڙي وقت رقيب پيدا ٿي پوي- تڏهن هي بي اختيار اڪيلو انسان پنهنجي خدا جيان ڪيئن نہ عقل، ۽ علم جهڙي ڪُل خزاني سميت خود کي لُٽائي ٿو ويهي.
اقرار تہ هاڻ تنهنجن پراڻن هارين کان وڌيڪ تنهنجي زمين جو وارث ٿي پيو هو- روز بئي ڏينهن جيپ کڻي زمين تي وڃڻ- ان جي باقائده توکي رپورٽ ڏيڻ ايئن پنهنجي زندگي هو- تنهنجي روزنامچي ۾ ڪيڏي نہ سرگرم رکڻ لڳو هو- کهڙي شيءِ هئي جنهن کيس محنتي ۽ ڪم وارو ماڻهو بڻائي وڌو هو- مون کانپوءِ اهو


www.sindhsalamat.com

پهريون ماڻهو هو- جنهن کي سرنهن جو ساڳ پاڻ سان گڏ ڪارائڻ شروع ڪيو هيئي- جنهن وقت به اڃ تہ هاري زمين، ڪمندار ۽ ڪوٽارن جو ذڪر هو.
چانڊوڪين واري چاهت،
ڳتين سان ڪچهريون،
ساري رات جاڳي، ستارن کي سمهارڻ،
ڪڪرن سان قرب ۽ سندن صورتون- سڀ ڪجهہ وسارڻ لڳي هئين ءَ.
دنيا جي جاگير دل سان چاهيندي- محبت جي جاگير تنهنجي من تان اوجهل ٿيڻ لڳي هئي.
ها! اسان سڀ شايد هن جاگير ۾ هڪبئي جي نظرن کان ايئن اوجهل ۽ مخفي ٿي ويندا سين! - جيئن صدين کان ٿيندو آيو آهي.
اسان جو خيال باقي شايد آهي- جيڪو روح جي گمنام شڪل ۾- قبرستان جا ڏيک ڏيندو رهندو-
دل جون صدائون- هوائن سان ملي هڪ ٿي وينديون-
آواز! جنهن کي خدا چيو وڃي ٿو- خلا سان محبت ڪرڻ لڳندو، ان کان اڳ،
امن جا تاديب ۽ محبت جا صلاحڪار، چنڊ تي خون جي هولي بہ شايد کيڏندا!
ڪلنڊڙ کيتن ۾، گلن جي خوشبوءِ، بارود جي بانس ۾ بدلجي ويندي!
موت ڪيڏو پريشان هوندو ان وقت- جڏهن خيالن جا روح قبض ڪرڻ لاءِ پنهنجي خالق جو فرمان بہ نيائي نہ سگهندو- ۽ ڪيس ٻيو نمبر عزازيل ڪيو ويندو- پوءِ اهو وقت هوندو- موت جي موت جو!
ڪيڏو اڪيلو هوندو ان وقت موت- جنهن مهل موت سان موت شريڪ ٿي موت کي مات ڪندو!
ايئن محبت ۾ انسان بہ ڪيڏو نہ اڪيلو ٿو رهي- چاهيندي بہ پنهنجي محبت ۾ ڪنهن کي شريڪ ٿي نٿو ڪري سگهي!
ها! اڪيلو انسان پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت وارو اسرار بہ سمجهي نہ سگهيو.



www.sindhsalamat.com

افسوس آهي زماني تي. افسوس نٿو ڪائي. امن جي پانڌيئڙي هن اڪيلي آدم تي. جيڪو امن جو داعي بڻجي رت جي ڇولين ۾ پيهو وهنجي! ۽ ڪيترين ئي بکون سندس ڪڍ لڳل آهن،

زر جي بک،

گهر جي بک،

غربت جي بک،

شهرت جي بک،

محبت جي بک،

غيرت جي بک،

ڪيڏو بکيو آهي، بگهڙن جي راڄ ۾ اڪيلو انسان! ۽ هاڻ ته ڪيس موت جي بک اچي ورايو آهي.

فطرت جو حُسن ماڻهوءَ جي مغز جو رت چٽڻ لاءِ،

بجليءَ جو ڪرنٽ ماڻهوءَ جو خون پيئڻ لاءِ

جهازن جا پيٽ بارود سان پريل، ماڻهن مٿان اُڇلائڻ لاءِ،

روڊن تي خلق ڪي اُڏائي. رت جي راند ڏيکارڻ لاءِ.

چمنين جا زهريلا دونهان. انسان جي ڦڦڙن جي خوراڪ بڻجڻ لاءِ،

ماڻهو ماڻهوءَ لاءِ موت جو سپاهي بڻيل آهي.

هر ماڻهو جي هٿ ۾ موت جو اوزار آهي.

۽ وقتي حڪمرانن جا مغز ته ڪوئن ٽُڪي ڇڏيا! سڀ اقتدار جي وبا جا مريض.

انهيءَ ڪرسيءَ ۾ ته. اقتدار واري ايڊز جا وائرس آهن. سندن عضون جا جوڙ. دماغ تائين حڪم ڇڏي ويا آهن، ـ ، اهي ته واري، واري سان هڪبئي کي گارين ڏئي، عوامي گارين جا حقدار بڻجي پيا آهن!

سنڌو ديش ۾ ته ايئن ئي آهي.

جرنلن جون سانڍيل طوائفون به. سياسي اقتدار جو سونهن سليقو ۽ زينت آهن!



www.sindhsalamat.com

۽ ڪرسين تي ويٺل سڀ صورتون، چريٺا! سين جا ڪرسين جيئان ٻوٿ سُڄيل!
دليون پلاٽڪ جون- ۽ اکيون امريڪن چٻرن جون لڳل!
مغز ۾ مڇيءَ جي چرٻي پيل- ذهن ڪمينا ۽ نبل!
پنهنجي اقتدار جي طاقت سان- هر ضمير قيدي بڻائڻ، سندن پسند جو مشغلو رهيو آهي!
اقتدار گڏهه جي پُٺي آهي ان بي عقل گڏهه جي پٺيءَ تي ويٺل ايترو آزاد ناهي- جيترو لغام هوندي گڏهه آزاد!- ڪيس ڪنهن به وقت پنهنجي پُٺيءَ تان اُڇلي- پنهنجي هينگ جو ٺهڪ ڏيندو!
جنهن جا پنهنجي ٻوليءَ ۾ آخري لفظ هوندا -،
غلام، غلام، غلام، تُو غلام.
انسان کي غلاميءَ جي حالت ۾ رکڻ هيستائين ڪيترين نه ايجادون تي چڪيون آهن!
ڇا آزاديءَ تي ڳالهائيندي- غلاميءَ جا قانون ٽٽا جُڙن؟ ڪيڏو ڪمينو شاعر هئس.
تنهنجي رخسارن جي هوس، هنئين سان سانڍيو، هنڌائي غيرت جي ٻُڪ ساڻ ڪٽي، ٻئي نمبر عزازيل جيئان مرڻ پئي چاهيم. خوشنصيب ڇٽبا اهي شاعر- جن کي پنهنجي محبت لاءِ غيرت، ننگ لاءِ قربانيءَ جهڙي شيءِ ۽ ڌرتي لاءِ محبت نصيب ٿي.
غير فاني جي فلسفي ۾، شخصيتن جون يادون به ڪي نر اليون رهن ٿيون-
وقت جي اهڙن حاڪمن واري موت تي، ماڻهن سان گڏ، گڏهه به ٿا رُئن!
ڪهڙي خبر ته ڪنهن دل سان رُنو؟ ڪنهن فنڪاري ڪئي؟ ۽ ڪنهن کي، ڪنهن جي لاءِ درد وڏيڪ هوا؟
شايد سياسي ڏک ۾، اکيون پنهنجا لفظ ناهن ڳالهائينديون، پر منهنجو موت شايد اهڙو ئي ٿئي- جنهن تي گڏهه به شايد نه رُئن!


www.sindhsalamat.com

مون به روئي، روئي هيستائين اهو سکيو ته- اگر ڪوئي ڪنهن جي لاءِ روئندو آهي- ته اهو بس رڳو- پنهنجو ئي منهن ڏوئندو آهي! ۽ پوءِ ڪڏهن، ڪڏهن ڪنهن معرفت سان سندس ڏوتل منهن جي سڃاڻپ رهندي آهي.

اهڙيءَ طرح مان به پنهنجي منهن جو ڏوبي پاڻ رهيس- هر داغ روئي، روئي ڏوتم- پر تنهنجي چميءَ وارا داغ ڏوئڻ لاءِ دل اجازت ئي نه ڏني!



www.sindhsalamat.com

❀❀❀

ڪيڏي بي حيا- دل هئي منهنجي!

حسينن لاءِ ته- من ۾ مهاجر ڪالونيون اڏي ويٺي- جنهن ۾ حسن جيڪڏهن پنهنجي اوگهڙ به سندس ڇاتي تي رکي پيي ته ان جي آجيان پيي ڪائين- پر هڪ مڙئي ماڻهو پنهنجي نيت کان بي خبر- صرف وات اگهاڙو ذهن ذليل ۽ فن فريب هو ته، دل ڪيس قبول ئي پيي ڪيو! دل منهنجي دانا هئي- يا جاهل، پر اقرار جي هر Idea ڪي- اقرار جو اگهاڙو ذهن پيي تصور ڪيائين. توکي ته هن نئين ماڊل جون گاڏيون به وٺائي ڇڏيون- پر مان ته ڪوئي نئون خيال به توکي وٺرائي نه سگهيس! جن ديس ۾ جاگيرداري نظام مٿل پيي تصور ڪيو- سي خود مٿل ڇٽي پيا سگهجن- انهن شايد پنهنجا نظريا به خوابن ۾ پيش ڪيا- باقي سڀ لفظي طوفان ۽ وات واري جنگ هئي! صرف پيءُ، پٽن پاڻ ۾ ڳالهايو- ۽ قوم ڪي پنڻ جو ڏانءُ اچي ويو! ڪيترائي ذهن اجان- پنهنجي اميري سان بي رحمي کي قائم رکندڙ ڇئبا. جيڪي اقرار جيئان هارين جي اگهاڙن پٽن ۽ زخميل پيرن لاءِ زل تتو رهن پيا.

ڪيڏو سور سهي- شاهه لطيف پنهنجي زندگي- ڪيئن نه امن سان گذاري ويو- حاڪمن مٿان ڪسڻ جي بجاءِ- مرڻ، مارڻ ۽ هٽڻ، هڪلڻ جي ڳالهه ڪندي- غيرفاني ٿي ويو! ماڻهو ۾ ڪهڙي شيءَ آهي؟ - جنهن جي مرڻ يا مارڻ سان انسان امر ٿي وڃي ٿو-؟

۽ امر ڇا آهي؟

ڪٿي اُها بڪواس ته نه آهي- جيڪا غيرفاني بابت- هر ايندڙ نسل جي زبان تي قائم رهي ٿي؟

جيئن پِٽ ڏٽي جن پٽن تي پنهنجا پير گهمايا- هوائون به انهن کي ذهنن تان ڊاهي ناهن سگهيون!



www.sindhsalamat.com

مون بہ تنهنجن اهڙن واریاسن ڳلن تي۔ امن جو پانڌيئڙو رهيو۔ مرڻ پي چاهيو۔!

پر الاءِ ڇو؟ وهم جي وهڪري ۾۔ ذهن وڏيڪ ٻڏڻ لڳو هو۔ جتان وري موٽڻ محال ٿي پيو هئم۔ ۽ حالت فاني ڙي فاني۔

پوءِ زخم تي زخم ۽ زخم ۾ زخم هئا! محبت ۾ وهم جو ڪهڙو رشتو رهيو آهي۔ ؟ پر جهڙو بہ رهيو آهي۔ سو مظبوط رهيو آهي.

هڪڙا وهم پيا وَسوِسا۔ خبر نہ هئم تہ سو ويد هو يا ويڏن؟ پر مان ائين سمجهڻ لڳو هئس تہ۔ تنهنجن زرخيز ڳلن واري جاگير بہ اقرار آباد ڪرڻ لڳو هو۔ ۽ مون انهيءَ مان صرف لفظن جي آبادي پئي حاصل ڪئي.

تنهنجا رخسار۔ جيڪي سنڌ ڌرتيءَ جي ڪيتن جيئان۔چانڊاڻن ۾ عجيب نموني سان ڪِلندا هئا۔ سي جوش ۾ اچي هاڻ تہ هوبهو زالاٽو گوشت ٿي پيا هئا۔ مٿن ماڪ جي خوشبوءِ تي موهيڙا موري آيا هئا۔ الاءِ تہ سچ پچ انگُورجي پئي هئينءَ؟

زندگيءَ جون موسمون ڇالاءِ بدلجن ٿيون۔؟ ۽ بدلجن ٿيون جڏهن۔ تڏهن خيال، تصور ۽ پنهنجي پسند بہ بدلايو ڇڏن! اهڙي لذت ڪا پي هوندي؟ ۔ جڏهن زندگي خزان ٻڄي پوي۔ سندس هر پيلي پن تي۔ ڪوريئڙي جهڙا۔ موت جا جيت ڇهٽل هجن۔ ڪهڙي موت مرڻ پئي چاهيم؟

ڪهڙو مرڻ هو منهنجو؟ شايد بي شرمائيءَ سان موت مون کي ئي ماري! محبت ۾ هڪبئي کي نشانيون بہ تڏهن شايد ڏبيون آهن۔ تہ جيئن مرندڙ عاشق جي موت جي شناخت ٿي سگهي.

پر مون کي تہ تو نشاني طور صرف لفظ ڏنا۔ جيڪي منهنجي مئي پڄاڻا۔ منهنجي قبر جي بہ سار لهي نہ سگهندا. محبت بہ ڪو عجيب Idealism فلسفو آهي!

مون ڪوشش ڪئي تہ۔ مٽيءَ ۽ ماڪ مان تهيل ماڻهو سان محبت ڪندس پر مرد ڇوڪرن مان مون کي ڇيڪي مٽيءَ جي مهڪ آئي۔ ۽ عورت — ڇوڪرين



www.sindhsalamat.com

— مان مون کي سمنڊ جي لوٽيل پاڻيءَ جو ذائقو محسوس ٿيو!— تنهن وقت کان، ان ڏينهن جي انتظار ۾ رهيس ته، عورت پاڻي (سمنڊ) جي پيدائش آهي ۽ مرد خشڪي (ڌرتي) جي پيدائش آهي، پر وقت اجان، لفظن جي عدالت ۾ روڪي رکيو هئم، خود کي باندر جو اولاد چوندڙ، باندر جي ضمير سان— ايتري محبت شايد نه ڪئي هئي. جنهن ڪري ڪيترين ئي اهم ڳالهيون مون جيئان اڌوريون ڇڏي، وساري ويٺو.

محبت ڪرڻ کانپوءِ، ماڻهن جا نالا ۽ لفظن جون صورتون مون کي ياد نه پئي رهيون.

انهن ئي محبتن وارن ڏينهن، مون ڪنهن مسافر کي اُٺ تي ويٺل ڏٺو هو، اُٺ ته ايترو پريشان نه هو، اُٺ تي ويٺل وڌيڪ پريشان هو.

پر اُٺ کي جڏهن مک اچي ورايو، تڏهن اُٺ وڌيڪ پريشان ٿيو، ۽ بوسي ڌرتيءَ تي ليٽي پيو.

۽ مسافر جي تنگ، اُٺ هيٺان اچي، ٻن هنڌان ڀڄي پئي. اُٺ ليٽي مک مان جان ڇڏائي، ۽ هن ڀڳل تنگ مسافر، اُٺ جي سواريءَ مان جان ڇڏائي!

ڪٿي تنهنجي محبت به، اُٺ جي سواري ته نه هئي،؟

ها! تو درست چيو هو، "ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ ڪهڙو نباهه؟"

مون سان محبت جو، تو شايد اهڙو ئي کيل رچايو هو،!

ڪيڏو ڏکيو ڪم هو منهنجي لاءِ،؟،

سرنهن گل جي فطري حُسن ۾، تنهنجي تصور سان گم ٿيڻ،

ڪڪرن پنيان خيال رُلائڻ،

چنڊ جو لڪي وڃڻ، پوءِ تنهنجي خاطر، ان کي تڪي ويهڻ،

دل جوروئڻ، وري کلڻ، لڙڪن سان منهن ڌوئڻ،

اهڙيون ڪيفيتون سمجهڻ ۽ خود کي سمجهائڻ،

زندگيءَ جو وقت وڃائيندي، وڃائيندي پاڻ سنڀالڻ،



www.sindhsalamat.com

ذهن پنهنجو چريو ڪري ويٺو هئس.
ڏرتيءَ جي سيني تي- مانيءَ جي بک،
بدحاليءَ جا ستايل اُگهاڙا انگ،
اذيت ۽ غلاميءَ جي قيد ۾ ڪڙهي قواب ٿيندڙ انساني جسم، سڀ نظرانداز ڪري- پنهنجي شاعريءَ سان گڏ- آسمان تي اڏڻ لڳو هئس!
ڪهڙو فرق پئبو؟ مون ۾ ۽ انهن اديبن ۾- جيڪي Sexual سوچن ۾- پنهنجا ذهن کپائي-،
تارا، ڪتيون، چنڊ تڪي، موسمن کي مڏ ماتين راتين جي تشبيهه ڏئي، ۽ وطن ۽ انسانيت کان لاتعلق رهي، - پنهنجي لاءِ پاڳل تاريخ جو نئون باب چِڏي ويندا آهن؟
ڪهڙو فرق پئبو؟
مون ۾ ۽ زندگيءَ کان ٿڪي ٽُٽي خودڪشي ڪندڙ انهن بي همت شاعرن ۾؟
ڪو به فرق نه هوندو شايد،
مون ۾ ۽ انهن بدمست پريمين ۾- جيڪي محبت کي سمجهي نه سگهيا!
ها! زنده آهن ته- سا خلقڻ هار جي قدرت آهي- پر مُردن کان وڌيڪ بي ڪما، بيڪار آهن!
اهڙي بيوقوفيءَ کي ڇا چئبو؟- جنهن ۾ ٻين جي زندگين لاءِ تجويزون پيش ڪيون آهن- پر پنهنجي اصلاح به نٿي ڪري سگهجي؟
نظرن کي- نظرن سان پياري- حَسين نظرن ۾ مري وڃڻ الاءِ ڪهڙو موت چئبو؟
پر خود پرستيءَ ۾ خوديءَ جو ڪيڙو بڻجي مري وڃڻ ڪيڏو نه ذليل موت چئبو.
شايد عظيم ۽ ذليل- ٻنهي جي وچ وارو موت- مرڻ پيو چاهيان؟ ڪهڙي خبر ته اهو ڪهڙو موت چئجي؟
پر زندگيءَ جي شڪل ۾ - ماڻهو ۽ مُئي پڄاڻا ميت،- اهڙو سو مون بابت ڪهڙو نه مڪروه جملو هوندو؟


www.sindhsalamat.com

ماڻهو
زندگيءَ
۽ موت جي تاريخ ۾!


www.sindhsalamat.com

❁❁❁

ڪتابي محبت ۾ ذهن جي مٿاڇري سان ريس واريون ڳالهيون- زندگيءَ کي ڪهڙي شڪتي ۾ مضبوطي عطا ڪندي آهي؟

جڏهن ڪو ماڻهو خود بہ- اهڙي ڪشمڪش ۾ ورتل هجي- سو ڪنهن زندگيءَ لاءِ ڪهڙي جدلياتي تقاضا ايجاد ڪري- ڪو بهتر فيصلو ٿو ڏئي سگهي؟ وري زندگيءَ جي تلخين مان ڪٿن تجربا حاصل ڪري- ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ بابت ڪو آخري فيصلو ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي؟

اقرار جي ماءُ بہ- اهڙي ئي خيال سان جڏهن مون کي پنهنجي گهر گهرائي مون کان پڇيو هو “فتاح ابا! سچ پچين تہ- مون کي زندگيءَ ۾ خوشي بہ هاڻ محسوس ٿي آهي- منهنجين دعائن ۾ هدايتن کان وڌيڪ- اوهان جي دوستيءَ جي مهابي اقرار پنهنجي ماڻهپي واري زندگيءَ ڏانهن موٽيو آهي- هاڻي ماءُ جي حيثيت سان- صرف هڪ اُميد اجان باقي سانديڙ وينڻي آهيان- ڇا اوهان سندس دوست منهنجي ڪجھ مدد ڪري سگهندا؟”

ڪوبہ ۾ ڪهڙو بہ ندارت اولاد- پنهنجي گهر لاءِ ڪا سُٺي ۾ قيمتي شيءِ آڻڻ چاهي ٿو تہ- اهو نياڳو اولاد بہ مائٽن لاءِ سدورو هوندو آهي- ۾ امير گهر مان ڪجھ ڏيندڙ اولاد مائٽن لاءِ مصيبت جي برابر هوندو آهي.

اقرار جي ماءُ بہ اهڙي طرح- توکي اقرار سان گڏ ڏسي زندگيءَ جا پويان پهر ڏاڍا سڪون وارا پئي محسوس ڪيا- سندس ان مادرانا شفيق لهجي جي جواب ۾ مون کيس يقين ڏياريندي چيو هو “چو نہ ماسي- ضرورت وقت مان توهان جي ڪم اچي سگهان- تہ مون کي ضرور چئجو؟”

“ضرورت بس اها اٿم فتاح! تہ اقرار کي شادي ڪرايان- توٽي جو پاڻ- پهرئين گهر سان نڀائي نہ سگهيو- پر سمجهان ٿي هاڻ هو گهر ۾ زندگيءَ کي ڪجھ نہ ڪجھ محسوس ڪري چڪو آهي. مان چاهيان ٿي تہ کيس شادي ڪرائي



www.sindhsalamat.com

وڏيڪ ذميوار بڻايا ۽ پڻس ڪانپوءِ هن هيتري ساري ملڪيت جو ڀيو وارث به ڪير آهي؟"

اولاد هئڻ ماءُ جو زخمي ٿيل روح- ڪيس انسان به هاڻ پئي تصور ڪيو.

انسان جا انسان تي احسان- اهڙو بار زندگيءَ جي جهان ۾ ڀيو ڪو آهي به ڪونه- پر پنهنجي محبت ڀئي ڪي ڏئي ڇڏڻ اهو ڪهڙو احسان ڇئبو- ۽ ايئن ڪڏهن زماني ۾ ڪنهن ڪان اتفاقن به نه ٿيو آهي!

اهو احسان توڪان ٿي سگهيو ۽ تو اهو احسان اقرار تي ڪيو جو منهنجي محبت اقرار کي ڏيڻ پئي چاهي- تڏهن ته هو پنهنجن مائٽن کي به وٺڻ لڳو هو-

اقرار ۾ تبديلي ته واقعي اچي چڪي هئي- پر مون کي اجان به تنهنجي لاءِ ذهن سندس فريبي لڳندو هو- ايئن محسوس ڪرڻ لڳس ته هو- منهنجي جان جو ٽڪرو- مون ڪان اٽڪل بازيءَ سان کسڻ پيو چاهي!— پنهنجي اهڙي نيت سان مان ڪيس بهتر ماڻهو تصور ئي نه ڪيو هو- جنهن حد تائين سندس ماءُ ڪيس ساراهي رهي هئي.

جيئن زماني ۾ شخصيتن پنيان- ماڻهو چڱيءَ طرح سڃاتا ويندا آهن- ساڳيءَ طرح سان اقرار کي مون صرف تنهنجي ذات تائين محدود پئي سمجهيو- هو خود کي ڪيتري حد تائين پاڻ ملهائي ۽ نڀائي پئي سگهيو؟- ان لاءِ به مان ڪانئس باخبر هئس ۽ نه وري سندس حق ۾- ڪو بهتر فيصلو به ڏئي پئي سگهيس- مون سندس ماءُ کي ٻڌايو ته "ماسي مان اقرار کي سچ پچ ته- پوريءَ طرح سمجهي نه سگهيو آهيان- ها! باقي آسا هن کي Hold up هولڊ اپ ڪري پئي- هو زندگيءَ ڏانهن موٽي به آيو آهي، پر ڇئي نه سگهندس ته شاديءَ ڪانپوءِ پنهنجي شريڪ حيات سان نڀائي به سگهندو يا نه؟"

مون اهڙي طرح پئي ڳالهايو- جهڙو پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويٺو هئس. خود وڃايل ماڻهو- ٻين کي پوريءَ طرح سمجهي به ڪيئن ٿو سگهي- ان وقت سندس ماءُ جو بس اهو تڪيو ڪلام هو جڻ ته لفظ وٽانئس رُسي ويا هئا. لفظن



www.sindhsalamat.com

جي محتاجيءَ کان بار بار اهو پئي چيائين تہ، ”ابا اڪيلي اولاد لاءِ تہ۔ مائٽن ڪي ڪيتريون ئي حسرتون ۽ خواهشون هونديون آهن؟“
شايد اها بہ حقيقت رهي آهي تہ امير مائٽ جو اڪيلو اولاد چريو يا ............ هوندو آهي.
ها! عقل وارن جي فيصلي ۾۔ اهو اولاد نہ بلڪ اهو اڪيلو مائٽ چريو هوندو آهي۔ جيڪو پنهنجي اڪيلي اولاد جي رشتي سان۔ لاتعداد خواهشون ۽ حسرتون ٿو ساندي۔ جيڪي ڪيس بہ چريو ڪيو ڇڏن.
مون سندس حسرتن ۾ واڌارو آڻيندي چيو ”ها ماسي مان سمجهان ٿو توهان سندس شاديءَ سان گڏوگڏ۔ سندس اولاد ڏسڻ جا بہ خواهشمند هوندا؟ ۔ ڇا ڪيس شاديءَ جو ارادو آهي؟“
اهڙي سوال جي جواب لاءِ۔ سندس ماءُ کان وڌيڪ شايد منهنجي ذهن کي ضرورت هئي. هُن اهڙي سوال جي خوشيءَ ۾ ٿهڪ تہ نہ ڏنو هو۔ پر سندس ڇهري جون ريکائون سڀ کِلي پيون هيون۔ ۽ کل مُک سان ٻڌائيندي چيائين، ”شاديءَ جو تہ ڪيس ڏاڍو شوق آهي فتاح!— بلڪ هو پنهنجي Choice جو بہ اظهار ڪري چڪو آهي۔ مون تہ سندس ڪجهہ ٻين دوستن کان۔ اهڙي مشورت جي راءِ ورتي آهي۔ ۽ توکي بہ اهڙي خيال سان گهرايم۔ ڇا تون۔ مون کي ايترو بہ نہ ٻڌائي سگهندين۔ تہ هو هن وقت جوئا ۽ نشو ڪيتري حد تائين ڪندو آهي؟“
هن مون کان ايئن ئي پڇيو هو۔ جيئن هر مائٽ پنهنجي نياڻي اولاد بابت سندس عام دوستن کان پڇندا آهن۔ پر ڪڏهن بہ ڪين عام دوستن کان سندن اولاد بابت ڪا حقيقت حاصل ٿي نہ سگهندي آهي ۽ پاڻ غلط نتيجن جو شڪار ٿين ٿا.
زندگيءَ سان محبت جهڙي جُوا ڪير نٿو ڪيڏي؟ ۔ پر سا دلين جي راند آهي۔ جنهن ۾ زندگي سچائيءَ سان داءُ تي لڳائڻي ٿي پوي۔ محبت سچائيءَ ڪانسواءِ تہ ڪنهن سان ڪيڏندي بہ ناهي!— بدقسمتيءَ سان منهنجو ڪنهن اهڙي جواري


www.sindhsalamat.com

زندگيءَ سان نہ ڪڏهن صلح رهيو ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن قسم جو ڪو لاڳاپو۔ بس سادي نموني ۾ سڌيءَ طرح زماني کي ڏيکاري محبت ڪريو ۽ جيئو۔ اهو منهنجو شخصي اُصول هو.

ان کان علاوه ڪنهن بہ دوست زندگيءَ جو چغل رهڻ، ڪنهن ذات جي عيب ثواب تي اجايو سوچڻ ۽ انهيءَ لاءِ پنهنجي مرضيءَ جو فيصلو ڏيڻ۔ منهنجي سوچ جي ئي خلاف هو۔ پر پنهنجا اهڙا ذاتي اُصول اقرار جي ماءُ کي ٻُڌائڻ مون نہ ضروري سمجهيو ۽ نہ واجب.

ها! البت محبت جي جهان ۾۔ پنهنجي محبت جي حفاظت ڪرڻ هڪ باغيرت معاملو آهي ۽ ان ڪانسواءِ محبت کي پناهہ ڏيڻ تہ ڇا پر ماڻهو پنهنجي اوگهڙ بہ محفوظ نٿو رکي سگهي!

پنهنجي ڪمزوري پنهنجي خدا کي ٻُڌائڻ چڱو ڪم آهي يا بيوقوفي۔ ان جي تہ خبر نہ هئم۔ پر پنهنجي محبوب کي پنهنجي ڪمزوري ٻُڌائڻ سواءِ پريشانيءَ جي ٻيو ڪجهہ ناهي۔

۽ ڪنهن دوست جي ڪمزوري سندس مائٽن يا دشمن کي ٻُڌائڻ۔ منهنجي خيال ۾ اها بيوقوفي هئي۔ انهيءَ ڪري مون اقرار بابت سندس ماءُ کي ٻُڌائيندي چيو هو "ماسي اقرار مون کي ايترو ويجهو نٿو رهي، جيترو اسان سڀ دوستن کان وڌيڪ آسا سان رهي ٿو. تنهن ڪري مان سندس باري ۾ گهڻو ڪجهہ بهتر نٿو ٻُڌائي سگهان. صرف ايترو ڪيس سمجهي سگهيو آهيان۔ تہ هو اڳ کان هاڻي ڪافي بدليل ۽ نئون ماڻهو محسوس ٿيندو آهي!"

"تو منجهس نواڻ ڪهڙي محسوس ڪئي آهي؟" هن مون کي غور سان ٻُڌندي پڇيو ۽ مون چيومانس، "منهنجي خيال ۾ ماسي۔ هو زندگيءَ کي شاهوڪار بڻائڻ ٿو چاهي."

منهنجي ذهن ۾ لفظ شاهڪار هو پر متضاد لفظ هو انهيءَ ڪري مون لفظ شاهوڪار اُچاريو۔ ۽ هن منهنجي ذهن جي اهڙي هنيلي نيت کي محسوس بہ نہ



www.sindhsalamat.com

ڪيو هو. تنهن هوندي به هن جڙ ته منهنجي ذهن وٺان چيو هو ته، "سواءِ شاديءَ جي. ٻي ڪيس ڪهڙي شاهوڪاريءَ جي ڪمي اٿس؟"

"زندگيءَ ۾ دليون ڪهڙي شاهوڪاريءَ جي شوق ۾ ٻڏل رهنديون آهن؟" مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو هو. جيڪا منهنجي محبت ڪرڻ ڪانپوءِ عادت ٿي چڪي هئي.

اهڙي شاهوڪاري ۽ شاهڪاريءَ جو شوق دنيا ۾ ڪهڙي انسان جي دل ناهي رکيو؟

دنيا خود هڪ وڏو شاهڪار آهي،

انسان خود شاهڪار آهي،

هر صورت به شاهڪار،

هر ڪوتا جو ڪومل خيال شاهڪار،

پوءِ هر شاهڪار لاءِ. شاهوڪار جي ڪمي به ڪهڙي؟

عزتون،

شهرتون،

صورتون،

سيرتون،

غيرتون،

مطلب ته ڪهڙي شيءِ هئي. جيڪا اقرار جي اميريءَ کي به حاصل نه هئي.؟

۽ هن شاهوڪار وطن ۾. اسان لاءِ ڪهڙي شيءِ شاهڪار ناهي؟

ڪوڙ ۽ فريب،

منافقي ۽ سياست،

مذهب ۽ جاهلي،

بک ۽ رومانس،

لالچ ۽ لفنگي،



www.sindhsalamat.com

دوکوءِ بي ايماني،
غيرت ۽ ڪارو ڪاري- سڀ شاهڪار ته آهن- تڏهن ته شاهوڪاريءَ جو شان اعليٰ آهي- ۽ وٽس ڪا ڪمي ناهي!
پاڻ ماري ڇڏڻ ڪانپوءِ- ڪهڙي شاهوڪاريءَ جو شوق باقي رهي ٿو؟- مون پنهنجي دل کان جڏهن به اهڙو سوال پڇيو ته دل "چار درويش" کان به وڌو داستان ناهي وٺندي هئي- اهو ساڳيو سوال اقرار جي ماءُ کان به پُڇم- پر کين ته ڪنهن شاهوڪاريءَ جي ڪمي نه هئي- سندس ماءُ جي چوڻ موجب- هئي ته صرف اقرار جي شاديءَ جي کوٽ- ۽ اهڙي شاهوڪار خوشيءَ لاءِ- شايد کين ڪنهن جي شاهڪار صورت گهربل هئي. بس اها ئي هڪ شيءِ رهجي ٿي- سا اها ته- امير کي امير صورتن جي هميشه کوٽ محسوس ٿيندي آهي- ۽ امير دلين کي شاهڪار صورت جو جنون!
اقرار جي ماءُ مون سان ان وقت- اهڙي حقيقت جو اظهار نه ڪيو هو ته- اقرار پنهنجي شاديءَ لاءِ- ڪهڙي شاهڪار صورت جي چونڊ ڪئي آهي-
پر مون کي خبر هئي ته- هن شاهڪار ملڪ پاڪستان ۾- اميرن کي عزت ۽ غيرت به سرعام وٺڻ جائز آهي!
جا شيءِ جهان ۾ نه ملي- سا اسان وٽ پاڪستان ۾ سستي ۽ جلد به ملي ٿي- پوءِ اقرار لاءِ صورتون خريد ڪرڻ ته ڇا پر دليون سودائڻ به ڪو مسئلو نه هو.
جڏهن دلين تي به رشوت خوريءَ جو الزام لڳي- ته پوءِ چمين سان گڏ- بم، بارود به محبت جي جنگ ۾ جائز سمجهڻ گهرجن!
پوءِ ڪيئن نه پيو چئي سگهجي ته- محبت جي ماڳ تي به سامراجي قوتن ۽ سرمائيدارن جي حاڪميت آهي- جن کي صرف طوائفون محبت ڪرڻ سيکارن ٿيون.
ڇا؟ پوءِ دليون ۽ ضمير آزاد چئي ٿا سگهجن؟
دنيا کٽي چئي به سگهي آسا- پر مان محبت جي طابع غلام رهيس.


www.sindhsalamat.com

❁❁❁

منهنجوءِ اقرار جو شايد اهو آخري ڏينهن هو. جنهن ڏينهن اسان تنهنجي گهر. تنهنجي اڳيان. پنهنجي جنگجوءَ گفتار ۾ هڪبئي کي. ڳرا ۽ اُگهاڙا لفظ به جوش مان اُڇلي پئي هنيا هئا.

ڳالهه اصل اتان ئي شروع ٿي. جڏهن اقرار پڇيو، "فتاح بي ضمير ڇا آهي!؟"

هن اهو سوال نه اسم حاضر، نه غائب ۽ نه متڪلم بابت پڇيو هو. اسان گرامر تي ته ڳالهايو ئي ڪونه پئي. هن اهو سوال پنهنجي بدنيتيءَ سان پڇيو هو.

مان ته پريم جي سفر جو مسافر هئس. خود کي اديب، شاعر ۽ لفظن جو ضمير سمجهڻ لڳو هئس. ايجاد ۽ تخليق منهنجي ذهن لاءِ. اڄان به ڪا نرالي شيءِ هئي. پر مان ڳالهائيندي به. لفظن جي شايد بي حرمتي ڪرڻ لڳندو هئس.

ماڻهو جڏهن لفظن جو ضمير بڻجي. لفظن جي بي حرمتي ڪرڻ لڳندو آهي سچ چون ٿا ته. وقت ساڳي لفظ کي سندس وات ۾ ٺنبيندو آهي.

اقرار جا ڳالهايل اهي لفظ مان پنهنجي ضمير جي گرامر سمجهي ويٺو هئس. ڪافي ڪوشش ڪانپوءِ. خود کي پنهنجي ذات جي دائري مان ٻاهر ڪڍي نه سگهيو هئس. اهو ئي سبب هو. جنهن ڪري منهنجو ذهن وهميل ئي رهيو. جنهن مهل اقرار پڇيو هو، "فتاح! بي ضمير ڇا آهي؟"

تنهن مهل مون ڪتي جيئان منجهس نظرون وجهي پڇيو هو، "خبر ناهي ته. اقرار تون مون کان منهنجي ذهن جي گرامر پيو پڇين يا ڪنهن اسم ذات جو فلسفو پيو پڇين؟"

"مان ذات، پات تي نه پيو ڳالهايان فتاح. مون توکان ضمير بابت پڇيو آهي. اهو ضمير جنهن کي ذهن، قلب يا حافظو. وغيره به چيو ويندو آهي. جنهن ۾ اڪثر ماڻهو پنهنجي نيت لوڙهي، ولوڙي بي ضمير به ٿي پوندو آهي؟"

انهيءَ مهل جنهن ضمير تي هن ڳالهائڻ پئي چاهيو. ان جي وضاحت ته



www.sindhsalamat.com

ڪيائين پئي- پر سندس ڳالهائڻ جو واسطو- ڪنهن ادراڪ، فهم ۽ دل، دماغ سان نہ هو بلڪ نيتن صرف ڪنهن هڪ ذات سان هو- ۽ ان وقت ماڻهو بہ صرف اسان ٽي- يعني تون، مان ۽ اقرار هئاسين ۽ هو اسان ٽنهي مان ڪنهن هڪ تي ڳالهائي رهيو هو- پوءِ ڪيئن نہ وهمجان ها- تہ اهو مان ئي هئس- جنهن تي هو في الحال مخفي طرح سان ڳالهائي رهيو هو.

هن تہ پنهنجن لفظن کي برقعو پارائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي- پر مون تنهنجي گهر جو ۽ تنهنجو بہ احترام نہ ڪندي کيس چيو هو تہ "اقرار! حقيقت ۾ ماڻهو جڏهن خود بي ضمير بڻجي پوندو آهي، تڏهن سندس واسطو بہ صرف بي ضمير لفظن سان ئهندڙ سوال ٺاهيندو آهي- ۽ ضمير ۾ اسم اُچاري نہ سگهندو آهي!"

"ڇا مطلب آهي تنهنجو؟" هن منهن ڦٽائي باهہ ٿيندي پڇيو هو.

مون کيس جواب ڏيندي چيو "مطلب مان تہ- ڪيترائي مطلب لهي سگهجن ٿا- پر ڪو بي ضمير تنهنجي دماغ ۾ ويٺل آهي تون تڏهن پيو پڇين تہ بي ضمير ڇا آهي؟"

"تون غلط لائن تي پيو وڃين فتاح." لائن تہ سندس هئي پر اختيار مون ڪئي هئي. انهيءَ ڪري سڏيءَ طرح چيومانس، "تي سگهي ٿو- ۽ توکي سمجهہ ۾ ايئن ايندو هوندو- ماڻهوءَ کي جڏهن پنهنجا چيل لفظ- واپس منهن تي لڳندا آهن- تڏهن هو ٻين کي غلط محسوس ڇو ٿو ڪري؟"

"تنهنجي چوڻ جو مقصد- اهو ماڻهو پاڻ متعلق ڳالهائي، پنهنجي بي حُرمتي پاڻ ڪندو آهي؟"

"بلڪل! ۽ هو اهڙي حالت ۾ خود کي ڪيش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي."

تڏهن هن معاملي کي لئي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو تہ "تنهن جي معنيٰ تہ- منهنجي نظر ۾- سڄي دنيا بي ضمير آهي؟" ۽ مون نيڪ طرح



www.sindhsalamat.com

چيومانس، ”نہ اقرار! دنيا ۾ بي ضمير تو شايد ناهن ڏٺا. پر اسان هن وقت جيڪي موجود ويٺا آهيون. انهن ٽن جي دنيا مان. ڪنهن هڪ جي دنيا توکي ضرور بي ضمير محسوس ٿي آهي؟“

ڪانئس اهو سوال پڇندي مان سڄو هارجي ويو هئس. هو مون کان هر حال ۾ طاقتور هو. ايستائين جو تنهجي خاموشي بہ هن جي طاقت ٻٽيل هئي. هن تو ۾ نظرون وجهندي چيو ”منهنجي خيال ۾. تون بيوقوفيءَ تي سوار آهين فتاح! لفظن سان گڏ. دوستن جي بہ بي حُرمتي ڪرڻ لڳو آهين.“

مون محسوس ڪيو تہ هن ايترو تنهنجي سهاري جڙڻ تنهنجي بہ طاقت استعمال ڪندي چيو هو.

ايئن ٿيو هميشہ. ماڻهو پنهنجي لياقت کان اڇاڻ رهي. پنهنجو ادب، وقار، مان، مرتبو ۽ زينت فضيلت سڀ ڪجهہ اُلٽو ڪري ڦٽو ڪندو آهي. ۽ شرمناڪ حد تائين وڃي. پنهنجو جيءُ هلڪو ڪندو آهي.

پنهنجي دل ڦيري. دوستن کي بي دل ڪرڻ،

همت ڪسڻ، ذلت، عيب، رسوائي، خفگي، نفرت،

برائي ۽ بي قدريءَ جهڙيون باقي نادم شيون وٽس بچن ٿيون. جيڪي دوستن کي انعام ۾ ڏيڻ لاءِ. ذليل، مڪار، بي غرض،

نالائق، گستاخ، بيوقوف،

وهمي، سرڪش، بي ادب، چريو

۽ بي ضمير جهڙا پنهنجي زباني خاص لفظ ڳالهائي، دوستن جي منهن ۾ هڻي ٿو! ڪيڏي نہ عزت واري شيءِ پئي سڏجي. پاور Power

۽ ڪيڏي نہ ذلت ۽ بيوسي آهي ڪمزوري Powerless. پاورفول ماڻهو چريو ئي هجي. پر دنيا کي سياڻو چوندي خود کي چريو محسوس ڪندو آهي!— اها ئي چريائي آهي سندس. جو دنيا کي سياڻو چئي. ان تي ۽ ان لاءِ وڏيڪ سوچي ٿو. ڪيفيتن ۾ لفظن جو آپريشن ڪندي. دل جا زخم اڌورا رهجي ويا.



www.sindhsalamat.com

ڪنهن کي اربيان ها اهڙا لفظ؟،
جن جو ڪو عضوو سَگهو تہ رهيو ئي ڪونہ!
دل جي غمناڪ يادن ۾- هاڻ صرف رُلندڙ قومن جا روح پئي ٻوڙيا!
آد جڳاد جو عڪس ۽ وقت جون پرڇايون- سک ڪنهن کي ڏئي سگهيا؟
انسان! جنهن جون ٻانهون تمام ننڍڙيون- ۽ وقت! جنهن جا پير ڌرتيءَ تي ۽ مٿو آسمان سان وڃي ٿو لڳي- هي ننڍڙو انسان- ننڍڙين ٻانهن سان- ڪُڙيون ڪٽي بہ سندس ڳچيءَ تائين پهچائي نٿو سگهي!
خود ڪپائي، خودڪشي ڪندڙ هي ڪٺل انسان- وقت جي گلي ڪپڻ جي ڪوشش ڪئي- تہ پنهنجي جان ڪٽڻ جي صلاح اپنائي ويٺو-
وقت! جيڪو ڏاهن جو استاد آهي، ڏاهي کي پٽ تہ لڳندي ناهي.
ڏاهن کي بددعائي ڏئي- پِٽيندڙ ڪي- بي همت ۽ جاهل جو درجو حاصل آهي-
بي همت زبانون- لفظن ۾ پِٽڪي جي ايجاد آهن.
جڏهن ذهن بي همت ۽ زبانون ڪمزور ٻڻجي پون- تڏهن محبت جو مفهوم- لفظن جي خواهش تائين محدود رهي ٿو.
لفظن جي خواهش ۾- جيڪي جملا مون ايجاد ڪيا- سپ انساني صورت جو عڪس هئا- ۽ هر لفظ تنهنجي صورت مان چورايل هو- جڏهن انهن لفظن تي نظر آندم- تہ لفظ محبت جي خواهش وڏيڪ محسوس ڪيم- پورو زمانو بہ سندس خواهش ۾ مدهوش پئي لڳو!
هڪڙا لفظ اهڙي خواهش ۾ مري کپي پئي ويا- تہ انهن جي روح مان وري ٻيا جنم پيا وٺن!
لفظ مرندا، کپندا، جمندا رهيا، پر سندن خواهشون موت لاءِ بہ مسئلو بڻيل هيون- عقل تڏهن چوندو هو- عشق ڏمچر مچائي- لفظن جي خواهش خدا کي غير فاني بڻائي ڇڏيو!
پر اهڙا خيال اقرار ڪي- ان وقت مان ٻڌائي نہ پئي سگهيس- ۽ ٻڌي بہ ڇا ڪري


www.sindhsalamat.com

ها ـ اهي لفظ تہ اقرار جي سمجھہ جا ئي نہ هئا ـ قسمت اوهان جي اڳيان تہ چريو مون کي ڪيو هو ـ ۽ اهو بہ هن مون کي ڄڻ پنهنجي بي سمجهيءَ ۾ چيو هو تہ "لفظن سان گڏ دوستن جي بہ — بي حرمتي ڪرڻ لڳو آهين."

مون زندگيءَ ۾ تہ دوستن جي بي حُرمتي ڪڏهن بہ نہ ڪئي هئي. لفظن جي بي حرمتي واقعي ڪري ويندو هئس ـ شاعر جي هئس ـ شايد اها ئي دوست پنهنجي بي حرمتي سمجهندا هئا ـ

ڪڏهن ڪڏهن لفظن جي خواهش سمجهي نہ سگهندو هئس ـ اهڙي حالت ۾ ـ بي ضمير لفظ بہ ڳالهائي ويهندو هئس! — پوءِ منهنجي زبان ۾ ـ لفظن سان گڏوگڏ ـ منهنجا دوست بہ پنهنجي عزت ۽ غيرت وڃائي ويهندا هئا ـ

زماني کي لفظن جي خواهش واري مرضيءَ مطابق ـ ڪڏهن بہ ڳالهائيندي نہ ڏٺو هئم ـ

شايد وقت مون کي بہ استعمال ڪري ويو ـ وقت جي آرزو ـ انسان کي ڪيڏو بي سمجهہ بڻائي ٿي ڇڏي؟ ـ چاهتن ۾ جيتري ڏاهپ آهي ـ ان کان ٻيڻ تي ـ مُور ڪائي ـ بہ آهي شايد؟ ـ

محبت ۾ ماڻهو نہ لفظن جي خواهش ٿو سمجهي، نہ پنهنجي مرضي اهڙي حالت ۾ ـ ڪو اديب آهي ـ تہ زمانو حق تي هوندو ـ جي انهيءَ کي چريو چيو هونداٿين. جيئن اقرار مونکي چيو هو "فتاح! منهنجي خيال ۾ هاڻ تون بہ چريو ٿيندو وڃين!"

اهي لفظ هن تمام ڪنور لهجي ۾ چيا هئا ـ بد مزاج لهجا تہ ـ هميشہ نفرت جي ايجاد رهيا آهن! — اهڙي بدمزاجي وقت ـ نفرت جي باهہ ۾ ذهن ٺارڻ لاءِ ـ لفظن جي خواهش جاڳي پوندي آهي ـ جيئن محبت ۾ پاڻ ارپڻ لاءِ ـ دل جي شوق سان گڏ لفظن جي خواهش بہ رهندي آهي.

پر جڏهن لفظا "خواهش" کي خود پنهنجي ڪا خواهش جاڳي ـ پوندي آهي ـ تڏهن ماڻهو ۽ محبتون سڀ خواهش جا مريض ٿا بڻجي پون — پوءِ نفرتن جون


www.sindhsalamat.com

خواهشون۔ انسانيت لاءِ موت جو راڪاس بڻجي پون ٿيون.۔
تڏهن وقت جي ستمر گري سان ماڻهو محبتون، مقصد، رٿائون، ارادا ۽ ڳنڀير تائون۔ سڀ بهانائي رهن ٿا.— پوءِ بي همٿ ضمير لاءِ زخم تي زخم ۽ زخم ۾ زخم۔
پر اهڙا ڪنگال ذهن۔ جيڪي پنهنجي ذهن کي لفظن جو ڍو ڏئي نه سگهيا۔ اهو نعرو انهن ايجاد ڪيو۔ فاني ڙي فاني!
۽ نادار قومون۔ جيڪي اٿو ڪائي!۔ پنهنجو پيٽ پري نه سگهيون انهن لفظن جي دانهن جي بجاءِ۔ بک جي دانهن ايجاد ڪئي۔ ماني ڙي ماني!
لفظ ماني کي به ڪنهن مراد جي خواهش هوندي۔؟۔ پر اقرار ته هڪ امير پُشتي جو فرد هو۔ تنهن کي ڪنگال قوم ۾ ڄمدي به ماني جي بک نه هئي۔ هُن کي لفظن جي بک هئي اهڙن لفظن جي بک۔ جن کي هو آساني سان ڇپاڙي مون سان پنهنجي نفرت جو اظهار ڪري۔ تنهنجي محبت حاصل ڪرڻ پيو چاهي.
جيئن شاعر هميشه لفظن جو بکيو رهندو آهي۔ تيئن امير عاشقن کي۔ لفظن جي خواهش۔ هميشه ستائش ۾ رکيو آهي!۔ ۽ فقير عاشق تمام شاهوڪار لفظ ڳالهائيندا آهن. پر سي خاص ۾ ته پسند نه ڪيا ويندا آهن۔ شايد منجهن سچائي جي شڪستي رهي ٿي۔ جيڪا دماغن جا تالا کولي ٿي۔ ۽ ڪوڙ کي ڪفن پارائي ٿي.
مون ڪوشش ڪئي۔ اهڙا لفظ ڳالهيان۔ اقرار جو ڍو ٿي وڃي پر لفظن جي ڍو ۾ رهي به۔ خود کي لفظن لاءِ بکيو محسوس ڪندو هئس۔ وڏي ڪوشش ڪانپوءِ۔ لفظن جي چونڊ ميڙ ڪندي مون اقرار کي چيو هو ته "اقرار! ماڻهو۔ جيڪڏهن بي ضمير جملا ڳالهاءِ۔ لفظن جي بي حُرمتي ڪري ٿو۔ پر جيڪڏهن انهيءَ ۾ حقيقت جي ترجماني آهي۔ ته پوءِ ماڻهو جي منهن مان شرم کي ته اڏامي وڃڻ گهرجي؟"
منهن تيپي ٿامو ٿي پيو هئس۔ لفظن جي بک چِتو ڪري وڌو هئس۔



www.sindhsalamat.com

هر قسم جي بک ويڙهه پيدا ڪندي آهي. پر اميرن کي جڏهن ڪا بک جاڳي پوندي آهي. تڏهن هو جو ڪجهه ڳالهائيندا آهن. پاڻ سمجهي نه سگهندا آهن. اکين کان انڌا ۽ ذهني طرح مفلوح ٿي ٿا پون. محڪومن کي گاريون ڏيندا آهن. نوڪرن کي چڪ پائيندا آهن. ۽ خود کي ڪُتائي وجهندا آهن!
۽ نادارن کي جڏهن ڪا بک ستائيندي آهي. تڏهن جهيڻو ڳالهائيندا آهن. ۽ حوصلو همٿ ۽ جوان مردي جو جوهر حاصل ڪندا آهن.
غربت ۾ هونئن به. سواءِ لفظن جي ٻو جي. باقي هر قسم جي بک. ذهن ۽ پيٽ ۾ پنهنجو گهر اڏي ويهندي آهي. پر نيتون پوءِ به بي شرم نٿيون بڻجن!
اقرار منهنجي منهن ۾ ڏسي. لفظن کي ٻاهه ڏيندي چيو هو "نالائق آهن اهي دوست. جيڪي دوستن جي منهن مان شرم وڃائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن."
"نه اقرار! ائين نه چئو نه؟. چئو ته نالائق آهن اهي ماڻهو. جيڪي پنهنجي بي شرم نيت لڪائڻ لاءِ. ٻين جي شرم تي. اهڙا بي شرم لفظ استعمال ڪندا آهن" مڇر جي پيو هو. شيطان ۾ اچي. رڦندي چيائين " منهنجي خيال ۾ جيڪي جاهل، لفظن جي مراد نه سمجهندا آهن. انهن لاءِ گارين ۽ موچڙن کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه هوندو به ناهي؟"
هن لفظ دوست ڇڏي. لفظ جاهل کي زور ڏئي ڳالهايو هو. پر مون وري لفظ دوست استعمال ڪندي. کيس صاف، صاف چيو هو ته "ها! اقرار! سو تڏهن. جڏهن هڪڙو دوست بي شرمائي جي حد به ٽپي ويندو هجي. اهڙي حالت ۾ ان دوست سان سڌي ريت ڳالهائڻ گهرجي. ۽ پنهنجي فيصلي ۾ دير به ڪرڻ نه گهرجي؟" مون جڻ موچڙا گهري پئي ورتا. ۽ هن اهو ارادو ڏيکاريندي چيو "پوءِ تنهنجي ڇا مرضي آهي؟"
تڏهن مون تنهنجي منهن ۾ ڏسي. کيس جواب ۾ چيو "مرضي وارين کي. بدعتي ۽ موالي مردن جي نڪاح کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿو حاصل ٿئي. ڪنهن جي مرضي. ڪنهن کان تڏهن پڇي ويندي آهي، جڏهن ان کي استعمال ڪرڻو


www.sindhsalamat.com

هوندو آهي- تون ڪير آهين؟ مون کان منهنجي مرضي پڇڻ وارو؟- لڳي ٿو هيترو وقت- تو جو ڪجهه پئي ڳالهايو- سو صرف ۽ صرف مون تي؟- اقرار! توکي اهو ذهن ۾ هئڻ گهرجي ته- مان نه ڪنهن جي اکين واري بندوق کان ڊڄڻ وارو آهيان- ۽ نه ڪنهن جي زبان جي ڪارتوسي لفظن کان؟"

"۽ تو هيترو جيڪو ڳالهايو- سو تو پنهنجي بابي تي پئي ڳالهايو ڇا؟- مون کي تنهنجي خبر آهي فتاح- تون انهن ماڻهن مان آهين، جيڪي خود کي گاريون کارائي، پنهنجي دوستن اڳيان، پنهنجي بي عزت پاڻ ڪرائيندا آهن!"

تنهنجو ته گهر هو- پر تو ۾ ڳالهائڻ جي ڪا سگهه ئي نه پئي ڏٺم- هن ڳالهائيندي ڳالهائيندي پنهنجون اکيون ڦيري ڇڏيون هيون ۽ صوفي تان اُٿي- منهنجي گلي ۾ هٿ وجهي- گاريون ڏيڻ لڳو هو- تڏهن توکي پنهنجي گهر جي عزت جو مڙئي ڪو جذبو جاڳي پيو هو- تو هڪدم اُٿي- سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو هو "اقرار هي ڇا پيو ڪرين؟ هوش ۾ آهين؟- ماڻهو ڇا چوندا؟- هٿ ڪڍ فتاح مان-؟ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي گهر جو ته خيال هئڻ گهرجي توهان کي؟"

هُن گلي مان هٿ ڪڍي ڇڏيو هو- پر مون ۾ پوءِ به ڪراهت ڀرين نظرن سان ڏسندو رهيو! ۽ مان ڪنهن نڌڻڪي ماڻهوءَ جيان خاموش هئس- جيئن ڪو امن پسند ماڻهو- پنهنجي بي عزتي ٿيڻ وقت- رڳو صرف دل جو ڏکندو محسوس ڪندو آهي. باقي وڙهي نه سگهندو آهي.

پنهنجي بي عزتي حاصل ڪندي- شرم مان ٻيوسيءَ جو پاڻي اکين تي تري آيو هئم- خبر نه پئي پيم ته- ڪنهن اندر جي زور سان- اُهو اکين وارو پاڻي- اکين مان ٻاهر ڪيڻ پئي چاهيو- ۽ مون ڪوشش ڪري اکين کي سُڪائڻ پئي گهريو!

مون کي خبر هئي- اکين مان لڙڪ جي ڪري پيا- ته اُنهن تي ڳالهائي ڪجهه نه سگهندس- وڏيڪ سوچيم- جي ڳالهائي وجهندس ته انهن لفظن جي



www.sindhsalamat.com

خواهش الاءِ ڪهڙي هوندي؟

خاموشيءَ سان- پنهنجا پير سنڀالي- اُٿي بيٺو هئس- تو منهنجي وجڻ وارو ارادو سمجهي ورتو هو- ڪافي ڪوشش ڪئي هيئي مونکي واپس ويهارڻ جي- پر ويهڻ واري قوت مان وڃائي چڪو هئس. مون سان ان وقت خدا جو عاشق شيطان به مخاطب هو- ته اندر وارو انسان به ڪجهه صلاحي رهيو هو- پر ٻنهي کي نظرانداز ڪري- ڪمري مان ٻاهر نڪتو هئس- ٻاهر نڪرڻ وقت مون کي پوٻان تو ڪافي سڏ ڪيا هئا، ليڪن پنهنجي دل جي فيصلي موجب مون پوٺيان لوٽي هٽڻ جي به حاجت نه ساري هئي ۽ سڌو پنهنجي گهر جو رستو اختيار ڪيو هئم- انهيءَ مهل مون ۾ به هوش جي اُها حد هئي، جنهن ۾ ماڻهو مڪمل لُتجي ويندو آهي.

پنهنجي گهر پهتس ته- اقرار جي ماءُ- منهنجي انتظار ۾ ويٺل هئي!

درد جڏهن دل تان اُٿلو کائي- ذهن تان گذرڻ لڳندا آهن، تڏهن صرف لفظ ٿي هوندا آهن، جيڪي پنهنجي نئين جنم سان حال ۽ مستقبل جا نوان فيصلا جوڙيندا آهن- ۽ پوءِ هڪ پيرو وري به جي- دل تي دردن جي اُٿل اچي وڃي- ته روح کي جڻ غير متوازن غذا مليو پوي.

اڪثر ٿئي به ايئن ته- ڏکيءَ کي ڏک هميشه ڦٽ تي لڳي! پنهنجي بي عزتي ڪرائي- دل جو درد ڪٽي- طوفان جيان گهر پهتس ته- اتي به اقرار کي جنم ڏيندڙ سندس ماءُ تي نظر پيم- جنهن منهنجي پهچڻ شرط مون کي مبارڪ ڏيندي چيو "فتاح! اج مان هاسيڪار توکي خوشخبري ٻڌائڻ آئي آهيان، بس ايئن سمجهه ته- سا هڪ مبارڪ آهي!"

ٻارن کي شعر ٻڌائڻ- ۽ لاش کي شرنائي ٻڌائڻ- اها به ڪا وقتي عادت چئبي!؟

ڪربلا ۾- امن جا پانڌيئڙا جڏهن ڪُنا پئي ويا، دهل شرنائي جهڙو ساز به انهيءَ ڏينهن ايجاد ٿيو شايد؟

دل جي وحيءَ ۾ جنم وٺندڙ هر جملي کي مان آتما سمجهندو هئس ۽ ان جي لفظ



www.sindhsalamat.com

لفظ کي پنهنجو امام تصور ڪندو هئس.
هر نئين جنم وٺندڙ لفظ کانپوءِ پراڻن لفظن کي پنهنجو وڇايل روح سمجهڻ لڳو هئس.
منتشر سوچ جي دائري ۾ لفظن جو آئينو ڀڄُري پاش، پاش ٿيندو رهيو. هڪڙا لفظ ڦٿڪي جان ڏئي وري نوان ۽ اجنبي لفظ ڪِرلين جي قطار جيان ذهن تي ڊوڙي پنهنجي آتما جي ڀڄُريل آوازن سان. پنهنجا لهجا ڳالهائيندا رهيا. ڪڏهن ڪنهن مسرت ۽ مبارڪ جي ٻهاني سان. ته ڪڏهن ڪنهن ذلت ۽ اذيت جي صورت ۾!
ذهن ۾ لفظن جي عمر تمام مختصر هئي، جنهن تي مون تمام گهڻو ڌيان ڀئي ڏنو! پر سندن خواهش تمام اٽل. جنهن تي ڌيان نه ڏيڻ سان سندن جملن جي مفهوم ۾ پنهنجو عقل، ذهن، مزاج، دليري، فهم، مقصد، ارادو، آتما، سڀ وڃائي گم ڪري وينس.
صرف دل ۾ خواهش باقي رهي. جنهن کي ناول جي آشا سمجهي. آرزومند ٻڻجي وينس!
آرزو! سندس لفظي خواهش ته الاءِ ڪهڙي هوندي؟ پر سندس مفهوم ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ مُڪتي ماڻڻ مشڪل هوندي آهي!؟
اگر انسان سندس مفهوم کان آزاد ڪري وٺجي. ته پوءِ لفظ "آرزو" جي آخري خواهش آتم هتيا هوندي شايد؟ ٻيءَ حالت ۾ پوءِ اهڙي آزاد ماڻهوءَ لاءِ صرف سندس وڃايل روح جي ڳولا ڪري سگهجي ٿي! اگر سندس روح ڪير ليندو هجي. ته شايد اهڙي حالت ۾ جيئڻ پوپٽ کي جهلڻ کانپوءِ صرف سندس جسم جا رنگ هٿ جي آڱرين تي ڇهتي پوندا آهن!
تنهنجي محبت منهنجي من تي. اهڙي ئي رنگ جي مثال رهي.
اقرار جي ماءُ جنهن مهل چيو "بس ايئن سمجهه اُها هڪ مبارڪ آهي فتاح!" ته مان ڪيس پنهنجي ڪهڙي خيريت سان چوان ته، "خير مبارڪ." مُئي پڇاڻا.


www.sindhsalamat.com

ميت جي شڪل ۾ انسان پل ڪيترو به خوش هجي- پر لفظ خير مبارڪ نٿو ڳالهائي سگهي.
سندس مبارڪ جي مُراد مان مڪمل طرح سمجهي چڪو هئس. دل جي زخم تي — چڻ ڪنهن لوڻ ڪٽو رکيو- دل دانهن ڪئي ته-
دل لُٽي، ويو دم ٽُٽي- لفظن جلائي آتما،
مِيت ۾ ويا گيت گم ٿي، هاءِ انسانيت الوداع!
دل جا زخم چٽيندي مون پڇيوهومانس، ”ماسي خدا ته اوهان کي خوشيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ناهي ڏنو؟ ڇا اڄ جي خوشخبري زندگيءَ جي مڙني خوشين کان اُتم آهي؟“
”ها! فتاح! ابا محسوس ايئن پئي ڪريان- ته زندگيءَ ۾ اهڙي خوشي وري نصيب نه ٿئي شايد- شال خدا تنهنجي زبان سلامت رکي ۽ اها خوشي اُتم ثابت ٿئي.“
منهنجي تباهيءَ جي دعا- مون کان پئي گهريائين- ڪيئن نه اُتم چوي ها- جنهن زندگيءَ جي لغت ۾ لفظ ”نيچ“ ڪڏهن اُچاريو ئي نه هجي- سو جي ڪميڻن جو خالق به هوندو- ته اٽڃاڻ تي سندس خدا جي ميار به معاف هوندي آهي. ڪيفيت اهڙيءَ ۾ هئس، جو دل نه پئي چئي ته ڪانئس پڇان ته ڪهڙي خوشخبري آهي؟
پر اهو اهم سوال ته- ڪو مائٽ جيڪڏهن بي حيا اولاد ڄڻي ٿو ته ويچاري مائٽ جو ان ۾ ڏوهه به ڪهڙو؟ جڏهن خدا به شيطان جهڙي نامي جنس پيدا ڪئي ته انسان تي ڪهڙي ميار!
هن جهان ۾ ڪنهن بي غيرت مائٽ به- اهڙي خواهش نه سانڍي هوندي- ته هو نادان ۽ نالائق اولاد ڄڻي، جيئن شاعر جي اها خواهش نه رهي آهي ته هُو مئل ۽ بي حيا لفظ ايجاد ڪري! پر لاشعور ۾ لڙهي اهڙا لفظ به ايجاد ڪري ويندو آهي- جيڪي سندس لاءِ به گار هوندا آهن!


www.sindhsalamat.com

مرد، عورت ٻئي جنسون گڏجي- پنهنجن سرڪش عضون جي خواهش سان- اهڙو اولاد به ڄڻي وجهندا آهن، جيڪي سندن لاءِ به عزت ۽ غيرت جي راند ٻڌبا آهن!— پوءِ وڏيڪ زماني به ڪنهن کي بخشيو آهي؟

في الحال پنهنجا سڀ سُور، اذيتون وساريندي مون اقرار جي ماءُ کان پڇيو هو، "ماسي! ڪهڙي خوشخبري آهي؟"

"هُوءَ.... هُوءَ آسا!" الاءِ ڇو ڳالهه ڪندي، ڪندي روڪي ڇڏيائين. ڳالهه ڪهڙي به هجي، پر اڌ ۾ رهيل سا ڳالهه ماڻهوءَ ۾ بي چيني پيدا ڪري وجهندي آهي. جنهن کان ٻُڌائڻ وارو لاپرواهه رهندو آهي، پر ٻُڌڻ وارو اهڙي بيچينيءَ ۾ رهندو آهي جيئن نئين ٻار کي جنم ڏيندڙ- سندس ماءُ کي- سندس زندهه ٻار ڄمڻ جي اُميد ۽ آزار لهڻ جو انتظار رهندو آهي!

اڌ ۾ رُڪيل سندس خوشخبر بيان ۾- منهنجي سوچ اٽڪيل هئي- مون کيس اهو نه ٻُڌايو هو ته مان هينئر ئي آسا کان اچان پيو- "ها ماسي! هُوءَ... آسا ڇا؟" مون کيس ڏيان ڏياريندي غور سان ٻُڌڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هُن مون کي پنهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ڪندي چيو، "ايئن هڪدم مفت ۾ نه ٻُڌائيندي‌س، واعدو ڪر منائي ڪارائيندين؟"

ڏاڍي ڏکي ڳالهه ڪري وڌي هئائين. منهنجي دل! سا ڪنهن مَيت جيان مڙئي ڪپڙن ۾ ويڪيل هئي، ۽ هن پنهنجي خوشيءَ جي خوراڪ لاءِ، منائيءَ جو شرط وڌو هو، پر پنهنجو مقصد وٺڻ لاءِ مان منائي ته ڇا- ان مهل سر به شرط ۾ ڪارائي پئي سگهيس- حقيقت ۾ ڪو وزن نه به هجي، پر شرط رکڻ سان ڪيئن نه ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿو نهي پوي، اهڙي هالت ۾ ڪيفيتون ڪهڙيون به هجن، پر شرط ميٺو پوي ٿو-

شرط! جنهن کي شرو ۽ شيطان به چيو وڃي ٿو- سو ته هاڻ عوامي حاڪمن کي اهم ڪرسين تي قسم جي صورت ۾ کٽائي ويهاريو وڃي ٿو- پر جيڪو شرط مون کي منهن پيو هو، سو دل جي ايوان ۾ بغاوت ڪري رت رئاريندڙ هو.


www.sindhsalamat.com

سندس دل رکڻ لاءِ مون کيس مڙئي چيو، ”توهان ڳالهه ٻڌايو ماسي، منائي بلڪل کارائبي.“

”ٻُڌايان؟“

”ها! چو نه؟“

”هوءَ آسا آهي نه؟“ وري خاموش ٿي وئي.

”ها! ماسي هُوءَ آهي ته آسا.“ مون کيس مسڪرائي چيو.

چوڻ لڳي، ”سا به راضي ٿي آهي!“

”راضي ٿي آهي!؟“

”ها! بلڪل راضي آهي ابا!“

”پر ڇا ۾ راضي آهي ماسي؟“

”اقرار سان۔ شادي ڪرڻ ۾.“

هاڻ وڌيڪ ڪجهه پڇڻ جي همت۔ هميشه لاءِ موڪلائي وئي هئي. ذهن تي لفظن جا اَڏيل محل سڀ پٽ اچي پيا هئا، دل ۾ دماغ جڻ پٿرن جو خاموش جبل بڻجي پيا هئا.

۽ هُن ٿوري دير خاموش رهي وري چيو هو، ”ڪيئن هاڻ منائي کارائيندين۔ نه؟“ ڪهڙيءَ طرح کيس چوان ها ته مون کي زهر آڇي۔ مون کان منائي پئي گهرين.
اهڙين اُميدن جي ساپيا تي، دليون جي منائي نه کائينديون آهن، تڏهن به ٽڏيون ۾ مٺيون رهنديون آهن ۽ وري صدمو کائيندڙ نااُميد دليون۔ زهر اگر نه کائينديون آهن۔ تڏهن به زهر آلود رهنديون آهن! ۽ پورو جگر پنهنجي تيز ڏڙڪن سان ڪاڙهي وجهنديون آهن.

پنهنجي عمر ۾۔ دماغ تي ايڏو هاءِ ٽيمپريچر ڪڏهن نه چڙهيو هئم۔ دل اُبڙڪا پئي ڏنا. ايئن پئي لڳم ته رت جي اُلٽي ڪرڻ وارو آهيان۔ اعتبار نه پئي آيم ته ڪا اها واقعي حقيقت هوندي۔؟

زندگيءَ جون سڀ راهون۔ ويران ٿينديون محسوس ڪيم۔ ايئن پئي ڀانيم ته۔



www.sindhsalamat.com

منزل جي مسافريءَ ۾ زندگيءَ جو سفر. ڪنهن ٿڪل مسافر جيان موت جهڙي گهري ننڊ ۾ سمهڻ وارو هئس ۽ وري محشر جي جاڳ لاءِ به ڪا حسرت نه رهندي هجي. پنهنجو ئي شعر ياد آيم ته:

(i) زندگي پنهنجي مسافر، ٿو اُميدن ۾ لُٽائي،

جيئڻ خواهش، مقصدن ۾. ايجاد ذلت جي به آهي!

(ii) ها! زندگي اُميدن لُٽائي. ۽ وئي لُٽجي سڀ صداقت.

نه دل رهي نه دلبر رهيو، ويو ڪٽي سارو خفو:

دل ته اهڙيون ڪئين دانهون ڪيون، پر اهڙي بي اعتبار حقيقت تي هاڻي وڏيڪ تبصرو ڪرڻ واري ذهني حالت وڃائي ويٺو هئس. حالانڪ دل اهڙو فيصلو ڏئي چڪي هئي ته اميدن جا سڀ رشتا مقصد کان ڪٽجي چڪا آهن فتاح! پر ذهن جنهن ۾ عقل هو جنهن جو توسان پوءِ به ڪو اهڙو رشتو هو جنهن اهڙي حقيقت قبول نه پئي ڪئي.

ڪيترين ئي ڳالهين کانپوءِ اقرار جي ماءُ وڃڻ وقت ايئن به چوندي وئي، “فتاح! ابا ڏس ڳالهه وسارجان نه. منهنجي مٿائي توتي رهيل قرض آهي، سو جڏهن چاهيان توکان وٺي سگهان ٿي، ۽ پر ها! بي ڳالهه. هاڻ گهر ته ايندو رهجان، اقرار جي شاديءَ بابت صلاح مصلحت لاءِ به ڪا مدد نه ڪندين ڇا؟”

منهنجي لاءِ ته سندس گهر باقي اڇڻ، وڃڻ وارا دروازا به ڄڻ خود بند ڪندي ڇيو هئائين.

غوطي ۾ غوطو هئم. سوچن جو سلسلو ٽُٽي ئي نه پيو. دنيا ۾ انسان کان وڏيڪ آباد شايد جيت آهن، گهٽ ۾ گهٽ سندن خواهشون ته محفوظ آهن، ۽ سندن روح محبت جي رشتن ۾ رُلي لفظن ۾ گم ته نٿو ٿي وڃي!

هي ڳالهائيندڙ جانور “انسان” جيڪو خاموش جيتن جي سهاري زنده آهي، ڪيڏو نه احسان فراموش آهي؟

انسان جي حسرتن کي جيتن جيئان لتاڙي، خود به زماني جي لتاڙ ۾ ڪيئن نه



www.sindhsalamat.com

ذليل پيو ٿئي.

ها! اها ئي پراڻي عادت، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ سان جهيڙي هاڻ خود کي ذليل ڪرڻ لڳو هئس!



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

اقرار جي ماءُ جي وڃڻ ڪانپوءِ خود کي ايئن اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو هئس، جيئن خدا پنهنجي عظيم عرش تي اڪيلو هوندو آهي، ۽ ايئن سوچي رهيو هئس، جيئن ابليس ابن آدم لاءِ سوچي ۽ خدا اُن ابليس تي.

وڏي حقارت سان انسانن جي دنيا ذهن مان ڪڍي فرش تي سُرندڙ ماڪوڙين ۾ نظر وجهي، سندن آزاديءَ تي سوچي رهيو هئس ته ڪجهه دير ڪانپوءِ، گهر جي ٻاهران تنهنجي جيپ جو هارن ٻُڌم، جنهن جي يڪي رڙو رڙ تي ٻاهر نڪتس ته تون پنهنجي جيپ تي اڪيلي ويٺل هئينءَ- توکي گهر اندر اچڻ لاءِ چيو هئم ته تو چيو هو "گاڏيءَ ۾ ويهه." پر جيپ ۾ ويهڻ لاءِ دل راضي نه هئي. جيپ کي غور سان ڏسي ايئن محسوس ڪرڻ لڳو هئس ته جيپ جو مقدر به مون جيان الائي ڪهڙو ٿيندو! ۽ جڏهن جيپ جي گنل ٽائرن ۾ نظر وڌم ته اهي به مون جيئان پنهنجي غلام زندگيءَ کي- وفائن ۾ نڀائيندي پنهنجي عمر به کپائي چڪا هئا. منهنجو ذهن به شايد انهن ٽائرن جيان هميشه پراين زندگين تي تيز رفتار سان سوچي، سوچي پنهنجون نسون گسائي چڪو هو.

"گاڏيءَ ۾ ويهه نه؟" تو ٻيو ڀيرو چيو هو پر پير! هڪ وِک به کڻڻ لاءِ تيار نه هئا. تو منهنجي منهن ۾ ڏسي شايد منهنجي سوچ تي ڪلي ڏنو هو- نه تنهنجي اها ڪل سمجهي سگهيو هئس ۽ نه تنهنجو اُهو ڪردار- "عجيب نيتون ماڻهن جون هونديون آهن؟" اهو ئي پئي سوچيم ته، "زندگي هڪڙن جي نالي- ته پيار محبت ٻين جي نانءُ سان!"

توکي به ان وقت انهن عورتن مان سمجهڻ لڳو هئس. جن ڪارو ڪاريءَ جي الزام سان روز جون اخبارون پيري ڇڏيون هيون. شايد وقت اجان هو؟ ويل هٿان نه وئي هئي، جو توکان پڇي وٺان ها ته، "آسا! تو اقرار سان واقعي Marriage Agreement ڪيو آهي؟"



www.sindhsalamat.com

پر منهنجي شايد اها بيوقوفي هئي، جو اهڙي اصل حقيقت پنهنجي ذهن ۾ ڪوڙو اعتماد ڪري رکي ڇڏي هئم. بلڪل جاهلن جيان اهو يقين ڪري ويٺس ته اهڙي ڪا ڳالهه هوندي ته آسا مون سان ضرور ڪندي.

"ڇا پيو سوچين؟ ويهه نه گاڏيءَ ۾؟" تو ٽيون ڀيرو چيو هو. بغير ڪنهن سوال، جواب ۾ ها، نه جي اهڙي طرح جيپ تي چڙهي ويٺس، جيئن ڪو ويجهو لهندڙ مسافر ڪنهن پيسينجر گاڏيءَ تي چڙهي مڙئي آڌو اُبتو ويهندو آهي. تو جيپ اسٽارٽ ڪئي ته مون کي ان جو آواز ئي نه پيو وڻي، ڄڻ ڪو پيرسن ماٺهو گهري ننڊ سمهي ڪونگهرا پيو هڻندو هجي!

تنهنجي گهر تائين جيپ ۾ ٻئي خاموش هئاسين. ايئن پئي لڳو ڄڻ اسان جي محبت جي شروعات ڪا نئين هئي. جڏهن تنهنجي گهر وٽ پهتاسين ته گهر جي ٻاهرين حصي واري ناسي ڪلر ۾ غور سان ڏسندي، ايئن لڳم جهڙو ڪنهن اوپري جڳهه تي اچي نڪتو آهيان. تو جيپ لان واري حصي ۾ بيهاريندي منهنجي خاموشي ٽوڙڻ خاطر چيو هو "هاڻ وري جيپ تان هيٺ نه لهندين ڇا؟" واهجو حافظو هو تنهنجو به. مان ڪجهه نه ڳالهائيندي جيپ تان لٿو هئس. تو مسڪرايو پئي پر ان ۾ مون کي ڏاڍي رُڪاوٽ پئي محسوس ٿي. تون مون کي ڪجهه چوڻ جي بغير ئي ڊرائينگ روم طرف وڃڻ لڳي هئينءَ. مون ايئن محسوس ڪيو جهڙو تو مون کي نظر ۾ چيو هجي ته، "هن ڪمري ڏانهن اچ؟" مان خودبخود هليو آيو هئس. اهو ساڳيو ڊرائينگ روم هو جنهن ۾ ڪجهه ڪلاڪ اڳ اقرار هٿان پنهنجي بي عزتي ڪرائي هئم.

ڪمري ۾ ويهڻ کانپوءِ ڪجهه دير سهي، تو چيو هو "فتاح! ڏس تون پاڻ چوندو آهين ته دوستيءَ ۾ رنج رسامو محبت کي وڌيڪ مضبوط ڪندو آهي؟"

"ها! مان ايئن بلڪل چوندو آهيان آسا! پر مون ايئن ڪڏهن به نه چيو هوندو ته بي عزتيون ڪرائڻ سان دوستيون وڌيڪ مضبوط ٿينديون آهن. پر اهڙي ڳالهه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي آسا؟ مون ڪنهن جي شڪايت ته


www.sindhsalamat.com

ناهي ڪئي نہ؟“
رُئل صورتون جڏهن ڳالهائيندڙيون آهن تہ زبان جو هر لفظ بہ رُئل ئي هوندو آهي. ڪيئن بہ هو پر توکي منهنجي بي عزتي اچا پوريءَ طرح وسري نہ هئي ۽ شايد وساري بہ نہ سگهين. انهيءَ ڪري ئي تو چيو هو، ”ڳالهہ تہ اهڙي اداڪاريءَ سان پيو ڪرين، جڻ توکي ڪا تڪليف ئي نہ رَسي هئي پر پنهنجي جڳهہ تي دلي صدمو تہ رَسيو آهي_ نہ؟“ شايد اهو شڪ بہ توکي منهنجي ڪيفيت مان پيو هو ۽ مون جواب ڏيندي چيو هو، ”ڪهڙو فرق پوندو، جي منهنجي دل چوٽ کاڌي هوندي تہ؟“
جنهن دل کي صدمو اچي، ان ماڻهوءَ کي ريجهائڻ پرچائڻ لاءِ ڪو دل وارو ماڻهو رهيو ئي نہ هجي، تہ پوءِ اهڙيءَ حالت وقت اهڙا ئي اُداس جملا ڳالهائبا آهن تہ_ ڪهڙو فرق پوندو_ دل چوٽ کاڌي تہ.
ڪجهہ دير سوچي، تو مون کي مطمئن ڪرڻ خاطر چيو هو تہ، ”ڇا توکي اُها رات وسري وئي آهي فتاح؟ جنهن رات مون سان ڪريل حرڪتون ڪري اقرار منهنجي بہ بي عزتي ڪئي هئي. ڇا مون کي ڏک نہ رسيو هو؟ ۽ پوءِ منهنجو اهڙو عمل بہ تو پسند ڪيو هو جڏهن مون پنهنجي دل مان اقرار لاءِ غير سڀ ڪيدي ڇڏيا هئا. ڇا توکي پنهنجون بهتر ڳالهيون بہ وسري ويون آهن؟ چوندو آهين تہ هزار سجدن کان وڏيڪ عبادت ماڻهوءَ کي معاف ڪري ڇڏڻ آهي.“
ماڻهوءَ جي خون ۽ دل جي قتل جو تو فرق شايد نہ سمجهيو هو محبت جي نصاب ۾ تو صرف اهي سبق پڙهيا هئا، جن کي رڳو زير، زبر هئي، باقي نہ محبت جو فلسفو ۽ نہ مفهوم هو.
مون پنهنجيءَ دل جو آخري فيصلو توکي ٻڌائيندي چيو هو ”بس آسا! الاءِ ڪيئن اهو يقين ٿي پيو اٿم تہ مان ۽ اقرار دوستيءَ ۾ گڏ هلي نہ سگهنداسين.“
”ڇو ڪهڙي سبب؟“ ايئن پئي لڳو تہ هڪڙي مياڻ ۾ بہ تلوارون وجهڻ جي


www.sindhsalamat.com

ڪوشش پئي ڪيئي. جيڪو ٿي نہ پئي سگھيو. انهيءَ ڪري توکي اهو ئي جواب ڏيڻو پيم تہ، "سبب ڪيترائي آهن آسا!" پر تو اجان بہ ڳالهہ کي وڌائيندي چيو، "پر اهم سبب ڪهڙو آهي، جنهن ڪري اهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟"
"آسا، اسان ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي."
"ڪهڙو فرق آهي- تو ۾ ۽ هن ۾- هاڻ!؟" تو لفظ "هاڻ" ڳالهائي مون کي منجهايو ضرور هو، پر پوءِ بہ وڌيڪ تسليءَ خاطر توکان پڇيو هئم تہ، "تو ڪڏهن فرق محسوس نہ ڪيو آهي؟"
"نہ! مون تہ اهڙي پهلوءَ تي سوچيو بہ ناهي. تون ٻُڌاءِ نہ سگهندين تہ ڪهڙو فرق آهي تو ۾ ۽ هُن ۾؟" تو پنهنجي انهيءَ سواليہ جملي ۾ لفظ "هاڻ" استعمال نہ ڪري شايد پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ مون توکي تنهنجي انهيءَ مخفي ارادي تي ئي ڇڏيندي معاملي جي اصل رخ تي ايندي چيو هو "ڇا؟ تو ان وقت بہ اهو فرق محسوس نہ ڪيو جڏهن مون صرف لفظن تي پئي ڳالهايو ۽ هن دوستن تي ڳالهائيندي مون کي گار ڏئي، گلي ۾ هٿ وڌو هو پوءِ تون کيس نہ روڪين ها تہ اجان بہ وڌيڪ ڪجهہ ڪرڻ پيو چاهي."
"ڏس فتاح! ناراض نہ ٿجانءِ، ماڻهو پنهنجي دل جي خواهش بہ لفظن جي صورت ۾ پيش ڪندو آهي. پوءِ ڇا سمجهڻ گهرجي ان کي؟ دل جي خواهش يا لفظن جي صورت؟"
"آسا ان جو مدار ماڻهوءَ جي نيت تي هوندو آهي، تہ هو ان کي ڪهڙي شڪل ٿو ڏئي؟ مون تہ خراب نيت جي خواهش سان ڳالهايو ئي نہ پئي."
"خراب يا سُٺيون نيتون، ماڻهوءَ جي من ۾ لڪل هونديون آهن."
"نہ آسا! ماڻهو جي زبان مان نڪرندڙ هر لفظ ۾ نيتن جي صورت بہ سمايل هوندي آهي!"
"پر دنيا ۾ سڀ ماڻهو اهڙا بہ تہ ناهن، جيڪي لفظن جي مقصد سان گڏ نيتن


www.sindhsalamat.com

جي صورت بہ پرکيندا هجن!؟“

”مان ۽ تون بہ دنيا جا ماڻهو آهيون آسا! پوءِ تو ان وقت منهنجي نيت ڪيئن محسوس ڪئي، ڇا صورت هئي ان جي؟“

”تنهنجي منهنجي الڳ ڳالهہ آهي، پر پوءِ بہ سمجهہ جنهن وقت اسان ڪان بہ موڪلائيندي تہ۔ اسان جي حالت بہ اهڙي ٿي پوندي هوندي، جنهن جي اسان بہ ڪا خبر نٿا رکي سگهون.“

”پر آسا! جڏهن ماڻهو پنهنجي بي سمجهيءَ ۾ ڪا غلطي ٿو ڪري تہ اها ٻي ڳالهہ آهي پر ذهنن جا هڪٻئي سان اختلاف، جيڪي ڪنهن ذاتي خواهش يا ذاتي مقصد جي سبب، ڪافي سمجهہ، سوچ ۽ ويچار ڪانپوءِ ٿيندا آهن. انهن کي تہ ڪنهن بي سمجهہ حالت سان نٿو ڳنڍي سگهجي.“

”ڪٿي ڪيئن بہ هجي فتاح! پر خالي اختلاف رکڻ، پوءِ بہ ڪا دانائي تہ نہ چئبي۔ نہ؟“

”منهنجو اقرار سان واقعي ڪو خوني اختلاف بہ ڪونهي، جنهن ۾ مان سندس شڪل ڏسڻ بہ گوارا نہ ڪندو هجان!“

”باقي پوءِ تنهنجو هن سان ڪهڙو اختلاف آهي؟“

سمجهہ ۾ نہ پئي آيم تہ منهنجو اقرار سان پرچاءُ ڪرائڻ ۾ تنهنجو ڪهڙو فائدو هو. توسان محبت ڪري توتي عجب تہ ايئن ئي پئي ڪاڏم، پر هي عجب تہ اڃان بہ ڪو عجيب هو. شايد تنهنجو شوق هو تہ اهو ٻُڌي ڏسجي تہ رقيبن جا اختلاف ڪيئن ٿا جنم وٺن ۽ ڪيئن ٿا زندهہ رهن، پر ڳالهہ کي اينگهائڻ جي بجاءِ پنهنجو آخري فيصلو وري بہ دهرائيندي مون چيو هو. ”ان لاءِ تہ توکي پهرين ٻُڌايم آسا! تہ اسان دوستيءَ ۾ گڏ هلي نہ سگهنداسين ۽ ان جا ڪيترائي سبب آهن.“

تڏهن تو الاءِ ڪهڙي حوالي کان چيو هو تہ، ”منهنجي ڪري بہ نہ؟“

”ڪهڙو لاچار آهي، توکي هُن جو؟“ پنهنجون اکيون تنهنجين اکين ۾ وجهي



www.sindhsalamat.com

پڇيو هئم. تمام غور سان منهنجي منهن ۾ ڏسي تو چيو هو "جڏهن تو پڇيو آهي فتاح- تڏهن صرف ايترو چونديس ته في الحال مون کي ڪو لاچار آهي!"

"تنهنجو اهو" ڪو لاچار" ڪيستائين رهندو آسا!؟"

"جيستائين تنهنجو مون سان ساٿ رهندو؟" الاءِ ڪهڙا بهانا ڳولي هٿ ڪيا هيئي. ڏاڍو مُنجهي پيو هئس. آسرو انسان کي ڪيڏو نه ذليل ڪري ٿو. آئون به ان مان جان ڇڏائي نه سگهيس. انهيءَ ڪري توکان پڇيو هئم ته، "ڇو؟ منهنجو ساٿ ٽُٽڻو به آهي ڇا؟"

"شايد!" تو چيو هو.

"شايد؟" لفظ تي زور ڏئي پڇيو هئم ۽ تو ڪنهن حد تائين پاڻ تان ميار لاهيندي نيڪ پٽي چيو ته، "ها شايد- ڇو ته تو منهنجي جسم سان اها محبت نه ڪئي آهي فتاح- جيتري قدر پنهنجن بين دوستن کي، مون پنهنجي جسم سان محبت ڪندي محسوس ڪيو آهي، مان هڪ عورت آهيان فتاح- ۽ بلڪل تن، تنها- هڪ تنها زندگي سا به عورتاڻي، اهڙي اڪيلي زندگيءَ لاءِ Partnership جو فيصلو ڪرڻو ئي پوندو آهي."

"تنهن جي معنيٰ منهنجو توسان رهڻ، ڪو مقصد نٿو رکي؟"

اهو مون نه، پر منهنجي اندر مان ڪنهن چيو هو ڇوڻ ته ان کي اجان به وڌيڪ ڪپندو، پر شايد ڇوڻ جي سگهه ئي ايتري هئي ۽ تو پنهنجي صورتحال بيان ڪندي چيو هو، "مقصد رکي ٿو بلڪل- تو منهنجي ڪافي عزت رکي آهي فتاح، پر مان هڪ عورت آهيان ۽ عورت کي اسان جو معاشرو ٻيءَ نظر سان ٿو ڏسي. توکي شايد خبر هجي به يا نه، ته عورتاڻي زندگيءَ لاءِ ٻه شيون اهم هونديون آهن- هڪ محبت ۽ ٻي صحبت، پر ٻنهي مان، اسان وٽ، اسان جي سماج ۾، عورت جي صحبت لاءِ وڌيڪ سوچيو ويندو آهي. ايتري تائين جو عورت کي پنهنجي زندگيءَ مان به خفا ڪيو ويندو آهي."



www.sindhsalamat.com

توکي مطمئن ڪندي مون چيو هو. ”تون هاڻ خود کي انهن عورتن مان سمجهڻ لڳي آهين، جيڪي پنهنجي جسم کان بہ خوف کائينديون آهن؟“

”دنيا کٽي ڇا بہ سمجهندي هجي فتاح! پر تنهنجي سوچ ۽ نظر ۾، مان هاڻ شايد انهن عورتن مان ٿي آهيان، ڇو تہ توکان پنهنجي ڪا دل جي ڳالهہ لڪائي نہ سگهي آهيان. زندگيءَ ۾ دل جو ڳالهيون مون توسان ٿي تہ ڪيون آهن. انهيءَ ڪري تون منهنجي ذات بابت هر فيصلي جو حق بہ رکين ٿو الاءِ ڇو فتاح؟ تو پنهنجو جسم منهنجي جسم سان گڏي هميشہ لاءِ هڪ ڪري ڇڏڻ وارو فيصلو نہ ڪيو. جنهن جي انتظار ۾، تنهنجي زبان مان نڪرندڙ هر هڪ لفظ کي مون تمام غور سان پٽي ٻڌو. پر تنهنجو هر لفظ مون کي نااُميديءَ ڏانهن ڌڪيندو رهيو. اهڙا لفظ جيڪي عورت ۽ مرد بہ زندگيون هڪ ڪري ڇڏيندا آهن، سي تو الاءِ ڇو نہ ڳالهايا. شايد تو انهن جي ضرورت محسوس ئي نہ ڪئي!؟“

هاڻ ڪيئن چوان ها تہ زندگيءَ ۾ ضرورت هئي تہ اهڙن لفظن جي هئي، جيڪي ٻن دلين جي سرجري ڪري ڪين هڪڙي جسم جي قالب ۾ وجهي هڪ ڪري ڇڏيندا آهن.

محبت ۾ هزار ڳالهيون هڪبئي کي ٻڌائجن پر ياد وڏيڪ اُها هڪڙي رهي ٿي، جيڪا دلين ۾ وڇوڙو پيدا ڪري ٿي ۽ روڳ ڏئي دل جا زخم اڻ مِٽ ڪري ڇڏي ٿي. زندگيءَ کي هميشہ لاءِ اهڙو ڏک ٿي ڏئي ڇڏي، جيڪو انسان جو صرف اندر کائيندو رهندو آهي.

منهنجي دل جنهن توسان هميشہ پنهنجون سچايون پيش ڪيون، پوءِ بہ ڪيس ڪڏهن قرار نہ مليو. انهيءَ بيقراريءَ ۾ ڪيس يقين ٿي پيو هو تہ تون پنهنجي زندگيءَ جو اُهو اهم فيصلو ڪري چڪي هئينءَ، جنهن لاءِ ڪافي سوچ سمجهہ کانپوءِ ماڻهو پنهنجي زندگي نڪاح نامي جي لفظن ۾ لکي ڏيندو آهي.

منهنجي انهيءَ مهل نہ رڳو دل خاموش هئي، پر ذهن ۾ سڀ لفظ خاموش ٿي



www.sindhsalamat.com

چڪا هئا.

ڳالهايان تہ، ڇا ڳالهايان ها؟ نہ رڳو پنهنجي خواهش قتل ٿيندي محسوس ٿي هئم، پر جيڪو بہ لفظ ذهن تي تري پئي آيو، سو بہ ايئن پئي لڳو تہ جهڙو موت ڪيس ورائي ورتو هو.

هر لفظ پنهنجي خواهش جي سڪرات ۾ هو. ڪنهن بہ لفظ ۾ سندس ڪو مقصد نہ پئي معلوم ڪري سگهيس. الاءِ تہ لفظ تڙي، پکڙي چريا ٿي پيا هئا، يا الاءِ ذهن پاڳل ٿي پيو هو.

دل جي مريض جيان ڳالهائيندي مون چيو هو "آسا! دل جي ڪا ڳالهہ لڪائي بہ وئي آهين شايد؟"

"ها! فتاح، لڪائي تہ اٿم پر لڪائڻ نٿي چاهيان."

"ءِ مان اها ڳالهہ ٻڌي نہ سگهندس۔ ها نہ؟"

"پر مان ٻڌائڻ جي خيال سان ئي، توکي پڪڙي هٿ پنهنجي گهر ڪٺي آئي آهيان." انهيءَ مهل مان ذهني طرح خود کي مضبوط ڪندي چيو هو "آسا! ڪجهہ ڳالهيون واقعي اهڙيون بہ هونديون آهن، جيڪي پڇڻ کانپوءِ ٻڌائڻ جهڙيون هونديون آهن. اهي ماڻهوءَ کي رُلائڻ جهڙيون هونديون آهن، ماڻهوءَ کي رُلائي، وڃائي، ستائي وڃهنديون آهن، ڪٿي تون انهن مان ڪا ستائيندڙ يا رُلائيندڙ ڳالهہ تہ نہ ڪندينءَ؟"

پوءِ تو تہ اها ئي ڳالهہ ڪئي هئي، جيڪا مان پهريان ئي پروڙي پنهنجي دل تي زهر هاري وينو هئس. پر تو نہ منهنجي سوچ مان، نہ ڪيفيت مان ءِ نہ حالت مان بہ مون کي ڪجهہ سمجهي سگهي هئينءَ، منهنجي من کان هاڻ اُها ڳالهہ مخفي نہ هئي، پر تو پنهنجي طرف کان شايد ڳالهہ وڌيڪ واضح ڪندي چيو هو "ايتري قدر نہ سوچ فتاح؟ نہ مون کي Hysteria جو مرض ٿي پيو آهي ءِ نہ مون ۾ اهڙي ئي قسم جو ڪو ٻيو مرض آهي. زندگيءَ جو مقصد زندهہ رهڻ بہ آهي فتاح. مون پنهنجو پاڻ کي مارڻ جو فيصلو تہ نہ ڪيو آهي؟ جيڪڏهن


www.sindhsalamat.com

توکان ڳالهہ لڪائي وئي آهيان تہ اُها اِها ئي آهي تہ اقرار مون کي Marriage لاءِ Propose ڪيو آهي، ۽ مون ڪيس پنهنجو راضپو ڏيکاريو آهي- بس!“

اها مون وٽ واهہ جي لڪل ڳالهہ هئي. انهيءَ ڳالهہ تہ منهنجي دماغ جو پاندو ڦاڙيو هو. باقي تو اهو پنهنجو پاڻ کي مارڻ جو نہ بلڪ مون کي جيئري مارڻ جو فيصلو ڪيو هو. ماري تہ اڳ ڇڏيو هيئي، پر هاڻ مٿل ئي پئي ماريئي.

ڪنهن جي طرف کان شاديءَ جي درخواست ڪرڻ، ۽ ان لاءِ پنهنجو راضپو ڏيکارڻ، تنهنجي سوچ ۾ اهو بہ شايد رومانس يا افسانو هو. تو پنهنجي شادي بہ شايد ڪا نمائش بنائڻ پئي چاهي. مان اهڙي عمل ۾ غيرت جو وڏو عمل دخل سمجهندو هئس. سنڌ جائي عورت ٿي ڪري، غيرت کي افسانو تو سمجهيو هو. مون هاڻ انهيءَ مسئلي تي وڌيڪ بحث ڪري پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ گاريون ڏيڻ گوارا نہ پئي ڪيو پر بي ايمان لالچي دل اجان بہ تسلي پئي ڪري، دل جي اسرار تي چئي وڌو هئم تہ، “ٺيڪ آهي، تون جيڪڏهن پنهنجو راضپو ڪنهن کي ڏيکاري چڪي آهين، تہ پوءِ ظاهر آهي، تنهنجي ذهن ۾ ڪنهن جو ناراضپو هوندو بہ ڪونہ؟“ تہ تو شايد پڪائي ڪندي چيو هو، “مون تنهنجي ڳالهہ سمجهي ڪانہ؟“ اهڙي ڪا منجهائيندڙ يا ڳُجهي ڳالهہ تہ مون نہ ڪئي هئي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڪنهن بہ مقصد، مُراد کي سمجهي نٿو سگهجي- تہ نہ انهيءَ ماڻهوءَ کي ٿو سمجهي سگهجي ۽ نہ ان جي ڪنهن اعليٰ آدرش کي. بي سمجهيءَ جا دڙا بہ توکي هاڻ وڌيڪ پوڻ لڳا هئا. جنهن ۾ تون مون کي بہ سمجهڻ کان نابري وارڻ لڳي هئينءَ.

زندگيءَ جو ٻهروپيو سفر هوندن بہ ٺڪائيندڙ هوندو آهي- خود فريبيءَ ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بہ سمجهڻ کان نڪري ويندو آهي. خود مختيار هوندي بہ الاءِ ڇو مون سان فريبي رمز رکي هيئي. تو وٽ ويٺي ايڏي ٿڪاوٽ مون ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي. جهڙي ٿڪاوٽ ان مهل چند گهڙين جي ويهڪ مان ڪئي هئم. شايد اهري ٿڪاوٽ تڏهن محسوس ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن



www.sindhsalamat.com

مقصد جو روح پرواز ڪندو آهي.
دل نہ پئي چاهيو تہ هاڻ هڪ منٽ بہ تو وٽ ويهجي. شايد هاڻ ڪنهن جي مقدس امانت بڻجي پئي هئينءَ ۽ مان بہ هڪ اهڙي قوم جو فرد هئس، جيڪا اهڙي امانت کي پنهنجي سام ڏيندي، پنهنجو سر ساهہ بہ قربان ڪري ڇڏيندي آهي.
تنهنجا رخسار! جن مون سان پنل راتين ۾ بہ هميشہ کِلي ڳالهايو هو ڪهڙو سَنڌو سندن باقي رهيل هو جنهن تان منهنجا خشڪ چپ نہ گذريا هئا؟ سي بہ هاڻ ڪنهن اُصول مطابق، پري کان ئي ويهائُو تاري جيئان صرف ڏسي پئي سگهيس! امانت ۾ خيانت ڪرڻ منهنجي ايمان لاءِ ذلت هئي. محبت ۾ بہ جي بي ايماني ڪريان ها تہ نہ اقرار توکي ايترو ويجهو اچي سگهي ها ۽ نہ مون کي بہ گلي ۾ هٿ وجهي سگهي ها!
تو جنهن مهل چيو هو تہ، ”مون تنهنجي ڳالهہ سمجهي ڪانہ؟“ انهيءَ مهل تو جڻ منهنجو منجهيل مسئلو حل ڪري ڇڏيو هو. ڇو تہ مان دل ئي دل ۾ انهيءَ خيال سان لڳل هئس تہ ڪهڙا لفظ ڳالهائي توکان هاڻ هميشہ لاءِ موڪلائجي.
مون کي پنهنجي بدحواسي ۽ بي عقلي وغيره جو احساس بہ ان وقت ٿيڻ لڳو هو جڏهن توکان ان آخري موڪلاڻيءَ جي لاءِ لفظ پنهنجي خواهش سميت منهنجي ذهن جو ساٿ ڇڏي چڪا هئا ۽ زندگيءَ جي هار جيت وارو مقصد بہ واضح ٿي پيو هو!۔ بس پوءِ ايئن ئي پنهنجي دل سنڀاليندي توکي چيو هئم،
”آسا! مان هاڻ وڃان ٿو. مون کي هڪ ضروري ڪم هو. سو هاڻ ياد پيو آهي. تنهنجو ڪو ڪم هجي تہ ٻُڌائي ڇڏ؟“
”توکي هي وڃڻي وڃڻي ڪهڙو ڪم ياد پيو آهي فتاح؟“
تو شايد پنهنجي شڪي انداز ۾ درست پڇيو هو پر جرئت نہ پئي ٿيم تہ توکي چوان ها تہ، ”آسا! منهنجي لاءِ هاڻ سڀ کان وڏيڪ اهو ضروري آهي تہ توسان هاڻ اڪيلائيءَ ۾ مون کي وڌيڪ ويهڻ نہ گهرجي، ڇو تہ نيتون سنڀالڻ ڏاڍو


www.sindhsalamat.com

ڪو ڏکيو ڪم هوندو آهي.“
توکي پرائي امانت سمجهي هاڻ تو وٽ اڪيلو ويهي به ڪيئن پئي سگهيس ۽ جي ويهان به ها ته چميءَ ڪانسواءِ رهي به نه سگهان ها. توکي چُمي ڏيڻ جو نشو ته مون کي هوندو ئي هوندو هو. پر هاڻ توکي چُمي ڏيڻ مون ڪنهن جي غيرت جي چوري پئي سمجهي.
مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته محبت ۾ پهريون پيرو ڪوڙ ڳالهائيندي مون توکي تنهنجي ڪيل سوال ته ”هي توکي ويئي ويئي ڪهڙو ضروري ڪم ياد پيو آهي“ جي جواب ۾ چيو هو ”آسا اڄ هڪ دوست کي ٽائيم ڏنل آهي، ڪم ته انهيءَ جو آهي، ۽ اٿس به الاءِ ڪهڙو پر مون کي وڃڻو ضروري آهي.“
تو خوشيءَ سان اجازت ڏيندي چيو هو ”ٺيڪ آهي، پوءِ تون ڀل وڃ، پر موٽي ايندي وري ڪيڏي مهل؟“
خيال آيم هيڪر چوان ته، ”هاڻ جڏهن ٺيندو ٿيو جنم، تڏهن ملنداسين.“ پر وري خود کي روڪيندي مون توکان پڇيو هو ”ڇو؟ ضروري آهي ڇا؟“
تو جڻ جهڙوڪر اوپرائپ ۾ چيو هو ته، ”ڪمال آهي؟ اڄ شام منهنجي سالگرهه جو پروگرام آهي، ۽ تون پڇين پيو ته ضروري آهي ڇا؟“
شايد هاڻي اُهي ڏينهن به اسان کان رُسي ويا هئا. جو اڃا مهينو وچ ۾ هوندو هو ته تنهنجي سالگرهه جي پروگرام جون رٿائون جوڙيندا هئاسين. پر هاڻ انهيءَ ساڳي سالگرهه کي صرف چند ڪلاڪ باقي هئا ته اوچتي ياد اچي وئي هئي.
تنهنجي ته اُها سالگرهه جي شام هئي، پر منهنجي زندگيءَ لاءِ ته اها ورسيءَ جي شام هئي. مون کي هاڻ پورو پورو يقين ٿيڻ لڳو هو ته ان سالگرهه واري شام تون پنهنجي زندگيءَ جو نئون آغاز به ضرور ڪرڻ واري آهين. جنهن ۾ تون پنهنجي زندگيءَ سان اقرار کي شريڪ ڪرڻ جو اعلان ڪندينءَ. بس تو وٽ پنهنجو لڪايل اهو هڪ راز هو جيڪو توکي پنهنجي سالگرهه جي پروگرام ۾ وڏي ڌام ڌوم سان اعلان ڪرڻو هو. سچي محبت وارن کي پنهنجي محبوبن


www.sindhsalamat.com

جي راز جي خبر گهٽو ڪري ملائڪن کان اڳ پوندي آهي، نہ تہ بہ خدا سان گڏ بلڪل پوندي آهي.

دل جي اکين کان تہ دنيا جي اوگهڙ بہ ناهي لڪندي پر بي دل ماڻهو کي پنهنجي اوگهڙ بہ نظر نہ ايندي آهي. دل جون لکين دنيائون آهن، ۽ انهيءَ جهان ۾ دل جي ديوان جي ڪا ڳُجهي ڳالھ رهي ڪانہ. تو خود کي خدا کان بہ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. شايد وهانءُ واري عمر ماڻڻ ڪانپوءِ بہ. تو نہ دل جا شهر گهميا هئا ۽ نہ نظرن جو خطاب ٻڌو هو. مون کي تہ تنهنجين اکين مان، تنهنجي دل جا لفظ ايئن نظر ايندا هئا، جيئن پوپٽ جي پرن تي ماڻهن کي رنگ نظر ايندا آهن.

هاڻ تو پنهنجي دل جون ڳالهيون پئي لڪايون، ۽ مون ڪوڙ پئي ڳالهايو ڪيترو ورهائجي ويا هئاسين.

تون پنهنجي راز ۽ نياز جي دنيا واپرائڻ لڳي هئينءَ ۽ مان ڪوڙ بدوڙ جي باھ ۾ گهڙي پيو هئس.

جنهن مهل تو پڇيو هو "موتي وري ايندي ڪيڏي مهل؟" تنهن مهل دل تہ الوداع اي دلربا الوداع چيو هو پر زباني طرح توکي ڪوڙو دلاسو ڏيندي مون چيو هو "چو ضروري آهي چا؟" پر تنهنجو اجان بہ وڏيڪ اسرار هو تنهن ڪري هڪ وڏيڪ تڪڙو ڪوڙ ڳالهائيندي چيو هئم، "آسا مان ڪوشش ڪندس، جيترو جلد موٽي سگهان." تون خاموش ٿي وئي هئينءَ. پر مون ان مهل اهو وڏيڪ سکي ورتو هو تہ ماڻهو هرو ڀرو جو ئي پاڻ کي نقلي بڻائي، ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ هڪ عجيب ذهني ڪيفيت جو شڪار ٿيندو آهي. خود سان سچو رهندو آهي، پر دوستن کي بيوقوف بڻائي پنهنجي ضمير کي جڻ ٿُڪَ چٽائيندو آهي. ان مهل بہ توسان ڪوڙ ڳالهائيندي مان پنهنجو پاڻ سان سچو هئس، چو تہ هاڻ وڇڻ لاءِ ايئن پئي ويس جيئن ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو وڇڻ ايئن ٿيندو آهي، جو ويندي ويندي دل جي جيل جو قيدي بڻجي پوي ٿو


www.sindhsalamat.com

۽ پوءِ اهڙيون جيل جون ديوارون تہ تمام اوچيون ۽ شيهي کان بہ مضبوط هونديون آهن، جنهن ۾ پوءِ مجبورن دل جي قيديءَ کي اتي پنهنجو هٺرادو جهان اَڏڻو پوي ٿو ۽ مان بہ پنهنجي بيوقوفي، جهالت ۽ ناداني‌ءَ جي سبب، اهڙي جهان جو مسافر بڻجي پيس!! ۽ توکي پنهنجي ئي گهر ۾ ڇڏيندي، مان پنهنجي اڪيلي دل جي راهہ جو مسافر بڻجي روانو ٿيو هئس.



www.sindhsalamat.com

❁❁❁

اُهو ڏينهن ها! اُهو ئي ڏينهن جمع جو جنهن کان مون کي اڄ تائين نفرت آهي، ڇو ته دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي پنهنجي پسند جا وڏا وڏا پاپ ڪري پوءِ انهيءَ ڏينهن تي پنهنجي خدائن جي حضور ۾ پنهنجن پاپن جو اقرار ڪندا آهن ۽ انهيءَ نياڳي ڏينهن تي منهنجي دل يتيم بڻي ۽ تنهنجي دل پنهنجي پسند جا پاپرا قبوليا.

ها! انهيءَ ڏينهن تي مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي محبت سان آخري ڪوڙ ڳالهائي توکان بغير ڇُميءَ جي موڪلائي پنهنجي گهر اچي سمهڻ جي ارادي سان بي وقتو ليٽي پيو هئس.

دل جي ارمان کي ته ننڊ ايندي بي وقتي آهي، نه هُل ڏسي نه هيڪلائي پوءِ جڏهن غم غائباڻا بيدار ڪن!

مان پنهنجي گهر وارن سيني کي چئي ڇڏيو هو ته "منهنجي ڪير به اچي پڇا ڪري يا ٽيليفون ڪري ته ان کي چئجو ته گهران ٻاهر نڪتو آهي، ٻُڌائي ڪونه ويو آهي، خبر ناهي ته ڪيڏي مهل موٽندو؟"

دلين جا فيصلا به ڪڏهن ڪڏهن ڪيڏا غلط ڪوڙا، چور ۽ رهزن فيصلا هوندا آهن؟ سڄي گهر کي ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ تلقين ڪري رهيو هئس.

گهر وارن کي اهڙي ڪوڙ جي Rehersal ڪرائي مان پنهنجي ڪمري جو دروازو اندران لاڪ ڪري کٽ تي ليٽي پيو هئس. ننڊ لاءِ ته ڪيفيت ئي آماده نه هئي، جڏهن به ننڊ نه ايندي هئم ته شاهه لطيف جو رسالو پڙهڻ شروع ڪندو هئس، جنهن ۾ سسئيءَ جي ننڊ ۽ سهڻيءَ جي جاڳ تي سوچيندي جيءُ کي جهڙو ننڊ اچي ويندي هئي، يا سڄو سرير جڻ فوت ٿي ويندو هو پر ان ڏينهن زندگيءَ جو اڪيلو بڻجي وڃڻ واري ڏائڻ سوچ ڏنيي وڏو هئم.

نيرٽي وڇينءَ مهل چند گهڙيون ڪمري کان ٻاهر نڪتس ته پنهنجي ئي گهر جي



www.sindhsalamat.com

ماڻهن جا مُنهن ڏسي ايئن محسوس ڪيو هئم جهڙو گهر جي ڪنهن فرد جو ميت، تازو گهر مان قبرستان ڏانهن ڪنيو ويو هجي! اهڙي مايوس ڪيفيت کان ٻچي خود کي واپس پنهنجي ڪمري ۾ لاڪ ڪري ڇڏيم ۽ پوءِ مختلف ڪتاب کوليندي پڙهندي پنهنجي اها ڊائري به کولي ويٺس، جنهن ۾ تنهنجي هٿ اکر جا ڪيترائي خيال قلمبند ٿيل هئا. جنهن ۾ هيءَ مقولو به تنهنجو ئي لکيل هو ته، “عورت پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ پنهنجي غلاميءَ تي روئندي آهي، دنيا شايد غلاميءَ جو ٻيو نالو عورت رکيو آهي!؟”

تنهنجو اهو مقولو پڙهي ان جي هيٺان مون پنهنجو خيال قلمبند ڪندي لکيو هو ته “دنيا ۾ شايد عورت ئي واحد جنس آهي، جيڪا پنهنجي غلاميءَ جا فيصلا باخوشي قبول ڪندڙ آهي.”

ڏينهن جو باقي وقت اها ڊائري پڙهندي، ان ڪمري ۾ ئي بند هئس. خبر نه رهيم ته انهيءَ ڏينهن وارو سج، اُلهڻ وقت ان رات لاءِ ڪهڙو نياپو ڇڏي ويو هو.

رات جو تقريبن 9 لڳي ڌاري گهر وارن مون کي ماني کائڻ لاءِ چيو هو پر گهر وارن کي اها خبر نه هئي ته مان پنهنجي ارواح تي ختمو پڙهي چڪو هئس، ۽ سوچن جي زهر پيٽ جو خاتمو ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري پيٽ جو عذر ڏئي ماني کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئم.

رات جو 12 وڳي تائين ٽيليفون رنگ جون رڙيون ٻُڌي رهيو هئس ۽ صبح جو مون کي ٻُڌايو ويو ته اُها بار بار رنگ تو پئي ڪئي. ماڻهو بي رحم هوندا آهن، پر دليون رحيم هونديون آهن. دل جي پٿر به ڀڄي پوي ته محبت جو زهر ڪيس جلد ڳاري وجهندو آهي. ڪافي خود کي توسان ملڻ کان روڪيو هئم پر منجهند ڌاري ڪاپوءِ دل جي رحماني قوت توسان ملڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو هئم ۽ دل جي طرفان بيوس ٿي اهو سوچي تو ڏانهن نڪتو هئس ته “نيڪ آهي، وڃان ٿو. آسا اڪيلي هوندي ته ايتري دير وٽس نه ويهندس!”

پوءِ جنهن مهل تنهنجي گهر آيو هئس ته صرف تنهنجي اُن ماڻٽاڻي خادم ڪاڪا


www.sindhsalamat.com

صالح کي لان ۾ وڻ جي ڇانوَ هيٺ ويٺل ڏٺم. باقي ڪو بني بشر نہ هو. بلڪل ايئن سناٽو ڇانيل هو جيئن محفلن ۾ سڄي رات جي جاڳ ڪانپوءِ. ڏينهن جي وقت اهي هنڌ قبرستان جيان ويران هوندا آهن.
ڪاڪا صالح کان تنهنجو پڇيم تہ چيائين، ”اقرار صاحب سان ٻنيءَ تي ويل آهي، بس ٿوري دير ٿي آهي.“
وري پڇيو هومانس ”ڪاڪا رات آسا جي سالگره جو پروگرام ڪيئن سنو رهيو؟“
چيائين ”ها، ها سٺو پروگرام ٿيو تقريبن سڀ دوست آيا هئس پر توهان ڪونہ آيا هئا نہ؟“
چيو مانس ”نہ ڪاڪا، تہ پاڻ وڏيڪ چوڻ لڳو. سيئي دوست تقريبن خوش ٿي ويا ۽ وڏي خوشي جي ڳالهہ اها هئي رات بي بي ٻڌايو تہ اقرار سان هن جي مڱڻي ٿي چڪي آهي ۽ شادي جو پروگرام بہ تڪڙو ئي آهي! ”بيوقوفي پئي ڪري“ تمام آهستگي سان چيو هئم.
”جي؟“ هن پنهنجو ڪن ويجهو ڪندي پڇيو.
پر هن کي تفصيل ٻڌائڻ مان فائدو بہ ڪهڙو ٿئي ها. تنهن ڪري مان پنهنجو خيال بدلائيندي. تنهنجي بيڊ روم ڏانهن ڏسڻي آڱر سان اشارو ونندي ڪانئس پڇيو هو تہ ”ڪاڪا! هي سامهون وارو ڪمرو کليل آهي؟“
”جي ها! اهو ڪمرو تہ بابا سائين! توهان کي خبر آهي. کليل ئي رهندو آهي!“ تڏهن مان ۽ ڪاڪا صالح ٻئي ان ڪمري ۾ آيا هئاسين. تنهنجي بيڊ تي وڇايل چادر ائين بي ترتيب پيل هئي. جو جيڪو ڏسي سو ائين محسوس ڪري تہ جڻ ڪي بہ جوان زندگيون بستري تي وڏي کينچل ڪري. تازو هينئر ئي ڊوڙي ٻاهر نڪتيون آهن. بيڊ جي سيرانديءَ کان. الماري جي مٿان. اها ڊائري رکي هئي. جنهن ۾ اهي ڳالهيون لکيل هيون. جيڪي تون هڪ رات ڪاوڙجي پئي هئينءِ. تہ تنهنجي فيصلي مطابق پاڻ هڪٻئي سان تحرير جي صورت ۾ پيي


www.sindhsalamat.com

ڳالهايو- مان اها ڊائري اتان کڻئي ۽ ڊائري کوليم ته- ڪيترين ئي سوچون- گڏرن جيئان ذهن پٽڻ لڳيون هئم- ڪنهن مهل سوچيم پئي ته- اڄ هن ڊائري ۾- پنهنجي رت سان اهڙا ته الوداعي لفظ لکي ڇڏيان- جو آسا پڙهي ته- هيئنئون ڦارون، ڦارون ٿي پوي، ته ڪيڏي مهل دل پئي چيو ته- نه اڄ پنهنجو مقصد ڪڏهن ڊائري ۾ رکي ڇڏيان- ته پل سپاٽي آسا جو اولاد به آسا کان پڇي ته- هي بد ذهن، بيوقوف ذهن ڪنهن جو آهي امي؟ قلم ته منهنجي کيسي ۾ هميشه رهندو هو- پر وري به کيسي تي نظر وجهي- قلم جي تسلي ڪري- ڪاڪا صالح کي التجا ڪندي چيم ته "ڪاڪا! مونکي هن ڪمري ۾- ڪجهه دير لاءِ اڪيلو ڇڏيندا؟" ته هن خلوص وچان چيو هو" ها! بابا سائين- توهان کي ته ڪجهه چئي نٿو سگهجي نه!!

هو ايترو چئي ڪمرو ڇڏي ٻاهر لان تي انهيءَ ساڳي وڻ جي ڇانو ۾ وڃي ويٺو- جتي هو پهريان ويٺل هو- ائين پئي لڳو جهڙو هو منهنجي لاءِ- ٻاهران ايندڙ ماڻهو جي سنڀال رکندو هجي.

حالانڪ مارچ مهيني جو پهريون ڏهو هو- ايتري گرمي به نه هئي جو وڻ جي ڇانو جو سهارو وٺجي- پر پنهنجي ضعيف عمر جي ڪري- هو سج جو تڙڪو شايد سهي نه پئي سگهيو.

مان سڪون بخش اڪيلائي محسوس ڪندي- پنهنجن خيالن لاءِ لفظن جو گهاڙيٽو شروع ڪري ڏنو هو- بس پنهنجي طرف کان محبت جي پڇاڙي لاءِ- منهنجا اهي آخري خيال هئا- جيڪي مون گهڙيل لفظن سان- تنهنجي ڊائري ۾ تنهنجي اجازت جي بغير لکيا هئا-

جيئن رشتن، ناتن ڇڄڻ وقت- هر ماڻهو پنهنجي مرضي مطابق خود مختيار لفظ ڳالهائيندو آهي- شايد انهيءَ وقت نه مونکي ڪنهن لفظ معاف ڪيو ۽ نه مون ڪنهن لفظ کي بخش ڪيو هو-

پنهنجا خيال ڊائري ۾ لکڻ وقت- تنهنجي ڇُميءَ واري نشي مونکي ايترو ئي ستايو



www.sindhsalamat.com

هو- جيترو ان وقت مونکي لفظن جي خواهش ولوڙ ۾ وڌو هو.
شايد اهڙي حقيقت به انهيءَ مهل حاصل ٿي هئم ته- لفظ ذهن جا غلام هوندا آهن ۽ ذهن لفظن جو ٻانهو هوندو آهي ڊائري کولي ٽيبل تي رکي- قلم هٿ ۾ پڪڙي، ڊائري ۾ ڪجهه لکڻ اجان شروع مس ڪيم ته- اندر جي دانهن هي- نُڪتو نروار ڪندي چيو هو ته "محبت زنده باد- ۽ اسان جي الوداع"
شايد دل جون نسون- جسم کان ٽٽي- لفظن سان ڳنڍجي ويون هيون-
دل روئي پنهنجي افساني جو اختتام- ڊائري ۾ هن طرح بيان ڪيو هو ته "منهنجون نظرون توکان پوءِ ته آزاد آهن آسا!
پر پوءِ به ڪٿي ڪنهن مهمان جيئان ڪا مهل ڪٿي ٽڪي نه سگهن شايد- ۽ نه ڪڏهن محبت ڀريون حاسد نظرون به تنهنجون وسري سگهنديون! جيڪي تنهنجي سچائي جو معتبر ثبوت هيون- ۽ منهنجي دل تي سي، اعليٰ درجي جي عبارت رهيون!
چنڊ، ڪڪر ۽ تارا، ڪتيون به توئي ڏيکارڻ سيکاريا- جيڪي ازل کان اڳ اپريل هئا!
ان کان اڳ، مان انڌو ان ڪري هئس- جو شايد پنهنجي سرڪشيءَ جو (♥)عِنانِ بٽيل رهيس!
سياهه راتين جا سناٽا- تون منهنجو ماڻهپو قبول ڪئين ڪندا؟
تنهنجو روشن مُک ته منهنجي هر واٽ جي لاٽ هئي، آسا!
جڏهن ماڪ ۾ تنهنجا وار ڀڄندا هئا- آڏي پڄاڻا انهن سان پنهنجو منهن ڌوئيندو هئس!
پر هاڻ ته- ماڪ مُنهن پڄائي زنگي چڏيو آهي؟
تون ته قلعي گر هيئن منهنجي سيم (♠) تن روح ۽ زنگيل انسانيت لاءِ!

---

♥ عنان= لغام – نٿ- Bridle

♠ سيم تن= چٽو ڳوُرو



www.sindhsalamat.com

سانوڻي رُت ۾ تنهنجون جهڙاليون اکيون به ڪافي هيون جن جي گهنگهور گهٽا، چنڊ رات کي به مات ڏئي. جهڙالي موسم ٺاهينديون هيون-!

جي ماڻهو جي مٽي تي، زلف انگور جي ان ڪندا هجن ها؟ - ته خدا جي ذات جو قسم تهنجن وارن جو ٻج-

چانڊاڻ ۾ پري ڪان نظر ايندڙ- سنڌ جي کيتن ۾- ضرور پوکيان ها!

۽ پوءِ ماڪ پچايل پنهنجو منهن به- تنهنجي وارن جي سَلن سان- ڌوئيندو اُجاريندو رهان ها!

ڪيڏي نه وساري تي پئي آهين- ڪڏهن ته پنهجا اِهي ريشمي وار- منهنجي لاءِ وبهاڻو ڪري وڇائيندي هيئن-

اکيون بند ڪري چوندي هيئينءِ- اڄ پلي منهنجي نصيب جو نظام چمي وٺ!

ياد هوندئي آسا! مون تنهنجي ڪاڏيءَ واري ڪڏ جو نالو- سنڌو نديءَ رکيو هو-

توڻي جو خود کي تنها ڪري وينو آهيان،

تڏهن به تنهنجي ڪاڏي واري ڪڏ مان- اڃان اُهي ڇوليون پيو پسان- جنهن تي منهنجا چپ ٻيڙي مثل ترندا هئا!

وبسر ته مونکي به آهي، جو توکي وساري نٿو سگهان،- تو پاڻ چيو هو آسا! ته هڪ جي بدلي، ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي به ڏئي وٺ-

۽ پوءِ نڳي ڪئي هئم- ته تو مونکي چيو هو ۽ مون توکي چيو هو ته "ٻيمان!"

شايد تڏهن ٻئي ٻي ايمان هئاسين!

گهڙيءَ جو ڊڪ پيڇڻ واري اڄ ڪٿي هئي؟ - حالانڪ عضوا گڏي هڪ جسم ٺيڻ وارو هُول، تنهنجي نيت ۾- وڏا خلل وجهندو هو!

تڏهن اهڙو وهم به- تنهنجي وجود ۾ وينل هو ته- ڪٿي منهنجو جسم- پنهنجن عضون سميت- ڪنهن ٻيءَ جوڳياڻي سان نه جڙجي وڃي!

هڪٻئي کي رُکو رکي- اڃان ته ايترو پراٽا به نه ٿيا آهيون- جو سانوڻ جي سانجهه به نه ساريان؟



www.sindhsalamat.com

ناسيندي نگاهہ- اجان اول توڏانهن هئي آسا! —پر هاڻ ويلا ٽري- ٽڪار جو ٽڪو هٽندا وڃن!

هاڻ خود سان وڙهي- ڏرتيءَ جو بہ وڙ وساري- بي وڙو ٻڌجي- پنهنجن خوشين جا ککرات ڪري- ڏند ڪنهن کي ڏيکاريان؟

ڪنهن کي کلايان- ڪير کلائيندو مونکي هاڻ- خودي کي بہ کائي- ايترو باقي چڏيو اٿم- جيتري گونگي جي ٻولي ۾ گيرپ آسا!

پريت جي ريت ۾- رُسڻ جي روڳ کي- تو شاعري چيو هو- پر منهنجي تخيل اجان تہ هڪ سڏڪو بہ نہ پريو هو.

شايد ڪنهن رُسامي لاءِ- ڪا ويساهي ساک نہ هئس ۽ نہ ڪنهن ستايل آدميت جو- ڪوئي احساس بہ ڪيس هو؟ - پوءِ مرثيا خواني ڪري بہ ڇو ها؟ -

جو مرڻا اڳ مري- ان جو اوتار ڪڏهن مئو بہ آهي؟

اکين ۾ آگم آهن آسا. —پر وسڻ جي ويس ۾ ناهن-

جي وسي پيون- تہ اٽتارو الاءِ ڪيترا ٻوڙي چٽ ڪنديون؟

توکي شايد دل جي قحط- ڏکيا ڏينهن نہ ڏيکاريا آهن تڏهن توکي شاعرن جي خودڪشيءَ واري پچار لطف ڏيندي رهي!

ڏڪاريل اکيون- جڏهن برسنديون آهن- تڏهن دل جي صحرا ۾ رت پياڪ وڻ ڦٽي پوندا آهن- جن کي درد جو وڻ چئبو آهي-

پوءِ من جو بي مدو ساون- بس ئي نہ ڪندو آهي- جيستائين سندس پلر جي پالوٽ ۾- روح لڙهي ٻڏي نٿا وڃن!

اڪيلي دل بيوس هوندي آهي آسا!

ساوڻ جي سانجهہ ۽ سياري جي رات ۾- آسمان جيئان تون ڪيڏي اُجري ۽ ڏوتل نظر ايندي هيئينءِ؟

چانڊائڻ ۾- سنڌ جي ڪيٽن تي- ڦلاريل سرنهن جو گل- توکي ڪيڏو نہ پيارو لڳندو هو؟ -



www.sindhsalamat.com

تو پنهنجي هڪ سالگرهہ جي موقعي تي۔ اهڙي رنگ جو رئو۔ مونکان گفٽ طور۔ تو پاڻ گهري ورتو هو۔ ۽ مون سرنهن گُل جي رنگ جهڙو اهو رئو توکي گفٽ طور پيش ڪيو هو.

جنهن ۾ سرنهن جي ٻوٽي جو ٻہ ڇاپ لڳل هو۔ جنهن جو هڪ پتو ائين پئي لڳو۔ ڄڻ تہ ان پتي جو گوشت۔ ڪنهن جيت ٽڪي۔ لفظ محبت لکي ڇڏيو هو!

ياد اٿئي؟

تنهنجي هڪ هارياڻي۔ سرنهن جي گلن ۾ ڦرندي، هلندي ڏسندا هئاسين۔ جنهن جا پير اگهاڙا۔ ۽ مٽي جو ڪپڙو ڦاٽل ڏسي۔ منهنجي دل غربت تي لعنت وجهندي هئي! هُن هارياڻي ۽ تو ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي؟۔ هوءَ ويچاري تہ سرنهن جو ساڳ ٻٽيل آهي۔ ۽ تون تہ انگوريل آهين. —تنهنجي ڦُل ڦلاري ڦلواري تي تہ۔ تانڊاڻا پيا ٽمڪن.

چانڊاڻ ۾ کيت کلندي ڏسان ٿو تہ۔ تنهنجا اُهي مڌ ماتا جهوٽا ياد ايندا اٿم۔ جن دوران توکي چمي ڏئي۔ سجاڳ ڪندو هئس.

تون تہ بجليءَ جي مصنوعي روشنيءَ کي۔ ڏائڻ چوندي هيئن۔ ڇا اها ڏائڻ۔ تنهنجو خون۔ هاڻ ڪون ٿي کٽو ڪري.

پپر جڏهن پيلا پن ڪندا هئا — تہ انهن کي مصنوعي روشني جي تشبيهہ ڏيندي هيئين.

جيت جهومريون پائي۔ جڏهن سرگم جا سر آلاپيندا هئا۔ تہ رات روئي ماڪ ڦڙا وسائيندي هئي۔ تنهنجو من ڪيڏو شانت هوندو هو۔ پنهنجو پنل بدن مون تي اڇلي ڇڏيندي هيئين۔

۽ ماڻ! تنهنجن وارن جي خوشبوءَ ۾ واسجي ويندو هئس۔ اهڙي حالت ۾۔ هڪ رات تو چيو هو “فتاح! تنهنجي وارن مان مونکي بارود جي بانس پئي اچي؟”

مان ڇرڪي پيو هئس۔ پوءِ پاڻ سنڀاليندي مون چيو هو۔ “شايد منهنجي ڪيسي مان۔ قلم ڪري مس هاري آهي آسا.” ۽ واقعي هو بہ ائين۔ پر قلم ڪيسي مان



www.sindhsalamat.com

هيٺ نہ ڪريو هو- ڪيسي ۾ ئي ڪُلي پيو هو- ۽ مس جي خوشبوءَ اٿاري هئائين- جنهن کي تو بارود جي بانس پئي چيو.
مس ۾ رڱيل اهو ڪيسو تو ڏسي- چڱي طرح سان سونگهيندي چيو هو تہ "واقعي مس آهي فتاح. ڪيڏي پياري خوشبو اٿس." ۽ مون چيو هو "اهوئي تہ ادب جو بارود آهي آسا!"
پوءِ تو پنهنجي نا بالغ عقل ۽ معصوم لهجي ۾ پڇيو هو "ان سان ڪڏهن ڌرتي جي سالگرهہ لکي اٿئي فتاح؟"
اهڙي سوال پڇڻ جو- توکي اهڙو عقل الاءِ ڪيئن آيو هو- تو حقيقت بيان پئي ڪئي- يا الائي مذاق ڪيو هيئي- پر مان بلڪل لاجواب ٿي ويو هئس.
جواب ڪرڻ لاءِ- نہ ان وقت منهنجي عقل پئي ڪم ڪيو ۽ نہ ڪوئي لفظ پئي هٿ چڙهيم- ائين سوال ڪيو هيئي- جيئن ڪوئي ٻار انگل ڪري تہ "چنڊ لاهي ڏيو؟"
ڪنڌ جهڪائي پنهنجي شرم ۾ ٻڏڻ پئي چاهيم- پنهنجي ڌرتي لاءِ وارثي جي دعوي بہ ڪندو هئس- پر تنهنجي ان ٻاراڻي سوال تي- خود کي بہ لاوارث ڪري ويٺو هئس.
منهنجي ڊگهي خاموشي ڏسي- منهنجي ستل غيرت کي تو چڻ چونگ ڏيندي وري چيو هو "نهيو- سالگرهہ نہ لکي سگهيو آهين تہ چا ٿي پيو- پر ڌرتيءَ جي ورسي تہ ضرور لکجان؟؟" منهنجي خاموشي بہ خفيءَ ۾ بدلجي وئي هئي- منهنجي ادبي غيرت کي- تو نہ رڳو چونگ ڏني هئي- پر ٿڏو بہ هڻي ڪڍيو هو- جنهن منهنجي ادبي ڪاوش سڀ- لتاڙ ۾ آڻي ڇڏي هئي! — تڏهين تنهنجا چيل اهي لفظ بہ ياد پيا هئا- جڏهن تو سنڌ جي ڪنهن نامياري شاعر جي حادثاتي موت تي چيو هو "فتا! تون خودڪشي ڪندڙ شاعرن تي نوحاگري ڪندو ڪر!"
مرڻ جي گهڙي هئي مون لائي- پاڻ ڪائڻ لڳو هئس- پنهنجي ڪُل هستي- ماڪيل رَنگ محسوس ٿيڻ لڳي هئم.


www.sindhsalamat.com

پنهنجا خيال، ارادا، عمل ۽ پنهنجي تخليق جو هر تخيل- سڀ هوائي ڳالهين سان پريل- المياتي بحث سمجهڻ لڳو هئس- لفظن جو گهاڙيتو منهنجو گريبان چاڪ ڪرڻ لڳو هو!

توڪانسواءِ ان مهل ٻيو ڪير هو آسا؟- جو محسوس ڪري ها تہ- مونکي پنهنجي ڌرتيءَ سان- ڪيتري محبت رهي ٿي؟.

ڌرتي بہ ان مهل- مونکي پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪائڻ نہ پيي ڏنو- منهنجي سچائي جو مون وٽ ڪو ثبوت نہ هو- ڪجهہ چوڻ ۽ توکي مڃائڻ لاءِ تہ- خود بہ ذهني طرح معذور ٿي پيو هئس.

ڪيئن چوان ها تہ؟ -

منهنجا خيال، منهنجون رچنائون، منهنجا ارادا سڀ ڪنهن بهاني جو سبنڌ ناهن! فاني ۽ غير فاني واري دعويٰ سان- جنهن ويهہ واٽي ٽياس تي- خود کي ٽنگي ڇڏيو هئم- ان جو بہ ٻنڌڻ ٽٽي باقي هڪ، اڌ تند تي اڇي ٻينو هو- جنهن جي مڪمل ٽٽي وڃڻ سان- اهڙي ڪاهي ۾ وڃي ڪربو آهي- جتي سڀ مٿل ماٺهپا هوندا آهن! —جن کي پنهنجن جيون ۽ جوين جي سالگرهہ ڪانسواءِ- ڌرتي جي دز بہ ياد نہ هوندي آهي! تنهنجن وارن کي- رات جي گهٽا سان- تشبيهہ ڏيڻ بہ- ان مهل نہ پيي آيم.

الاءِ ڪهڙي شي هئي- جنهن هينئون ڪُٽي- ٻئي ڦڦڙ هوا سان پري ڇڏيا هئم- جنهن کي اندر جو اڌمو چئبو آهي! —ڪنهن ٽڏي شُوڪاري جي بجاءِ- ڇاتي تي اهڙي باهہ کي ٻرندو رهڻ تي اوليت ڏني هئم.

تون تہ پوءِ بہ چوندي ويئينءِ، چوندي چوندي ويئينءِ

الاءِ ڇا پيي چيئي- لاشو بڻيل هئس،

ڪُتي ڪان سکيل- پنهنجي غلامي لاءِ وفا- لعنت جو طوق هو منهنجي لاءِ!

پنهنجي زخميل روح جي قبر تہ نظر ئي نہ پيي آيم-

دل ڪان پڇيم " جيئرو آهيان- مئل آهيان!؟" ڪوئي جواب نہ مليو ٻنهين ڪان


www.sindhsalamat.com

الڳ پري هئس.
اڳ ۾ بلندين ڏانهن اڇلي ڦٿو ڪندي هيئين. پر ان رات ستارن ڪان ٻه اڳتي.
اجان ٻه پري اڳتي اڇلي ڇڏيو هيئي. شايد اتي ٻه پنهنجا خيال پڪڙي نه پي
سگهيس. جتي ڏرتين جون سالگراهون ملهايون وينديون آهن، مان ان تلاش ۾
هئس. ستارن ڪان سندن سالگرهه جو پڇڻ پي چاهيم. پر اهي ڏرتي ڇايا هئا.
خود تي ڪارنهن جو داغ. هڪ وڏيڪ لڳرائڻ شرم جي ڳالهه هئي!
مرڻ مهٽو ٿي لڳو هئم. ڏرتيءَ جو ڪهڙو وارث هئس؟. پنهنجي ڏرتيءَ جي جنم
ڏڻ ڪان اٽڇاڻ هئس؟؟
مغز ۾ خيال چڪ پائيندي چوڻ لڳا "محض موت جي ذائقي لاءِ ڇايو آهين؟"
وري هڪ ٻي خيال وڙهندي چيو "نه! شيطاني خيال آهي اهو بزدل ۽ ڪمينو تصور
آهي!"
الاءِ ڪهڙو عضوو هو. جنهن تي درد دکي پيو هو. پر ڳالهائڻ جي شڪستي نه
هئس.
ڇا ڳالهايان ها؟. دل جو خون ڪنهن ڪُتي خيال چٽي. سندس سگهه وڃائي
ڇڏي هئي،
انسانيت جي الوداعي غم ۾. دل آهستي روئي رهي هئي. شايد تو ٻه نه پي ٻڌو
آسا! سڄو آسمان. منهنجي ماٿهپي تي. مذاق اُڏائي. ستارن کي کلائي رهيو
هو.
ذهن خود تي لعنت وسائيندي چيو هو "ڇا؟ اهي ٺٺول ڪري هاڻ مون تان کلندائي
رهندا!؟"
وري ذهن ئي جواب ۾ پڙڪيو "نه! مايوس خيال آهي." سوچيندي، سوچيندي پوري
همٿ. دل جي گوشت مان نڪري. آرس ٻٽجي. ڪفن جيئان بدن تي ويڙهجي
وئي. ننڊ جو هلڪو خمار چڙهي ويو هئم. پنهنجن اکين ۾ خود کي دفن ڪري.
مئل ماٿهو جيئان سمهي پيو هئس. هاڻ تو جو ڪجهه چيو پي. سوچڻ تو


www.sindhsalamat.com

منهنجي زندهہ قبر تي قل پي پڙهيا! ۽ منهنجن ارواحن کي پي بخشيا.
پر پاپي روحن- منهنجي خاموش روح کان- اهو نيڪ عمل اڳ ۾ ئي جهٽي پي ورتو!
مون پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ- سالگرهہ جهڙي خوشيءَ ۾- پاڻ موکي نہ ملهايو هو- خدا منهنجي حصي واري بخشش- ٻين روحن کي خيرات ۾ ڏيندو رهيو-
دل صدمو کائي چيو هو "ماڻهو منهنجي قبر تي- هاڻ ٺُڪون- اڇلائيندا!"
ها! ضرورت هئي ڏاڍي- مٽي پچاڻا قبر تي گل- مونکي روح مٿان رکيل پٿر لڳندا آهن-
ماڻهن جي اها مون تي مهرباني ٿيندي- جي منهنجي قبر تي- ٺُڪن سان گڏ- ٺُڏا بہ هڻندا رهن!؟
ٺڏا هڻندي- سندن بوٽ جي ٺٺي پون تہ اهي جوتا بہ منهنجي قبر تي ئي رکندا ويندا - تہ سندن هڪ وڏيڪ مهرباني هوندي ۽ مان خوش ٿيندس! —جو منهنجي مزار جي توهين تان- منهنجي ڌرتي ماءُ خوش ٿيندي-
جنهن کي مون صرف- پنهنجا پير سيني تي هڻي- لتن سان لتاڙڻ سکيو هو.
مون سندس هر فرض قضا ڪري ڇڏيو
مون سندس هر حق- خطا ڪري ڇڏيو!
ڪيت چانڊاڻن ۾ وري پيا ڪلندا آسا! —پر انهن کي ڇٽجان تہ- منهنجي اُجڙي قبر تان ڪلن- تہ جيئن اهڙي ٺٺول تي- مونکي پنهنجي ڌرتيءَ جون اهي پيڙهيون ياد پون- جتي مان تنهنجي جوٺ تي سمهي- توسان ستارن جون ڳالهيون گهڙي ڪندو هئس؟
سرنهن جي گلن ۾ گُهمندڙ- ان هارياڻي ڏانهن ضرور ويجان- پر جي سندس پير اگهاڙا ۽ سر جو ڪپڙو ڦاٽل ڏسين- تہ منهنجي قبر تي- اميد تہ ڌرتي ڄاون جوتا گهڻا ڇڏيا هوندا - سندس پير ۾ جيڪو پورو ٿئي- ڪيس پارائجان؟
سندس سرجي ڦاٽل ڪپڙي جي بدلي- منهنجي ارواحن جي نيت سان- سرنهن-


www.sindhsalamat.com

رنگ جهڙو ڪو ڪپڙو ٽڪر وٺي- ڪيس مٿي ڍڪڻ لاءِ ڏجان- منهنجو روح توکي صرف دعائون ڪندو خدا ڪندو توکي اقرار جي ٻج مان- اقرار جهڙو ئي پٽ ڄمندو-

پر جڏهين منهنجي قبرستان تي اچين- ته اُن هارياڻي ڪي ساڻ وٺي نه اچجان؟

مان ان جي سادگي ۽ غربت سان محبت ڪندو رهيس- ان ڪي ڏسي تنهنجي محبت مونکي ستائيندي- پوءِ توکي ڏسي، مونکي متان تنهنجي نراڙ چمڻ جي هَوَس نه جاڳي پوي- ۽ توکي متان وري Jealousy جو مرض نه ٿي پوي؟ -

Jealousy جو مرض!

جنهن تنهنجي سچائي لاءِ سوين چند به شاهد بڻائي ڇڏيا هئا

۽ چميءَ جي هَوس!

جنهن منهنجي چپن کي- رومانٽڪ رقص ڪرائي- پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهن کان لاتعلق رکيو

جيلسي جو مرض ۽ چميءَ جي هَوَس! —اهي اهڙا لفظ آهن- جن کي نه ڪڏهن تو تلاش ڪيو هو نه مون- خبر ناهي- اهي لفظ شيطان جا ابا آهن- يا ڌرتي جي پهرئين آدم کان سندس اولاد کي مليا آهن؟

پر سي وسارجانءِ هاڻ نه- اهي لفظ وري به ڪڏهين ڪم ڏئي وڃهندئي.

جنهن ڏينهن منهنجي مزار تي اچين- ته اتي پيل جوتن مان ڪو جوتو کڻي منهنجي قبر جي سيرانديءَ کان رکي- مون کان اهو پڇڻ نه وسارجان ته- ماڻهو پنهنجا پير- پنهنجي منهن تي رکي ڪيئن ٿا سمهن؟”

پر اهو هرگز نه پڇجان ته- ماڻهو پنهنجي ڪياڙي طرف لوٽو هڻي- پنهنجي اُگهاڙي پٺ ڪيئن ڏسندا آهن؟”

ڌرتي ماءُ جا حق ادا نه ڪري- پنهنجي پٺ جي اوگهاڙ- جيتري مون ڪئي- ايتري شايد فرقا پرست ملن به- اسلام سا نه ڪئي هوندي آسا.

۽ ها!



www.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪاڏڙيءَ ڪي- ڪنهن ڪپڙي پلاند سان ڍڪي لڪائي اچجان؟ - لفظن جو گهاڙيٽو مون تي لعنت وسائي- مونکي سنڌو نديءَ جون ڇوليون ياد ڏياريندو- مونکي سنڌو ندي ماءُ جون، اهي ڇوليون ياد اچي وينديون- جيڪي منهنجي ادبي غيرت کي جاڳائينديون رهنديون هيون- پر لفظن جي خواهش مونکي رومانس جي دريا ۾ لوڙهي- ڪمينو بنائي وڌو هو!

منهنجي مزار تي- منهنجو ڪوئي شعر بہ نہ پڙهجان- توکي پنهنجا ديسي شاعر سڀ،

اڻجاڻ،

ڪوڙا،

لذت پرست،

ذاتي خواهش ۾ ٻڏل،

عورت جا پوڄاري،

لفظن جا ڪوڏيا،

حسن پرست،

نہ مئل نہ زنده،

ديوانا، پاڳل، خودڪشي ڪندڙ غيرت ۾ ڪمزور،

۽ جنسي نيچر جا ڪيڙا معلوم ٿيندا! ڪوشش ڪري منهنجا شعر وساري ڇڏجان؟

ڇو تہ- منهنجي قبر جي اڱڻ تي- توکي صرف ٽُڪ ۽ جوتا نظر ايندا!

ٽُڪ تي سگهي ٿو اُس ۾ سڪي وڃي- باقي توکي شاعرانا لفظن جي بجاءِ- رڳو ٽٽل، ڦٽل جوتا نظر ايندا!

اهي منهنجي ڪنهن محنت جو اجورو تہ ضرور ڇٽبا- پر توکي ڪوئي شعر ٻڌائي نہ سگهندا!

ياد هوندئي آسا- توکي منهنجي ان لڙهي ويل شاعري تان رنج رسيو هو پر



www.sindhsalamat.com

منهنجي قبر جي اڳڻ تي پيل اهي پراڻا جوتا - منهنجي قبر تان چوري ڪري- نه ڪنهن پاڻي ۾ ڦٽا ڪجان- ۽ نه سي پاڻ وٽ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجان! —منهنجي دل ڏڪندي- منهنجي روئڻي روح کي رنج رسندو- ڇو ته - اهي منهنجي محنت جو ڦل - ۽ پورهئي جو اجورو هوندا!

مونکان چنڊ بابت ڪجھ پڇندينءَ- ته ٿي سگهي ٿو-

چنڊ بابت ڪجھ توکي ٻڌايان، سو انهيءَ لحاظ کان جو منهنجي ڪفن جو رنگ، گهڻو ڪري چنڊ جهڙو هوندو.

پر ستارن ۾ لکيل تنهنجو نانءُ- توکي پڙهي ٻڌائي نه سگهندس، منهنجي قبر کي ڪاٽ هڻي - مٿان مٽي ورائي ڇڏيندا!

مون کان ڌرتيءَ جي اُها پيڙهي، پُڇي نه پڇجان، جتان کان شام جا ڪڪر لنگهندا هئا؟؟

ڇو ته- ڪڪرن جي وندر ۾ پنهنجا خيال ٻوڙائي پنهنجي ڌرتيءَ جي هر پيڙهي، پُڇڻ ۽ سونهن، سوپيا سڀ وساري ويٺو هئس. ڌرتيءَ جي چنتا، هينئن سان هنڊائي چيتي ۾ نه رکي هئم. مون زندگيءَ سان صرف خوابن ۾ وچن ڪيا! خاموش قبرستان مان لنگهندڙ کي کهڙي خبر ته - ڪوئي زنده دفن به ٿيل آهي!

منهنجيِ اها آس اجان اڌوري رهيل آهي آسا!

مان تنهنجي پاڪر ۾ تنهنجي آخري چُميءَ وارو موت ماڻي نه سگهيو آهيان؟

منهنجون رچنائون اجان اڌوريون آهن؟

روح لفظن جي طوفان ۾ وڃائي گم ڪري چڪو آهيان!

منهنجو ناول اجان اڌورو آهي؟

لفظن جي خواهش - غير فاني،

۽ من جي خواهش - ضخيم!

دل جا صفحا ڪيترائي پُري رُلي ويا،

لفظن جي خواهش وارا صفحا - اجان نامڪمل آهن؟


www.sindhsalamat.com

خبر ناهي تہ- ڪهڙي مقصد سان؟ خواهش لفظن ۾- اُبت ڪندڙيءَ جيان اٽڪي پئي؟

ڪهڙي خبر تہ- سا ڏنگيندڙ خواهش- ڪنهن جي هئي دل ڪي؟

محبت، ماڻهپي يا قوم ۽ انسانيت لاءِ.

ها! توکي بہ چڱيءَ طرح ياد هوندو آسا!

تنهنجي گهڻو ڪجهہ ڳالهائي وڃڻ ڪانپوءِ بہ- توکي ڪو جواب نہ ڏنو هئم- تو منهنجو نالو ڪٺي سڏ بہ شايد ڪيا هئا- پر مون کي تو پنهنجي جوٽ تي- مَيتَ جيان خاموش پيل ڏسي- پنهنجي ڏسٽي آڱر منهنجي ڪن اندر وجهي، مون کي سجاڳ ڪندي تو پڇيو هو "ڪهڙي ننڊ ۾ آهين فتاح؟"

"قبر جي ننڊ ۾!" سجاڳ ٿيندي ئي چيو هئم.

"قبر جي ننڊ ۾!؟" تو کلندي منهنجو جواب سواليہ انداز ۾ دهرايو هو- ۽ مون جواب ۾ چيو هو "ها آسا! مون کي ٿڌي ننڊ اچي وئي ۽ مان قبر داخل هئس!"

اهو ايئن صرف هڪ دفعو ٿيو هو آسا! جو تنهنجي جوٽ جي آغوش ۾- خود کي اکين جو ڪفن ويڙهي- سڪون جي ننڊ سمهي پيو هئس- ۽ پوءِ دل جي اهڙي تہ ڪا رمز هئي، جنهن من تہ مات ڪري ڇڏيو هو پر دل خود صورت بدلائي سچ جو روپ، سروپ بڻجي پئي هئي.

پر ڪيس ڳالهائڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ واري شڪتي نہ هئي.

پنهنجي پرماتما کي- قبر جي ديوارن تي لکي رهيو هئس.

پنهنجن خوابن جو بج قبر مٿان پيل- جوتن جي شڪل ۾ ڏسي منهنجا خيال مڪين جيان ٽڙي، پکڙي اُڏامي پيا هئا، شايد ڪو سُندر سپنو هو آسا- جنهن جيءَ جي جاڳتا کي بيدار رکيو هو.

پوءِ بہ تنهنجي ڪنهن محبوب سڏ تي- سجاڳ نہ ٿيو هئس. پر ڪن ۾ آڱر لڳڻ سان ساهہ پئجي ويو هئم. جاڳي پيس تہ مس جي خوشبوءِ اچا منهنجي مغز ۾ هئي. تنهنجو چيل جملو "ڌرتيءَ جي ورسي ضرور لکجان!؟"



www.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ لاءِ دل تي موريل- محبت واري سَلي کي- بادِ خزان جو جهونڪو ٿي لڳو هو-
جنهن کي پنهنجي اکين واري پاڻيءَ سان سنڀالي رکيو هئم!
چنڊ اُلهي چڪو هو- تو شايد تارا ٻُڏيندي مون کي بيدار ڪيو هو.
قبر جي ڪربناڪ ڪروڌي تصور مان منهنجو ذهن ڇڏائيندي تو اُتر طرف ڪنهن تاري ڏانهن اشارو ڪيو هو- پنهنجون اُجهريل ڳريون اکيون- آسمان طرف ڪٽي ڏٺم ته- سڀ تارا مون کي ڪڙندي نظر آيا هئا!
منهنجي نظر به مون کي دوکو ڏيڻ لڳي هئي-
ستارن ۾ غور سان ڏسندي مون چيو هو "آسا! هو ڏس شايد آسمان جي سالگره-؟"
منهنجو سوال وچ ۾ ڪٽيندي پڇيو هيئي ته "ٻڌ، ٻڌ ستارن ۾ منهنجو نالو ڪٿي لکيل هو؟"
منهنجي بي خوديءَ لاءِ- شرم واري حد هئي! پنهنجي بي اثر ادبي ڪاوش تان پردو ڪڇندو ڏسي- بي شرمائيءَ وچان، توکي اهڙي سوال تان هٽائيندي مون توکان وري پڇيو هو "آسا! آسمان ۾ غور سان ڏس، تارن جي سالگره آهي يا آسمان جي؟"
"هي وقت ڌرتيءَ جي سالگره جو آهي فتاح- پر اسان آسماني رات جي رنگينيءَ ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه وساري چڪا آهيون. رات جي هن وقت مهل قلم جاڳندا آهن فتاح- هر قلم پنهنجي ڌرتيءَ جي خوشي ملهائيندو آهي!"
ڪيڏو وزن هوندو هو- تنهنجي هر خيال کي.
توسان گڏيل زندگيءَ جو هر لمحو شعور، لاشعور جي صليب تي- مران، جيئان، جيئان مران جون سراپا صدائون ڏيندو هو.
چانڊني تو سواءِ به ٿيندي رهندي آسا- پر منهنجي اُماس ۾ روڳ جو رڏم هاڻ ڪير آلاپيندو-؟
من جي اُداس ڏيهه ۾،


www.sindhsalamat.com

ڇُمين جا قافلا، نااُميد سرگشتا آهن؟
دل جي دنيا تماشائيءَ جي حيثيت سان ـ بندوق جي نالي سامهون بيٺل آهي. ڪيس ڪهڙو آدرش آهي؟ جنهن جي سفر ۾ منزل ڪان اڳ قافلي ڇني ڦٽو ڪيو اٿس؟
ويچار جي واٽ ۾ ڏوڙ جا واچوڙا اُڏايا ويا آهن!
ڏات ڏٽين جي ڏيهه ۾ امن جا ڏڪاريل ڏوراپا ڪٽي ڪنهن در دانهين ٻڌجي ڏوڙ ٽيندر ديس ۾ پنهنجا وسيلا ورنائي والي ٻٽبا؟
ڪير آهي توبن؟
جنهن منهنجي ننڍڙي دنيا جي موسمن ۾ ـ زهر ڀري ڇڏيو آهي؟
هوا جي طبيعت ۾ ڇتيپڻ جون گُلريون آهن،
هر ماڻهوءَ جو منهن باهه جو ساڙيل ڪاغذ ٿي پيو آهي!
آسمان تي به شايد ـ دونهيون ڌُڪايون ويون آهن،
بادلن ۾ باهه پئي ٻري!
شايد ڪڪرن به جنگ ڇيڙي وڌي آهي ـ سڀ پنهنجي پنهنجي محاذ تي بيٺل ـ مقابل پيا نظر اچن.
سرنهن گل جي خوشبوءِ ڪان، بهارن منهن ڦيري ڇڏيو آهي!
موسمن اُگهاڙيون ڳالهيون ڇيڙي وڌيون آهن،
رات پنهنجي اُگهاڙي رقص ۾ ـ رازدارن جا ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن،
دنيا اوگهڙ وارا نفيس بدن ڇٽي، پنهنجي شهوت مستيءَ سان عضوا، عضون ۾ ٽنبي ڇڏيا آهن.
قبرن ۾ مردن جي بدلي، ڪتن ڪي سمهاريو پيو وڃي،
ماڻهپي جي بي پناهه اُجاڙ لاءِ، ڇپرن جا بسيرا به ساڙيا پيا وڃن،
فجر واريون گونگيون دعائون،
بسترن تي سمهاريل، اُگهاڙين عورتن جا خراٽا،
۽ وقت جون رڙيون، ٽيئي ڪتن جي اوناڙين سان گڏجي هڪ ٿي ويون آهن!


www.sindhsalamat.com

خاموشيءَ جي لمحن ۾، خواهشن جا ڏڻ رنيپي پيا آهن،
اُگهاڙن خوابن جا لاشا ـ ڪليل گهرن جي اڱڻن تان ٻوڙيي ـ ماڻهن جي مغز تي چڙهي ويا آهن.
روحن جي گهرائين مان ـ بارود جا ٿهڪ اُٿيا آهن،
ادبي قلم ـ لوهار جي سانداڻ تي رکيو ويو آهي،
ذهني وسعتون، ٻٺل ديوار جيئان، ڍير ٿيندڙيون وڃن:
مان اڪيلو ـ اڪين سان زنده رهجي ويو آهيان آسا! باقي جسم! قبر جي مٽيءَ ڪان به وڏيڪ ڪڙهيو آهي ـ
دل جو پگهر ـ طوائفن جي ميڪپ جيئان سُڪي ويو آهي!
پر ياد رکجان؟
ٽڪجڻ جي گوهي ـ منهنجي وسعت ۾ ازل کي لکندي وسري وئي!
چنڊ جو تنها رهڻ سُنو نه هو آسا:
وقت تي ڪهڙو وشواس؟
وانديين جا ويري ـ پنهنجون بازاريون الڳ نه اَڏيندا آهن.
ڪلهه به ستارن ۾، تنهنجو نانءُ ڪنهن پڙهيو پئي،
پرائي من جو موهه ـ تنهنجي نانءُ ڏانهن ڪيئن ڪڇي؟ ـ
پر ستارن ۾ تنهنجي نانءُ جي مايا جا اٽڪيل آهي ـ جنهن جي چتر وديا سان ـ هر رات قدر جي رات بڻيل آهي ـ ڪو ڪيترو ئي پاڻ پلي ـ پر هڪ نظر ته ضرور هڻندو ـ تنهنجي نانءُ ڪانپوءِ ته ستارن خاموشي سکي!
چنڊ ته هر مسافر کي پنهنجي منزل تي نٿو رسائي،
رُتون سانوڻي هجن يا سرءُ
ڪجهه غور ڪجانءِ آسا؟
امن جو پکي به ـ سمنڊ منهن ڪيو ويٺو آهي، پر سمنڊ اجان اُسهيو ناهي،
بادبانن جا پاچا ته ڏگها ٿي ويا آهن، پر سج صورت اجان ڪٿي بدلائي آهي؟


www.sindhsalamat.com

تنهن ڪري امن پکي اجا اُڏاڻو ناهي،
جڏهن ملائڪن خودڪشي ڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن يقين ڄاڻج تہ- مون وارو ملائڪ پهرين صف ۾ بيٺل هوندو!
توکي چنڊ، ڪڪرن جي چاهت ۾- ڪيڏي وسهام ٿيندي هئي، سا تنهنجي پلائڻ کان تہ وڏي آهي:
هي ڏرتي واريون- هٽرادو نهيل روشنيون، هاڻ تہ مون کي بہ ٿيون ڏنڀين،
چنڊ جي روشنيءَ تي- امن جا پاڇا گهٽا ڳٽي ڀُڏائيندي هئينءَ؟
شايد سرنهن گل جي خوشبوءِ سان گڏ توکي پنهنجي گلبدن جي خوشبوءِ لاءِ بہ امن جي ايڏي چنتا نہ رهي آهي؟
توڻي جو تو ئي چيو هو تہ "جڏهن گلابن جا لاشا- اُگهاڙي دنيا جي عضون هيٺ لتاڙيا- ۽ نري سان مٿل ماٺهن کي غسل ڏنو ويندو- تڏهن امن جي تلاش پويان- انسانيت بہ سمونڊ جو سفر ٻيڙي بنا ڪندي"
پنهنجن رچنائن کي- هاڻ ڪهڙو نانءُ ڏيان آسا؟ جن منهنجي مغز ۾ رڳو لفظن جا لاشا سمهاري ڇڏيا آهن.
بلندين جي پهاڙن تي- منهنجن خيالن جا اهي قدم هاڻ هوائن ڊاهي بہ ڇڏيا هوندا- جن کي تنهنجي نظر جو هڪڙو لفظ بہ- جي اُچليندو هو- تہ اُتان موٽڻ صديون سمجهندو هئس.
جڏهن بہ جيءُ ۾ جهاتي پائيندو هئس- تہ تنهنجي سُندرتا جي اهڙي سانجهہ پَسندو هئس، جو خلقٺهار بہ اهڙي شام اجا آسمان ۾ نہ اَڏي آهي:
ڪنهن کان پڇان؟ هي ڪهڙي آڳ آهي؟ جيڪا اندر جي ساوڪ کي- ٿرن جيان ساڙيندي وڃي:
ڪير آهي؟
منهنجي من جي چمن جو سونهن ساڙيندو- مساڻ ڪندو وڃي؟
منهنجا دوست بہ- هڪبئي پنيان مري- انهن مان ڪوبہ هاڻ اهڙو نہ رهيو آهي،



www.sindhsalamat.com

جنهن جي ٽنول مان خبر پوندي هجيم تہ من جيئرو يا مئل؟
ماڻهن اُگهاڙي بدن جي طواف ۾ امن تہ هاڻ ڏنو آهي.
روز الائي ڪيترن لاشن جا جلوس ڊوڙندي ڏسندو آهيان، جن ڪي امن ڪعبو بہ ڏئي نہ سگهيو آهي؛
ها!
جنهن انسانيت ڪي تون مٽيءَ جو ٺهيل ڊگو چوندي هئينءَ، تنهن ڪي تہ هاڻ اسٽيل جو پاڻي ڏنو ويو آهي، ليڪن مُلهہ ۾ تمام سستو ڪيو ويو آهي، ۽ سندس ٽنگ، ٻانهن جهڙو عضوو پيچڻ لاءِ بہ رموورٽ ڪنٽرول جهڙا سرڪش خيال تمام ڪارائتا ثابت ٿيا آهن.
ڪوڙ ڪي بہ شيشي جي بوتل مان ڪڍي وڏن ڪتابن جي پيٽ ۾ وجهي Plastic Coverd ڪري Code ڪيو ويو آهي.
چند ڏينهن ۾ ڪيتري نہ دنيا بدلي آهي، ڪير اعتبار ڪندو تہ سرنهن جي گُل ۽ هُن هارياڻي- اجان پنهنجا ويس ۽ رنگ نہ بدلايا آهن،
ڪڪرن جي آباديءَ ۾ واڌ آئي آهي، پر ستارا ڪُٽندا وڃن،
هُو اُتر طرف ڪان جيڪو هميشہ هڪ هنڌ تارو بيٺل ڏسندا هئاسين، سو بہ جهڙوڪر هاڻ سُسندو وڃي؛ وقت هجئي تہ لان ۾ بيهہ ڏسجان!
تون چنڊ ۾ بيٺل جيڪو وڻ ڏيکاريندي هئينءَ، رات مون ڏٺو تہ ان جو بہ هڪ ڏار جهڙو ڪپيل هو!
هاڻ تون ڪيئن ٿي سمجهين؟ منهنجو ڪو سپنو ساپيان ٿيندو؟ - يا واچوڙي جي اُڏايل ڪنهن ڪاغذ جيئان امن پڪيءَ ڪان اڳ اُڏايو ويندس؟
رات جي مسافر سان ڪيل ڳالهيون- ڪنهن سان اوريندي رهجانءِ- من ڪِٿجي ويندئي!؟
پراڻي سُٽ سان خيالن ڪي نہ سبجان!؟
مان زهر ۽ پاڻي ملائي- لفظ ٺاهي پنهنجا خيال لکي رهيو آهيان. منهنجو ڪو


www.sindhsalamat.com

خيال ماٺهن مان رُلي تو تائين پهچي ته ڪيس پري جهلي پڙهجان، سندن زهر جو اثر مغز تي به چڙهي سگهي ٿو ڪٿي تنهنجي نظرن ۾ وڏيڪ زهر نه ملي وڃي!
هر لفظ کي سنڀالي پڙهجان، سندن عضون جا زخم نه ڏکن؟
سمهڻ وقت منهنجن خيالن کي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڪمري جو دروازو بند ڪرڻ نه وسارجان؟
تو ته رت به ڪڏهن نه ڏني هئي، پر ٻڀ نه ڪجانءِ منهنجن معذور لفظن جي ڪنهن خيال مان توکي رت پِت جي ايڏي ڇٽ نه ايندي.
تو شايد نه ڏٺو هوندو آسا. رات آسماني ڇت مان به رت رنگا ڦڙا ڙمي هيٺ ڪريا هئا. ٿي سگهي ٿو ستارا به رات رُنا هجن.
خوف پيو ڪائي ته ڪٿي چنڊ جو هاڻ وجود نه ڦاٽي پوي، جنهن تي امن جا قافلا ڪوچ ڪري چڪا آهن، ۽ رستي ۾ رزيلن جا به، ڪيترائي راڄ رُليل آهن، جن امن جي ڪوچ مقام جا قلعا اڳ ئي پيچي پينگ نه ڪري ڇڏيا هجن!
دل جي وحي ڪنهن پروڙي آهي؟
گهٽ ۾ گهٽ توکي ته اهو سمجهه ۾ نه ايندو ته من جي مئڪده ۾ محبت جو ذڪر ڇيڙيندڙ ڪير آهي!؟
تنهنجن شبنمي وارن ۽ سرنهن جي گل جيئان، خود کي به اجان شانت ۽ شفاف رکيو هئم.
پر هاڻ توکان مليل هر صدمو من اندر چبري جيئان آکيرو ٺاٺائي وينو آهي.
ڪيترو نه رس هو تنهنجي سيني تي جُڙيل مانيري ۾- جنهن تي منهنجا خيال ماکيءَ جي مکن جيان ڪيڏا پٽاٽ ڪندا هئا.
ڪيڏو نه امن هوندو آهي؟ رخسارن جي رياست ۾، پر گدڙن جي اوناڙين تي هميشه ڪتا ڀوڙي ايندا آهن- جيڪي جهُلون ڪري هڪيئي کي ڏاڙيندا آهن.
تو به سچ چيو هو آسا! مان جن کي ماٺهو چوندو هئس، انهن ماٺهپي کي مٽيءَ جو ڍِڳو ئي سمجهيو. اجان جوين کي ٻڪ هٽي، گهري نند ستل آهن ۽ جيڪي جوبن


www.sindhsalamat.com

جي ٻڪ ڪان پري واءُ سرا آهن، سي زماني جي ذلت ۾ وات اُگهاڙا ۽ واهيات ٿي پيا آهن.

جيڪي مون کي فاني چئي مون تي ٺٺول ڪندا هئا، سي مري پيا آهن؛

سندن مرده جسم جو گوشت- ماڻهو ٻوڙڊ سمجهي ڪين ڪاري ڪلر ۾ ڪڏون ڪوٺي دفن ڪندا اچن.

۽ ڌرتي ماءُ جي ساڻن وڏي ڪا محبت آهي، سا ڪين واپس پنهنجي پيٽ ۾ باخوشي قبول ڪري وڏا ٻڪ وجهي پنهنجي هنج ۾ ليٽائيندي اچين؛

جيئن تون مون کي پنهنجا ٻڪ هٽي پنهنجي جوٽ تي- سمهاري ڇڏيندي هئينءَ.

آسا! منهنجا هي آخري لفظ ياد رکجان ته امير ماڻهو محبت اڪثر سوچي سمجهي ڪندا آهن، پر تون پنهنجي نصيب جا فيصلا پاڻ ڪندي آهين، ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندا آهن، اهي اولاد به پنهنجي پسند مطابق ڄڻيندا آهن، پر شال منهنجي دعا نه اَگهامي، جو تون اقرار جي پسند سان موالي اولاد کي جنم ڏئين؛

مون کي ته ڪجهه نه وسرندو، پر منهنجو نالو به ذهن مان ڪيڏي ڇڏجانءِ، ڪٿي بيوقوف ۽ ديش دروهي ٻار نه ڄڻي وجهين!"

اجان ته گهڻو ڪجهه لکڻ لاءِ دل وسان پئي ويئي، پر ڊائريءَ جا ڪيترائي ڪورا صفحا لفظن سان داغدار ڪري چڪو هئس، ۽ ان کان علاوه مون اهو سڀ ڪجهه تنهنجي ڊائريءَ ۾ تنهجي اجازت جي بغير پئي لکيو ڇو ته اُصولن هاڻ تنهنجي ڪنهن شيءِ سان به ڪا حجت جائز نه هئي.

ڊائريءَ ۾ پنهنجو پريم ايذاءُ لکڻ وقت مون سان مخاطب صرف لفظ ئي هئا، جن جي سوزش ۾ اُڄ ته الاءِ ڪهڙي لڳي هئم، پر پاڻيءَ جا چار ڪلاس پي ذهن هلڪو ڪري ان ڊائريءَ بابت ڪاڪا صالح کي، تنهنجي حوالي سان سڀ ڪجهه سمجهائي، پنهنجي گهر واپس اچي هاڻ صرف تنهنجي ٽيليفون جو انتظار ڪرڻ لڳو هئس. انهيءَ لاءِ جو مون کي يقين ٿي چڪو هو ته شاديءَ واري فيصلي کانپوءِ اقرار کان الڳ تنهنجو منهنجي گهر اڪيلو اچڻ مشڪل هو. اهڙيءَ حالت ۾ هاڻ



www.sindhsalamat.com

صرف ٽيليفون ئي هئي، جنهن جي وسيلي تنهنجي زبان جا لفظ ٻُڌي پنهنجي دل کي امان ۽ ذهن کي سڪون ڏئي پئي سگهيس. ۽ ٿيو بہ ايئن ئي- زمين تان واپس پنهنجي گهر اچي تو ڪاڪا صالح کان احوال وٺي منهنجا اُهي ڪوڙهيل لفظ ڊائريءَ تان پڙهي رات جو ڪافي دير سان مون کي ٽيليفون ڪئي هئي. ٽيليفون ڪٽي تنهنجو آواز ٻُڌڻ ڪانپوءِ دل ڌڙڪڻ لڳي هئي، ۽ ذهن ماتمزده هو. تون تہ الاءِ ڇا چوين ها؟ پر توکان اڳ مون تمام ٿورو ڳالهاءِ، فون رسيور، مون تنهنجي فون نمبر ڪاڻ هميشہ لاءِ آف ڪري ڇڏيو هو. مون فون تي صرف ايترو چيو هو "آسا! ........

اڄ چنڊ بہ رتول رنگ سان اُڀري پيو، پر اڄ سندس رنگ الاءِ ڇو مئل ماڻهوءَ جي گوشت جهڙو آهي. شايد ڌرتيءَ جي سيني تي وهندڙ آدميت جي رت سان غسل ڪري پوءِ پيو اُڀري. اڄ تون چنڊ ۾ نہ ڏسجان آسا؟ تنهنجي ذهن ۾ خوني لفظ ڊوڙي ايندا ۽ رت ڏسڻ سان بقول تنهنجي تہ تنهنجي دل خراب ٿيندي آهي. مون کي خوف پيو کائي. ڪٿي اڄ رات وارو چنڊ ڏسي تنهنجي دل اُلٽيون ڪري مري نہ پوي، ۽ تون فنا ٿي پوين؟

منهنجو ناول اڃان اڌورو آهي، ۽ مان فاني- غير فانيءَ جي سڪرات ۾ آهيان، دل جون نسون سڀ پُرڻ لڳيون آهن!

۽ منهنجو ذهن لفظن جو ڪفن ويڙهي چڪو آهي.

*************

Add: Hyder Darya Zaur, Mirpur Bathoro, Distt: Thatto

0302_2315714_ 0334–3306372



www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com